# ذِڪرَ جي فضيلت ۽ طريقو

بتلقين

شيخ الاسلام امام العارفين

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره

مؤلف

فقير الله ورايو سڪندري

ناشر

سڪندريه پبليڪيشنز

جامعه راشديه درگاه شريف پير جو ڳوٺ (ڪنگري)

ضلع خيرپور ميرس

۱۴۲۹/۲۰۰۸

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

# ذڪر جي فضيلت ۽ طريقو

بتلقين

شيخ الاسلام امام العارفين

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره

مؤلف

فقير الله ورايو سڪندري

ناشر:

سڪندريه پبليڪيشنز

جامعه راشديه درگاهه شريف پير جو گوٺ (ڪنگري)

ضلع خيرپور ميرس

١٤٢٩/٢٠٠٨

www.maktabah.org

حق ۽ واسطا محفوظ


كتاب: ذكر جي فضيلت ۽ طريقو

تاليف: علامہ فقير الله ورايو سڪندري

نظرثاني: فقير محمد اسماعيل سڪندري

اشاعتي نگران: حافظ محمد يوسف پنهور سڪندري

پروف ريڊنگ: حافظ عبدالقيوم مهر سڪندري

ٽائيٽل ۽ ڪتابت: فقير فيض محمد سڪندري

ڪمپوزنگ: اسدالله پٽو

سال اشاعت: جمادي الاوليٰ 1429ھ/ مئي 2008ع

هديہ: -/150 رپيا


خصوصي معاون

**فقير حاجي غلام دستگير راجڙ،** M.N.A ضلع سانگهڙ
**فقير خدابخش درس** تعلقہ ناظم کپرو
**فقير رسول بخش سميجو** ڊي سي او سانگهڙ
**فقير حسين بخش خاصخيلي** تعلقہ ناظم شهدادپور


ناشر

**سڪندريہ پبليڪيشنز**

جامعہ راشديہ درگاھ شريف

جمعيّت علماءِ سڪندريہ - پاڪستان


www.maktabah.org

# شرفِ انتساب

اعليٰ حضرت، محسن ملت، عالي برڪات، منبع الفيوضات، سيدنا و مرشدنا پير سيد شاهہ مردان شاهہ ثاني "ڇَتَ ڌڻي" پير سائين پاڳاره ادام الله فيوضاتهم و برڪاتهم العاليہ جن جي ذات گرامي ڏانهن، پنهنجي هن پيار ۽ محبت جي پورهئي کي بصد عقيدت و احترام منسوب ڪرڻ جو شرف حاصل ڪريان ٿو، جن جي نوراني نظر فيض اثر سان ڪتاب لکجي پورو ٿيو.

جن جي زير سرپرستي ۽ شفقت جامعہ راشديہ ۽ سوين اسلامي علوم جا مدرسا ۽ مڪتب، جمعيت علماءِ سڪندريہ جا عالم ۽ حافظ، اسلام جي آفاقي تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ شب و روز مصروفِ عمل آهن، جن جي لطف و ڪرم واري نظر حر جماعت کي شان و شوڪت وارو بنايو آهي. جن جي انصاف پسندي ۽ سخاوت ذريعي مظلوم، ڪمزور ۽ بي پهچ محفوظ رهن ٿا.

جن جي فيضانِ عام مان پنهنجا پراوا سڀ، پنهنجي پنهنجي حال ۽ ضرورت آهر فيض پرائن ٿا. الله تعاليٰ سندن سايو هن ملڪ ۽ ملت مٿان تا دير قائم ۽ دائم رکي.

شاهان چہ عجب گر بنوازند گدارا

فقير الله ورايو سڪندري

www.maktabah.org

www.maktabah.org

| | |
|---|---|
| ذڪر الٰهي ۽ وڏي عمر هجڻ خوش نصيبي آهي | 71 |
| جنت ذڪر جي محفلن جي مالِ غنيمت آهي | 72 |
| ذڪر الٰهي جون محفلون جنت جا باغ آهن | 73 |
| ذڪر ڪرڻ واري کي ربّ پاڪ ياد ڪري ٿو | 74 |
| الله تعاليٰ جو ذڪر ڪثرت سان ڪرڻ گهرجي | 76 |
| ذڪر ڪرڻ وارا الله کي پيارا | 77 |
| حضور ﷺ جن جي سنت جو طريقو: ذڪرالله | 79 |
| الله جو ذڪر دلين کي چمڪائيندڙ آهي | 81 |
| ملائڪ سڳورا ذاڪر ٻانهن جي راهن جي تلاش ڪن ٿا | 82 |
| اولياء الله جي زيارت، الله جي ياد جو باعث آهي | 83 |
| ذڪر جي حلقي ۾ ويهڻ وارن جا گناهه نيڪين ۾ بدلايا وڃن ٿا | 84 |
| ذڪر الاهي شيطان کان بچڻ جو ذريعو آهي | 85 |
| مؤمن ٻانهي تي الله جو سڀ کان وڏو احسان ان کي ذڪر جي توفيق عطا فرمائڻ آهي | 86 |
| جنهن ٻانهي کي ذڪر الاهي ڪندڙ زبان عطا ٿي، ان کي دنيا ۽ آخرت جي هر ڀلائي ملي | 87 |
| جنهن مجلس ۾ الله جو ذڪر نٿو ٿئي، اها خساري جو سبب بنجي ٿي | 88 |
| ذڪر سيني عبادتن کان افضل ۽ اعليٰ آهي | 90 |
| ذڪر قيامت ۾ ذاڪرن جو بار لاهيندو | 91 |
| ذاڪر اهلِ ڪرم (سخا وارا) آهن | 92 |
| حشر جي ميدان ۾ ذاڪر ٻانها موتين ۽ نور جي منبرن تي رونق افروز هوندا | 93 |
| الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ وارن جي دُعا مقبول | 95 |
| ذاڪر ٻانهو غافلن ۾ ائين آهي، جيئن اونداهيءَ ۾ روشن چراغ | 96 |
| ذڪر جي ڪري زمين خوشي ملهائي ٿي | 98 |
| بي بها خزانو | 100 |
| ڪلمي لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ جي فضيلت | 101 |
| حضرت سيّدنا موسيٰ عليه السلام کي ربّ تعاليٰ جو فرمان | 102 |


www.maktabah.org

| | |
|---|---|
| الله تعاليٰ ﷻ جي ذڪر سان قلبن کي سڪون ملي ٿو | 103 |
| دل جو ڪامل اطمينان | 105 |
| الله تعاليٰ پاڻهي کي ياد ڪري ٿو | 106 |
| اسان جو "الله" چوڻ رب پاڪ طرفان لبيڪ هوندو آهي | 106 |
| جنتيءَ جي دنيا ۾ جيڪا گهڙي، الله تعاليٰ جي ذڪر کان خالي گذريل هوندي، ان تي حسرت ڪندو | 108 |
| الله جي ذڪر کان غفلت | 109 |
| الله جي ذڪر ۽ ان جي معاونن کان سواءِ دنيا اڃلڻ جهڙي آهي | 113 |
| **باب چوٿون: صالحن جي صحبت ۽ محبت جون برڪتون ۽ پلايون** | |
| الله تعاليٰ خاطر محبت ڪرڻ وارن لاءِ قيامت ۾ انعامَ، اُهي بي خوف هوندا | 122 |
| صالحن جي صحبت قيامت ۾ به فائدو ڏيندي | 125 |
| قيامت ۾ صالحن جي سنگت فائدو ڏيندي ۽ اولياء الله شفاعت ڪندا | 127 |
| اولياء الله جي خدمت به قيامت ۾ ڪم ايندي | 128 |
| پلارن جو ذڪر به پلا ڪندا آهن | 129 |
| **باب پنجون: حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني ﷺ جي فرمانن جي روشنيءَ ۾ ذڪر شريف جي فضيلت ۽ فائدا** | |
| **باب ڇهون: ذڪر جي فضيلت، اهميت ۽ فائدا ملفوظات شريف جي روشنيءَ مطابق** | |
| ذڪرِ الاهي – روحاني طعام | 137 |
| ذڪر ڪندڙ بهشت ۾ ويندو | 138 |
| ذڪر جي محفل ۾ ويهڻ نجات جو ذريعو | 138 |
| دل سان ذڪر ڪندڙ دوزخ کان دور | 139 |
| افضل ذڪر ۽ دُعا | 140 |
| ذڪر ڪندڙن سان قبر ۾ مرشد جي مهرباني | 140 |
| ذاڪرن جا حياتي ۽ مماتي ۾ چهرا روشن | 141 |
| مرشد جي حضور ۾ ذڪر ڪندڙن جا پاڻ شاهد آهن | 141 |


www.maktabah.org

| | |
|---|---|
| روضي واري جو مريد قبر ۾ خوش ۽ فرحت ۾ آهي | 142 |
| روضي واري جو طالبن کي تلقين جو نمونو | 142 |
| وبائي بيمارين کان جماعت سان ذڪر ڪندڙ امن ۾ رهندو | 143 |
| جهري ذڪر، وڏيڪ اثرائتو آهي | 143 |
| تهجد کان پوءِ ذڪر يا فڪر؟ | 144 |
| دل جان سان ذڪر ڪندڙ جو جسم سلامت رهندو | 144 |
| حضرت روضي ڌڻي وٽ الله تعالىٰ جي واٽ هڪ وک | 145 |
| الله جي ذڪر سان رزق جي ڪشادگي | 146 |
| حضرت روضي ڌڻي جي ڪرامت قبر واري کي ذڪر جي تلقين | 147 |
| ذڪر جي ڀلائي "مڪتوبات شريف" جي روشنيءَ ۾ | 148 |


## باب ستون: ذڪر جي اهميت "خزانة المعرفة" جي روشنيءَ موجب


| | |
|---|---|
| ذڪر جا ڪلما دعاگو | 157 |
| ذڪر ڪندڙن جي قبر روشن | 158 |
| قيامت ۾ ذڪر واري جو چهرو روشن هوندو | 158 |
| ذڪر جي مجلس ۾ ويهندڙ بانصيب | 158 |
| عبادتن مان مراد ۽ مقصد ذڪرِ الاهي آهي | 159 |
| ذڪر ڪندڙ جو خاتمو ايمان سان | 161 |
| ذڪر طفيلي بخشش | 162 |
| ذڪر 27 لک بيمارين جو علاج | 163 |
| ذڪر ميزان ۾ ڳرو | 163 |
| ذڪر جون چار تسبيحون ۽ اعتراض جو جواب | 164 |
| ذڪر ، بهشت جي قيمت | 165 |
| ذڪر ظاهري ۽ باطني ورد | 166 |
| گنهگارن جو شافع ذڪر آهي | 166 |


## باب اٺون: مرشدن ڪريمن جي طريقہ قادري ۽ نقشبندي جو شجره طيّبہ


| | |
|---|---|
| مرشدن سڳورن جي طريقہ سنيہ قادريہ قدس الله تعالىٰ اسرارهم جو شجرو طيبہ | 168 |

| | |
|---|---|
| اسماءِ شريف پيران طريقہ عاليہ نقشبنديہ | 172 |
| حضرت امام العارفين سيّد مُحمّد راشد روضي ڌڻي قِدّس سِرّہ جي ذڪر جو طريقو | 175 |
| قادري طريقي جي ذڪر جي ترتيب | 175 |
| فنا في الشيخ مُرشد جو تصور ۽ فڪر | 188 |
| صورتِ محمّدي ﷺ جو فڪر ۽ ان سان گڏ چئن يارن جو فڪر | 195 |
| اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاره سيد شاهہ مردان شاهہ ثاني "ڇٽ ڌڻي" دامت برڪاتهم العاليہ جن جون حر جماعت کي ذڪر ڪرڻ بابت هدايتون | 200 |
| اعليٰ حضرت، مُحسنِ ملّت، قبلہ پير سائين پاڳاره سيد شاهہ مردان شاهہ (ثاني) دامت برڪاتهم العاليہ جن جو فقير علي مگڻهار جي دعوت تي روحاني تاريخي خطاب (1981ع) | 201 |
| جامع ڪمالات اعليٰ حضرت پير سائين سيد شاهہ مردان شاهہ "ثاني" دامت برڪاتهم العاليہ جو روحاني خطاب مبارڪ | 204 |
| اعليٰ حضرت، مُحسنِ ملّت، قبلہ پير سائين پاڳاره سيد شاهہ مردان شاهہ (ثاني) دامت برڪاتهم العاليہ جن جو جماعت کي روحاني خطاب (1414هہ) | 206 |


## باب نائون: ذڪر بالجهر جو فلسفو ۽ فائدا


| | |
|---|---|
| پيارن جي پياري ڳالهہ | 212 |
| ذڪر بالجهر بابت وضاحت | 215 |
| سيدنا آقا و مولا حضرت محمد رسول الله ﷺ جي ذڪر بالجهر ڪرڻ واري تي مهرباني | 216 |
| ذڪر بالجهر تي دليل | 219 |
| حضرت امام العارفين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس الله سره الاقدس جو ذڪر بالجهر بابت فرمان | 223 |
| حضرت سيد صبغت الله شاهہ تجر ڌڻي رحمة الله عليه جو ذڪر بالجهر بابت فرمان | 224 |
| ذڪر بالجهر (معتدل بلند آواز سان) جي فضيلت جا 30 سبب | 226 |


## باب ڏهون: حضور سرور ڪائنات، فخرِ موجودات ﷺ جي

## بارگاهہ ۾ هديہ درود ۽ سلام


| | |
|---|---|
| چاليهہ حديثون | 234 |
| درود شريف خود پاڻ ڪريم ﷺ ٻُڌن ٿا | 244 |
| درود شريف پڙهڻ امام العارفين حضرت سيّد محمد راشد روضي ڌڻي رهبر قدس سره جو معمول هو | 245 |
| حضور تاجدار ڪائنات ﷺ تي درود شريف پڙهڻ بہ بهترين ذڪر آهي | 246 |
| درود شريف جي صدقي دعائون قبول ٿين ٿيون | 248 |
| درود شريف جون فضيلتون | 249 |
| صلوات تفريجي المعروف ناري | 250 |
| مآخذ و مراجع | 251 |


www.maktabah.org

## پنهنجي پاران

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

نَحۡمَدُهٗ و نُصَلِّي وَ نُسَلِّمُ عَلىٰ حبيبه الكريم

حُر جماعت جي روحاني پيشوا، مُحسن ملڪ و ملت، اعليٰ حضرت پير سيد شاهه مردان شاهه 'ثاني' پير سائين پاڳاره دامت برڪاتهم العاليہ جن جي شفقت ۽ سرپرستيءَ هيٺ، جامعہ راشديہ درگاهه شريف ۽ ان جي برانچن مان فارغ التحصيل عالمن جي تنظيم "جمعيّت علماءِ سڪندريہ پاڪستان" پاران "سڪندري اصلاحي اسلامي پروگرام" گذريل ڏهن سالن کان مؤثر نموني جاري آهي. انهن بابرڪت پروگرامن ۾ سڪندري عالمن سان گڏ، هن فقير جي بہ گهڻي شرڪت رهي ۽ سنڌ کان پنجاب تائين جي جماعت ۽ عوام اهل سنت جي علائقن، شهرن ۽ ڳوٺن ۾ حاضري نصيب ٿي.

انهن خالص اصلاحي ۽ اسلامي پروگرامن ۾، قرآن مجيد، احاديث مبارڪ، ملفوظات شريف حضرت پير سائين روضي ڌڻي، ملفوظات شريف پير سائين تجر ڌڻي پيران پاڳاره دامت فيوضاتهم جي تمام تصانيف ۽ خصوصًا اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاره دامت برڪاته جي مبارڪ خطابن جي روشنيءَ ۾، ذڪر، نماز، جماعتي طريقي ۽ اصلاح احوال جون خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا آهيون.

الحمدلله "سڪندري اصلاحي اسلامي پروگرامن" جي بدولت، جماعتي فقيرن ۽ سُني عوام ۾ پنهنجي مسلڪ ۽ طريقي جو شعور ۽ شوق وڌيو، ڪيترين ئي مسجدون ۽ نوان مدرسا قائم ٿيا، مختلف جاين ۽ ڳوٺن ۾ سڪندري عالمن ۽ حافظن جو تقرر ٿيو ۽ وڏيون رحمتون ۽ برڪتون شامل حال ٿيون.

انهن پروگرامن دوران ذڪر شريف بابت قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ مختلف سوال سامهون ايندا رهيا ۽ مون محسوس ڪيو تہ اسان جي "جماعت" ذڪر واري جماعت آهي ۽ امام العارفين مرشدنا حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره کان وٺي موجوده پير سائين

www.maktabah.org

پاڳاره دامت برڪاته تائين سڀني مشائخن "امر بالمعروف و نهي عن المنڪر" سان گڏ "ذڪر" جي تمام گهڻي تاڪيد ۽ تلقين ڪئي آهي، جيڪو قادري طريقي جو اصل سرمايو آهي.

انهن ڳالهين کي مدِ نظر رکندي، ارادو ڪيم ته خالص "ذڪر شريف" جي موضوع تي ڪو جامع ڪتاب ترتيب ڏجي ۽ آخرڪار توڪّل جو ترهو ٻڌي، الله جلّ شانه جي "ذِڪر" بابت مواد گڏ ڪرڻ شروع ڪيم ۽ مالڪ ڪريم جي مِهر سان، پنجن ڇهن مهينن ۾ سُٺو مواد ڪَٺي ٿي ويو. پوءِ الله جلّ شانه پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ ۽ مرشدن ڪريمن جي طفيلي اهڙي مدد ڪئي، جو اهو سمورو مواد، ٿورن ڏينهن ۾ باقاعده ڪتابي صورت ۾ مرتب ٿي ويو. جيڪو الحمد لله! اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

هن ڪتاب ۾ جيڪا به خوبي آهي، سا سرڪارِ دوجهان ﷺ جن جي ڪرم نوازي ۽ مرشدن ڪريمن جي روحاني توجه ۽ تصرّف جو نتيجو آهي ۽ منجهس ڪا خامي آهي ته هن عاجز جي ڪم علمي ۽ ڪج فهمي جو نتيجو آهي.

باري تعاليٰ جي بارگاهه ۾ دَست بدعا آهيان ته الله تعاليٰ هن بانهي سان گڏ تمام پڙهندڙن کي عمل جي توفيق عطا فرمائي ۽ اسان جي هيءَ محنت پنهنجي بارگاهه ۾ قبول فرمائي ۽ هن کي اسان لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابيءَ جو ذريعو بڻائي. (آمين بجاه سيد المرسلين)

وَصَلَّى اللهُ تَعَالىٰ عَلىٰ حَبِيْبِهٖ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ آلِهٖ وَ اَهْلِ بَيْتِهٖ وَ اَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ

طالب دُعا

**فقير الله ورايو سهتو سڪندري**

شهدادپور

27 جمادي الاولىٰ 1429 هه/ 2 جون 2008ع

بروز سومر

www.maktabah.org

# اظهار تشڪر

اَلْحَمدُ للهِ رَبِّ العالمين والصلوٰة والسلام علىٰ رسوله الكريم وعلىٰ آله واصحابه اجمعين

قَالَ النَّبِيُّ ﷺ مَنْ لَّمْ يَشْكُرِ النَّاسَ لَمْ يَشْكُرِ اللهَ

(رواه احمد والترمذي عن ابي سعيد الخدري- جامع الصغير ح: 9038)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي هن فرمان موجب ته جيڪو ماڻهن جو شڪريو ادا نٿو ڪري، اهو الله تعالىٰ جو به شڪر نٿو بجا آڻي جي مصداق، مون سان هن ڪتاب جي ترتيب ۽ تاليف دوران جن مهربان بزرگن، استادن ۽ دوستن، علمي، اخلاقي ۽ ڪتابن جي حوالي سان مدد ڪئي ۽ اصلاحي پروگرامن دوران همت افزائي ۽ اخلاقي ساٿ ڏين ٿا، تن سيني مهربان بزرگن جو ٿورائتو ۽ شڪرگذار آهيان. خاص ڪري شيخ الحديث مفتي اعظم پاڪستان استادي الحاج مفتي محمد رحيم سڪندري (شيخ الحديث جامعه راشديه درگاهه شريف)، سلطان الواعظين مبلغ اسلام الحاج مفتي عبدالرحيم سڪندري، زينة المدرسين، استادي سيد غلام مجتبىٰ شاهه سڪندري، محترم چيف خليفو قادر بخش مگريو (مک چونڪي جيسلمير)، فقير حافظ اسدالله مهر سڪندري، محترم جناب خليفه الحاج فقير عبدالحڪيم هنگورو (مک چونڪي شهدادپور)، خليفو فقير اسماعيل مهر، فقير حاجي محمد جادم مگريو، محترم خليفه لال بخش احمداڻي، محترم خليفه حاجي سلطان راڄڙ ۽ خليفه احمد بخش راڄڙ، فقير قربان علي سڪندري، علامه فقير مفتي محمد اسماعيل سڪندري، سائين ميرمُحمّد سڪندري، فقير عبدالباسط هنگورو سڪندري، فقير منثار مگريو روزانه مهراڻ حيدرآباد، فقير محمد عارب مهر، فقير خان محمد هنگورجو، علي اڪبر سڪندري، حافظ عبدالرزاق سڪندري، مولانا شاهه محمد قاضي سڪندري، مولانا غلام مرتضىٰ سڪندري، مفتي

www.maktabah.org

نور نبي سڪندري، حافظ رسول بخش سڪندري، فقير شاهنواز نظاماڻي، فقير فيض محمد سڪندري، فقير گل حسن مهر، حاجي عمر نائچ، استاد سائين سيد غلام مجتبىٰ شاهه سڪندري، مولانا عبدالله ڪوري سڪندري، مولانا فقير محمد موروجو سڪندري، مولانا حافظ محمد يوسف پنيرو سڪندري، مولانا شاهه محمد سڪندري، مولوي جمشيد علي سڪندري، اختر حسين چنڙ ۽ قاري مختيار علي قادري جن جو شڪرگذار ۽ ٿورائتو آهيان.

خصوصًا علامہ حافظ عبدالقيوم سڪندري جن ڪتاب جي مختلف مرحلن دوران فراخ دلي سان سهڪار ڪيو آهي، ان لاءِ آئون سندن مشڪور آهيان. هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ مالي مدد ڪرڻ تي، فقير خدابخش درس تعلقہ ناظم ڪپرو، فقير رسول بخش سميجو، فقير حاجي غلام دستگير راڄڙ، ڊاڪٽر محمد هاشم خاصخيلي، ڊاڪٽر فقير محمد علي سهتو، ڊاڪٽر قادربخش انڙ، فقير محمد عرس راڄڙ، فقير ناگو در مگريو، فقير محمد ابراهيم مهر، فقير حسين بخش خاصخيلي، فقير محمد علي علياڻي، فقير محمد رمضان مهر، فقير مولابخش مهر سڪندري، فقير قابل مهر، فقير حاجي محمد صالح پهوڙ، فقير حاجي محمد موسيٰ پهوڙ جن جو پڻ ٿورائتو آهيان، جن جي مالي تعاون سان هيءُ ڪتاب اشاعت پذير ٿيو.

الله تعاليٰ پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جي صدقي حضرت پير سائين روضي ڌڻي جي سڄي جماعت کي ۽ هن ڪارِ خير جي خاص معاونين کي دين، دنيا جون سعادتون ۽ برڪتون نصيب فرمائي. بالخصوص مرحوم و مغفور چيف خليفي فقير عبدالله مگريو، مرحوم فقير حمزو خان درس، مرحوم جمال فقير خاصخيلي، مرحوم فقير محمد رمضان سهتو ۽ منهنجي والدين مرحومين جي بخشش ۽ مغفرت لاءِ دعا ڪندا تہ الله تعاليٰ پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جي صدقي انهن ۽ ٻين سيني وفات ڪيل مسلمانن کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي. (آمين)

www.maktabah.org

تقريظ

شيخ الحديث، مفتيءِ اعظم پاڪستان

## حضرت علامہ الحاج مفتي محمد رحيم سڪندري

دامت برڪاته، شيخ الحديث جامعه راشديه درگاھ شريف

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

وَلَذِكۡرُ اللّٰهِ اَكۡبَرُ

حضرت علامہ مولانا الله ورايو سڪندري قرآن ڪريم، احاديث مبارڪ، حضرت غوث الاعظم ﷺ، سيدي امام العارفين پير سائين روضي ڌڻي ﷺ جي ملفوظات مبارڪ جي روشنيءَ ۾ ذڪر جي اهميت ۽ فضيلت بابت مستحسن ڪوشش فرمائي آهي. الله تعاليٰ ڪين جزاءِ خير عطا فرمائي، سندن سعيءِ جميل کي قبول ۽ بابرڪت فرمائي.

حقيقت آهي تہ ذڪر شريف جي هر جهت ۽ هر گير اهميت آهي. ٻانهو الله تعاليٰ جو ذڪر ڪري، ٻانهپ جي تقاضا ۽ اهم فرض، بلڪ ذريعہ نجات آهي، انهيءَ جي نتيجي ۾ الله تعاليٰ ٻانهي جو ذڪر قبول فرمائي، پنهنجي ذاڪر ٻانهي کي لطف و ڪرم، انعام و اڪرام سان سرفراز فرمائي.

حضرت روضي ڌڻي ﷺ برصغير ۾ ذڪر جي اهميت ۽ برڪت اجاگر فرمائي، ذاڪرين جي وڏي جماعت تيار فرمائي.

ماشاء الله ذڪر پاڪ جون برڪتون اڄ بہ قائم آهن. جماعت مستفيض ٿي رهي آهي. موجوده حضرت پير سائين پاڳاره کي جماعت جي ذڪر جي مشغل لاءِ وڏ ڪان وڌ فڪرمند رهندو آهي. سندن هميشہ اها دعا ۽ نصيحت هوندي آهي تہ جماعت قادري سلسلي جي ذڪر جي پابندي ڪري ۽ ذڪر جون برڪتون سميٽي.

**فقير محمد رحيم سڪندري**

جامعه راشديه

25 ربيع الثاني 1429ھ

www.maktabah.org

تقريظ

مبلّغ اسلام، سلطان الواعظين، خطيبِ پاڪستان

# حضرت علام مفتي عبدالرحيم سڪندري

دامت فيوضاته

نحمده ونصلي و نسلم عليٰ رسوله الڪريم

ذڪر الله سان، قلبن ڪي آرام ۽ سڪون ملندو آهي. پڻ الله تعاليٰ ذڪر ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي: منهنجو ذڪر ڪريو ته آئون اوهان جو ذڪر ڪندس. ان مان مراد آهي ته ذڪر ڪرڻ جو اهڙو بدلو ڏيندس، جو سيئي اوهان کي نيڪين سان ياد ڪندا. ذڪرالله ملائڪن جي روحاني غذا آهي. ٻانهو جڏهن الله تعاليٰ جو ذڪر ڪثرت سان ڪندو آهي ته ان ۾ روحانيت جو اثر پيدا ٿيندو آهي. ذڪر شريف جون تمام گهڻيون فضيلتون بيان ٿيل آهن. انهن مان ڪجهه هن ڪتاب اندر فاضل نوجوان حضرت مولانا الهورايو سڪندري صاحب جن لکيون آهن، جن جي پڙهڻ سان يقيناً ذڪر جو شوق پيدا ٿيندو. ماديت جي هن نفسانفسيءَ واري دور اندر، هھڙي ڪتاب جي گهڻي ضرورت محسوس ٿيندي هئي.

الحمد لله! ان ضرورت کي فاصل محترم ڪما حقه پوري ڪرڻ جي ڪوشش فرمائي آهي. اميد ٿي ڪجي ته هڪ ڀيرو جنهن به دوست هن ڪتاب کي غور سان پڙهيو ته ان جي دل ۾ الله تعاليٰ جي ذڪر جو شوق پيدا ٿي پوندو. دعا آهي ته باري تعاليٰ هن ڪتاب کي عام مسلمانن لاءِ مفيد بنائي. آمين

**فقير عبدالرحيم سڪندري**

www.maktabah.org

تقريظ

# محترم جناب خليفو فقير قادر بخش مگريو

## چيف خليفہ اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاره دامت برڪاته
## مُڪ چونڪي جيسلمير

درگاهہ شريف جي عالمن جي جماعت، جمعيت علماءِ سڪندريہ، سنڌ ۽ پنجاب جي علائقن ۾ سڪندري اسلامي اصلاحي پروگرامن ذريعي اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاره دامت برڪاته العاليہ جن جي ڏنل احڪامن جي مطابق جماعت کي پنهنجي طريقي ۽ نسبت کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ، غيرن ۽ بدعقيده ماڻهن کان پري رهڻ، پاڻ ۾ محبت، پيار ۽ اتحاد سان رهڻ لاءِ سٺيون ڪوششون ڪري رهي آهي. منهنجو والد گرامي مرحوم و مغفور خليفو فقير عبدالله مگريو جن پاڻ سڪندري اصلاحي پروگرام ڪرائيندا هئا ۽ تاڪيد سان جماعت کي ان پاسي متوجہ ڪندا رهندا هئا ۽ مون کي بہ ان ڳالهہ جي تاڪيد ڪئي هئائون.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره جي جماعت ذڪر فڪر واري جماعت آهي. اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاره دامت برڪاتہ جن بہ جماعت کي هميشہ سلسلہ قادريہ جي ذڪر جو تاڪيدي حڪم ڪندا رهن ٿا. ذڪر جي ان اهم ترين موضوع ۽ حضرت پير سائين روضي ڌڻي جي قادري طريقي جي ذڪر جي تلقين بابت اسان جي مهربان دوست سڪندري اصلاحي پروگرام جي خدمتگار فقير الله ورايو سڪندري جن هيءُ ڪتاب

www.maktabah.org

ترتيب ڏئي، وڏو عاليشان ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. اهو ڪم مرشدن ڪريمن جي مهربانيءَ جو روحاني فيض آهي.

اسان فقير صاحب کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيندي دُعاگو آهيون تہ الله تعاليٰ سندن محنت کي پنهنجي حبيب ﷺ جي صدقي، حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جي مهابي قبول فرمائي، جزاءِ خير سان نوازي تہ پنهنجي طريقي ۽ سلسلي لاءِ اهڙين خدمتن ۾ اجان بہ واڌارو ٿئي.

سڄي جماعت کي گهرجي تہ حضرت پير سائين روضي ڌڻي جي طريقي ۽ قرآن و سنت جي تعليم جي روشنيءَ ۾ ذڪر جي معلوماتي ڪتاب کي پاڻ پڙهي، دوستن، واسطيدارن کي هن طرف متوجه ڪري ۽ وڌ کان وڌ هن ڪتاب جي ڦهلاءَ ۽ عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

الله تعاليٰ اسان سڀني کي حضرت مرشدن ڪريمن جي ڏسيل طريقي تي عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمين

**فقير قادر بخش مگريو**
خادم درگاهہ شريف
4 -5 -2008

www.maktabah.org

## تقريظ

محترم جناب خليفه

# الحاج فقير سائين عبدالحڪيم هنگوروؒ

مُک چونڪي شهدادپور، مهتمم مدرسه صبغة الفيض

الله تعاليٰ جل شانه جو ذڪر قلبن کي قرار ۽ سڪون بخشي ٿو. الله تعاليٰ جي ياد ئي اصل حياتي آهي. جيڪي لمحا يادِ الهيءَ ۾ گذرن ٿا، اهي سدا بهار ۽ هميشه بابرڪت نجات جا ذريعا بڻجن ٿا. حضرت روضي ڌڻي رهبر ﷺ هن ننڍي کنڊ ۾ قادري طريقي مطابق ذڪر الٰهيءَ جي اهڙي ته پالوت ڪئي آهي، جو انشاءَ الله اهو فيضان رهندي دنيا تائين قائم ۽ دائم رهندو. اعليٰ حضرت قبلا پير سائين پاڳاره ادام الله فيوضاتهم جن به هميشه قادري سلسلي جي ذڪر جي جماعت کي تلقين فرمائيندا. اسان جي سنگت ۽ مدرسي جي لائق فاضل نوجوان فقير الله ورايو سڪندري جن سڪندري اصلاحي پروگرام جي حوالي سان پنهنجي سڪندري سائين سان گڏجي عاليشان سهڻي انداز ۾ خدمت ڪري رهيا آهن.

هيءُ ڪتاب "ذڪر جي فضيلت ۽ طريقو" سندن علمي، اصلاحي ڪاوش آهي. ڪتاب لاجواب، نهايت محبت ۽ ادب سان لکيو آهي. ڪتاب ڏسي دل باغ و بهار ٿي آهي. الله تعاليٰ جي دربار ۾ دعا آهي ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي صدقي فقير صاحب کي مزيد انعامن سان نوازي ۽ خدمت جي توفيق بخشي. پنهنجي جماعتي پائرن کي مشورو ڏيندس ته ذڪر شريف جي هن ڪتاب کي پاڻ پڙهن ۽ دوستن واسطيدارن کي هن نيڪ مشن ۾ شريڪ ڪن.

**فقير عبدالحڪيم هنگورو**
مک چونڪي شهدادپور
1-6-2008

www.maktabah.org

تقريظ

لختِ جگر استاد العلماءِ فقير سائين محمد صالح مهر رحمة الله عليه

## محترم جناب خليفه احمد صالح مهر

مُک چونڪي گمَهه

اعليٰ حضرت، مُحسنِ ملّت، پير سائين پاڳاره ادام الله فيوضاتهم العاليه جن قادري سلسلي مبارڪ جي ذڪر جي تمام گهڻي تاڪيد فرمائيندا رهندا آهن. علامه فقير الله ورايو سڪندري، سڪندري اصلاحي اسلامي پروگرام تحت اعليٰ حضرت پير سائين سردار دامت برڪاتهم جن جي تاڪيد جي مدنظر جماعت سڳوري لاءِ، ذڪر شريف جي طريقي بابت امام العارفين حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره جي تلقين مطابق هي سهڻو ڪتاب مرتب ڪيو آهي. اڳ ۾ جماعت ۾ طريقي شريف جي تعليم ۽ تربيت جي خدمت تارڪ فقير ڪندا هئا ۽ هاڻي هن مصروف دؤر ۾ ان حوالي سان هي ڪتاب ان کوٽ جو پورائو ڪندو.

آئون هن خدمت تي فقير الله ورايو سڪندري کي مبارڪباد ڏيان ٿو ۽ دعاگو آهيان ته الله تعاليٰ سندن خدمت مقبول فرمائي، جماعت کي به عرض ڪيان ٿو ته هن ڪتاب کي وڌ ۾ وڌ پڙهو ۽ پکيڙيو. شال الله تعاليٰ پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جي صدقي، اسان سمورن کي درگاهه شريف جي بزرگن جي ڏسيل طريقي تي عمل جي توفيق بخشي. آمين.

**فقير احمد صالح مهر**

11 -5 -2008

www.maktabah.org

تقريظ

# محترم جناب انجنيئر فقير عبدالباسط هنگورو سڪندري

الله سائينءَ جون اسان تي بيشمار نعمتون ۽ نوازشون آهن، جن جو اسان ڪيترو به شڪر ادا ڪريون، سو گهٽ آهي. الله جو ذڪر اسان لاءِ راهه هدايت ۽ راهه نجات آهي ۽ نعمتن جو شڪر الله جي ذڪر سان ئي ڪري سگهجي ٿو. باري تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي: (ترجمو) توهان تسبيح پڙهو ڏينهن جي ٻنهي ڪنارن ۾ يقينًا اوهان جو رب راضي ٿيندو. (سوره طٰهٰ، آيت: 130)

هتي آئون حضرت مرشدنا پير سائين پاڳارا سيد شاهه مردان شاهه (ثاني) دام اقباله جن جي خطاب مبارڪ جا به جملا پنهنجي هن لکت جي زينت بڻايان ٿو، جيڪي پاڻ 27 رجب 1427هه تي فرمايائون: "نماز ادا ڪريو ۽ به وقت قادري سلسلي جو ذڪر ڪريو، ذڪر رنگ لائيندو".

الله جي راضپي ۽ مهرباني حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين طريقو الله جو ذڪر آهي. آهي ڪو خوشنصيب شخص جيڪو انهيءَ انمول وظيفي ذريعي خدا جي پيارن جي صف ۾ شامل ٿي راهه هدايت، راه نجات، ڪاميابي ۽ ڪامراني حاصل ڪري. هن وقت دنيا جي حالات جو رخ مختلف طرفن ڏانهن آهي، جنهن ڏانهن انسان پنهنجي پاڻ کي ڏکي رهيو آهي. هڪ طرف دنيا جو رخ مغربي ڪلچر ڏانهن آهي، جنهن جي يلغار ڪري، اسان معاشرتي قدر وڃايو ويٺا آهيون. ماڻهپي، انسانيت، ڀائپي، برادري، عزت، حياءَ جون حدون اورانگهي، اهڙو رستو اختيار ڪيو ويٺا آهيون، جنهن مان نه ملندڙ لاڀ ۽ اڻ وڻندڙ ماحول، اندر کي ڪوڪلو ۽ چڪناچور ڪري ڇڏيو آهي. ان لاءِ پرسڪون ماحول

www.maktabah.org

۽ دل کي تسڪين ڏيندڙ غذا جي ضرورت آهي. ٻئي طرف احساسِ ڪمتريءَ جو شڪار اسان جو معاشرو وقت جي پيش ايندڙ سخت لمحن کي منهن ڏيڻ جي سگهه وڃائي، بي يقيني، بيروزگاري، بي انصافي ۽ بي رحمي جي صورتحال جي ور چڙهي ويو آهي، جنهن سبب هر نوجوان مايوسيءَ جو شڪار آهي.

اسان جي نوجوانن لاءِ اهڙو انمول نسخو موجود آهي، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اسان ان انمول خزاني کي وساري چڪا آهيون. هاڻي اچو ته اسان ان خزاني مان پاڻ، پنهنجي اولاد ۽ معاشري کي مالامال بڻايون، جيڪو الله جي نعمتن، برڪتن، خوشين، رزق ۽ راضپي جو ثمر آهي. اهو انمول خزانو الله جو ذڪر آهي. اسان کي دلي سڪون، نماز ۽ ذڪر سان ئي ميسر ٿي سگهي ٿو.

فقير الله ورايو سڪندري، ان سلسلي ۾ الله جي ذڪر جي موضوع تي امام العارفين پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جي طريقي موجب ذڪر جي پلاين، فائدن بابت هيءُ ڪتاب مرتب ڪيو آهي، جيڪو ان موضوع متعلق ڪماحقه معلومات ڏئي ٿو. آئون فاضل دوست کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو، جن ايڏي وڏي خدمت سرانجام ڏني آهي. باري تعاليٰ جي در دعا آهي ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي صدقي فقير صاحب جي محنت قبول فرمائي. آئون پنهنجي جماعتي ڀائرن کي گذارش ڪندس ته هن ڪتاب کي وڌ کان وڌ پڙهن ۽ دوستن کي پڙهائن ۽ سڪندري اصلاحي پروگرام کي ڪامياب بنائڻ جي ڪوشش ڪن.

**فقير عبدالباسط سڪندري**

ڪنگري هائوس ڪراچي

6 -6 -2008

www.maktabah.org

تقريظ

# حضرت علامہ فقير قربان علي سڪندري- پنو عاقل

امام العارفين حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره پنهنجي مبارڪ زندگيءَ ۾، سال جا نو مهينا ترن، برن جو سفر ڪري، اسلام جي پيغام کي عام فرمايو. ماڻهن کي صراط مستقيم (سڌي رستي) تي آڻي، انهن جي ذهنن، زبانن ۽ دلين تي الله جي ذڪر کي اهڙو تہ پختو بنايائون، جو اڄ سوين سالن بعد برصغير جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اُن جا جلوا نظر اچن پيا. پاڻ ڪريمن قدس سره اصلاح احوال سان گڏ ذڪر تي جيڪو زور ڏنو آهي، ملفوظات شريف جا صفحا ان جا شاهد آهن. ان بعد پاڳاره بزرگن رحمهم الله جا فرمان، هدايتون، ذڪر جي عظمت ۽ اهميت جا نشانبر آهن. موجوده پير سائين پاڳاره (الله تعاليٰ سندن سايو، سدا سلامت رکي) هر دعوت ۽ عيد جي موقعي تي حر جماعت سونهاري جي ٻي اصلاح سان گڏ قادري طريقي جي ذڪر جو تاڪيدي حڪم ڏيندا آهن.

حقيقت ۾ مرشدن ڪريمن جو ڏسيل ذڪر نہ صرف اسان جي اُخروي زندگي جي نجات جو ذريعو ۽ باعث ثواب آهي، ان سان گڏ اسان جي دنيوي زندگيءَ جي مڙني مشڪلاتن ۽ مسئلن جو حل پڻ آهي. سڪندري اصلاحي پروگرامن دوران اسان ذڪر جي موضوع تي ڪتاب جي ضرورت محسوس ڪئي. اسان جي جماعت، ذڪر واري جماعت آهي. ان حقيقت کي سامهون رکندي، اسان جي فاضل دوست، متحرڪ ساٿي علامہ فقير الله ورايو سڪندري، ذڪر جي فضيلت ۽ طريقي بابت تاريخي ۽ قابل قدر ڪتاب ترتيب ڏنو آهي.

آئون مبارڪباد ڏيندي، الله تعاليٰ جي حضور ۾ دست بدعا آهيان تہ هن ڪتاب کي نفعي وارو ۽ مقبول فرمائي ۽ وڌ کان وڌ جماعت سميت سيئي مسلمان پائر مستفيض ٿين.

**فقير قربان علي سڪندري**

27 -5 -2008

www.maktabah.org

# مهاڳ

الحمد لله رب العالمين والصلوٰة والسلام عليٰ رسوله الڪريم و عليٰ آله واصحابه اجمعين

الله تعاليٰ "ڪُنۡ" فرمائي ڪائنات بنائي، ان مان حضرت انسان کي "اشرف مخلوق" بنائي، سڀ شيون اُن واسطي تابع بڻايون ۽ انسان کي خاص پنهنجي واسطي ڪيائين. جيئن "وَمَا خَلَقۡتُ الۡجِنَّ وَالۡاِنۡسَ اِلَّا لِيَعۡبُدُوۡنِ" جو فرمان ان تي شاهد آهي ته ٻانهو پنهنجي مالڪ اڳيان پنهنجي ٻانهپ جو اظهار ۽ اقرار ڪري. ٻانهپ جو اظهار ۽ اقرار ان ريت ممڪن ٿي سگهي ٿو، جو ٻانهو هر حال ۾ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪري ۽ شڪر ادا ڪري. ذڪر انساني زندگيءَ جي جان آهي. انسان جون جيڪي گهڙيون الله جي ذڪر ۾ گذرن ٿيون، اهي سرمدي ۽ ابدي آهن. الله جو ذڪر ئي ٻانهي کي پنهنجي مالڪ وٽ محبوب بنائي ٿو. فرمانبردار ٻانهو اهو آهي، جو ان جي زبان هر وقت الله تعاليٰ جي تعريف، توصيف ۽ ذڪر سان مشغول رهي ۽ ان طريقي سان ٻانهو الله تعاليٰ سان پنهنجي قرب ۽ تعلق کي هميشگي ۽ مضبوطي ڏئي ٿو ۽ اهو سمورو وقت، دنيا جي ٻين معاملن ۾ مصروف هوندي به الله تعاليٰ کي وساري نٿو سگهي. پوءِ ڇڻ ته انسان، ائين پنهنجي "تخليق" جي مقصد سان سچو رهي ٿو.

الله تعاليٰ جي يادگيري، (ذڪر) جا نمونا تمام گهڻا آهن، جيڪي قرآن پاڪ ۾ مختلف معنائن سان استعمال ٿيل آهن. ڪٿي نماز، ڪٿي روزو، حج، زڪوات، قرآن پاڪ، تسبيح، تهليل، نصيحت، امر بالمعروف و نهي عن المنڪر وغيره جي معنيٰ ۾ آيل آهي ته حديث پاڪ ۾ به ذڪر جون مختلف معنائون

www.maktabah.org

بيان ٿيل آهن، جيئن ڪيتريون حديثون ذڪر جي هنن معنائن تي دلالت ڪن ٿيون. بيان ڪرڻ، ذهن ۾ محفوظ رکڻ، ياد ڪرڻ، نصيحت، گفتگو، شرف، فخر، شهرت، خطبو، حمد، پاڪائي، تسبيح، پيغام، ثنا، صفت ۽ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ. (لغات الحديث: 22/2 علامہ وحيد الزمان نعماني ڪتب خانہ ڪراچي)

تہ وري لغت جي ڪتابن ۾ "ذڪر" الله تعاليٰ جي ذات سان منسوب ڪندي، ان جي معنيٰ الله تعاليٰ جي پاڪيزگي، بزرگي بيان ڪرڻ ۽ ان ذات کي ياد ڪرڻ، (المنجد، ص: 352، لويس معلوف، دارالاشاعت ڪراچي، مصباح اللغات ص: 264، عبدالحفيظ بلياوي، قديمي ڪتب خانہ ڪراچي)

دل يا زبان سان الله تعاليٰ کي ياد ڪرڻ ۽ الله تعاليٰ سان مناجات ۾ مشغول رهڻ، ورد وظيفن ۽ مقدس گيتن ۾ محو رهڻ. (احسن اللغات: ص 417) کي ذڪر سڏيو ويو آهي.

اهو اهڙو طريقو آهي، جو ٻانهو ٻين ڪمن ۾ مشغول هوندي بہ پنهنجو تعلق الله تعاليٰ سان قائم رکي سگهي ٿو، رڳو تعلق نہ پر حديث پاڪ موجب، ٻندو ان وقت "افضل الذڪر" ۾ محو هوندو آهي.

احاديث مبارڪ ۾ ذڪر ۽ تسبيح لاءِ جيتوڻيڪ متعدد ڪلمات بيان ٿيل آهن ۽ انهن جون وڏيون ۽ گهڻيون فضيلتون بيان ٿيل آهن، پر تنهن هوندي بہ تهليل جي ڪلمي جي گهڻي تاڪيد سان گڏ ان جي فضيلت بہ گهڻي آيل آهي، اسان رڳو اَفْضَلُ الذِّكْرِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ (ترمذي- ابن ماجہ- مشڪواة ح: 2356) جي حديث جي اهميت ۽ حقيقت کان واقف ٿيون تہ ان جي شان ۽ بُلند رُتبي جي خبر پئجي ويندي. ذڪر جي حوالي سان قرآن پاڪ جي متعدد آيتن، سرڪار ﷺ جي احاديث مبارڪ، صوفي بزرگن جي اقوالن کي تفصيلي طور هن ڪتاب ۾ توهان ملاحظہ فرمائيندا. تاهم تبرڪ طور "ذڪر وارن" جي ذڪر طور هي حديث هتي لکجي ٿي.

www.maktabah.org

حضرت ابوسعيد خدري ﷜ روايت ڪري ٿو تہ سرڪار ﷺ فرمايو حضرت موسيٰ عليہ السلام خدا تعاليٰ کي عرض گذاريو تہ اي منهنجا پالڻهار! مون کي ڪا اهڙي شيءِ سيکار، جنهن سان تنهنجو ذڪر ڪندو ۽ پُڪاريندو رهان. الله تعاليٰ فرمايو اي موسيٰ (عليہ السلام) لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ پڙهندو ڪر. حضرت موسيٰ عليہ السلام عرض ڪيو (تہ مولا) اهو ورد تہ سڀ ڪندا رهن ٿا. (مون کي ڪو خصوصي ورد ڏيو) تہ الله تعاليٰ فرمايو: اي موسيٰ (عليہ السلام) جيڪڏهن ست آسمان ۽ ان ۾ رهندڙ مخلوق مون کان سواءِ ۽ ست ئي زمينون ساهميءَ جي هڪ پُڙ ۾ هجن ۽ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ ٻئي پُڙ ۾ هجي، تڏهن بہ هي ڪلمو اُلٽ ۾ هوندو. (موارد الظمآن اليٰ زوائد ابن حبان ح: 2324- مستدرڪ للحاڪم 1/528- مسند ابي يعلي الموصلي ح: 1393)

صوفياءِ ڪرام ۽ بزرگانِ دين، اسلام جي ضروري احڪام جي تعليم، تربيت ۽ انهن تي عمل جي ترغيب کان پوءِ پنهنجي مريدن ۽ معتقدن جي اندر اجارڻ ۽ پاڪيزگي ۽ خدا سان دائمي تعلق لاءِ ذڪر کي لامي قرار ڏنو آهي. ان سلسلي ۾ سندن فرمان آهي تہ اهو دل کي جلا بخشڻ ۽ الله تعاليٰ تائين پهچڻ جو اهم ۽ آسان ذريعو آهي.

ان لاءِ جدا جدا طريقن سان، بزرگن، پنهنجي مريدن کي ان جو ڏس ڏنو آهي، جدا جدا لطيفا، مراقبا، مشاهدا ۽ محاسبا مقرر ڪري ڏنا اٿن، پر اسان جي مرشد ڪريم سيدنا محمد راشد روضي ڌڻي ﷜ پنهنجي طريقي کي بنهہ آسان بنايو تہ جيئن راهِ حق جو طالب، انهن منزلن ۾ ڦاسڻ بجاءِ سڌو سنئون خدا سان تعلق قائم ڪري ۽ رکي سگهي.

جيئن عارف بالله الودود خليفو محمود فقير عليہ الرحمة

www.maktabah.org

نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن سندن حضور ۾ عرض گذاريم تہ حضرتا! ٻيا مشائخ سڳورا، پنهنجي مريدن کي لطيفن جون جدا جدا جايون تلقين فرمائن ٿا ۽ سندن رنگ اچو، سائو ۽ ڪارو بيان ڪن ٿا ۽ سائين جن بہ مريدن کي تلقين فرمائن تہ بهتر. پاڻ جواب ۾ ڪجهہ نہ فرمايائون، جنهن ڪري البت دل تي بار ٿي پيو. ٻن ڏينهن کان پوءِ هن عاجز کي ياڪر پائي خوش ٿي فرمايائون تہ ادا! اسان وٽ الله سبحانه وتعاليٰ جي واٽ رڳو هڪڙي وڪ آهي.

امام العارفين پير سائين روضي ڌڻي جن نہ صرف تاڪيد سان تلقين ڪندا هئا، پر جيڪو ڪائنن ذڪر متعلق پڇندو هو تہ ان تي بيحد سُرها ٿيندا هئا. ذڪر وارن جي تسلي ۽ ترغيب واسطي قرآن پاڪ، حديث شريف مان وڏيون فضيلتون بيان ڪندا هئا. ان ڪان سواءِ سندن هي فرمان، ذڪر ڪندڙن جا چهرا حياتي ۽ قبرن ۾ بہ روشن هوندا. (27 /1) ذڪر ڪندڙن جا اسين قيامت ۾ ذميدار آهيون. (1/28) ذڪر ڪندڙن سان اسان جو واعدو آهي تہ سڪرات مهل توڙي قبر قيامت ۾ انهن جي ايمان ۽ بخشش جا ضامن اسين آهيون. (27 /1) اسان ڏاڍيان (جهري) ذڪر کي وڏيڪ سمجهون ٿا. (30 /1) ذڪر وارن لاءِ تسلي جو باعث آهن.

اهڙي طرح ملفوظات شريف ۽ خزانة المعرفت (ملفوظات حضرت پير سائين تجر ڌڻي قدس سره) ۾ 44 ارشادات (نقل) مبارڪ ذڪر جي فضيلت متعلق تسلسل سان آيل آهن.

ان بعد خاندانِ راشديہ جي بزرگن، حضرت پير سائين سردار دامت برڪاتهم جي ذات تائين، جي ڪتابن ۽ خطابن ۾ ٻين نيڪ عملن جي حڪم سان گڏ ذڪر جو تاڪيدي حڪم، ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ هي جماعت "ذڪر واري جماعت آهي".

اصل ۾ هي ڪتاب امام العارفين حضرت پير سائين سيد

www.maktabah.org

محمد راشد روضي ڌڻي ﷺ جي طريقي جي ذڪر بابت آهي، جنهن ۾ قرآن پاڪ، حديث مبارڪ، اقوال صوفياءِ سان نهايت ئي سهڻي طريقي سان محقق ڪيو ويو آهي ۽ ٻولي به اهڙي عام رکي وئي آهي، جو علماء سان گڏ عام ماڻهن به ان مان چڱيءَ ريت مستفيض ٿيندو.

فقير علامه الله ورايو سڪندري (مرڪزي ناظم نشر و اشاعت جمعيت علماءِ سڪندريه) تمام وڏي جدوجهد ڪئي آهي. سڪندري اصلاحي پروگرامن جي حوالي سان وڏو متحرڪ ماڻهو آهي، جنهن جون تفصيلي تحريرون اسان مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ پڙهندا رهون ٿا. سندن نالو اسان لاءِ نئون ڪونهي، پر ڪتابي صورت ۾ سندن هي ڪوشش ضرور نئين آهي. ڪتاب جي ترتيب ۽ تحقيق مان ائين پيو محسوس ٿئي، ڄڻ ته هي قدم سندن نئون ناهي. پاڻ ڪتاب کي مستند ۽ معياري بڻائڻ لاءِ وڏي جستجو ۽ تحقيق کان ڪم ورتو اٿن. آئون سمجهان ٿو ته ذڪر جي حوالي سان جيڪا کوٽ محسوس پئي ٿي، هيءَ ڪتاب ان کي پوري ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.

الله تعاليٰ جي حضور ۾ دُعا آهي ته علامه صاحب جي علم و عمل ۾ برڪتون پون جو اسان جي هٿن ۾ هھڙا املهه ڪتاب ايندا رهن.

**سيد غلام مجتبيٰ شاهه سڪندري**
مدرّس شعبه فارسي
جامعه راشديه درگاهه شريف
پير جو ڳوٺ

www.maktabah.org

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

نحمده و نصلي و نسلم على رسوله الكريم

## باب پهريون

# ذڪر جي تعريف، ان جا درجا ۽ قسم

”ذڪر“ جي لفظ مبارڪ ۾ تمام گهڻي وسعت آهي. لفظ مختصر، پر معنيٰ، مفهوم ۽ مقصد تمام گهڻو. جيئن ڪو سمنڊ ڪوزي ۾ بند هجي، ان طرح سان اهو لفظ به پنهنجي اندر تمام عبادات ۽ معاملات کي سمائي ٿو. ذڪر جي معنيٰ آهي ياد ڪرڻ، جنهن جو تعلق دل سان هوندو آهي، زبان سان ذڪر ڪرڻ کي به ان جي ڪري ذڪر سڏيو وڃي ٿو، جو زبان دل جي ترجمان آهي. قلب جون ڳالهيون زبان سان بيان ڪيون وينديون آهن.

## ذڪر جي عام تعريف

هر اهو عمل، جيڪو الله تعالىٰ ﷻ ۽ سندس محبوب حضرت محمد رسول الله ﷺ جي ارشادات جي بجاآوري ۽ تعميل ۾ انهن جي رضا جي لاءِ ڪيو وڃي، ذڪر آهي. چاهي ان جو تعلق عبادات سان هجي جيئن نماز، روزو وغيره يا اهو معاملات سان متعلق هجي، جيئن والدين جي خدمت، اولاد جي تربيت، مرد ۽ عورت جي حقن جي ادائگي، روزگار جي حصول لاءِ حلال ۽ حرام جو فرق ڪندي محنت ۽ مشقت ڪرڻ وغيره وغيره اهو سڀ ذڪر آهي.

مطلب ته ذڪر تمام وڏي عبادت آهي، جيڪا سمورين

www.maktabah.org

عبادتن تي حاوي آهي. ان لاءِ نماز، روزي ۽ حج جا وقت مقرر آهن ۽ طريقا بہ متعين آهن. ڪجھہ پابنديون ۽ شرائط آهن، مخصوص احڪام آهن، پر ذڪر لاءِ ڪي بہ مخصوص احڪام نہ آهن. بلڪ هڪ ئي حڪم آهي تہ گهڻي ڪان گهڻو (اٿندي، ويهندي، گهمندي ۽ ڦرندي) ذڪر ڪريو ۽ الله جي قدرت، زمينن ۽ آسمانن ۾ غور و فڪر ڪندي، ڏسندا رهو ۽ الله جي قدرت جو اعتراف ڪندا رهو، اها عقلمندي ۽ سمجهداري جي خوبي آهي. هن ڪائنات جي هر شيءِ تي غور و فڪر ڪرڻ خالق اڪبر ﷻ جي ڪامل قدرت جو اعتراف ڪرڻ بہ ذڪر آهي. انساني ڪمالات بہ دراصل الله تعالیٰ جي قدرت جا ڪمال آهن، انسان تہ صرف انهن جو مظهر آهي.

## ذڪر الـهي جا درجا

حضرت امام حجة الاسلام حضرت امام ابوحامد محمد بن محمد غزالي رحمة الله عليه پنهنجي مشهور ڪتاب "ڪيمياءِ سعادت" ۾ ذڪر جي حقيقت بيان ڪندي فرمائين ٿا تہ ذڪر جا چار درجا آهن:

(1) زبان تي الله جو ذڪر جاري هجي، پر دل ان ڪان غافل رهي. ان ذڪر جو اثر جيتوڻيڪ ٿورو ٿئي ٿو، پر اثر وارو ضرور هوندو آهي، ڇو تہ زبان جيڪا الله جي ذڪر ۾ مشغول هوندي آهي، سا ان زبان ڪان ڪيترا ئي درجا افضل آهي، جيڪا فحش ڳالهين ۾ مصروف رهي ٿي. ملفوظات شريف ۾ اهڙي ذڪر ڪندڙ جي روايت هن طرح آهي:

حضرت عارف بالله الودود فقير خليفہ محمود رحمة الله عليه جن ملفوظات ۾ نقل بيان ڪيو آهي تہ خليفي صاحبڏني قوم ٻانيڻ ڪان منقول آهي تہ آئون ٽہ ملڪ ۾ مينهون چاريندو هئس، هيڪر بہ مينهون وٿاڻ تي ڪونہ آئيون، انهن جي ڳولا لاءِ رات جو

www.maktabah.org

نڪتس، ڳوليندي جبل ڪوهماڙ ڪان اچي لنگهيس، اتي هڪ طرف ڪان ذڪر شريف جو آواز ٻڌم. دل ۾ چيم تہ ڪو پير سائين قدس سره جي مريدن مان ذڪر ڪري ٿو، جيڪر وڃي ان سان صحبت ڪريان. جڏهن اتي پهتس، ڏٺم تہ هڪ مقبرو آهي، جنهن مان ذڪر شريف الله، الله، الله جو آواز پيو اچي. خيال ڪيم تہ هي قبر جبل ۾ ڪوٺيل آهي. جنهن جي ڪڏ ٿورڙي هوندي، اها ڪوٺي ذڪر واري ميت سان ملاقات ڪيان، جڏهن قبر ڪوٺيم تہ ذڪر ڪان چپ ٿي وئي. ڏٺم تہ ميت جا هڏا پيا آهن. مان لڄي ٿي وري قبر ناهڻ لاءِ تيار ٿيس، ايتري ۾ ميت جي مٿي مان آواز الله، الله، الله جو بلند ٿيو. چنانچ ڏٺم تہ سندس مٿو اُوهين جيئرو هو ۽ اکيون پٽيون ڏسي پيو ۽ سندس ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار پاڻيءَ سان آلا هئا. چيو مانس تہ تون ڪنهن جو مريد آهين ؟ چيائين تہ مان لائق مريدي جو ناهيان، پر حضرت پير سائين قدس سره جن جو سگدر آهيان. پوءِ پڇيومانس تہ تنهنجا سمورا عضوا ڳري ويا آهن، باقي تنهنجو مٿو جيئرو آهي. ان جو سبب ڪهڙو آهي؟ چيائين تہ ٻي ادبي جي پاران، جو تہ اسان کي مرشد ڪريم فرمايو هو تہ زبان سان لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چوندا ڪيو ۽ دل ۾ ان جي معنىٰ ايئن سمجهو تہ "الله سائين عز اسمه ڪان سواءِ ڪا شيءِ نہ آهي" پر مان زبان سان ذڪر ڪندو هئس، پر دل سان اها معنىٰ حاضر نہ رکندو هئس. انهيءَ ڪري مٿو منهنجو جيئرو آهي ۽ ٻي ڳري ويو، باقي هڏا وڃي بچيا آهن. (ملفوظات 33)

(2) زبان تي الله جو ذڪر جاري هجي ۽ دل ۾ بہ ان جو اثر موجود هجي، پر اهو اثر دل تي تڪلف (زور ڏيڻ) سان ۽ توجه سان قائم رهندو هجي. توجه ۽ تڪلف ڪان سواءِ وري دل غافل ٿي ويندي هجي.

www.maktabah.org

(3) دل ۾ الله جو ذڪر اهڙو ته ڄمي وڃي، جو ٻين ڪمن ڏانهن، ان ڪي متوجه ڪرڻ ۾ گهڻي ڪوشش ڪرڻي پوندي. اهڙو ذڪر تمام وڏو درجو رکي ٿو.

(4) ذاتِ خداوندي دل ۾ ائين سمائجي وڃي، جو ذڪر ڪرڻ کان سواءِ ئي ذاتِ الٰهي دل ۾ وسي وڃي. ڇو ته هڪ اهو ماڻهو آهي، جنهن جي دل الله جي ذڪر ڪي دوست رکندڙ آهي ۽ ٻيو اهو ماڻهو آهي، جنهن جي دل الله جي ذات کي پيارو رکي ٿي، ته ٻنهي ۾ وڏو فرق آهي. (ڪيمياءِ سعادت: ص148)

انتهائي ڪمال اهو آهي ته دل جي دنيا ۾ صرف مذڪور (ذڪر واري ذات) ئي يعني الله تعاليٰ جي ذات بابرڪات هجي. هر طرح سان دل ان جي ٿي وڃي ۽ دل ۾ ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هجي. ان مقام کي عشق جو نالو ڏنو ويو آهي. انسان ما سوي الله کان بلڪل بي خبر ٿي وڃي ۽ صرف ۽ صرف باري تعاليٰ جي ياد ۾ مستغرق رهي، سڀ ڪي نيست ۽ ان ذات والا صفات کي هست ڄاڻي. (ملفوظات شريف)

امام العارفين حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره جن جي عشق ۽ محبت الاهي جو هي مثال ڪيڏو نه سهڻو آهي:

حضرت خليفو محمد حسين مهيسر رحمه الله جن فرمائين ٿا ته هڪ ڏينهن حضرت پير دستگير قدس سره جن مسجد شريف کان پنهنجي حويلي مبارڪ ڏانهن اچي رهيا هئا ته رستي تي (پنهنجي) صاحبزادي ميان محمد ياسين شاهه (اول) کي (جيڪو ننڍڙو هو) مٽيءَ ۾ پيريل هو پاڻ وٽس ويهي، سندس منهن ۽ مٿو صاف ڪري هنج ۾ ويهاريائون. ان ئي مهل ڏٺم ته حضرت مرشد ڪريم جن جي منهن مبارڪ جو رنگ بدلجي ويو، پاڻ واپس ٿي مسجد شريف ۾ مراقبو ڪري ويهي رهيا. ايتري ۾ ڪنهن

www.maktabah.org

ماڻهوءَ اچي ٻڌايو تہ صاحبزادي ميان محمد ياسين کي الائي ڇا ٿي ويو آهي؟ جو پنهنجي هوش ۾ ڪونهي ۽ سڪرات واري حالت ٿي وئي اٿس. (تنهنڪري حضرت جن کي هلڻ گهرجي) مگر پير سائين جن پنهنجي منهن مبارڪ کي مراقبي مان مٿي ئي نہ ڪنيو. ايتري ۾ ٻہ ٽي ٻيا ماڻهو بہ پاڻ ڪريمن کي سڏڻ لاءِ آيا. نيٺ صاحبزادي جي وفات جي خبر آئي. پوءِ پاڻ مراقبي مان مٿو مبارڪ کڻي شڪراني جو نفل پڙهيائون. سلام کان پوءِ جماعت ڏانهن منهن مبارڪ ڪري وينا ۽ فرمايائون تہ اي ڀائرؤ! محبوب جي حالت کي زبان سان ٻُڌائڻ تہ مشڪل آهي، پر اوهان جي هدايت خاطر توهان کي ڪجهہ ٻُڌايان ٿو جو الله تبارڪ و تعاليٰ جي ذات پاڪ ايتري تہ غيرت واري آهي، جو جيئن سرور عالم ﷺ جن فرمايو آهي تہ آئون غيرت وارو آهيان ۽ مون کان وڌيڪ الله تعاليٰ کي غيرت آهي. هڪ گهڙيءَ ۾ رب العزت ايتري تہ غيرت ۾ اچي ويو، جو اوهان پاڻ ڏٺو! جن ماڻهن مال، عيال ۽ پنهنجي جان سان ايتري دل لاتي آهي سي (محبتِ الهٰي جي) ڪهڙي حجت ڪندا؟ ائين فرمائيندا رهيا ۽ اکين مبارڪن مان موتين جهڙا لڙڪ ڳاڙيندا رهيا ۽ جملہ جماعت روڄ راڙي، وجد ۽ مستي ۾ مستغرق هئي. ڪافي وقت گذري ويو، پر زبان ان حُسنِ بيانِ (جي ڪيفيت) ٻڌائڻ کان گونگي آهي. گهڻي وقت کان پوءِ پاڻ اُٿيا ۽ صاحبزادي جي ڪفن دفن وغيره ۾ شامل ٿيا.

(صحبت نامون ص65 ملفوظات ج2 ص65-464)

هيءُ حضرت پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي قدس الله سره جو الله تعاليٰ جي ذات سان محبت جو نرالو مقام آهي. جيترو اهل دل غور و فڪر ڪندا تہ هن مقام جي معرفت ۽ بلندي ايترو وڌيڪ جلوو ظاهر ڪندي. حضرت روضي ڌڻي رهبر قدس سره جن جي زندگي ذڪر الهٰيءَ جي انوارن سان رنگيل هئي. پاڻ انهيءَ فيض کي امت لاءِ عام ڪيو آهي.

www.maktabah.org

حديث شريف ۾ آهي تہ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ سان دلين مان گناهن جي ميراڻ ۽ ڪاراڻ دور ٿئي ٿي ۽ دل جو آئينو صاف ۽ قلعي ٿي وڃي ٿو.

حضرت سيدنا عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله عنهما بيان ڪن ٿا تہ رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ جيئن لوهہ کي ڪَٽُ لڳي ٿي، ان طرح سان دلين کي بہ ڪَٽُ چڙهي ٿي. پاڻ ڪريمن ﷺ کي عرض ڪيو ويو تہ يارسول الله ﷺ! اها ڪَٽُ ڪيئن صاف ٿيندي؟ پاڻ ڪريمن ﷺ ارشاد فرمايو تہ قرآن ڪريم جي گهڻي تلاوت ڪرڻ سان ۽ الله ﷻ جو گهڻو ذڪر ڪرڻ سان (اها ڪَٽُ لهي وڃي ٿي ۽ دليون صاف ٿي وڃن ٿيون).
(ڪنزالعمال: رقم الحديث 3924)

نماز، قرآن جي تلاوت، قرآن ۽ حديث جو درس ڏيڻ، اهي سڀ الله ﷻ جي ذڪر جا قسم آهن، پر سڀ کان افضل ذڪر "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ" پڙهڻ آهي.

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ: اَفْضَلُ الذِّكْرِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ آهي ۽ پلي زور دعا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ آهي. (ترمذي، ابن ماجہ، مشڪواة حديث: 2356)

حضرت امام العارفين حضرت سيد محمد راشد ﷺ جن ملفوظات شريف ۾ حديث مبارڪ کان نقل فرمايائون تہ جيڪو شخص هڪ دفعو ڪلمو طيب يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ سچي دل سان پڙهندو تہ ان کي الله تعاليٰ بنا حساب جي بهشت ۾ داخل فرمائيندو.

ٻي حديث مبارڪ بيان فرمايائون تہ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جو ذڪر شريف گناهن کي اهڙي طرح ڳاري ٿو ڇڏي، جيئن سج برف کي.
(ملفوظات)

www.maktabah.org

الله تعاليٰ جو ارشاد آهي توهان مون کي ياد ڪريو، مان توهان کي ياد ڪندس. (القرآن)

الله تعاليٰ جي ياد مومن جو اصل سرمايو آهي. الله تعاليٰ جي فرمان موجب اطاعت سان، رب پاڪ جي ذڪر ڪرڻ سان الله تعاليٰ جي مدد ۽ نصرت حاصل ٿيندي. اطاعت جي هڪ صورت الله جو ذڪر ڪرڻ آهي، الله تعاليٰ وري مغفرت جي صورت ۾ ٻانهن کي ياد فرمائيندو ۽ ثواب کان محروم نہ ڪندو آهي. جڏهن ٻانهو گهڻي ذڪر تي هميشگي اختيار ڪندو تہ ان جي قلب ۾ الله جي محبت، قرب ۽ پيار وڌندو ۽ مضبوط ٿيندو ۽ پوءِ ذاڪر ٻندو، ولايت جي بلند بالا مقام تائين وڃي رسندو آهي.

امام رباني فرمايو ياد رهي تہ ولايت، الله تعاليٰ جو وڏو انعام آهي، جيڪو ذاڪر ٻانهو شريعت پاڪ سنتِ رسول ﷺ جو پابند هوندو، صراط مستقيم تي هلندڙ هوندو، اها نعمت ان کي ملندي آهي. انهيءَ روحاني راهہ سان "وصول الي الله" ممڪن آهي ۽ ان صراط مستقيم جي مُنتهيٰ "الله ﷻ" آهي.

اهڙن ذاڪر ٻانهن جي وجود جو هر ذرو الله جي ذڪر (ياد) سان پُر آهي. ذاڪر ٻانهي کي رهبر مرشد جي ضرورت هوندي آهي. اولياء الله جي صحبت ۽ معيت سان سلوڪ جون راهون روشن ٿينديون آهن. اولياء الله جي صحبت جيڪڏهن ميسر هجي تہ انهيءَ کي غنيمت ڄاڻڻ گهرجي ۽ پنهنجي پاڻ کي انهن جي حوالي ڪرڻ کپي. (مڪتوب امام رباني: مڪتوب نمبر197)

## ذڪر جا قسم

ذڪر جا ٽي قسم آهن:

(1) **لساني ذڪر**: لساني ذڪر زبان سان ٿيندو آهي. "الله" جي اسم ذات جو ذڪر، صفات جو ذڪر، الله جي پاڪ اسماءِ حُسنيٰ

www.maktabah.org

(سهڻن نالن) جو ذڪر ڪرڻ، تسبيح، تقديس، ثنا وغيره بيان ڪرڻ، خطبه، توبه، استغفار ۽ دُعا وغيره ان ۾ شامل آهن.

(2) **قلبي ذڪر**: دل سان الله ﷻ جو ذڪر ڪرڻ، جو دل ذاڪر تي وجي. الله تعالىٰ جي نعمتن کي ياد ڪرڻ، ان جي عظمت، ڪبريائي ۽ ان جي قدرت ۾ غور و فڪر ڪرڻ، علماء ڪرام جو شرعي مسئلن بابت استنباط ڪرڻ لاءِ غور و فڪر ڪرڻ. قرآن و حديث مان فقهي مسئلا اخذ ڪرڻ بہ ان ۾ داخل آهي.

(3) **ذڪر بالجوارح**: جسم جي عضون سان ذڪر ڪرڻ، نماز، روزو، زڪواة، حج ڪرڻ، بدن جي عضون کي الله جي بندگي ۾ مصروف رکڻ، امر ٿيل ڪمن جي تعميل ڪرڻ ۽ منع ٿيل ڳالهين کان پري رهڻ، اهو ذڪر بالجوارح آهي.

نماز ٽنهي قسمن جي ذڪر تي مشتمل آهي. تڪبير، تسبيح، ثناء ۽ قرائت لساني ذڪر آهن. خشوع، خضوع ۽ اخلاص قلبي ذڪر آهن. قيام، رڪوع، سجدا، قعده وغيره ذڪر بالجوارح آهن. سبحان الله! نماز درست طريقي سان ادا ڪرڻ سان وڏو فائدو ملي ٿو.

الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ: وَلَذِكْرُ اللَّهِ أَكْبَرُ

(پ 21، سورة العنڪبوت آيت45)

بيشڪ الله جو ذڪر تمام وڏو آهي.

(بيان الرحمٰن في ترجمة القرآن)

الله جو ذڪر بين طاعتن ۾ افضل آهي. قيامت ۾ ذڪر ڪرڻ وارن کي وڏو درجو ملندو، باقي جيڪو الله تعالىٰ جو ذڪر نہ ڪندو، ان لاءِ فرمان باري تعالىٰ آهي:

"ترجمو: پوءِ ويل آهي انهن دلين لاءِ، جيڪي الله جي ذڪر کان سخت آهن. اُهي صاف گمراهيءَ ۾ آهن"

(سيپارو 23، سورة زمر، آيت:22)

www.maktabah.org

نفس جڏهن خبيث ٿيندو آهي ته حق ڳالهه قبول ڪرڻ کان ان کي دوري ٿي ويندي آهي ۽ الله جي ذڪر ٻڌڻ کان ان جي سختي دوري ۽ ڪدورت وڌندي آهي. جيئن سج جي روشني سان ميڻ نرم ۽ لوڻ سخت ٿئي ٿو، اهڙيءَ طرح مومنن جا قلب، الله جي ذڪر سان نرم ٿيندا آهن ۽ ڪافرن جون دليون سخت ٿينديون آهن. گهڻو الله جو ذڪر فلاح جو ضامن آهي. ذڪر دل جي حضور سان ڪرڻ گهرجي. ذڪر کان غفلت ڪرڻ وارن تي شيطان غالب اچي ٿو. ذاڪرن جي جماعت سان رهڻ گهرجي ته دل ذاڪر ٿئي.

حضرت مولانا رومي رحمه الله فرمايو آهي:

*گر تو خواہی در دو عالم آبرو،*

*ذکر او کن ذکر او کن ذکر او۔*

جيڪڏهن تون دنيا ۽ آخرت ۾ آبرو عزت گهرين ٿو ته الله تعالىٰ جو ذڪر ڪر. ان جو ذڪر ۽ بس ان جو ذڪر ڪندو رهه.

عارف بالله مولانا روم قدس الله سره فرمائين ٿا:

*ہر کہ دیوانہ بود در ذکر حق،*

*زیر پایہ عرش کرسی ہے طبق۔*

جيڪو ماڻهو الله تعالىٰ جي ذڪر ۾ ديوانو (مست) ٿي ويو، ته عرش، ڪرسي ۽ ست ئي آسمانن کان ان جي پرواز مٿي ويندي،

www.maktabah.org

باب ٻيون

# قرآن ڪريم جي روشنيءَ ۾ ذڪر الاهي جي اهميت

قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ جي ذڪر جي باري ۾ ڪافي آيتون نازل فرمايون ويون آهن. (1) الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته:
فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ (سورة البقره، آيت: 152)

يعني: پوءِ توهان مون کي ياد ڪريو، آئون توهان کي ياد ڪندس ۽ توهان منهنجو شڪرانو مڃو ۽ منهنجي ناشڪري نه ڪريو.

مؤمن ٻانهو جڏهن الله تعاليٰ کي ياد ڪري ٿو ته الله به ان کي ياد فرمائي ٿو. انسان جي ياد ڪرڻ جون صورتون مختلف آهن ته الله تعاليٰ جي ياد ڪرڻ جون صورتون به مختلف آهن. ٻانهو جنهن صورت ۾ الله تعاليٰ کي ياد ڪندو آهي ته الله تعاليٰ ان کي ان کان بهتر صورت ۾ ياد ڪندو آهي.

فخرالعلماء، امام فخرالدين رازي، امام المفسرين نظام الدين حسن بن محمد نيشاپوري ۽ علامه ابوحيان محمد بن يوسف اندلسي غرناطي رحمهم الله تعاليٰ جن "فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ" جي تفسير ۾ جيڪو ڪجهه تحرير فرمايو آهي، اهو اهلِ ذوق واسطي هتي ذڪر ڪجي ٿو:

اُذْكُرُوْنِيْ بِطَاعَتِيْ اَذْكُرْكُمْ بِرَحْمَتِيْ

توهان مون کي اطاعت سان ياد ڪيو، مان توهان کي رحمت سان ياد ڪندس.

www.maktabah.org

اُذْكُرُوْنِيْ بِالدُّعَآءِ اَذْكُرْكُمْ بِالْاِجَابَةِ وَالْاِحْسَانِ

توهان مون کي دعا سان ياد ڪيو، مان توهان کي قبوليت ۽ احسان سان ياد ڪندس.

اُذْكُرُوْنِيْ بِالثَّنَآءِ وَالطَّاعَةِ اَذْكُرْكُمْ بِالثَّنَآءِ وَالنِّعْمَةِ

توهان مون کي حمد و ثنا ۽ اطاعت سان ياد ڪيو، مان توهان کي ذڪر، خير ۽ انعام و اڪرام سان ياد ڪندس.

اُذْكُرُوْنِيْ فِي الدُّنْيَا اَذْكُرْكُمْ فِي الْاٰخِرَةِ

توهان مون کي دنيا ۾ ياد ڪيو، مان توهان کي آخرت ۾ ياد رکندس.

اُذْكُرُوْنِيْ فِي الْخَلَوَاتِ اَذْكُرْكُمْ فِي الْفَلَوَاتِ

توهان مون کي تنهائين ۾ ياد ڪيو، مان توهان کي وسعتن ۾ ياد رکندس.

اُذْكُرُوْنِيْ فِي الرَّخَآءِ اَذْكُرْكُمْ فِي الْبَلَآءِ

توهان مون کي خوشحالي ۾ ياد ڪيو، مان توهان کي (توهان تي مصيبت اچڻ وقت) ياد رکندس.

اُذْكُرُوْنِيْ بِمُجَاهَدَتِيْ اَذْكُرْكُمْ بِهِدَايَتِيْ

توهان مون کي جهاد ۽ مجاهده سان ياد ڪيو، مان توهان کي هدايت سان ياد رکندس.

اُذْكُرُوْنِيْ بِالصِّدْقِ وَالْاِخْلَاصِ اَذْكُرْكُمْ بِالْخَلَاصِ وَمَزِيْدِ الْاِخْتِصَاصِ

توهان مون کي سچائي ۽ اخلاص سان ياد ڪريو، مان توهان کي مصيبتن کان ڇوٽڪارو ڏياري ۽ وڌيڪ پنهنجو مقرب بڻائي رکندس.

www.makhtabah.org

أُذْكُرُوْنِيْ بِالرُّبُوْبِيَّةِ فِي الْفَاتِحَةِ    أَذْكُرْكُمْ بِالرَّحْمَةِ وَالْعُبُوْدِيَّةِ فِي الْخَاتِمَةِ

توهان مون کي هر ڪم جي شروعات ۾ منهنجي ربوبيت جو اقرار ڪندي ياد ڪيو، مان توهان کي هر ڪم جي پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي رحمت ۽ عبوديت جو مزو عطا ڪري ياد ڪندس.

(التفسير الكبير للفخر الدين رازي ص26 ج4- البحر المحيط لابي حيان اندلسي ص446ج1- غرائب القرآن لنظام الدين ص49ج4)

الله ﷻ جي اطاعت، بندگي، ٻانهپ، فرمانبرداري ۾ صبح و شام، رات ۽ ڏينهن حياتي گذاريندڙ خوش نصيب ٻانهي کي رب العالمين پنهنجي رحمتن سان ياد فرمائي ٿو. ٻانهو جيترو وڌيڪ الله تبارڪ و تعاليٰ جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ ۾ زندگيءَ کي گهاريندو، ان کان به وڌيڪ ان جي مٿان الله ﷻ جي رحمت کي جوش ايندو ويندو. اهو جتان جتان گذرندو، الله تعاليٰ جون رحمتون ۽ عنايتون ان کي پنهنجي گهيري ۾ ويڙهينديون وينديون. سبحان الله! اهو اطاعت گذار ٻانهو جتي به ترسندو ويندو ته الله تعاليٰ ان تي پنهنجي خاص لطف ۽ ڪرم نوازين جون لڳاتار رحمت واريون برساتون وسائيندو. جنهن مان نه فقط پاڻ سيراب ۽ فيضياب ٿيندو، پر اُهي سندس سنگتي ساٿي ۽ همنشين جيڪي ساڻس گڏ وينل هوندا ۽ زمين جو اهو حصو به جنهن تي اهو مردِ حق آگاه، اطاعت گذار ٻانهو وينل هوندو آهي، اهي سڀ رحمتن مان مستفيد ٿيندا. خشڪ ۽ پٿر دل انسان به ان جي برڪت سان تر و تازه ۽ نرم دل بنجي ويندا ۽ مُرده دل ان جي برڪت سان نئين زندگي پائيندا.

## الله جي اطاعت انسانيت جو بلند درجو آهي

الله تعاليٰ قرآن حڪيم ۾ ارشاد فرمايو آهي ترجمو: "۽

www.maktabah.org

جيڪو الله تعاليٰ ۽ ان جي عظمت واري رسول (ﷺ) جي فرمانبرداري ڪندو ته اهو يقينًا وڏي ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿي ويندو.“ (سورة الاحزاب آيت:71)

ٻئي مقام تي الله رب العزت ذوالجلال والاڪرام جو فرمان آهي ته: ”۽ جيڪو الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جي اطاعت ڪندو آهي ۽ الله تعاليٰ کان ڊڄندو رهي ٿو ۽ ان جي تقويٰ اپنائي ٿو پوءِ اهڙا ئي خوش قسمت ڪامياب ۽ ڪامران آهن. (سورة النور:52)

الله تعاليٰ جي اطاعت ۾ الله تعاليٰ کي ياد ڪرڻ ڪيترو نه ڀاڳن وارو آهي. ملاحظہ فرمايو: ترجمو: ”۽ جيڪو الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جي فرمانبرداري ڪندو ته اهو خوش نصيب انهن ماڻهن (عظمت وارن) سان گڏ هوندو، جن تي الله تعاليٰ انعام ڪيا آهن، اهي انبياء ڪرام عليهم السلام صديقَ، شهيدَ ۽ صالح آهن ۽ اهي ڪيترا نه سنا ساٿي آهن.“ (سورة النساء آيت:69)

”۽ جيڪو الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جي فرمانبرداري ڪندو ته الله تبارڪ و تعاليٰ ان کي اهڙن باغن (جنتن) ۾ داخل فرمائيندو، جنهن جي هيٺان نهرون وهندڙ هونديون ۽ اهي انهن جنتن ۾ هميشہ رهندا ۽ اها ئي درحقيقت وڏي ڪاميابي آهي.“ (سورة النساء آيت:12)

جيڪڏهن ٻانهو دعا جي ذريعي پنهنجي خالق ۽ مالڪ کي ياد ڪري ته اهو رحمٰن رحيم ﷻ ان کي قبوليت جي صورت ۾ ياد فرمائيندو. فقط دعا کي قبول نہ فرمائيندو آهي، بلڪہ ان تي احسان بہ فرمائيندو آهي. هي اها ذات ڪريم آهي، جنهن جي دروازي مبارڪ تي جيڪو بہ هٿ ڦهلائيندو آهي، ان کي محروم نہ ڪندو آهي.

www.maktabah.org

حضرت سلمان فارسي ﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ ارشاد فرمايو تہ بيشڪ توهان جو رب بيحد ڪريم ۽ حيادار آهي. الله تبارڪ و تعالىٰ ان ٻانهي جي هٿڙن کي خالي موٽائڻ ۾ حيا فرمائي ٿو جيڪو پنهنجا هٿڙا پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ مٿي کڻي ٿو. (جامع الترمذي- سنن ابي داؤد)

الله تبارڪ و تعالىٰ جو فرمان مبارڪ آهي تہ ”(اي منهنجا حبيب!) ۽ جڏهن اوهان کان منهنجا ٻانها منهنجي متعلق پڇن تہ (انهن کي ٻڌايو) مان انهن جي بلڪل ويجهو آهيان. دعا ڪندڙ جڏهن دعا ڪندو آهي تہ مان ان جي دعا کي قبول ڪندڙ آهيان.“ (سورة البقرة آيت:186)

مفسرِ قرآن ضياء الامة پير محمد ڪرم شاہ ازهري رحمة الله عليہ تفسير ضياءُ القرآن ۾ ان آيت جي تفسير ڪندي، تحرير فرمايو آهي تہ: ”مصيبتن جي هجوم ۽ طوفان ۾ ۽ هلاڪت جي کُنن ۾ گهيريل ۽ ٿاڪل شڪست دل ۽ پريشان حال انسان جي لاءِ هي آيت ڪريمہ ڪيتري تہ پياري آهي. هنن چند مختصر الفاظن ۾ ڪيترو تہ روح پرور پيغام آهي. ٿورڙو غور تہ ڪيو ”اِنِّيۡ قَرِيۡبٌ“ جي ٻن لفظن ۾ راحت ۽ اطمينان جي هڪ دنيا ويڙهي رکي وئي آهي. بي بهار جي بادِ سحر ۾ ۽ ٻئي ڪنهن بادل جي زندگي بخشيندڙ قطرن ۾ اهو اثر ڪٿي آهي، جيڪو هنن ٻن لفظن مان ملي ٿو. ڏکن ۽ دردن جو ستايل جڏهن هي ٻڌي ٿو تہ منهنجو مالڪ، منهنجو خالق مون کان جدا ۽ ايترو پري ناهي، جو ان کي منهنجي حال جو علم نہ هجي ۽ ان کي منهنجي رنج و الم جي خبر نہ هجي، بلڪ اهو تہ ايترو ويجهو آهي جو ساهہ واري رڳ بہ پري آهي تہ ان ٻانهي کي قرار اچي ٿو ۽ مطمئن ٿي وڃي ٿو. توهان جي زبانن تي آيل ڳالهہ تہ ڇا ۽ توهان جي دلين ۾ دفن ٿيل

www.maktabah.org

راز تہ چا، جيڪي ڳالهائڻ واري قوت کي منهن ڏيکارڻ کان شرمائن ٿا. فڪرات ۽ سوچ جا اهي نازڪ ۽ نفيس شيشا جيڪي هوائي صوتي لهر کي بہ برداشت نہ ٿا ڪري سگهن، اللہ تعالىٰ انهن سيني حالتن کي سڃاڻي ٿو. اهو قادر بہ آهي تہ رحمٰن ۽ رحيم بہ آهي. توهان سوالي هٿ ڊگهو تہ ڪري ڏسو، توهان دامنِ طلب ڦهلائي تہ ڏسو. توهان دل جي هٿن سان ان جي رحمت واري دروازي تي دستڪ ڏئي تہ ڏسو. اهو توهان جون هر دعائون ۽ فريادون قبول فرمائيندو ۽ توهان جون ڦٽل قسمتون پڻ بدلائي ڇڏائيندو. سبحان اللہ! (ضياء القرآن: ص 126 ج1)

اللہ تعالىٰ جي حمد ۽ ثنا انسان تي فرض آهي. جنهن ذات هر قسم جون نعمتون انسان لاءِ پيدا ڪيون، ان ذاتِ ڪبريا جي تعريف و توصيف ڪرڻ هر فردِ بشر تي لازم آهي. ڀانهو حمد و ثنا جا ڪلما ادا ڪري ان جي تعريف ڪري سگهي ٿو. ان جي پاڪ ڪلام جي تلاوت ان جي تعريف جي زمري ۾ اچي ٿي. ان جي محبوب مڪرم، نور مجسم ﷺ جي پاڪيزه ڪلام کي حرز جان بنائڻ بہ درحقيقت اللہ تعالىٰ جي تعريف ئي آهي. ان جي تخليقات ۾ غور و فڪر ڪري، ان جي ربوبيت جو اقرار ڪرڻ ان جي عمده تعريف آهي. صبح و شام ان جي تسبيح ۽ تقديس جا ترانا ڳائڻ ۽ ان جي تحميد ۽ تمجيد جو ورد ڪرڻ ان جي تعريف آهي. الغرض ڪنهن بہ رنگ ۾ ان جي تعريف ۽ توصيف ڪجي تہ اها حمد و ثنا جي زمري ۾ اچي ٿي.

اللہ تعالىٰ جي حمد و ثنا ۾ مصروف رهڻ واري کي اللہ تعالىٰ بہ پنهنجي پلن نالن سان ياد فرمائيندو آهي ۽ ”فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ“ وارو واعدو پورو فرمائيندو آهي. اللہ رب العزت ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي واعدي کي پورو ڪرڻ لاءِ مخلوق جي زبان استعمال

www.maktabah.org

فرمائيندو آهي. يعني نيڪ بخت روح هر وقت الله جي ذڪر ۾ مگن رهن ٿا ۽ الله جي حمد و ثنا انهن جي غذا بڻجي وئي آهي. رب جي تعريف ۽ توصيف کان سواءِ انهن کي ڪو بہ چين نٿو اچي تہ الله تعالىٰ جي مخلوق سندس حڪم سان انهن جي تعريف ۽ توصيف ۾ مشغول ٿي ويندي آهي. حضور سيّدالعالمين محمد رسول الله ﷺ جي تعريف ۽ توصيف جا جيڪا ترانا جهان جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڄي رهيا آهن ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي ذڪر پاڪ جو پرچم عرش اعلىٰ تي لهرائجي رهيو آهي ۽ قُدسين جون زبانون ۽ اشرف المخلوقات جون دليون حضور انور ﷺ جي ذڪر جي مهڪ سان معطر آهن. هي الله تعالىٰ جي واعدي "اَذْكُرْكُمْ" (مان توهان کي ياد ڪندس) جي هڪ جهلڪ آهي.

حضور اڪرم ﷺ جي ڪامل اتباع سنت جي پيرويءَ ۾ ۽ الله ﷻ جي ذڪر ۾ ۽ الله تعالىٰ جي ذڪر کي عام انسانن تائين محنت سان پهچائڻ ۾ پنهنجون زندگيون صرف ۽ وقف ڪندڙن ۾ هي ڪهڙيون نہ سهڻيون هستيون آهن:

(1) حضرت غوث الاعظم سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه.
(2) حضرت داتا گنج بخش لاهوري رحمة الله عليه.
(3) امام العارفين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره.
(4) حضرت امام رباني مجدد الف ثاني فاروقي سرهندي قدس سره.
(5) حضرت پير سائين تجر ڌڻي قدس سره.
(6) حضرت پير سائين محافي ڌڻي قدس سره.
(7) حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه.
(8) حضرت غوث بهاءُالدين زڪريا ملتاني قدس سره.
(9) حضرت مخدوم محمد زمان لنواري وارو قدس سره.
(10) حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليه.

www.maktabah.org

(11) حضرت پير سائين بنگلي ڌڻي قدس سره.
(12) حضرت پير سائين تخت ڌڻي رحمة الله عليه.
(13) حضرت پير سائين ڪوٽ ڌڻي قدس سره.
(14) حضرت پير سائين سورهيه بادشاهه شهيد رحمهم الله تعاليٰ .

۽ اڄ به اڻ ڳڻيا وڏا بزرگ ۽ نيڪ صالح اولياء الله ٻانها جن جي زبان تي رب پاڪ جي تعريف ۽ توصيف هر وقت به جاري و ساري آهي.

هي الله تعاليٰ جي واعدي جي تڪميل آهي. انهن قدسي صفات ٻانهن پنهنجن زندگين جا لمحا الله تعاليٰ جي ياد ۾ گذاريا، انهن جو هر نفس، هر لمحو ياد الاهي ۾ گذرندو رهيو. هاڻي الله تعاليٰ انهن کي اهي عزتون ۽ رفعتون عطا فرمائي رهيو آهي، جنهن جو هن فاني دنيا ۾ رهي تصور به نه تو ڪري سگهجي. حضرت امام مسلم رحمة الله عليه پنهنجي صحيح مسلم ۾ هڪ روايت آندي آهي جنهن جي ذريعي الله تعاليٰ جي واعدي کي سمجهي سگهجي ٿو.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايو ته جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهي سان محبت فرمائيندو آهي ته جبرئيل امين کي گهرائي فرمائيندو آهي ته مان پنهنجي فلاڻي ٻانهي سان محبت ڪيان ٿو، تون به ان سان محبت ڪر. پوءِ حضرت جبرئيل امين آسمان ۾ اعلان ڪندو آهي ته الله تعاليٰ پنهنجي فلاڻي ٻانهي سان محبت فرمائي ٿو، توهان به ان سان محبت ڪيو. پوءِ آسمان جي ساري مخلوق ان سان محبت ڪرڻ لڳندي آهي. پوءِ زمين تي ان ذاڪر ٻانهي جي مقبوليت نازل ڪئي ويندي آهي ۽ ماڻهو ان سان محبت ڪرڻ لڳندا آهن.
(الصحيح المسلم)

www.maktabah.org

آسمان ۽ زمين وارن جي دل الله تعاليٰ جي حڪم سان ان الله تعاليٰ جي ٻانهي سان محبت ۾ سرشار ٿي ويندي آهي، جيڪو هر وقت الله تعاليٰ جي حمد و ثنا ۾ مصروف رهي ٿو ۽ ان جي ذڪر سان پنهنجي جان کي معطر رکي ٿو، پوءِ آسمان ۽ زمين وارا ان جا تذڪرا پنهنجن پنهنجن محفلن ۾ ڪندا رهن ٿا.

اُذْكُرُوْنِيْ بِالثَّنَآءِ وَالطَّاعَةِ اَذْكُرْكُمْ بِالثَّنَآءِ وَالنِّعْمَةِ

توهان مون کي حمد و ثنا ۽ اطاعت سان ياد ڪيو، مان توهان کي ذڪر، خير ۽ انعام و اڪرام سان ياد ڪندس.

ذڪر ڪرڻ وارن کي الله تعاليٰ ڪهڙين ڪهڙين نعمتن سان بهره ور فرمائي ٿو، ان جي حقيقت ڏيڻ وارو ربّ پاڪ ﷻ ڄاڻي يا ذاڪر ٻانهو ڄاڻي. اولياء الله جي محفلن ۾ نوراني روحاني منظر قابلِ ديد هوندا آهن. لکن جي تعداد ۾ مسلمان انهن جي فيض مان فيضياب ٿيندا آهن. انهن بزرگن جا تذڪرا انهن ٻانهن جي زبانن تي هوندا آهن. اولياء الله جون خانقاهون رشد و هدايت ۽ اسلام جي روحاني نظام جا مرڪز آهن، جتان هر هڪ فيض پرائي ٿو، انهن جي دربارن جي رونق ۽ سونهن، شان و شوڪت، دنيا جي بادشاهن جي دربارن کان وڌيڪ هوندي آهي. وقت جا بادشاهه انهن جي دربارن تي پيرين اگهاڙا نظر ايندا آهن.

اڄ جي هن علم و سائنس، ڏاهپ ۽ عقل سان مالامال دور ۾ به اولياء الله جا آستانا انسانن جي محبتن سان معمور آهن. صالحن جو ذڪر نهايت ادب ۽ احترام سان ڪيو ويندو آهي. اهو الله جو انعام آهي. جيڪو ذاڪر ٻانهن کي الله تعاليٰ عطا ڪري ٿو. چئني سلسلن جي بزرگن جي زندگيءَ جا تذڪرا عالم آشڪار آهن ۽ الله تعاليٰ جي پياري حبيب ﷺ فرمايو آهي ته صالح ٻانهن

www.maktabah.org

جو تذڪرو ڪرڻ وارن جا گناهہ معاف ٿين ٿا.

اُذْكُرُوْنِيْ فِي الدُّنْيَا اَذْكُرْكُمْ فِي الْاٰخِرَةِ

توهان مون کي دنيا ۾ ياد ڪيو، مان توهان کي آخرت ۾ ياد رکندس.

فاني شيءِ ڏيئي، باقي (بقا واري) شيءِ وٺندڙ انسان تمام داناءَ ۽ بينا آهن. دنيا فاني آهي يعني ختم ٿيندڙ آهي، هميشہ رهڻ واري ناهي، جيڪو دنيا جي چند ساهہ جون گهڙيون الله جي ذڪر ۾ بسر ڪندو آهي تہ الله رب العزّت ان کي باقي رهندڙ آخرت ۾ ياد فرمائيندو ۽ آخرت ۾ جنهن کي پروردگار ياد ڪري ان کي ڪنهن بہ فڪر ۽ تردد جي ضرورت نہ آهي. حديث پاڪ ۾ آهي تہ ”قيامت جي ڏينهن هڪ مفلس ۽ بدڪار ماڻهو جيڪو پنهنجي عملن جي سببان مايوس ٿي چڪو هوندو، ان کي الله تعاليٰ فرمائيندو ڇا تون فلاڻي محلي ۾ فلاڻي عارف کي سڃاڻندو هئين؟ اهو جواب ڏيندو تہ هائو منهنجا مولا! مان ان عارف کي سڃاڻندو هئس. الله تعاليٰ فرمائيندو تہ مون توکي ان جي طفيل بخشي ڇڏيو.“

(نفحات الانس للعارف الجامي: ص1750-
تذڪره مشائخ نقشبنديہ للتوڪلي: ص2)

اُذْكُرُوْنِيْ فِي الْخَلَوَاتِ اَذْكُرْكُمْ فِي الْفَلَوَاتِ

توهان مون کي تنهائين ۾ ياد ڪيو، مان توهان کي وسيع بيابانن ۾ ياد رکندس.

گوشہ تنهائي ۾ الله تعاليٰ جي ذڪر کي پنهنجو وِرُونهہ، مُونس ۽ غمخوار بڻايو، خلوت خانن کي الله تعاليٰ جي ذڪر سان مُنوَّر ڪيو، تنهائي جي لمحن ۾ ذڪر الٰهي جي شراب جو مزو

www.maktabah.org

وٺو. دنيا جي رونقن کان پري، جڏهن الڳ ٿلڳ ويهو ته ذاتِ ڪبرياﷻ کي پنهنجو همنشين بڻايو. پوءِ هو جوابًا بيابانن ۾ توهان جو ذڪر ڪندو. صحرائن جي وسعتن ۾ جتي (هُو) جو عالم هوندو، اتي توهان جي ياد جا به چرچا هوندا. جيڪڏهن توهان ڪنهن وقت ڪنهن جهنگ ۾ ڀٽڪي ويندؤ ته الله جي ياد توهان کي ڀٽڪڻ نه ڏيندي، اهو توهان جو ورُونهه ۽ غمخوار هوندو. رب العزت جو، ذڪر الٰهي ڪندڙن کي بيابانن ۾ ياد ڪرڻ ان جو مطلب هي ٿي سگهي ٿو ته اهو خلوت ۾ الله تعالىٰ کي ياد ڪري رهيو هجي ۽ پروردگار عالم صحرائن، بيابانن ۽ جهنگ جي سموري مخلوق کي حڪم فرمائي ته توهان ان ذاڪر کي ياد ڪيو، ان جي لاءِ استغفار ڪيو ۽ جيستائين الله تعالىٰ جو ٻانهو ذڪر الٰهي ڪندو رهي، ايستائين الله تعالىٰ جي مخلوق ان جي لاءِ بارگاهِ ايزدي ۾ دست بدُعا رهي. جيئن ماڻهن کي خير جي تعليم ڏيندڙن جي باري ۾ ارشاد فرمايو ويو آهي: ”بيشڪ الله سبحانه و تعالىٰ ۽ ان جا فرشتا ۽ آسمانن ۽ زمينن ۾ رهندڙ مخلوق ايستائين جو ڪِوِل پنهنجي سوراخ ۾ ۽ مڇي پاڻيءَ ۾ ماڻهن کي خير جي تعليم ڏيندڙ جي لاءِ دعائون ڪنديون رهن ٿيون.“ (احياءُ العلوم الدين لامام الغزالي: ص10 ج1)

جيڪڏهن مُعَلِم الناس الخير ماڻهن کي ڀلائي سيکاريندڙ کي هي رتبو مليل رهيو آهي ته ذڪر الٰهي ۾ سرشار ۽ توحيد الٰهي جي نشي سان مست فرزند آدم کي هي سعادت ملي سگهي ٿي جو بيابانن جا جانور ۽ واريءَ جا ذرا ذرا به ان لاءِ مغفرت جي دعا ۽ درجات جي بلند ٿيڻ جي دعا ڪندا رهن ٿا. رب العزت جو ذڪر ڪندڙن کي بيابانن ۾ ياد ڪرڻ جو ٻيو مطلب هي به ٿي سگهي ٿو ته خلوتن ۾ ياد الٰهي جون شمعون روشن ڪندڙ

www.maktabah.org

جيڪڏهن ڪنهن جهنگ ۾ ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسي پون ته الله تعاليٰ ان جي ان مصيبت مان رهائيءَ جا اسباب پيدا فرمائيندو.

هڪ عجمي جوان اميرالمؤمنين سيدنا حضرت عمر فاروق ﷛ کي مدينه منوره ۾ قتل ڪرڻ جي ارادي سان پهتو. کيس معلوم ٿيو ته سيدنا حضرت عمر فاروق ﷛ ڪنهن جهنگ ۾ آرام فرما آهن. ٿورڙي ڳولا کان پوءِ ان ڏٺو ته حضرت عمر ﷛ مٽيءَ تي مٽي جي هيٺان سِرَ ڏئي سُتا پيا آهن. ان ڪفر ۽ نفرت سان ڀريل جوان انهيءَ حالت ۾ کين قتل ڪرڻ جو پڪو پختو ارادو ڪيو ۽ تلوار مياڻ مان ڪڍي وار ڪرڻ لڳو. اوچتو ٻه شينهن ظاهر ٿيا ۽ ان ڏانهن وڌڻ لڳا. جنهن تي ان نوجوان کان رڙ نڪري ويئي. حضرت عمر فاروق ﷛ بيدار ٿيا ۽ ان عجمي سمورو واقعو بيان ڪري ٻڌايو ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو.

(ڪشف المحجوب للعارف الهجويري ﷬)

حضرت عمر فاروق ﷛ جي هڪ ٻانهي هوندي هئي، جنهن جو نالو زايده هو. هڪ ڏينهن ڪاٺيون ڪرڻ لاءِ هوءَ جهنگ ڏانهن رواني ٿي. جڏهن هن ڪاٺيون ڪرڻ شروع ڪيون ته اوچتو هڪ گهوڙي سوار کي آسمان کان زمين تي لهندي ڏٺائين. هو هيٺ لهي آيو ۽ چيائين ته اي زايده! حضرت محمد ﷺ جي خدمت ۾ جنت جي داروغي "رضوان" جا سلام عرض ڪجانءِ ۽ چئجانءِ ته توهان جي امت جا ٽي ٽولا ٿيندا. هڪ اهو، جنهن کي بغير حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ ٻيو اهو، جنهن جو حساب آسان ڪيو ويندو ۽ ٽيون اهو، جنهن کي اوهان جي شفاعت نصيب ٿيندي. ائين چئي آسمان ڏانهن پرواز ڪرڻ لڳو ۽ جڏهن ڏٺائين ته زايده ڪاٺين جي ڀري نه ٿي کڻي سگهي ته ان سوار چيس ته اي زايده! ڪاٺين جي ڀري هن پٿر تي رک. پوءِ پٿر کي

www.maktabah.org

ڇپائين تہ هي ٻري زايده ڪي حضرت عمر فاروق ﷛ جي گهر تائين ڪٺائي هل. پٿر خودبخود ڪانئين جي ٻري حضرت عمر فاروق ﷛ جي دروازي تائين ڪٺي آيو. حضور ﷺ کي جڏهن اها خبر پئي تہ صحابن سان گڏ حضرت عمر ﷛ جي دروازي تائين آيا ۽ ان پٿر جي اچڻ جا نشان ڏنائون. (تعليماتِ نبويہ ج4)

اُذْكُرُوْنِيْ فِي الرَّخَآءِ اَذْكُرْكُمْ فِي الْبَلَآءِ

توهان مون کي خوشحالي ۾ ياد ڪيو، مان توهان کي (توهان تي مصيبت اچڻ وقت) ياد رکندس.

خوشحالي ۽ فرصت ۾ الله تعاليٰ کي ياد ڪرڻ الله تعاليٰ جي خصوصي فضل ۽ ڪرم تي موقوف آهي، نہ تہ اڪثر اهو ڏٺو ويو آهي تہ مال، دولت ۽ اقتدار جو حصول انسان کي فرعون بنائي ڇڏي ٿو. ان کي نہ تہ الله تعاليٰ جي ياد ايندي آهي ۽ نہ ئي الله تعاليٰ جي رسول جي. اهوئي الله تعاليٰ جي حقن کي پٺيءَ پٺيان اڇلائي ڇڏيندو آهي ۽ حقوق العباد کي بہ پائمال ڪري ڇڏيندو آهي، پر جيڪو ماڻهو خوشحاليءَ جي وقت پنهنجي پروردگار کي ياد رکي جڏهن مال ۽ دولت ۾ اضافو اچي وڃي ۽ ان جو مٿو الله جي دربار ۾ اڃا بہ جهڪي وڃي تہ اهو عظيم انسان آهي. خوش بخت ۽ خوش نصيب آهي. اهڙو ماڻهو لائقِ ديدار آهي. جيڪو ماڻهو الله رب العزت کي ياد ڪري ۽ ان جي پيشاني نياز ۽ نوڙت جي ڪري ان ذاتِ ڪبريا ﷻ جي بارگاه ۾ جهڪيل هجي تہ جڏهن ان تي تنگدستيءَ جو وقت يا مصيبت ۽ پريشانيءَ جو وقت ايندو تہ الله رب العزت پنهنجي واعدي مطابق ان کي ان گهڙين ۾ ضرور ياد فرمائيندو آهي.

اميرالمؤمنين حضرت عثمان بن عفان ﷛ کي الله رب

www.maktabah.org

العزت بيحساب مال ۽ دولت عطا فرمايو هو. پاڻ الله تعاليٰ جي راهه ۾ بيشمار مال لُٽائيندا هئا. ڪو به سائل ان جي دربار مان محروم نه موٽندو هو، ان جي انهيءَ خصوصيت جي ڪري امام الانبياءﷺ جيڪو ان تي ڪرم ڪيو، تورڙو ان جو به مشاهدو ڪيو. حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه روايت ڪن ٿا ته آئون حضورﷺ جن کي ڏٺو، پاڻ ڪريم رات جي اول حصي کان وٺي، طلوع فجر تائين هيئن چوندا رهيا:

اَللّٰهُمَّ اِنِّىْ رَاضِيْتُ عَنْ عُثْمَانَ فَارْضَ عَنْهُ

اي منهنجا الله! آئون حضرت عثمان رضي الله عنه کان راضي آهيان ۽ تون به کانئس راضي ٿيءُ.

(تڪريم المؤمنين از نواب صديق حسن خان ڀوپالي: ص15)

جڏهن حضرت عثمان رضي الله عنه تي پريشانيءَ جو وقت آيو ۽ فسادين سندن گهر جو گهيرو ڪري پاڻي بند ڪري ڇڏيائون ۽ شهيد ڪرڻ جي پروگرام ۾ مضبوط رهيا ته ان وقت الله تعاليٰ پنهنجي واعدي مطابق ياد فرمايو. الله تعاليٰ جي ان ياد جو اندازو ڪيترو انوکو آهي، ملاحظه فرمايو: حضرت عبدالله بن سلام رضي الله عنه فرمائن ٿا ته جڏهن دشمنن اميرالمؤمنين حضرت عثمان رضي الله عنه جو گهيرو ڪيو ته آئون سندن خدمت ۾ سلام عرض ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيس. حضرت عثمان رضي الله عنه فرمايو اي ڀاءُ! ڏاڍو سنو ٿيو جو اچي وئين. مون هن دريءَ مان حضورﷺ جن جي زيارت ڪئي آهي. پاڻ فرمائن پيا اي عثمان! هنن ماڻهن تنهنجو گهيرو ڪيو آهي؟ مون عرض ڪيو جي هائو يا رسول اللهﷺ! تنهن تي پاڻ پاڻيءَ جو هڪ ڏول لٽڪايائون، جنهن مان مون پاڻي پيتو، ان پاڻيءَ جي ٺڌاڻ اڃا تائين منهنجي ٻنهي ڪُلهن ۽ ڇاتيءَ جي وچ ۾ محسوس ٿي رهي آهي. ان کان پوءِ پاڻ ڪريمنﷺ فرمايو ته جيڪڏهن

www.maktabah.org

تون چاهين ته انهن جي مقابلي ۾ تنهنجي مدد ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن تنهنجي دل چاهي ته هتي اچي اسان وٽ افطاري ڪر. مون عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ! اوهان جي خدمت ۾ حاضري گهران ٿو. ان ئي ڏينهن تي ڪين قرآن جي تلاوت ڪندي شهيد ڪيو ويو.

(زيارت النبي بحالت بيداري: از محمد عبدالمجيد صديقي ص25)

اُذْكُرُوْنِيْ بِمُجَاهَدَتِيْ اَذْكُرْكُمْ بِهِدَايَتِيْ

توهان مون کي جهاد ۽ مجاهده سان ياد ڪيو، مان توهان کي هدايت سان ياد رکندس.

ڪافر ۽ مشرڪ مسلمانن جا ظاهري دشمن آهن، پر نفس ۽ شيطان ان جا باطني دشمن آهن. ظاهري ۽ باطني دشمن خلاف جهاد جو حڪم آهي ۽ جيڪي نيڪ بخت روح انهن جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪن ٿا ته الله تعاليٰ انهن کي پنهنجي مقصدن تائين رسائيءَ جي رستن تي هلائيندو آهي ۽ پنهنجي تجليات سان بهره ور فرمائيندو آهي.

دشمن جي مقابلي ۾ پنهنجي پوري قوت ۽ طاقت کي استعمال ڪرڻ کي جهاد چئبو آهي. انطاڪيه جي شهر ۾ ماڻهن جي هدايت لاءِ حضرت عيسيٰ ابن مريم عليه الصلواة والسلام پنهنجا ٻه حواري موڪليا. انطاڪيه جي ماڻهن انهن ٻنهي کي ڪوڙو سمجهيو. حضرت عيسيٰ عليه الصلواة والسلام انهن ٻنهي جي مدد لاءِ هڪ ٽئين ماڻهوءَ کي اوڏانهن موڪليو، پر انهن بدقسمت ماڻهن ان کي به نه مڃيو ۽ اهي انهن کي پنهنجي لاءِ بدنصيبي سمجهڻ لڳا ۽ ايتري حد تائين جو ڌمڪي ڏيڻ لڳا ته جيڪڏهن توهان باز نه آيو ته توهان کي پٿر ماري هلاڪ ڪيو ويندو ۽ توهان کي انتهائي دردناڪ تڪليفون برداشت ڪرڻيون

www.maktabah.org

پونديون. انطاڪيہ شهر جي پرين پاسي ڪان هڪ مومن حالات جي نزاڪت کي سمجهندي، انهن وٽ آيو ۽ چيائين:

يَاقَوْمِ اتَّبِعُوا الْمُرْسَلِيْنَ ۝ اتَّبِعُوا مَنْ لَّا يَسْئَلُكُمْ اَجْرًا وَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ

سورة يس آيت: 20- 21)

اي منهنجي قوم! رسولن جي پيروي ڪريو. انهن مقدس فردن جي پيروي ڪريو، جيڪي توهان ڪان ڪا بہ اجرت نہ ٿا وٺن ۽ اهي هدايت يافتہ آهن.

ان مجاهد صرف ايتري تائين چوڻ بس نہ ڪيو، پر اڳتي وڌيڪ چيائين تہ مان ان پروردگار جي عبادت ڪريان ٿو، جنهن مون کي پيدا فرمايو آهي ۽ اسان سڀني کي ان ڏانهن ئي موٽڻو آهي. پوءِ ان شخص انهن جي بتن جي مذمت ڪرڻ شروع ڪئي. ماٺهو تہ اڳ ۾ ئي مشتعل ٿيل هئا. انهن جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي چڪو هو. هن طرف وري مرد حق آگاهہ ايئن بہ چيو:

اِنِّيْٓ اٰمَنْتُ بِرَبِّكُمْ فَاسْمَعُوْنِ (سورة يس آيت: 25)

ڪن کولي ٻڌي ڇڏيو. مان ان پروردگار تي ايمان آڻي چڪو آهيان، جيڪو توهان جو بہ ربّ آهي.

منڪر ماٺهن هٿن ۾ پٿر کنيا ۽ ان مرد مجاهد جي مٿان پٿرن جي بارش شروع ڪري ڇڏي. ان مردِ حق، حق جي ڪلمي کي بلند ڪندي جان، جانِ آفرين جي حوالي ڪري ڇڏي. اهو شخص جنهن جي اندر ايمان ڀريل هو، جهاد سان دشمن سان ٽڪر هڻي ان وحده لاشريڪ جو ذڪر ڪيو. هاڻي الله سبحانه وتعالىٰ پنهنجي واعدي مطابق ان کي ڏسو تہ ڪيئن ياد فرمايو، ارشاد آهي: اي منهنجا ٻانها! هلي آ منهنجي جنت ۾ ۽ ان جون بهارون تو لاءِ منتظر آهن. منهنجا جلوا تنهنجي بيتاب نظرن کي جامِ

www.maktabah.org

وصال پيارڻ لاءِ پنهنجي حسن تان نقاب هٽائڻ وارا آهن.

قِيۡلَ ادۡخُلِ الۡجَنَّةَ (سورة يس آيت:26)

چيو ويو تہ جنت ۾ داخل ٿيءُ.

حضرت قاضي محمد ثناءالله پاني پتي ﷫ لکن ٿا:

قَالَ الْحَسَنُ فَأَدْخَلَهُ الْجَنَّةَ وَهُوَ حَيٌّ يُرْزَقُ

الله تعاليٰ ان مرد مجاهد کي ديدار جي جاءِ جنت ۾ داخل فرمايو ۽ اهو زنده آهي ۽ الله جي نعمتن سان شاد هلي رهيو آهي. (تفسيرِ مظهري: ج8 ص79)

توهان جهاد ۽ مجاهدي ۾ مون کي ياد ڪيو مان توهان کي توهان جي مطلوب تائين پهچائي ياد ڪندس. علامہ قزويني لکن ٿا تہ جڏهن انطاڪيہ وارن ظالم ماڻهن ان مرد حق آگاهہ کي شهيد ڪري ڇڏيو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ انهن بدنصيبن کي هلاڪ ۽ تباهہ ڪري ڇڏيو. انطاڪيہ ۾ مؤمن ۽ ڪافر ٻئي آباد هئا. عذابِ الهي جي خوفناڪ ڪڙڪيدار آواز جنهن ڪافرن کي موت جي گهاٽ چاڙهي ڇڏيو. اهل ايمان کي حفاظت ۽ امن امان ۾ رکيو. ايستائين جو ايمان وارا آرام جي ننڊ ستل هئا. اهي دستور موجب سُتل رهيا. انهن جون اکيون بہ نہ کليون. انطاڪيہ جي بازار ۾ هڪ مسجد آهي، جنهن کي مسجدِ حبيب چيو وڃي ٿو. ان جي اڱڻ ۾ ان جي مزار آهي. ماڻهو ان جي زيارت لاءِ ايندا رهن ٿا..

علامہ شهاب الدين "ياقوتِ حموي" ۾ لکن ٿا تہ انطاڪيہ ۾ حبيب نجار جي مزار پُرانوار آهي، پري پري کان ماڻهو مزار جي زيارت لاءِ اچن ٿا. (معجم البلدان، علامہ ياقوت حموي ﷫ ج1)

أُذْكُرُوْنِيْ بِالصِّدْقِ وَالْإِخْلَاصِ    أَذْكُرْكُمْ بِالْخَلَاصِ وَمَزِيْدِ الْاِخْتِصَاصِ

توهان مون کي سچائي ۽ اخلاص سان ياد ڪريو، مان توهان کي

www.maktabah.org

مصيبتن کان ڇوٽڪارو ڏياري ۽ وڏيڪ پنهنجو مقرب بڻائي رکندس.

جيڪو عمل سچائي ۽ اخلاص سان ڪيو وڃي، جنهن ۾ خلوص ۽ للٰهيت جي خوشبوءِ هجي ته اهو عمل الله تعاليٰ جي بارگاه ۾ قبول آهي ۽ اهڙو عمل ذڪرِ الاهيءَ جي زمري ۾ اچي ٿو. بارگاه الاهي ۾ قلبي اخلاص محبت واري ڪيفيت مطلوب آهي. تقويٰ ۽ الله ڪارڻ ذڪر و فڪر، عبادت، اخلاص محبت واري هجي ته الله تعاليٰ اهڙن ٻانهن کي پريشانين ۽ مصيبتن کان نجات عطا فرمائي ٿو ۽ ان مٿان وڏيڪ لطف و ڪرم جي انوار جي بارش نازل فرمائي ٿو.

اُذْكُرُوْنِيْ بِالرُّبُوْبِيَّةِ فِي الْفَاتِحَةِ اَذْكُرْكُمْ بِالرَّحْمَةِ وَالْعُبُوْدِيَّةِ فِي الْخَاتِمَةِ

توهان مون کي هر ڪم جي شروعات ۾ منهنجي ربوبيت جو اقرار ڪندي ياد ڪيو، مان توهان کي هر ڪم جي پڄاڻي ۾ پنهنجي رحمت ۽ عبوديت جو مزو عطا ڪري ياد ڪندس.

روزيدار روزي جي ابتدا الله جي ربوبيت جي اقرار سان ڪندو آهي. جڏهن ان جي روزي کولڻ جي انتها جو وقت اچي وڃي ٿو ته الله تعاليٰ ان کي پنهنجي رحمت ۽ عبوديت جو ڪيف، مستي، سرور، لطف عطا فرمائي ٿو. روزيدار لاءِ ٻه خوشيون آهن. هڪ سحريءَ جي وقت ۽ ٻي الله ﷻ جو ديدار. اُهي ذاڪر شاڪر صابر صالح ٻانها جيڪي هر ڪم شروع ڪرڻ وقت الله تعاليٰ کي ياد ڪندا آهن. جڏهن انهن جي زندگيءَ جو آخري وقت ايندو آهي ته الله رب العزت ان کي ان شان سان ياد ڪندو جو اهو الله تعاليٰ جو نالو وٺندي وٺندي، وصال جي وصال سان مشرف ٿيندو.

(تعليماتِ نبويه ج4 تفسير ڪبير: ج 4 تفسير البحر المحيط: ج1 تفسير غرائب القرآن: ج2)

www.maktabah.org

(2) ارشاد الاهي آهي تہ ”پوءِ جڏهن توهان حج جا احڪام پورا ڪيا تہ ياد ڪريو الله ﷻ کي جيئن توهان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ياد ڪندا هئا بلڪ ان کان بہ زياده (شوق سان الله جو) ذڪر ڪندا ڪريو. (سورة البقره 200/ 1)

(3) الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ الله تعاليٰ کي حج جي ڏينهن ۾ گهڻو ياد ڪريو. (سورة البقره آيت: 203)

(4) باري تعاليٰ فرمائي ٿو. ترجمو: سيئي نمازون هميشگي سان پنهنجن وقتن تي پڙهو ۽ وچين نماز تاڪيد سان پڙهو. نماز ۾ ادب سان الله جي حضور ۾ بيهو، پوءِ جيڪڏهن توهان کي خوف هجي تہ نماز پيادل يا سواري تي پڙهو ۽ جڏهن امن وارا ٿيو پوءِ انهن طريقن تي الله جو ذڪر ڪريو، جيڪي ان توهان کي سيکاريا، جنهن کي توهان پهريان نہ ڄاڻندا هئا. (سورة البقره آيت: 239)

(5) الله تعاليٰ ذڪر متعلق ارشاد فرمائي ٿو. ترجمو: پنهنجي رب کي پنهنجي دل ۾ ياد ڪر، عاجزي ۽ خوف سان ۽ بغير آواز نڪرڻ جي زبان کان، صبح ۽ شام ۽ غافلن مان نہ ٿيءُ. (سورة الاعراف آيت: 205)

(6) سورة الانفال ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ ايمان وارا اُهي آهن، جو جڏهن الله کي ياد ڪيو وڃي ٿو، تہ انهن جون دليون ڏڪي وڃن ٿيون ۽ جڏهن انهن تي اُن جون آيتون پڙهيون وڃن ٿيون تہ انهن جو ايمان مضبوط ٿيون ڪري ڇڏين ۽ پنهنجي ربّ تي ئي ڀروسو ڪن ٿا. (سورة الانفال آيت:2)

(7) اي ايمان وارؤ! جڏهن ڪنهن جماعت سان توهان جو مقابلو ٿئي تہ ثابت قدم رهو ۽ الله کي ڪثرت سان ياد ڪريو. مَنَ توهان مُراد ماڻيو. (سورة الانفال آيت: 45)

www.maktabah.org

(8) الله تعاليٰ جو ذڪر دلين جي تسڪين آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اهي شخص جن ايمان آندو، انهن جون دليون الله جي ياد سان سُڪون لهن ٿيون. ٻڌو الله جي ياد ۾ ئي دلين جو آرام آهي. (سورة الرعد آيت: 28)

(9) الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته ”جنهن منهنجي ياد کان مُنهن ڦيريو، پوءِ بيشڪ ان جي واسطي تنگ زندگي آهي ۽ اسان ان کي قيامت جي ڏينهن انڌو ڪري اٿارينداسون. (سورة طٰهٰ آيت: 124)

(10) بيشڪ توهان جي واسطي رسول الله ﷺ جي پيرويٰ بهتر آهي ان جي واسطي جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن جي اُميد رکندو هجي ۽ الله کي گهڻو ياد ڪري. (سورة الاحزاب آيت: 21)

(11) اي ايمان وارؤ! الله کي گهڻو ياد ڪريو ۽ صبح شام سندس پاڪائي بيان ڪريو. اهو ئي آهي جيڪو توهان تي پنهنجيون رحمتون موڪلي ٿو ۽ ان جا ملائڪ توهان جي بخشش طلب ڪن ٿا، ان لاءِ ته توهان کي اونداهين مان ڪڍي روشنيءَ ڏانهن آڻي ۽ اهو مومنن تي ٻاجهارو آهي.
(سورة الاحزاب آيت: 41- 43)

## الله جو گهڻو ذڪر ڪريو

الله تعاليٰ اُمتِ مصطفيٰ ﷺ کي هيءُ پيارو حڪم ڏنو آهي ته اهي مؤمن! الله تعاليٰ کي ڪثرت سان گهڻو ياد ڪن ڇو ته بعض اوقات دنيا جي ڪمن ڪارن سبب، انهن ۾ مصروف رهڻ ڪري الله ﷻ کي وساري ڇڏي ٿو. ان لاءِ گهڻي ذڪر جو حڪم مبارڪ ڏنل آهي. حضرت ابوسعيد خدري ؓ روايت ڪئي آهي ته حضرت رسول الله ﷺ کان پڇيو ويو ته قيامت جي ڏينهن مرتبي جي لحاظ کان ڪهڙا ماڻهو افضل هوندا؟ پاڻ سڳورن ﷺ

www.maktabah.org

فرمايو تہ الله تعاليٰ کي ڪثرت سان ياد ڪرڻ وارا. مون عرض ڪيو تہ الله جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ وارا؟ فرمايائون (ﷺ) جيڪڏهن اهي (مجاهد) تلوار ڪافرن ۽ مشرڪن کي هڻن، ايستائين جو اها تلوار ٽُٽي پڃي پوي ۽ رت سان ڳاڙهي ٿي وڃي، تڏهن بہ الله تعاليٰ ﷻ جو ذڪر ڪرڻ وارا درجي ۾ افضل هوندا.

(تفسير درمنثور ج5- علامہ سيوطي رحمه الله- ترمذي باب في فضل الذڪر)

حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ الله تعاليٰ ڪو بہ اهڙو فريضو ٻانهن تي مقرر نہ فرمايو آهي، جنهن جي الله تعاليٰ حَدَ مقرر نہ ڪئي هجي. هر فرض جي حَدَ مقرر فرمائي ڇڏي آهي. پوءِ وري عُذر جي حالت ۾ ان جي ادا ڪرڻ واري جي عذر کي قبول بہ فرمايو آهي، پر ذڪرِ الاهي جي ڪا حَدَ مقرر نہ فرمائي. جتي ان جي انتها ٿيندي هجي ۽ ذڪر کي ڇڏڻ لاءِ مجنون کان سواءِ ڪنهن کي بہ معذور (عذر وارو) قرار نہ ڏنو آهي. بلڪہ سيني حالتن ۾ ذڪر ادا ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي ۽ حڪم ڏنو آهي تہ الله جو ذڪر اٿندي ويهندي، پاسي ڀر، ليٽندي مطلب تہ تمام حالتن ۾ ڪثرت سان ڪريو. رات جي وقت، ڏينهن جي وقت، بري، بحري (خشڪي ۽ سمنڊن ۾) حالت ۾، تندرستي يا بيماريءَ جي حالت ۾، مخفي، آهستي يا بلند آواز سان، اعلانيہ طور تي ذڪر ڪريو. حضرت مجاهد رضي الله عنه جو قول آهي تہ ذڪر ڪثير جو مطلب آهي تہ ٻانهو پنهنجي پالڻهار رب ڪريم ﷻ کي ڪڏهن بہ نہ وساري. حضرت علامہ عارف بالله، قاضي ثناءُ الله پاني پتي رحمه الله فرمائي ٿو تہ ان حالت جو تصور تہ فناءِ قلب ۽ دائمي حضور حاصل ڪرڻ کان بعد ئي حاصل ٿي سگهي ٿو. (تفسير مظهري ج7، تفسير بغوي ج5، تفسير ابن ڪثير ج3)

www.maktabah.org

الله جو ذڪر لاتعداد ڪرڻ گهرجي. علامہ قرطبي فرمائي ٿو تہ ذڪر ڪثير جو مطلب اهو قلبي ذڪر آهي، جيڪو اخلاص، لِلّهيت، صدق دل سان جاري ٿئي. (تفسير قرطبي)

(12) الله تعاليٰ جو فرمان عالي شان آهي تہ اي ايمان وارو توهان کي غافل نہ ڪري توهان جو مال، نہ توهان جو اولاد ۽ نہ ئي ڪا ٻي شيءِ الله جي ذڪر کان ۽ جيڪو ائين ڪندو، پوءِ اُهي ئي ماڻهو نقصان ۾ آهن. (سورة المنافقون آيت:9)

(13) الله جي ذڪر ۾ ڪاميابي آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ "بيشڪ ڪامياب ٿيو اهو، جيڪو پاڪ صاف ٿيو ۽ پنهنجي رب جي نالي جو ذڪر ڪندو رهيو ۽ نماز پڙهيائين. (سورة الاعلىٰ آيت: 14 ۽ 15)

الله تعاليٰ کي پنهنجو ذڪر ٻڌڻ تمام گهڻو پسند ۽ محبوب آهي. ان لاءِ هُن اسان کي پنهنجي ذڪر ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. اهو حڪم رڳو اسان کي نہ، بلڪ حضرات انبياء ڪرام عليهم السلام، جيڪي برگزيده، مقبول مقرب ۽ محبوب آهن، انهن کي بہ ملندو رهيو آهي. سرتاج الانبياء، خاتم النبيين محمد رسول الله ﷺ کي بہ بار بار ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، جو ساري ڪائنات ۾ سيني کان وڌيڪ محبوب آهي. پياري آقا ﷺ جي هر ادا، هر عمل محبوب آهي. اُن جو ذڪر نہ صرف محبوب ۽ پسنديده آهي، بلڪ سمورن ذڪر ڪندڙن جي ذڪر جي قبوليت جو واسطو ۽ وسيلو آهي. باري تعاليٰ ان لاءِ فرمايو تہ "پوءِ پيارا حبيب ﷺ! توهان ذڪر ڪندا رهو تہ جيئن توهان جي ذڪر ڪرڻ جي طفيلي هن ڪائنات تي اسان جي رحمتن جي برسات جاري هجي.

www.maktabah.org

۽ وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ پيارا آقا ﷺ! اسان توهان جي ذڪر کي توهان جي لاءِ بلند ڪري ڇڏيو آهي. ان نعمت جي بدلي بطور شڪرانہ اسان جو ذڪر ڪندا رهو.

(14) الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ۽ توهان پنهنجي رب جي نالي جو ذڪر ڪريو ۽ سيني کان جُدا ٿي، فقط ان ڏانهن متوجه ٿيو. (سورة المزمل آيت: 8)

(15) ۽ وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪندا رهو صبح بہ ۽ شام بہ. (سورة الدهر آيت: 25)

حضور اڪرم ﷺ الله جي حڪم جي تعميل ۾ ان جو ذڪر ڪيو ۽ اهڙو تہ شاندار ذڪر ڪيو، جو ساري ڪائنات جهومي پئي، زمين جي چپي چپي تي اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جون دلنواز صدائون گونجڻ لڳيون.

سبحان الله! حضور اڪرم ﷺ جي هر ادا تان قربان. پاڻ ڪريمن ﷺ جي هر ادا ذڪر الٰهي هُئي. سندن جلوت، خلوت هر حال ۾ ذڪر الٰهي هو. زبان مبارڪ ۽ قلبِ اطهر هر وقت ذڪر الٰهي ۾ محو ۽ مستغرق هوندو هئو. پاڻ سونهارن ﷺ جي جسم مبارڪ جو هر ذرو ربّ ڪريم جل جلاله جو ذاڪر هوندو هو ۽ ڪو بہ لمحو ياد الاهي کان خالي نہ رهيو. ايستائين جو پاڻ ڪريمن ﷺ جڏهن آرام فرمائيندا هئا، تڏهن بہ سندس قلب سليم ذڪر الاهي ۾ مصروف رهندو هو. ان مبارڪ ڪيفيت کي اُمّ المؤمنين سيدتنا عائشه رضي الله عنها بيان ڪن ٿيون تہ حضوراڪرم ﷺ جن جون اکيون مبارڪ سمهنديون هيون، پر قلب مبارڪ نہ سمهندو هو. پاڻ سونهارن ﷺ جو بہ هيءُ ارشاد مبارڪ آهي تہ منهنجون

www.maktabah.org

اڪيون سمهنديون آهن ۽ منهنجو قلب ننڊ نہ ڪندو آهي. پاڻ سڳورن ﷺ هي بہ فرمايو آهي تہ: ثَمَرَةُ فُؤَادِيْ فِيْ ذِكْرِهٖ منهنجي دل جو ڦل (ميوو) الله جو ذڪر آهي.

هيءُ منهنجي ٻنهي جهانن جي واهر وسيلي آقا محمد رسول الله ﷺ جي ذڪر جو ئي صدقو آهي جو اڄ تائين زمين جي چپي چپي تي الله جو ذڪر ٿي رهيو آهي ۽ قيامت تائين ٿيندو رهندو ۽ قيامت جي ميدان ۾ فقط سيد الذاڪرين، رحمة للعالمين، سرور ڪائنات ﷺ جن ئي هوندا، جو سڀني کان وڌيڪ پنهنجي منڙي رب ڪريم ﷻ جو ذڪر ڪندا.

پياري آقا ﷺ کي الله جو ذڪر بيحد محبوب ۽ پسند هو. پاڻ پنهنجي مهربانيءَ سان اسان کي بہ الله جي ذڪر جي دعوت تلقين فرمائي اٿن. اڳتي احاديث مبارڪ بہ ان نيت سان ئي عرض ڪيون ويون آهن تہ شال الله تعاليٰ پنهنجي محبوب مڪرم، نور مجسم، هادي عالم رسول محتشم ﷺ جي صدقي اسان کي ذاڪر، شاڪر ۽ صابر ٻانهو، جنتي عملن سان پاڻ کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ وارو بنائي. سڀ توفيق الله تعاليٰ جي طرفان آهي، جيڪو رحمٰن ۽ رحيم آهي. تواب رحيم بہ آهي.

## لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ جو سڀني کان وڏي نيڪي هجڻ جي فضيلت

الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي: مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ خَيْرٌ مِّنْهَا وَهُمْ مِّنْ فَزَعٍ يَّوْمَئِذٍ اٰمِنُوْنَ (سورة النمل آيت: 89 پارو 20)

حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمائن

www.maktabah.org

تا تہ هن آيت سڳوريءَ ۾ حَسنہ (نيڪي) مان مراد ڪلمہ طيبہ يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ آهي.

(تفسير ابن عباس جلد2 ص 198، فريد بوڪ اسٽال، لاهور)

حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ جن بہ آيت جي ساڳي مراد بيان ڪئي آهي. (تفسير جامع البيان)

حضرت علامه ابوعبدالله محمد بن احمد مالڪي پنهنجي تفسير ۾ آندو آهي تہ حضرت ابومعشر چوي ٿو حضرت ابراهيم بغير استثناء جي قسم کڻندو هو تہ ان آيت ۾ "الحسنة" (نيڪي) مان مراد لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ آهي.

(تفسير قرطبي ج13، دارالڪتاب العربي بيروت 1421ھ)

تفسير مظهري جي صاحب بہ پنهنجي تفسير ۾ ساڳئي روايت نقل فرمائي آهي. (تفسير مظهري جلد7 صفحو 209، ضياءالقرآن، لاهور)

حضرت ابوذر رضی اللہ عنہ بيان ڪن ٿا تہ آءٌ حضور پُرنور ﷺ جي دربار شريف ۾ عرض ڪيو تہ يا رسول الله! اَمِنَ الْحَسَنَاتِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ؟ ڇا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ نيڪين مان آهي؟ پاڪ ڪريم ﷺ فرمايو تہ اهو سيني کان سهڻين بهترين نيڪين مان آهي.

(مجمع الزوائد ج10، ص86، تفسير امام ابي حاتم حديث 16643)

حضرت ابوذر رضی اللہ عنہ بيان ڪري ٿو تہ مون کي پياري آقا و موليٰ حضرت محمد رسول الله ﷺ فرمايو تہ تون جتي بہ هجين، الله تبارڪ و تعاليٰ کان ڊڄندو رهہ ۽ بُري ڪم کان بعد نيڪ ڪم ڪريو. اهو (نيڪ) ڪم بُري ڪم کي ميٽي ڇڏيندو. ۽ ماڻهن سان سهڻي اخلاق سان پيش اچو. (جامع ترمذي حديث 1987، سنن دارمي حديث 2794، المستدرڪ ج اول، مجمع الزوائد ج10 حديث 16797)

حضرت معاذ بن جبل رضی اللہ عنہ چيو تہ مون کي رسول الله ﷺ فرمايو تہ مَفَاتِيْحُ الْجَنَّةِ شَهَادَةُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جنت جون ڪنجيون لَآ اِلٰهَ

www.maktubah.org

اِلَّااللّٰهُ جو ذڪر آهي. (مجمع الزوائد ج10، حديث 16801، رواه احمد ج5)

حضرت انس ﷛ چوي ٿو، تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ جيڪو ٻانهو لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ رات ۽ ڏينهن جي ڪنهن بہ وقت ۾ پڙهي ٿو تہ الله تعاليٰ ان جي عملن جي صحيفي مان گناهہ مٽائي، اُتي نيڪيون عطا ڪري ٿو.

(مجمع الزوائد ج10 حديث 16803، رواه ابويعليٰ حديث 3611)

حضرتِ قتاده چيو آهي تہ ان آيت ۾ نيڪي مان مراد آهي، جنهن سچائيءَ سان ڪلمو توحيد پڙهيو. هڪ ٻيو قول هيءُ بہ آهي تہ ان مان مراد سمورن فرضن کي ادا ڪرڻ. حضرت مجاهد، حضرت حسن بصري، حضرت عطا وغيرهم کان بہ اهڙي طرح مروي آهي. (تفسير جامع البيان)

حضرت صَنابِحي بيان ڪن ٿا تہ آئون حضرت عُباده بن صامت ﷛ جي عيادت جي لاءِ ويس. حضرت عُباده سڪرات جي حالت ۾ هو. آئون کيس ڏسي، روئڻ لڳس. انهن فرمايو تہ روئين ڇو ٿو؟ الله جو قسم! جيڪڏهن مون کان شاهدي ورتي وئي تہ تنهنجي حق ۾ شاهدي ڏيندس ۽ جيڪڏهن مون کي شفاعت ڏني وئي تہ آئون تنهنجي حق ۾ شفاعت ڪندس. جيڪڏهن آئون توکي نفعو پهچائي سگهيس تہ توکي ضرور نفعو پهچائيندس. ان کان پوءِ فرمايائون تہ آئون هڪ حديث کان سواءِ رسول الله ﷺ کان ٻڌل سڀ حديثون توهان کي ٻڌائي ڇڏيون آهن. اها حديث بہ اڄ توهان کي ٻُڌائي ڇڏيان ٿو، ڇو تہ هاڻي منهنجو آخري وقت پهتو آهي (روح نڪرڻ وارو آهي). مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻُڌو: يَقُوْلُ مَنْ شَهِدَ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ حَرَّمَ اللّٰهُ عَلَيْهِ النَّارَ يعني جنهن لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ

www.maktabah.org

جي شاهدي ڏني، الله تعاليٰ ان کي دوزخ تي حرام ڪري ڇڏيندو.
(صحيح مسلم ج اول حديث 141، فريد بوڪ اسٽال لاهور، ترمذي حديث 2638، مسند امام احمد بن حنبل ج5، صحيح امام حبان حديث 202)

امام ترمذي رحمه الله فرمايو آهي ته بعض اهلِ علم حضرات وٽ هن حديث جي توجيهه هيءَ آهي ته (مؤمن) توحيد کي مڃڻ وارا عنقريب جنت ۾ داخل ٿيندا. توڙي جو انهن کي انهن جي گناهن جي ڪري عذاب ڏنو وڃي، پر اُهي دوزخ ۾ هميشه نه رهندا.

حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله عنهما بيان ڪن ٿا ته رسول الله ﷺ فرمايو ته قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ منهنجي هڪ اُمتي کي منتخب ڪري الڳ بيهاري ڇڏيندو، پوءِ ان جي اڳيان ان جي گناهن جا نوانوي دفتر کوليا ويندا. هر رجسٽر نظر جي انتها تائين يعني نظر جي آخري حد تائين وڏو هوندو، پوءِ الله تعاليٰ ان کان پُڇندو ته ڇا تون انهن گناهن مان ڪنهن گناهه جو انڪاري آهين؟ ڇا منهنجن لکڻ وارن فرشتن توتي ڪو ظلم ڪيو آهي؟ اهو ٻانهو چوندو يا الله! بلڪل نه. الله تعاليٰ فرمائيندو ته تنهنجو ڪو عذر آهي؟ اهو ٻانهو عرض ڪندو ته نه مولىٰ تعاليٰ. الله تعاليٰ فرمائيندو اسان وٽ تنهنجي هڪ نيڪي آهي. اڄ توتي بلڪل ظلم نه ٿيندو. پوءِ ڪاغذ جو هڪڙو ٽڪرو ڪڍيو ويندو، جنهن تي لکيل هوندو اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ. الله تعاليٰ فرمائيندو هاڻي تون ميزان (عمل تُرڻ واري تارازيءَ) تي حاضر ٿيءُ. اهو گنهگار ٻانهو عرض ڪندو ته اي منهنجا پالڻهار پروردگار رب ڪريم جل جلاله! انهن گناهن جي وڏن رجسٽرن جي سامهون ڪاغذ جي ان ٽڪري جي ڪهڙي حيثيت آهي؟ الله تعاليٰ فرمائيندو توتي ظلم نه ڪيو ويندو.

www.maktabah.org

رسول الله ﷺ فرمايو پوءِ ميزان (ساهميءَ) جي هڪ پلڙي ۾ ان جي گناهن جا نوانوي دفتر رکيا ويندا ۽ ٻئي پلڙي ۾ اهو ڪاغذ جو لکيل ٽڪرو رکيو ويندو. پوءِ (توريندي) گناهن جي دفترن وارو پلڙو (ساهميءَ جو پُڙ) هلڪو ٿي ويندو ۽ ڪاغذ جي ٽُڪري وارو پلڙو ڳرو ۽ وزني ٿي ويندو. سو الله تعاليٰ جل شانه جي پاڪ نالي جي مقابلي ۾ ڪا به شيءِ وزني ۽ ڳري نٿي ٿي سگهي. سُبْحَانَ اللهِ سُبْحَانَ اللهِ سُبْحَانَ اللهِ

(ترمذي حديث 2639، سنن ابن ماجه حديث 4300، مسند احمد بن حنبل ج2، المستدرڪ ج اول، تفسير تبيان القرآن ج8 ص 259، فريد بوڪ اسٽال لاهور)

حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص ﷺ کان به اهڙي روايت ٿيل آهي، جنهن ۾ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ جو ذڪر ٿيل آهي.

(مجمع الزوائد ج10، حديث 16805)

هن آيت جي مٿئين وضاحت مان ڪلمه طيبه جي وڏي نيڪيءَ جي فضيلت، اهميت ۽ افاديت واضح ٿي وئي آهي ۽ انهيءَ پاڪ ڪلمي جي ورد کي جاري رکڻ وارن لاءِ وڏي بشارت به آهي. ايمان وارن مسلمانن لاءِ اها به خوشخبري آهي ته قيامت جي ڏينهن اهي دائمي عذاب کان امن ۾ هوندا. انهيءَ نيڪيءَ جي ڀلائيءَ جو بهترين اجر ۽ بدلو اهو آهي ته بقول حضرت مجاهد ﷺ جي ته: فَلَهٗ جَزَآءُ الْجَمِيْلِ وَهُوَ الْجَنَّةُ . يعني انهن کي جنت عطا ڪئي ويندي.

www.maktabah.org

باب ٽيون

# الله ﷻ جي ذڪر جون فضيلتون احاديث نبوي ﷺ جي روشنيءَ ۾

## اُسوه حسنہ ۽ ذڪر الاهي

الله تعاليٰ ارشاد فرمايو آهي تہ ”بيشڪ توهان جي رهنمائيءَ جي لاءِ رسول الله ﷺ (جي زندگي) ۾ بهترين نمونو آهي. (هي نمونو) ان جي لاءِ آهي، جيڪو الله تعاليٰ ﷻ سان ملڻ ۽ قيامت جي اچڻ جي اميد رکي ٿو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪري ٿو.“
(سورة الاحزاب آيت:21)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جي اسوه حسنہ جي پيروي، مؤمن جي ايمان جي ڪماليت جو ذريعو آهي ۽ الله جو پيارو ٿيڻ بنجڻ جو وسيلو آهي. سنت جي اتباع ڪرڻ واري سان الله محبت فرمائي ٿو. اسوه حسنہ الله جي رضا جي منزل تائين پهچڻ جو نقشو آهي. ايمان جي مناڻ جو واسطو آهي ۽ ايمان جا فائدا حاصل ڪرڻ جو وسيلو آهي. اسوه حسنہ جا حقيقي فيوض ۽ برڪتون فقط مومنن جو حصو آهن. ايمان کان سواءِ زندگي گذارڻ وارا صرف ظاهري دنياوي طور شايد راحت ۽ عزت حاصل ڪري وٺن، پر انهن جي لاءِ آخرت ۾ ڪو بہ اجر ۽ ثواب نہ هوندو ۽ جنهن ماڻهوءَ کي ايمان جي دولت تہ نصيب هجي، پر الله جي ذڪر جي نعمت کان محروم هجي تہ اهو اسوه حسنہ جي فيض مان فيضياب نہ ٿو ٿي سگهي. اهو مؤمن هجڻ باوجود حضور اڪرم ﷺ جي عطا ڪيل زندگي گذارڻ جي اصولن اسوه حسنہ

www.maktabah.org

ڪي پنهنجي زندگي ۾ نہ تہ اپنائي تہ اهو منزل کان گهڻو پري ٿيندو وڃي ٿو. ايستائين جو ان جي زندگي مذاق ۽ رانديڪو بڻجي وڃي ٿي، جنهن سان سيڪو کيڏندو رهي ٿو. جنهن کي سڀ استعمال تہ ڪن ٿا، پر ڪو عزت نہ ٿو ڪري. پر جڏهن مؤمن کي هوش ۽ سمجهہ اچي ٿي ۽ الله کي ياد ڪري ٿو، ذڪر الهي ڪري ٿو تہ ان کي اهو نقشو نظر اچڻ لڳي ٿو، جنهن جي مدد سان اهو پنهنجي منزل کي لهي سگهي ٿو ۽ جيئن جيئن ان جي طرفان ذڪر الهي وڌندو ويندو آهي، ايترو ئي اهو نقشو ان جي لاءِ چٽو ۽ نمايان ٿيندو وڃي ٿو. پوءِ اهو انهن سيرت طيبہ، اسوه حسنہ جي حسين نقش کي اپنائي عمل ڪري ٿو ۽ هڪ مطمئن ۽ پرسڪون مسافر وانگر پنهنجي منزل جي طرف وڌندو رهي ٿو. پوءِ ياد رکڻ گهرجي تہ ذڪر الهي اسوه حسنہ جي معرفت ۽ سڃاڻپ جو ذريعو آهي ۽ فيضياب ٿيڻ جو دستور بہ آهي. ان جي واسطي پياري حبيب حضرت محمد ڪريم ﷺ جن الله جي ذڪر کي خيرالاعمال (سڀني عملن کان پلو عمل) قرار ڏنو آهي ۽ اهو ئي سنت مصطفيٰ ﷺ جي صحيح معرفت حاصل ڪرڻ جو عمل آهي. ذڪر الاهي، دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جو ذريعو آهي ۽ نجات جو رستو بہ آهي. اسوه حسنہ جي پيروي، اتباع، محبت ۽ شوق جنهن مؤمن کي جيترو وڌندو، ايترو ان جي مٿان الله رب العزت جون مهربانيون، رحمتون ۽ بخشش جون برساتون وسنديون. ذڪرِ الهي پياري حبيب ڪريم ﷺ جي اتباع ۾ ڪرڻ وارو سدائين شاد ۽ آباد رهندو.

(1) حضور انور تاجدار مدينہ ﷺ کي الله ﷻ جو ذڪر تمام گهڻو محبوب ۽ پسند هو. حضرت ابوموسيٰ ﷛ کان روايت آهي تہ حضور اڪرم ﷺ فرمايو تہ پنهنجي رب جو ذڪر ڪندڙ

www.maktabah.org

۽ ذڪر نہ ڪندڙ جو مثال زندھ ۽ مئل وانگر آهي.
(صحيح بخاري شريف ح6044- الترغيب والترهيب ح: 2303)

(2) حضرت ابوموسيٰ ﷛ ڪان روايت آهي تہ حضور اڪرم ﷺ فرمايو تہ ان گهر جو مثال جنهن ۾ الله پاڪ ﷻ جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو ۽ جنهن گهر ۾ ذڪر نہ ٿو ڪيو وڃي، زندھ ۽ مُرده (مئل) جهڙو آهي. (صحيح مسلم ح: 779- الترغيب والترهيب ح: 635)

حضرت سيدنا آقا و موليٰ محمد رسول الله ﷺ جو ارشاد مبارڪ بلڪل واضح ۽ چٽو آهي تہ جيڪو مؤمن ٻانهو الله تعاليٰ جو ذڪر ڪندو رهي ٿو، اهو ئي حقيقت ۾ زندھ آهي. زندگيءَ جو لطف بہ ان کي حاصل آهي، ڇو تہ ذڪر ڪندڙ ٻانهي جو قلب زندھ رهي ٿو ۽ اهو شيطان مردود جي وسوسن، فريب ۽ مڪر کان بہ حفاظت ۾ رهي ٿو. نتيجي طور اهو ٻانهو الله تعاليٰ ۽ پياري حبيب ڪريم ﷺ جي احڪامن تي عمل ڪري، زندگي پُرسڪون گذاري ٿو ۽ جيڪو الله جي ذڪر کان غافل رهيو، اهو مُرده آهي، ڇو جو ان جو قلب مري وڃي ٿو ۽ مئل قلب شيطاني وسوسن جو محور ۽ مرڪز بڻجي ٿو. پوءِ اهڙو ماڻهو براين، غلط ڪارين جي دٻڻ ۾ ڦاسي، سڄي حياتي گمراهيءَ ۾ گذاري ٿو. الله تعاليٰ شال سيني کي ذاڪر شاڪر بڻائي. (آمين) يا الله! اسان کي پنهنجي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي صدقي، پنهنجي ذڪر جي توفيق عطا فرماءِ. اسان کي ذاڪر ٻانهن جي صحبت ۾ رهاءِ. آمين يا رب العالمين بجاه طٰهٰ و يٰس.

بلڪل ان طرح سان اهو گهر شاد آباد آهي، جنهن ۾ رهڻ وارا الله تبارڪ و تعاليٰ جو ذڪر ڪندا رهن ٿا. اهڙي گهر ۾ الله تعاليٰ جي ذڪر جو هڪ نور نظر ايندو آهي. انهن گهر وارن جي

www.maktabah.org

پاڻ ۾ الفت محبت هوندي آهي. انهن جا پُربهار شب و روز گذرندا آهن. اها فضيلت ۽ برڪت انهن گهر وارن کي نصيب ٿيندي آهي، پر اهو گهر قبرستان آهي، جنهن ۾ ماڻهو ته آهن، پر الله تعاليٰ جي ياد، ذڪر نه ڪندا هجن. قبرستان وانگر ان گهر ۾ آفات بليات جو نڪاڻو هوندو آهي. ان گهر ۾ رهڻ وارا آفتن، مصيبتن، پريشانين ۽ الجهنن ۾ مبتلا رهندا آهن. اتي رڳو جهيڙا، فساد، بي چيني ۽ بي سڪوني هوندي آهي. اها سزا آهي الله جي ذڪر نه ڪرڻ جي. ان لاءِ ضروري آهي ته مسلمان پنهنجي گهرن ۾ تلاوت قرآن، محفل ميلاد، ذڪر الٰهي، نوافل، سلام دعا، صبح شام درود و سلام ۽ استغفار وغيره نيڪ عملن کي جاري رکن، نه ته انهن گهرن ۽ قبرستان ۾ ڪو فرق نه رهندو. ان لاءِ ته حضور اڪرم ﷺ فرمايو آهي ته پنهنجي گهرن ۾ به نماز پڙهندا ڪريو ۽ انهن کي قبرستان نه بڻايو. انهيءَ لاءِ مردن کي ڪپي ته نفل ۽ نماز جون سنتون گهرن ۾ ادا ڪن.

## ملائڪ سڳورا ذڪر وارن جي تلاش ۾

(3) حضرت سيدنا ابوهريره رضي الله عنه جن کان هڪ تمام وڏي حديث مبارڪ روايت ٿيل آهي، جيڪا يقينًا پياري آهي. الله جي فضل و ڪرم تي ناز ڪرڻ گهرجي ۽ ڪوشش ڪري ذاڪر ٻانهن ۾ پاڻ کي شامل ڪرڻ کپي.

پياري آقا مدني مصطفيٰ ﷺ فرمايو آهي ته الله تعاليٰ جا ڪجهه فرشتا اهڙا آهن، جيڪي رستن ۾ ذڪر ڪرڻ وارن جي ڳولا ۾ ڦرندا گهمندا آهن جڏهن اهي ذاڪر ٻانهن جي ڪنهن جماعت کي لهندا آهن ته هڪ ٻئي کي سڏيندا آهن ته اچو هيڏانهن

www.maktabah.org

پنهنجي مقصد جي طرف (يعني اهي ملي ويا آهن، جنهن کي اسان ڳولهي رهيا هئاسون) پوءِ ملائڪ سڀئي ڳورا انهن کي دنياوي آسمان تائين پنهنجن پرن سان سايہ فگن ڪن ٿا (پرن سان انهن کي ڍڪي ڇڏين ٿا، محبت ۽ الفت جي طور تي) پوءِ اهي ملائڪ الله تعاليٰ جي دربار ۾ حاضر ٿين ٿا تہ الله تعاليٰ انهن کان پڇي ٿو. حالانڪ الله تعاليٰ تہ پنهنجي ٻانهن جي حال کي بهتر ڄاڻي ٿو. (ليڪن فرشتن کان پنهنجي ذاڪر ٻانهن جي تعريف ٻڌڻ پسند فرمائي ٿو) اي ملائڪو! توهان منهنجي ٻانهن کي ڪهڙي حال ۾ لڌو؟ ملائڪ عرض ڪن ٿا تہ يُسَبِّحُوْنَكَ وَيُكَبِّرُوْنَكَ يا الله! اهي تنهنجي تسبيح ڪري رهيا هُئا، تنهنجي وڏائي، ڪبريائي بيان ڪري رهيا هئا. تنهنجي حمد، تعريف ۽ بزرگي بيان ڪري رهيا هئا. پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ هَلْ رَاَوْنِيْ ڇا انهن مون کي ڏٺو آهي؟ ملائڪ عرض ڪن ٿا تہ الله جو قسم تہ مولا تعاليٰ انهن توکي نہ ڏٺو آهي. الله تعاليٰ فرمائيندو تہ جيڪڏهن اهي مون کي ڏسن (ديدار ڪن) تہ انهن جو ڇا حال هوندو؟ فرشتا عرض ڪن ٿا تہ جيڪڏهن اهي توکي ڏسن تہ اڃان بہ وڌيڪ تنهنجي عبادت ڪن ۽ گهڻي بزرگي بيان ڪن ۽ زياده تسبيح ڪن. حمد و ثنا ڪن . الله تعاليٰ فرمائيندو تہ اُهي مون کان ڇاجو سوال ڪري رهيا هئا. فرشتا چوندا تہ يَسْئَلُوْنَكَ الْجَنَّةَ مولا تعاليٰ اهي توکان جنت گهرن ٿا. الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ هَلْ رَاَوْهَا ڇا انهن جنت ڏٺي آهي؟ فرشتا عرض ڪن ٿا تہ الله جو قسم يا رب! انهن جنت نہ ڏٺي آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن اهي جنت ڏسي وٺن تہ انهن جي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ ملائڪ چون ٿا

تہ جيڪڏهن اهي ان (جنت) کي ڏسي وٺن تہ ان لاءِ تمام گهڻو حرص ڪن ۽ ان جو وڏيڪ طلب ۽ رغبت رکڻ وارا ٿي وڃن. اللہ تعاليٰ فرمائيندو تہ اُهي ڪهڙي شيءِ کان پناهہ گهري رهيا هئا؟ ملائڪ چون ٿا تہ جهنم جي باهہ کان (پناهہ پيا گهرن) اللہ تعاليٰ فرمائيندو ڇا انهن جهنم کي ڏٺو آهي؟ ملائڪ عرض ڪن ٿا تہ اللہ جو قسم تہ انهن جهنم نہ ڏٺو آهي. اللہ تعاليٰ فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن اهي ان کي ڏسي وٺن تہ پوءِ انهن جي ڪهڙي حالت هوندي؟ ملائڪ عرض ڪن ٿا تہ جيڪڏهن اهي دوزخ کي ڏسن تہ ان کان گهڻو پري ڀڄن ۽ توکان زياده مغفرت طلب ڪن. اللہ تعاليٰ فرمائي ٿو تہ فَأُشْهِدُكُمْ أَنِّي غَفَرْتُ لَهُمْ اي ملائڪو! مان توکان کي گواهہ بنايان ٿو تہ مان انهن سڀني ذاڪر ٻانهن کي بخشي ڇڏيو. ملائڪ عرض ڪندا تہ يا اللہ! انهن ۾ هڪ ماڻهو اهڙو هو، جيڪو ذڪر نہ ڪري رهيو هو، بلڪ پنهنجي ڪنهن ضرورت واسطي انهن وٽ آيو هو. اللہ تعاليٰ فرمائي ٿو تہ لَا يَشْقَىٰ جَلِيسُهُمْ مان ان کي بہ بخش ڪري ڇڏيو آهي، ڇو تہ اهي اهڙا (بابرڪت) ٻانها آهن، جو انهن جي مجلس ۾ ويهڻ وارو بہ محروم ۽ بدبخت نہ ٿو رهي. (صحيح بخاري ح: 6045 - بيهقي شريف ح: 531 الترغيب والترهيب، مسند امام احمد بن حنبل، صحيح مسلم)

## ذڪر الاهي ۽ وڏي عمر هجڻ خوش نصيبي آهي

(4) حضرت عبداللہ بن بُسر مازني ﷺ کان روايت آهي تہ هڪ اعرابي (ٻهراڙي ۾ رهڻ وارو عرب) حضرت نبي ڪريم ﷺ جي خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿيو ۽ سوال ڪيائين تہ ماڻهن ۾ بهترين شخص ڪير آهي؟ حضور اڪرم ﷺ فرمايو

www.maktabah.org

خوش نصيب آهي اهو شخص، جنهن جي عمر ڊگهي ٿي ۽ عمل سُنا ٿيا. ان اعرابيءَ ٻيهر سوال ڪيو ته ڪهڙو عمل افضل آهي؟ حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو ته تون دُنيا مان ان طرح جُدا ٿئين جو تنهنجي زبان الله جي ذڪر سان تازي هجي. (يعني الله تعاليٰ جو ذڪر ڪندي موت اچي).

(ترمذي شريف ح:3375- ابن ماجه (مفهومه) مسند ابن جعد علامہ ابوالحسن علي بن جعد بن عبيد هاشمي)

مؤمن انسان جي واسطي صحت، تندرستي، ڊگهي ڄمار، نيڪ صالح عملن سان سينگاريل عمر واقعي وڏي خوش نصيبي ۽ خوش قسمتي آهي، ڇو ته ڊگهي عمر ۽ صحتمندي الله تعاليٰ جي نعمت آهي. ۽ وڏي بلندبختي ۽ ڀلائي الله جي ذڪر ۾ مشغول رهڻ آهي. ڊگهي عمر ۾ گهڻو ذڪر الٰهي ٿيندو. جيترو وڌيڪ ذڪر الٰهي جو ذخيرو ٿيندو، الله تعاليٰ جون ڀلايون، مهربانيون، نوازشون بغير حساب ڪتاب جي عطا ٿينديون رهنديون. جنت الفردوس ۾ درجا نيڪ عملن جي گهڻائي ڪري بلند ٿيندا. ان واسطي صالح عملن واري ڊگهي عمر کي غنيمت سمجهڻ گهرجي. هن حديث مبارڪ ۾ ٻي ڳالهه اها قابل توجه آهي ته جڏهن انسان کي موت اچي ته ان مؤمن جي زبان الله تعاليٰ ﷻ جي پاڪ نالي جي ذڪر شريف سان مشغول هجي. زبان تي ذڪر الاهيءَ جون لوليون ۽ تنوارون هجن ۽ زبان ذڪر الٰهي سان تر ۽ تازه هجي.

## جنت ذڪر جي محفلن جي مالِ غنيمت آهي

(5) حضرت سيدنا عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته آئون رسول الله ﷺ کي عرض ڪيو ته يارسول الله! ذڪر جي

www.maktabah.org

مجلسن جي غنيمت ڇا آهي؟ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو تہ ذڪر جي مجلسن جو مالِ غنيمت جنت آهي.

(الترغيب والترهيب ج: 2 ح: 2324- مجمع الزوائد مسند احمد بن حنبل ج: 2 ح: 6777)

(6) حضرت ابودرداء ﷛ کان روايت آهي تہ حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ جن ماڻهن جون زبانون الله پاڪ جي ذڪر سان هميشہ تر و تازه رهن ٿيون، اهي جنت ۾ مُسڪرائيندي داخل ٿيندا. (الدرالمنثور ج: 1 علامہ سيوطي مُصنف ابن شيبه ج: 7)

## ذڪر الٰهي جون محفلون جنت جا باغ آهن

(7) حضرت انس بن مالڪ ﷛ کان روايت آهي تہ حضور عليه الصلوٰة والسلام فرمايو آهي تہ جڏهن توهان جنت جي باغن مان لنگهو تہ خوب ڪائيندا ڪريو. اِذَا مَرَرْتُمْ بِرِيَاضِ الْجَنَّةِ فَارْتَعُوْا. صحابه ڪرام عرض ڪيو تہ يارسول الله! جنت جا باغ ڪهڙا آهن؟ پاڻ ڪريمن فرمايو تہ ذڪر جا حلقا، يعني ذڪر جون محفلون ۽ مجلسون، جتي مسلمان گڏ ٿي الله پاڪ جو ذڪر ڪندا آهن.

(مسند احمد بن حنبل ج: 3 ح: 12545 جامع الترمذي مجمع الزوائد ج: 1 ح: 126)

هيءُ دنيا دارالعمل آهي. جنت الفردوس، بهشت، مؤمنن جي آخري منزل گاهہ ۽ دائمي گهر آهي، جتي هميشہ هميشہ جي رهڻ جو ماڳ آهي. جنت رضاءِ مصطفيٰ ﷺ جو مقام آهي. اتي هر قسم جون نعمتون، راحتون، سرور جون رونقون ۽ بزمون سينگاريل آهن. اتي وڏي کان وڏي نعمت الله تبارڪ وتعاليٰ ﷻ جو ديدار هوندو ۽ اهو ديدار بقا وارين اکين سان جنت الفردوس ۾ ٿيندو. مؤمنن لاءِ خوشخبري ۽ بشارت آهي تہ جيڪڏهن هن دنيا ۾ رهندي، جنت جا لطف حاصل ڪرڻ جي تمنا هجي ۽ جنت

www.maktabah.org

جي بهارن سان شاد ڪام ٿيٺو هجي ته انهن ٻانهن لاءِ اها نعمت الله جي ذڪر جون محفلون آهن، جتي ويهي ڪري ٻانها جنت جا ميوا، ڦل يعني ذڪرالله خلوص نيت سان ڪن ته انهن جي لاءِ جنت جي باغن جو سير اهي ذڪر جون مجلسون ۽ حلقا آهن. سبحان الله، سبحان الله، جيڪڏهن مؤمن بندو خواهش رکي ته ان جو الله وٽ ڇا مقام آهي ته ان کي گهرجي ته هو اهو ڏسي ته الله تعاليٰ جو ان وٽ ڇا مقام آهي. ڇو ته الله تعاليٰ ٻانهي کي اهو ئي مقام عطا ڪندو آهي، جيڪو ان وٽ الله جو هوندو آهي. (بيهقي: جلداول)
ته ذڪر جي محفلن ۾ شريڪ ٿي، جنت جا مزا ماڻڻ ڪپن.

سبحان الله! ذڪر جي محفلن جو ڇا شان آهي. محفلِ ميلاد النبي ﷺ، ذڪرِ شهادت جون محفلون، بزرگان دين جا عرس، نعت شريف جون محفلون، جنت جا باغيچا آهن. انهن کي منعقد ڪرڻ وارا خوش نصيب، انهن باغيچن جا خدمتگار مالهي آهن. انهن ۾ شرڪت ڪرڻ وارا رضاءِ الٰهي جا حقدار ٿي وڃن ٿا. انهن محفلن ۾ دين اسلام جي ڄاڻ ملي ٿي. ذڪرالله ٿئي ٿو، ذڪرِ مصطفيٰ ﷺ ٿئي ٿو، صالحن بزرگن جو ذڪر ٿئي ٿو، تبرڪ ملي ٿو، ذڪر جا اهي حلقا نهايت بابرڪت آهن ۽ اتان ڪو به محروم نه ويندو آهي.

## ذڪر ڪرڻ واري کي ربّ پاڪ ياد ڪري ٿو

(8) حضرت سيدنا ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته منهنجو ٻانهو، منهنجي متعلق جهڙي سوچ ۽ خيال رکندو آهي، مان به ان سان اهڙو ئي معاملو ڪندو آهيان. جڏهن هو مون کي ياد ڪندو آهي (ذڪر

www.maktabah.org

ڪندو آهي) مان پنهنجي ٻانهي سان گڏ هوندو آهيان. پوءِ جيڪڏهن هو پنهنجي دل ۾ منهنجو ذڪر ڪري ته مان به پنهنجي پاڻ سان ان جو ذڪر ڪندو آهيان ۽ جيڪڏهن هو جماعت ۾ منهنجو ذڪر ڪري ته مان ان جي جماعت کان بهتر جماعت ۾ ان کي ياد ڪندو آهيان. جيڪڏهن هو هڪ گرانٺ منهنجي قريب اچي ته مان هڪ هٿ جي برابر ان جي ويجهو ٿيان ٿو. جيڪڏهن اهو هڪ هٿ جي برابر ويجهو اچي ته آئون هڪ پرهه جيترو ان جي ويجهو ٿي وڃان ٿو ۽ جيڪڏهن هو مون ڏانهن وک وک هلي اچي ته آئون ان ڏانهن ڊوڙي اچان ٿو. (صحيح بخاري، صحيح مسلم، الترغيب والترهيب، فتح الباري، نسائي، السنن الڪبريٰ ج: 4 ح: 7730- ترمذي ح: 2675- ابن ماجه)

هيءَ حديث قدسي آهي، جنهن ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته مؤمن بندو منهنجي لاءِ جنهن طرح جي سوچ، گمان، نيت يا خيال رکندو آهي، اهڙو ئي الله تعاليٰ اُن سان سلوڪ فرمائيندو آهي. جيڪڏهن ٻانهو الله تعاليٰ لاءِ هيءُ سوچي ته مالڪ منو رب ڪريم وڏو رحمٰن رحيم ڪريم آهي ته انشاءَ الله ان ٻانهي تي رب ڪريم جي رحمتن، برڪتن ۽ ڪرم نوازين جي برسات بي حساب وسندي. جيڪڏهن ٻانهو مغفرت ۽ بخشش جو طالب ٿي اميد رکندو ته ان کي بخشي ڇڏيندو. دعا جي قبوليت جي اُميد رکندو ته ان جي دعا قبول پوندي. مطلب ته جهڙي نيت، تهڙي مراد حاصل ڪندو. سبحان الله! جڏهن ٻانهو الله جو ذڪر ڪندو آهي ته اهو ان جي ويجهو هوندو آهي. ٻانهي تي لازم آهي ته الله واحد وحده لاشريڪ له کي ياد ڪري اهو يقين ڪري ته الله تعاليٰ به ان کي ياد ڪري ٿو. تنهائي اڪيلائي ۾ ذڪر جي ڪثرت ڪريو. اهو رسول الله جو فرمان آهي. (بيهقي ج 1)

www.maktabah.org

ٻانهو خلوت، جلوت، اڪيلائي ۾ توڙي ماڻهن سان گڏ مجمع محفل ۾ گهڻو الله پاڪ جو ذڪر ڪري. اها وڏي سعادت، هر عمل ۾ نيت جي سچائي بهتر مطلوب ۽ مقصود هوندو آهي. هن حديث پاڪ ۾ الله تعاليٰ جي خاص قرب جو ذڪر آهي. الله تعاليٰ وڏي محبت ۽ پيار واري دلربا انداز ۾ فرمايو آهي ته ٻانهو ٿورو منهنجي قريب ٿيندو آهي ته مان ان تي وڌيڪ مهربان ۽ قرب سان نوازش ڪندو آهيان. هن حديث پاڪ ۾ الله تعاليٰ بابت گرانٺ، هٿ، ڊوڙڻ وغيره جو ذڪر آهي. الله تعاليٰ انهن صفتن کان پاڪ آهي. مطلب آهي ته الله تعاليٰ ٻانهي کي پنهنجي رحمت ۽ اڻ ڪٿ مهربانين کي محبت واري انداز سان بيان فرمايو آهي. اِهو، سندس ٻانهي سان ڪمال محبت جو دليل آهي.

## الله تعاليٰ جو ذڪر ڪثرت سان ڪرڻ گهرجي

(9) حضرت سيدنا ابوسعيد خدري رضي الله عنه بيان ڪن ٿا ته رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو ته الله جو ايترو ڪثرت سان ذڪر ڪريو جو ماڻهو چون ته هي ديوانو آهي.

(مسند احمد ج: 3 ص: 68- صحيح ابن حبان ح: 817 بيهقي شعب الايمان ج: 1 ح: 536- الترغيب والترهيب تفسير قرطبي الجامع لاحكام القرآن)

(10) حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو ته الله جو ذڪر ايترو ڪثرت سان ڪريو جو منافق توهان کي رياڪار چون. (تفسير ابن ڪثير- حلية الاولياء – طبراني ج: 12) ٻي روايت ۾ آهي ته منافق ذاڪر ٻانهن کي رياڪار خيال ڪن. (مجمع الزوائد ج: 10)

www.maktabah.org

## ذڪر ڪرڻ وارا الله کي پيارا

الله تعاليٰ ﷻ پنهنجي مخلوقات مان جن خوش نصيب ٻانهن کي خصوصي انعامن سان نوازي ٿو، انهن سان محبت بہ فرمائي ٿو ۽ جنهن ٻانهي سان الله تعاليٰ ﷻ محبت ڪندو آهي تہ پوري خلق ان سان پيار ڪندي آهي ۽ ان جو ادب احترام بہ ڪندي آهي. الله جو محبوب پسنديده پيارو ٻانهو بڻجڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ حضور اڪرم ﷺ اسان جي رهنمائي فرمائي آهي.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه روايت ڪن ٿا تہ آقا و مولا محمد رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ حضرت موسيٰ عليه السلام پنهنجي پروردگار ﷻ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو تہ اي منهنجا ربَّ! مون کي ٻڌاءِ تہ تنهنجي ٻانهن ۾ سڀ کان گهڻو متقي ڪير آهي؟ الله تعاليٰ فرمايو تہ جيڪو هر وقت منهنجو ذڪر ڪري ۽ مون کي نہ وساري". حضرت موسيٰ عليہ السلام ٻيو عرض ڪيو تہ يا الله ﷻ! تنهنجي ٻانهن ۾ سڀ کان وڏو عالم ڪير آهي؟ الله تعاليٰ فرمايو تہ جيڪو ڪڏهن بہ علم (حاصل) ڪرڻ ۾ ڍؤ نہ ڪري (يعني هميشہ هميشہ علم جي تلاش ۾ مستغرق رهي). پوءِ فرمايو تہ جيڪو پنهنجي علم ۾ ماڻهن (عالمن) جي علم کي جمع ڪري. پوءِ عرض ڪيو تہ يا الله! تنهنجي ٻانهن ۾ سڀ کان گهڻي عزت وارو ڪير آهي؟ الله تعاليٰ فرمايو تہ جيڪو طاقت، قوت سان غالب اچي معاف ڪري ڇڏي. (الفردوس بماثور الخطاب، ديلمي ج2 ص 3419)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما روايت ڪن ٿا تہ جڏهن حضرت سيدنا موسيٰ عليه السلام طورسينا (جبل) تي

www.maktabah.org

تشريف وني ويا تہ اتي الله تعاليٰ جي بارگاھ اقدس ۾ عرض ڪيائين تہ اي منهنجا پالڻهار ﷻ! توڪي تنهنجي ٻانهن مان گهڻي محبت ڪنهن سان آهي. الله تعاليٰ فرمايو تہ جيڪو هر وقت منهنجو ذڪر ڪندو رهي ٿو ۽ مون کي وساري نٿو. ٻي روايت ۾ آهي تہ جيڪو الله جو ذڪر مالڪ مٺي جي پاڪ نالي جو گهڻو ذڪر ڪندو رهي ٿو. (شعب الايمان بيهقي جلد اول، ح: 681- تفسير ابن ڪثير ج 3، شعب الايمان بيهقي ج 7 ح: 10348- مصنف ابن ابي شيبه)

حضرت محمد بن ڪعب قرظي کان روايت آهي تہ حضرت موسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو تہ اي منهنجا پالڻهار پروردگار! تنهنجي مخلوق مان تنهنجي نزديڪ سڀ کان وڏيڪ عزت وارو ڪير آهي؟ الله تعاليٰ فرمايو تہ جنهن جي زبان هميشہ الله جي ذڪر ۾ آلي رهي. ٻيو عرض ڪيائين تہ ياالله! تنهنجي مخلوق ۾ سڀ کان وڏو عالم ڪير آهي؟ الله تعاليٰ فرمايو تہ جيڪو پنهنجي علم سان گڏ ٻين جي علم جو طالب هجي يعني ان کي جتان علم ملي تہ شوق ذوق سان ان کي حاصل ڪري. (شعب الايمان بيهقي ج اول ح: 682)

حضرت عبدالله بن حارث ﷺ روايت ڪن ٿا تہ الله تعاليٰ حضرت داؤد عليه السلام جي طرف وحي موڪلي تہ مون سان ۽ منهنجي محبت ڪرڻ وارن سان محبت ڪر ۽ منهنجن ٻانهن ۾ مون کي محبوب بناءِ. حضرت سيدنا داؤد عليه السلام عرض ڪيو تہ اي پالڻهار پرودگار ﷻ مون سان ۽ تنهنجي محبت ڪرڻ وارن سان محبت ڪندس پر توکي مالڪ سائين تنهنجي ٻانهن ۾ ڪيئن محبوب بنايان؟ الله تعاليٰ فرمايو تہ انهن (منهنجن ٻانهن) جي سامهون منهنجو ذڪر ڪثرت سان ڪندو ڪر تہ بيشڪ

www.maktabah.org

منهنجو ذڪر ئي انهن لاءِ خير ڀلائيءَ جو باعث ٿيندو.

(مصنف ابن ابي شيبه ج7 ح: 34254)

حضرت انس ﷜ روايت ڪن ٿا تہ مون حضرت نبي ڪريم ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو تہ الله تعاليٰ جي محبت جي نشاني ان جي ذڪر سان محبت ڪرڻ آهي ۽ الله تعاليٰ سان بغض جي علامت، الله جي ذڪر سان بغض رکڻ آهي.

(شعب الايمان بيهقي ج اول رقم 409- 410 ڪنزالعمال ج اول ح: 1776)

حضرت ابوهريره ﷜ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو حضرت موسيٰ عليه السلام الله جي درٻار ۾ عرض ڪيو تہ اي ربّ ڪريم! تنهنجي ٻانهن مان سڀ کان زياده متقي ڪير آهي؟ الله تعاليٰ فرمايو تہ جيڪو هر وقت منهنجو ذڪر ڪري ۽ مون کي نہ وساري. (صحيح ابن حبان ج4 ح: 6217- موارد الظمآن ج اول ح: 86)

مٿي ذڪر ڪيل روايتن جي روشنيءَ ۾ اها ڳالهہ واضح آهي تہ جيڪو مؤمن بندو الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪندو تہ الله جي طرفان ان کي خاص انعام سان نوازيو ويندو. الله جي جنهن ٻانهي سان محبت ٿيندي آهي، بحر و بر ان جي دامن ۾ اچي ويندا آهن. دنيا ۽ آخرت جون سعادتون ۽ جنت الفردوس ۾ انهيءَ جي لاءِ بلند مقام هوندو آهي.

## حضور ﷺ جن جي سنت جو طريقو: ذڪرالله

(11) حضرت امير المؤمنين سيدنا علي مرتضيٰ ڪرّم الله وجهه ڪان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! حضور ﷺ جي سنت جو طريقو ڪهڙو آهي؟ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو:

☆ معرفت منهنجو سرمايو آهي.

www.maktabah.org

☆ عقل منهنجي دين جو اصل آهي.
☆ محبت منهنجي زندگيءَ جو بنياد آهي.
☆ شوق منهنجي سواري آهي.
☆ الله جو ذڪر منهنجو انيس (محبوب ساٿي) آهي.
☆ اعتماد منهنجو خزانو آهي.
☆ غم (عشق الاهي) منهنجو رفيق آهي.
☆ علم منهنجو هٿيار آهي.
☆ صبر منهنجو لباس آهي.
☆ رضا منهنجي غنيمت آهي.
☆ نوڙت ۽ نياز منهنجو فخر آهي.
☆ زهد منهنجو ڌنڌو آهي.
☆ يقين منهنجي خوراڪ آهي.
☆ صدق منهنجو مددگار ۽ شفيع آهي.
☆ اطاعتِ الٰهي منهنجو دفاع آهي.
☆ جهاد منهنجو خلق آهي
☆ ۽ نماز منهنجي اکين جو ٺار آهي.

(شفا شريف- قاضي عياض رحمة الله عليه- سيرت رحمة للعالمين- علامہ قاضي سليمان منصورپوري- مدارج السالڪين- علامہ ابن قيم)

هيءَ حديث علم جو خزانو آهي. اهل علم هن جي تشريح ۾ گهڻوڪجهہ لکيو آهي. جڏهن انسان پنهنجي خالق مالڪ پروردگار پالڻهار ﷻ جو سچو ٻانهو بنجي ويندو آهي تہ ان تي مالڪ سائين جي ٻانهپ جو رنگ چڙهي ويندو آهي. هر حال ۾ صبر ۽ شڪر ڪندو آهي. معرفت اهو نور آهي، جيڪو مؤمن جي

www.maktabah.org

دل ۾ رکيو ويندو آهي تہ جيئن صفات کي سمجهي پنهنجي قلب ۽ رُوح کي الله تبارڪ و تعاليٰﷻ جي حوالي ڪري، ان جي لازوال نعمتن سان مالا مال ٿئي. اسلام جو وڻ عقل جي سرزمين تي لڳايو ويو آهي ۽ علم جي پاڻيءَ سان اهو وڌي ويجهي ٿو. دين اسلام جا بهتر ۽ ڪارائتا نتيجا علم ۽ عقل جي صحيح استعمال سان حاصل ڪري سگهجن ٿا. هن حديث مبارڪ ۾ رسول اڪرم ﷺ جن هيءُ بہ فرمايو آهي تہ ذِكْرُاللهِ اَنِيْسِيْ يعني الله جو ذڪر منهنجو مونس يعني محبوب ساٿي آهي. ايمان وارن لاءِ الله جو ذڪر سفر جو توشو آهي. جيڪو ساڻ ڪري، اُهي سفر ڪن ٿا. ذڪر اهو پروانو آهي، جيڪو ڏيڪاري اڳتي وڌن ٿا. ذڪر دل جي زندگي آهي. جنهن ڪان سواءِ انسان مُردي وانگر قبر ۾ پيو آهي. ذڪر اهو هٿيار آهي، جنهن سان دشمنن ۽ ڦورن کي هٽائي سگهجي ٿو. نفس ۽ شيطان جي حملي ڪان پاڻ کي بچائي سگهجي ٿو ذڪر اهو پاڻي آهي، جنهن سان دل جي باهہ وسائي سگهجي ٿي. ذڪر اُها دوا آهي، جنهن سان لڪل، باطني ۽ ڳجها مرض ٺاري سگهجن ٿا.

عاشقن الله جي وائي سدا وات
فاذڪروني اذڪرڪم تن ۾ اها تات،
انهن ڪان ڪنهن ساعت سڄڻ ويل نہ وسريو.

(شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ)

## الله جو ذڪر دلين کي چمڪائيندڙ آهي

(12) حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ حضور اڪرم ﷺ فرمايو آهي تہ هر شيءِ جي لاءِ چمڪائڻ

www.maktubah.org

واسطي ڪا شيءِ هوندي آهي ۽ دلين کي چمڪائڻ لاءِ الله جو ذڪر آهي. الله جي ذڪر کان وڌيڪ الله جي عذاب کان نجات ڏيڻ وارو ڪو عمل نہ آهي. يعني آخرت جي عذاب کان ڇوٽڪاري لاءِ وڏو ۽ بهترين عمل الله جو ذڪر آهي.

(شعب الايمان بيهقي ج: 1 ح: 522- الترغيب والترهيب ج: 1 ح: 2295)

(13) حضرت ابودرداءؓ فرمائين ٿا تہ هر شيءِ کي چمڪائڻ لاءِ شيءِ هوندي آهي ۽ قلبن کي چمڪائڻ واري شيءِ الله جو ذڪر آهي. (شعب الايمان بيهقي ج: 1 ح: 523)

الله جي ذڪر سان قلبن تان ڪَٽ، ڪَس، ميراڻ لهندي آهي. قلبي صفائي ۽ روشنائيءَ لاءِ الله جو يادگيرو، ذڪر ڪرڻ نهايت ضروري آهي. جيئن اسان وٽ ٽانوَ قلعي ٿيندا آهن تہ چمڪندا آهن. اهڙي ريت دل جي چمڪائڻ لاءِ الله جي ذڪر جي قلعي جي ضرورت آهي.

## ملائڪ سڳورا ذاڪر ٻانهن جي راهن جي تلاش ڪن ٿا

(14) حضرت سيدنا ابوهريره ۽ سيدنا ابوسعيد خدري رضي الله عنهما ٻنهي صحابين سڳورن حضور نبي ڪريم ﷺ جي باري ۾ شاهدي ڏني تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن بہ ماڻهو الله جي ذڪر لاءِ ويهن ٿا تہ ملائڪ انهن کي گهيري رکن ٿا ۽ رحمت انهن کي پنهنجي آغوش ۾ وٺي ڇڏي ٿي ۽ انهن تي سڪينه (اطمينان جي ڪيفيت) نازل ٿئي ٿي ۽ الله تعالىٰ ﷻ انهن جو تذڪرو پنهنجي بارگاه بي مثال جي حاضرين ۾ ڪري ٿو.

(صحيح مسلم ڪتاب الذڪر والدعاء – ترمذي ڪتاب الدعوات – ابن ماجه – بيهقي شعب الايمان. الترغيب والترهيب)

www.maktabah.org

## اولياء الله جي زيارت، الله جي ياد جو باعث آهي

هي سارو جهان، مختلف ڪمن ڪارين ڪرڻ وارن سان پريو پيو آهي. جڏهن ڪو به ڪم ڪار ڪرڻ وارو نظر ايندو آهي ته ان جي ڪم جو تصور انسان جي سامهون اچي ويندو آهي. بلڪل اهڙي طرح جن الله پاڪ جي ذڪر فڪر سان محبت ڪئي. شريعت مصطفوي عليٰ صاحبها الصلوٰة والسلام جي پيروي کي زندگيءَ جو مقصد بنايو ته انهن نيڪ صالح اولياء الله ذاڪر ٻانهن جي زيارت، ملاقات صحبت ۾ اچڻ سان الله تبارڪ و تعاليٰ جي ياد ايندي آهي. اهو وڏو نصيب جو ڪم آهي.

(15) حضرت اسماء بنت يزيد رضي الله عنها کان روايت آهي ته مون حضور اڪرم ﷺ کي فرمائيندي ٻڌم ته ڇا آئون توهان کي توهان مان بهترين ماڻهن جي باري ۾ ڳالهه نه ٻڌايان؟ صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جن عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ! ڇو نه؟ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو ته توهان مان زور ڀلا ماڻهو اُهي آهن، جو جڏهن انهن کي ڏسجي ته الله ياد اچي وڃي. (ابن ماجه ڪتاب الزهد ح: 4119 مسند احمد بن حنبل ج: 6 ح: 2764)

(16) عَنْ سيدنا عبدالله ابن عباس رضى الله عنهما سُئِلَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ اَوْلِيَاءُ اللهِ؟ قَالَ الَّذِيْنَ اِذَا رُؤُوْا ذُكِرَاللهُ.
(رواه النسائي في السنن الڪبريٰ ح: 11235- مجمع الزوائد علامه هيثمي ج: 10)

حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ کان اولياء الله جي متعلق سوال ڪيو ويو ته پاڻ سونهارن ﷺ فرمايو: اِهي اُهي ماڻهو آهن، جن کي ڏسڻ سان الله تعاليٰ ياد اچي وڃي.

www.maktabah.org

ٻي روايت ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان مروي آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته يقيناً ڪجهه ماڻهو الله تعالىٰ جي ذڪر جون ڪُنجيون هوندا آهن، انهن کي ڏسي، الله جل جلاله ياد اچي وڃي ٿو. (مجمع الزوائد ج: 10- طبراني المعجم الڪبير ج: 10 ح: 10476)

## ذڪر جي حلقي ۾ ويهڻ وارن جا گناهه نيڪين ۾ بدلايا وڃن ٿا

ذاڪرن جون محفلون ۽ حلقا جتي ويهي الله تعالىٰ جو ذڪر ڪندا آهن، اهي جنتي باغ آهن. سڪينه نازل ٿيڻ جون جايون آهن. انهن حلقن ۾ ويهڻ وارن تي خصوصي مهرباني ٿئي ٿي.

(17) حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه حضور اڪرم ﷺ جو فرمان بيان ڪري ٻڌايو ته "مَا مِنْ قَوْمٍ اجْتَمَعُوْا يَذْكُرُوْنَ اللهَ لَا يُرِيْدُوْنَ بِذٰلِكَ اِلَّا وَجْهَهٗ" يعني جيڪي مومن ٻانها رڳو الله پاڪ جي رضاطلبي لاءِ ذڪر الٰهي ڪرڻ واسطي اجتماعي طور گڏجي ذڪر ڪن ٿا ته آسمان مان هڪ منادي ڪرڻ وارو اعلان ڪري چوي ٿو ته "اَنْ قُوْمُوْا مَغْفُوْرًا لَّكُمْ قَدْ بُدِّلَتْ سَيِّاٰتُكُمْ حَسَنَاتٍ" هاڻي اٿي بيهو توهان جي مغفرت ۽ بخشش فرمائي ڇڏي، توهان جا گناهه نيڪين ۾ تبديل ڪيا ويا آهن.

(الترغيب والترهيب ج: 2 — مجمع الزوائد ج: 10- مسند احمد بن حنبل)

(18) ۽ اهڙي قسم جي روايت حضرت سهل بن حنظله رضي الله عنه کان به مروي آهي، جنهن ۾ به گناهن کي نيڪين ۾ تبديل ڪرڻ جو بيان فرمايل آهي. (مجمع الزوائد ج: 10- طبراني المعجم الڪبير ج: 6)

اولياء الله صالحن جي سنگت پرتاثير آهي، جتي اهي وڏا

www.maktabah.org

وڏا انعام ملندا آهن، گناهن جي ميٽجڻ ۽ انهن تي نيڪين جو عطا ٿيڻ، وڏي نصيب جو ڪم آهي. الله تعاليٰ اسان کي انهن نيڪ بخت ٻانهن سان ويهي، پنهنجو ذڪر ڪرڻ جي توفيق بخشي. آمين.

## ذڪر الـهي شيطان ڪان بچڻ جو ذريعو آهي

(19) حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما جن اسان کي رسول اڪرم ﷺ جو هي ارشاد مبارڪ ٻڌايو آهي ته رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو ته شيطان انسان جي دل سان چنبڙيل رهي ٿو (جيئن ماکيءَ تي مک) جڏهن انسان الله جو ذڪر ڪري ٿو ته اهو (شيطان) هٽي پري ٿي وڃي ٿو ۽ جڏهن انسان ذڪر الٰهي کان غافل ٿي پوي ٿو ته هو (شيطان) وسوسا وجهي ٿو.

(تفسير ابن ڪثير ج: 2- بخاري شريف)

هن حديث پاڪ ۾ انسان مان مُراد مومن آهي، ڇو ته شيطان مومن جي دل سان چنبڙي ٿو. باقي ڪافر جي دل ته شيطان جو پنهنجو گهر آهي. اُن سان ان کي چنبڙڻ جي ضرورت نه آهي. جيڪو مومن الله جو ذڪر ڪندو رهي ٿو ته ان جي قلب تي شيطان جي چنبڙڻ جو اثر نٿو ٿئي. الله ۽ رسول ﷺ جي حُڪمن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪو خلل واقع نٿو ٿئي. ليڪن جيئن ئي مومن الله جي ذڪر کان غافل ٿئي ٿو ته شيطان کي موقعو هٿ اچي ٿو ۽ اهو وسوسا وجهڻ شروع ڪري ٿو ڏئي. وري جيئن مومن هوش سنڀالي ٿو ۽ الله جو ذڪر ڪرڻ لڳي ٿو ته شيطان مُرده ٿي وڃي ٿو. الله جي ٻانهي جا عمل، ذڪر الله جي برڪت سان درست ٿيڻ لڳن ٿا. دل مان گناهن جي ڪاراڻ لهڻ لڳي ٿي ۽ ان جو قلب نور ايمان سان مُنور ٿي پوي ٿو ۽ اُن جو شمار ذاڪر ٻانهن ۾ ٿئي ٿو. دنيا ۾ ان کي خوف ۽ ڊپ کان آزادي ملي ٿي. الله جي طرفان

www.maktabah.org

ذاڪر ٻانهي کي حيات طيبه (پاڪ زندگي) جو تحفو بخشيو وڃي ٿو ۽ جنتي هئڻ جو پلارو، پيارو خوشيءَ جو پيغام ٻڌايو وڃي ٿو. ذڪر قلبي شفا آهي. شيطان کان بچاءُ، جنت جو پروانو، قيامت ۾ الله پاڪ جي عرش جي ڇانوَ ملڻ جو ذريعو آهي.

(20) حضرت ابودرداء رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ جن ماڻهن جون زبانون الله جي ذڪر سان هميشه تازيون رهن ٿيون، اهي جنت ۾ کلندي داخل ٿيندا.

(مصنف ابن ابي شيبه ج: 7 ح: 34587- تفسير دُرمنثور ج: 1 ابونعيم حلية الاولياء ج: 1)

جڏهن ٻانهي مٿان الله تعاليٰ راضي ٿيندو آهي تہ ان کي ذڪر جي توفيق سان نوازيندو آهي.

## مؤمن ٻانهي تي الله جو سڀ کان وڏو احسان ان کي ذڪر جي توفيق عطا فرمائڻ آهي

(21) حضرت ابوذر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو هر ڏينهن ۽ رات ۾ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي چاهيندو آهي، خيرات سان نوازيندو آهي ۽ ڪنهن بہ ٻانهي کي الله تعاليٰ پنهنجي ذڪر جي توفيق جي خيرات کان وڌيڪ ڪنهن خيرات سان ناهي نوازيو.

(مسند بزار ج: 9 ح: 3890- تفسير درمنثور علامہ سيوطي ج اول- مجمع الزوائد ج 2 – تفسير الجامع لاحڪام القرآن قرطبي ج 9)

الله تعاليٰ جي رضا ۽ خوشنودي خاطر ذڪر الٰهي جي مشغولي الله تعاليٰ جو وڏو احسان آهي. ذڪر الٰهي جي توفيق ملڻ بہ الله جي طرفان آهي. جنهن مومن کي اها دولت ملي ٿي، اهو وڏو نصيب وارو آهي. ان لاءِ ڪوشش ڪري هميشہ ذڪر الٰهي سان پاڻ کي مشغول رکڻ کپي، جو تہ اها وڏي دولت آهي.

www.maktabah.org

حضرت خواجہ حسن بصري رحمه الله فرمائين ٿا تہ ٽن شين ۾ ايمان جو لطف حاصل ڪندا ڪريو:

(1) ٻهريان الله تعاليٰ جي نماز پابنديءَ سان ادا ڪندا رهو.

(2) ٻيو ذڪر الٰهي ڪندا رهو.

(3) قرآن ڪريم جي تلاوت ڪثرت سان ڪريو.

جيڪڏهن توهان کي لطف ۽ لذت حاصل ٿئي تہ ڏاڍو سٺو، ورنہ سمجهو تہ الله تعاليٰ جي توفيق جو دروازو بند آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ نيڪ صالح عمل نيت جي سچائيءَ سان ادا ڪرڻ يقيناً الله تعاليٰ جي توفيق آهي.

حضرت علامہ جلال الدين رومي رحمه الله مثنوي ۾ فرمايو آهي تہ الله جي هڪ نيڪ مؤمنہ ٻانهي رات جو اُٿي ذڪر الٰهي ڪندي رهندي هئي. ان جي مڙس ان کي چيو تہ تون رات جو ننڊ تي ڦٽائين. دنيا آرامي آهي، تون پئي الله الله ڪرين. ڀلا ٻڌاءِ تہ الله تعاليٰ جي رضا جي ڪا نشاني يا علامت تو وٽ آهي؟ ان مومن عورت چيو تہ اي منهنجا وَرَ نامدار، سموري خلق غفلت جي ننڊ ۾ غافل پئي آهي، ان وقت مون کي الله تعاليٰ توفيق عطا فرمائي آهي جو آئون اُٿي ذڪر الٰهي ڪريان ٿي ۽ نوافل پڙهان ٿي. اهو منهنجو اٿڻ منهنجي مالڪ جل جلاله جي رضا ۽ توفيق کان سواءِ ممڪن نہ آهي. منهنجو ايمان آهي تہ اهو الله جو احسان ۽ ان جي رضا آهي، جيڪا مون سان شاملِ حال آهي. (سبحان الله)

## جنهن ٻانهي کي ذڪر الاهي ڪندڙ زبان عطا ٿي، ان کي دنيا ۽ آخرت جي هر ڀلائي ملي

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت

www.maktabah.org

آهي تہ حضور نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ جنهن کي چار شيون ملي ويون، ان کي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ملي وئي. (1) شڪر ڪندڙ دل (2) ذڪر ڪندڙ زبان (3) مصيبت تي صبر ڪندڙ جسم (4) اهڙي زال، جيڪا پنهنجي ذات ۽ مڙس جي مال ۾ خيانت نہ ڪري. (شعب الايمان بيهقي ج 4 ح: 4429- المعجم الڪبير طبراني ج: 11- حلية الاولياء ج 3- مجمع الزوائد ج: 4)

حضرت جلاس بن عمرو سنان رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو هر ڪوشش ڪرڻ واري جو انجام ۽ نتيجو آهي ۽ آدم عليه السلام جي اولاد جو انجام موت آهي. پوءِ لازمي آهي تہ الله تعاليٰ جو ذڪر اختيار ڪريو. ڇو تہ ذڪر الاهي، توهان لاءِ موت جي سختيءَ ۾ آساني پيدا ڪندو ۽ آخرت ۾ توهان جو مونس، ورونهہ بنبو. (البيان والتعريف ج اول ح: 645- علامہ ابراهيم بن محمد حسيني (1054- 1120هہ- بيروت لبنان، دارالڪتب العربي 1401هہ)

حضرت معاذ بن انس رضي الله عنه کان روايت آهي، ان رسول ڪريم ﷺ کان سوال پڇيو تہ ڀلو زور ايمان وارو ڪير آهي؟ پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو تہ تون الله تعاليٰ خاطر محبت ڪرين ۽ الله تعاليٰ جي لاءِ ئي ناراض ٿئين ۽ تنهنجي زبان الله تبارڪ وتعاليٰ جل جلاله جي ذڪر ۾ لڳل رهي. مون عرض ڪيو تہ ان ڪان سواءِ؟ پاڻ سونهارن ﷺ فرمايو تہ جيڪو ڪجهہ پنهنجي لاءِ پسند ڪرين، ماڻهن لاءِ بہ اهو پسند ڪر. جيڪو توکي نہ وڻي، اهو ٻين لاءِ بہ ناپسند ڪر. (مسند احمد بن حنبل ج: 5 ح: 22183- مجمع الزوائد ج اول- المعجم الڪبير ج20- الترغيب والترهيب)

## جنهن مجلس ۾ الله جو ذڪر نٿو ٿئي، اها خساري جو سبب بڻجي ٿي

(22) حضرت ابوهريره رضي الله عنه جن روايت ڪن ٿا تہ حضور

www.maktabah.org

عليه الصلواة والسلام فرمايو جيڪو ماڻهو ڪنهن مجلس ۾ ويهي، الله جو ذڪر نہ ڪري، اها مجلس ان جي لاءِ الله جي طرفان خساري جو سبب ٿيندي ۽ جيڪو ماڻهو بستري تي ليٽي، الله جو ذڪر نہ ڪري تہ ان ڪي بہ الله ﷻ طرفان خسارو ٿيندو.

(الترغيب والترهيب ج: 1 ح: 900- سنن ابي داؤد- مسند احمد بن حنبل)

(23) ٻي روايت ۾ آهي تہ ذڪر سان گڏ، مجلس ۾ جيڪو رسول الله ﷺ تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان تي گرفت (پڪڙ) ٿيندي. پوءِ الله چاهي تہ انهن کي عذاب ڏي ۽ جيڪڏهن چاهي تہ انهن کي بخشي ڇڏي. (جامع الترمذي- مجمع الزوائد- تفسير ابن ڪثير)

انهيءَ مجلس جي فيصلن ۾ ڪڏهن ڪاميابي برڪت نصيب نہ ٿيندي، جنهن ۾ ڪنهن بہ نوعيت سان الله کي ياد نہ ڪيو وڃي. چاهي موقعي جي مناسبت سان. سبحان الله- ماشاءالله- ان شاءَ الله- صلي الله عليڪ يا رسول الله يا صلي الله عليه وسلم جو ئي ورد ڪيو وڃي تہ پوءِ الله جي رحمت مان اُميد آهي تہ اُهو خساري کان محفوظ فرمائيندو. اهڙي طرح ان ننڊ، آرام مان سُڪون نہ ملندو، جنهن کان اڳ الله جو ذڪر ۽ درود پاڪ نہ پڙهيو وڃي. ذڪرالله تلاوت گهٽ ۾ گهٽ سورة اخلاص ٽي ڀيرا ۽ درود شريف پڙهندي آرام ڪرڻ سان سُڪون ملندو ۽ ننڊ بہ خوب ايندي. برن ۽ ڊيڄاريندڙ خوابن کان بہ نجات ملندي. بهرحال الله ﷻ جي ذڪر کان غفلت، بي برڪتي ۽ خساري جو سبب آهي. پوءِ ايمان وارن کي الله جو ذڪر ڪثرت سان ڪرڻ گهرجي. هر وقت ذڪر الٰهي ڪيو. آهستي ڪريو يا بلندآواز سان ڪريو. گهمندي، ڦرندي، اُٿندي، ويهندي، آرام ڪندي، کائيندي پيئندي، مطلب تہ زندگي جي هر لمحي کي قيمتي ڄاڻي الله

www.maktabah.org

تعاليٰ جو ذڪر ڪجي. سمهڻ وقت ذڪر ڪري سُمهجي ۽ دل کي ياد الهي ۾ مشغول رکجي. جاڳندي ڪلمہ شريف، سبحان الله، الحمد لله يا درود پاڪ جيڪڏهن زبان تي جاري هجي تہ اها ڪيفيت خوش نصيب ياڳن واري مسلمان جي آهي. ان تي ربّ ڪريم ﷻ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي، جو مالڪ مٺي ﷻ پنهنجي محبوب جي صدقي اسان توهان کي پنهنجي ياد، ذڪر جي توفيق عنايت فرمائي.

## ذڪر سڀني عبادتن کان افضل ۽ اعليٰ آهي

(24) حضرت ابودرداء رضی اللہ عنہ بيان ڪن ٿا تہ حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ ڇا آئون توهان کي توهان جي عملن مان وڏيڪ ڀلو عمل نہ ٻڌايان؟ جيڪو توهان جي ربّ ڪريم ﷻ جي دربار ۾ بهتر بالا ۽ صاف سٿرو ۽ درجن جي لحاظ کان تمام وڏو درجو ڏيارڻ وارو، جيڪو توهان جي واسطي سون ۽ چاندي خيرات ڪرڻ کان بہ ڀلو هجي. (اهو عمل بدني ۽ مالي عبادتن کان افضل هجي) ۽ توهان جو، توهان جي دشمن سان مهاڏو اٽڪائڻ يعني جهاد ڪرڻ کان بہ بهتر هجي، ان حال ۾ جو توهان جهاد ۾ دشمنن جون سسيون ڪپيو ۽ هو توهان کي شهيد ڪن. صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين عرض ڪيو تہ يارسول الله ﷺ "ها" (ضرور ٻڌايو). پاڻ سونهارن ﷺ فرمايو تہ ذڪر الله. يعني اهو عمل آهي الله ﷻ جو ذڪر (رواه مالڪ و احمد والترمذي)

(25) پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو الله جي ذڪر کي، الله جي رستي ۾ مال خرچ ڪرڻ تي سؤ ڀيرا وڌيڪ فضيلت حاصل آهي. (مسند احمد بن حنبل ج: 3 — طبراني المعجم الڪبير ج: 20)

www.maktabah.org

(26) حضور اڪرم ﷺ جو هيءُ فرمان عاليشان آهي تہ ذڪر صدقي کان افضل آهي ۽ پڻ فرمايائون تہ هڪ ماڻهوءَ جي دامن (جهولي) درهمن (رپين، پئسن) سان ڀريل هجي ۽ اهو انهن کي ورهائيندو رهي ۽ ٻيو الله جو ذڪر ڪري رهيو هجي تہ ذڪر ڪرڻ وارو افضل آهي. (الترغيب والترهيب علامہ منذري ج: 2 ح: 2310)

## ذڪر قيامت ۾ ذاڪرن جو بار لاهيندو

(27) حضرت سيدنا ابوهريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ مفردون اڳرائي ڪري ويا. عرض ڪيو ويو تہ يارسول الله ﷺ مفردون ڪير ماڻهو آهن؟ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ الله جو گهڻو ذڪر ڪرڻ وارا مرد ۽ الله جو گهڻو ذڪر ڪرڻ واريون عورتون. (صحيح مسلم، شعب الايمان بيهقي ج اول ح: 506)

(28) حضرت ابوهريره ﷛ کان مروي آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ مفردون سيني کان اڳتي نڪري ويا. صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم عرض ڪيو تہ يارسول الله مفردون ڪير ماڻهو آهن؟ پاڻ سونهارن ﷺ فرمايو تہ الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مستغرق رهڻ وارا ماڻهو. ذڪر انهن تان بار لاهي ڇڏيندو ۽ قيامت جي ڏينهن اهي ذاڪر ٻانها هلڪا ڦلڪا الله جي دربار ۾ ايندا. (جامع ترمذي ج 2 ابواب الدعوات. تاريخ ڪبير امام بخاري ج8 - تفسير درمنثور)

(29) حضرت ابودرداء ﷛ جن بہ پياري حبيب ڪريم ﷺ جن کان اهڙي حديث بيان ڪئي آهي. (مجمع الزوائد ج10. تفسير درمنثور ج6)

هن حديث ۾ ذاڪر ٻانهن لاءِ وڏي خوشخبري آهي. مفرد اهي ذاڪر ٻانها آهن، جن پاڻ کي الله جي ذڪر ۾ مستغرق رکيو، اهي ٻين کان بلڪل الڳ ۽ نرالا هوندا. ذاڪر ٻانهو هزارن ۾ نرالو، ذڪر جو نور انهن کي پرنور بنائي ڇڏي ٿو. قيامت ۾ اهڙا

www.makabah.org

نصيبن وارا ٻانها جنهن جا سنگتي ساٿي هوندا، اهي بہ خوش خرم هوندا. ذاڪر ٻانها مفرد سان گڏ منفرد بہ هوندا. انهن جا درجا بہ بلند هوندا. اهي ذاڪر نهايت اخلاص ۽ لِلّهيت سان الله جي عبادت ڪندا آهن. ذڪر تي حرص ۽ شڪر ڪرڻ انهن جي زندگيءَ جو شعار هوندو آهي. انهن ذاڪر ٻانهن شريعت پاڪ جي پابندي تحت پنهنجي خواهشن کي ڇڏي ڏنو آهي. انهن کي الله جي ذڪر کان سواءِ ڪابہ لذت نہ آهي.(جامع العلوم والحڪم، علامہ رجب حنبلي- مرقاة علامہ ملا علي قاري ﷫)

## ذاڪر اهلِ ڪرم (سخا وارا) آهن

(30) حضرت ابوسعيد خدري ﷜ کان روايت آهي تہ حضور اڪرم ﷺ فرمايو الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ قيامت جي ڏينهن گڏ ٿيندڙ ڄاڻي وٺندا تہ اهل ڪرم ڪير آهن. عرض ڪيو ويو تہ يارسول الله ﷺ "اهلِ ڪرم" ڪير ماڻهو هوندا؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ اَهْلُ مَجَالِسِ الذِّكْرِفِي الْـمَسَاجِدِ يعني مسجد ۾ ذڪر الاهيءَ جون مجلسون ۽ محفلون منعقد ڪرڻ وارا.

(مسند احمد بن حنبل ج: 3 ح: 11670- بيهقي شعب الايمان ج:1 ح: 535)

اهل سخا، اهل ڪرم ٻانها اُهي آهن، جيڪي رات ڏينهن ربّ پاڪ کي ياد ڪندا رهن ٿا. واپار، تجارت، دنياوي ڪمن ڪارين ڪري هو الله جي ذڪر کان غافل نٿا رهن. رات جو آرامده بسترا ڇڏي، اُٿي الله جو ذڪر ڪندا آهن. انهن کي قيامت جي ڏينهن سڌي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو. اهڙي روايت حضرت عقبہ بن عامر جهني ۽ حضرت اسماءِ بنت يزيد رضي الله عنهما کان مروي آهي. (مسند ابويعليٰ ج: 2 مستدرڪ حاڪم ج: 2 مسند عبد بن حميد علامہ ابومحمد بن نصر الڪسي ج: 1 مڪتبة السنة قاهره)

www.maktabah.org

## حشر جي ميدان ۾ ذاڪر پانھا موتين ۽ نور جي منبرن تي رونق افروز هوندا

حضرت ابودرداء ﷺ کان روايت آهي تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو: "الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ڪجھ اهڙن نوراني چهري وارن کي اٿاريندو، جن جي چهرن ۾ نور چمڪندڙ هوندو. اهي موتين جي منبرن تي جلوه افروز هوندا. ٻيا ماڻهو انهن تي رشڪ ڪندا. اهي نوراني چهرن وارا نہ نبي هوندا ۽ نہ وري شهيد هوندا. حضرت ابودرداء ﷺ چون ٿا تہ هڪ اعرابي (ڳوٺاڻو صحابي) گوڏن ڀر ويهي عرض ڪرڻ لڳو تہ يا رسول الله ﷺ! توهان اسان جي اڳيان انهن جو حليو (نشاني) بيان فرمايو تہ جيئن اسان انهن کي سُڃاڻي سگھون. حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو اِهي اُهي ماڻهو آهن، جيڪي مختلف جدا جدا قبيلن ۽ مختلف علائقن سان تعلق رکڻ جي باوجود الله تعاليٰ ﷻ جي خاطر هڪ ٻئي سان محبت ڪندا آهن. هڪ جڳھ تي گڏجي جمع ٿي، مالڪ مني الله تعاليٰ ﷻ جو ذڪر ڪندا آهن.

(الترغيب والترهيب ج: 2 حديث: 4583. علامہ منذري فرمايو آهي تہ ان روايت کي امام طبراني ۽ حسن سَنَدَ سان روايت ڪيو آهي. طبراني معجم الڪبير- تفسير درمنثور ج 10، علامہ جلال الدين سيوطي- مجمع الزوائد ج 10)

حضرت ابوامامہ روايت ڪن ٿا تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ بيشڪ الله جا ڪجھ اهڙا ٻانها آهن، جن کي الله تعاليٰ قيامت ڏينهن نور جي منبرن تي ويهاريندو ۽ (ان وقت تائين) انهن جي منهن کي نور سان ڍڪي ڇڏيندو ۽ انهن کان گناهن کي پري ڪري ڇڏيندو ايستائين جو مخلوقات حساب کان فارغ ٿي ويندي. حضور اڪرم ﷺ کي عرض ڪيو ويو تہ اهي ڪير ماڻهو هوندا؟

www.maktabah.org

رسول ڪريم ﷺ فرمايو ته الله تعاليٰ جي خاطر پاڻ ۾ محبت ڪرڻ وارا.

(مجمع الزوائد ج 10- طبراني المعجم الڪبير ج 8 ح: 7527- الترغيب والترهيب)

حضرت عمرو بن عبسه رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته آقا و موليٰ پياري رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته رحمٰن جي ساڄي طرف، حالانڪه ان جا ٻئي مثال قدرت وارا هٿ ٻئي ساڄا آهن. ڪجهه اهڙا ماڻهو هوندا، جيڪي نه نبي سڳورا هوندا ۽ نه وري شهيد هوندا. انهن جي چهرن جو نور سيني جي اکين کي ڪيرو ڪندڙ هوندو. انهن جي اعليٰ مَسندَن ۽ الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ انهن جي قرب ويجهڙائي جي ڪري، حضرات انبياءِ ڪرام عليهم السلام ۽ شهيد به انهن تي رشڪ ڪندا. حضور اڪرم ﷺ جي دربار ۾ عرض ڪيو ويو ته يا رسول الله ﷺ! اهي ڪير ماڻهو هوندا؟ پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو ته مختلف خاندانن قبيلن مان اچي، گڏجي ويهڻ وارا اهي ماڻهو هوندا، جيڪي الله جل جلاله جي ذڪر لاءِ اچي گڏ ٿيندا ۽ الله تعاليٰ جي ذڪر جي لاءِ پلي ڪان پلا الفاظ، خوبصورت لفظ چوندا. جيئن ڪجور ڪائڻ وارو، سٺيون سٺيون ڪجورون چونڊي ڪائيندو آهي. (مجمع الزوائد ج10- طبراني- الترغيب والترهيب ج2 ح: 2326- ڪنزالعمال ج10 علامه جلال الدين السيوطي رحمه الله- تفسير درمنثور جلد اول)

هن روايت ۾ الله تعاليٰ جي ساڄي پاسي ۽ ٻئي هٿ جو ذڪر آهي. الله تعاليٰ جسم جسمانت ڪان پاڪ آهي. اهي حديث پاڪ جا الفاظ مبارڪ متشابهات قرآن وانگر آهن. انهن جي اصل معنيٰ ۽ مراد الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري رسول مقبول ﷺ کي معلوم آهي.

www.maktabah.org

## الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ وارن جي دُعا مقبول

دعا مؤمنن جو اسلحو ۽ هٿيار آهي. جنهن غازي مجاهد پهلوان جي هٿ ۾ هٿيار بهتر مضبوط، ڪارائتو ۽ وقت جي تقاضائن موجب اعليٰ ڪان اعليٰ هوندو، اهو ميدانِ ڪارزار ۾ ڪامياب ۽ ڪامران رهندو. هيءَ دنيا به ڪارزار جو هڪ ميدان آهي، جتي ايمان وارن جي مٿان طرحين طرحين جون آزمائشون، مصيبتون، ڏک سک، شاديون غميون، رنج راحتون ڪئين قسمن جا معاملا ۽ مرحلا پيش ايندا رهن ٿا. ڪارزار حيات ۾ ڪاميابيءَ لاءِ الله تعاليٰ مالڪ مٿي جو سهارو هر مرحلي جي ڪاميابي لاءِ ضروري آهي. الله تعاليٰ سان متعلق بندگي محڪم ڪرڻ لازم آهي. مومن کي هر وقت الله جي دربار ۾ دست بدعا رهڻ گهرجي. جن جن خوش بخت ٻانهن جون دعائون قبول ٿين ٿيون، انهن ۾ ذڪر ڪرڻ وارا نيڪ نصيب به شامل آهن. ان سونهري سلسلي لاءِ سرور ڪائناتﷺ جا فرمان هدايت نشان آهن.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته حضور اڪرم ﷺ فرمايو ته ثَلَاثَةٌ لَا يَرُدُّ اللهُ دُعَاءَهُمْ : اَلذَّاكِرُوْنَ اللهَ كَثِيْرًا وَدَعْوَةُ الْمَظْلُوْمِ وَالْإِمَامُ الْمُقْسِطُ يعني ٽن قسمن جي ماڻهن جي دعا الله تعاليٰ رد (نامقبول) نٿو فرمائي. هڪ اهو ٻانهو، جيڪو الله تعاليٰ جو گهڻو ذڪر ڪري ٿو. ٻيو مظلوم ٽيون انصاف وارو حڪمران. (شعب الايمان بيهقي ج اول ح:588- ڪشف الخفاء علامہ عجلوني- بيروت لبنان مؤسسة الرسالة 1405 هجري جلد اول رقم الحديث 1045)

حضرت ابوامامہ باهلي رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته حضور اڪرمﷺ فرمايو ته جنهن پاڪيزگي، طهارت ۽ پاڪائيءَ جي حالت ۾ ذڪر الٰهي ڪندي رات گذاري ۽ رات جو سجاڳ رهيو

www.maktabah.org

تہ دنيا ۽ آخرت جي ڪابہ حاجت يا ضرورت الله جي درٻار ۾ پيش ڪندو تہ الله تعاليٰ اها پوري فرمائيندو.
(مُصنف ابن ابي شيبه ج اول ح:1265)

حضرت سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه روايت ڪن ٿا تہ سرور ڪائنات حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ جيڪو ٻانهو منهنجي ذڪر ياد ۾ مشغول رهڻ جي ڪري مون کان دعا نہ گهري سگهيو تہ مان ان کي سوالين جي مٿان ٽيڻ وارين عطائن کان وڌيڪ عطا فرمائيندس. سبحان الله سبحان الله سبحان الله! (التاريخ الڪبير امام بخاري ج2 — زرقاني شرح الموطا ج 2- نوادرالاصول حڪيم ترمذي ج3- تهذيب الڪمال ج4- فتح الباري شرح صحيح بخاري ج11 ص147- الاتحافات السنية بالاحاديث القدسية، علامہ مناوي، ص66- حديث: 148- تفسير درمنثور ج اول- تفسير روح المعاني ج15)

ساڳئي معنيٰ ۽ مفهوم واري روايت حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما، حضرت حذيفہ رضي الله عنه جن کان بہ روايت ڪئي وئي آهي.

## ذاڪر ٻانهو غافلن ۾ ايئن آهي، جيئن اونداهيءَ ۾ روشن چراغ

نور روشني جي هر انسان کي ظاهري باطني طور ضرورت آهي. اڪين جو نور آهي تہ جهان جو حسن، سونهن سوڀيا جي معرفت ملي ٿي. جڏهن سج جي روشني غائب ٿيندي آهي تہ مصنوعي روشنيءَ جي گهرج ٿيندي آهي. رات جي وقت بتي، ڏيئو، چراغ، بلب يا ٽيوب لائيٽ وغيره روشن ٿيندا آهن تہ اکين جو نور ڪم ڪندو آهي. انسان جي اندر بہ نوراني روشني پيدا ٿيندي آهي. جڏهن مؤمن قلبي طهارت، پاڪيزگي، ذڪر دائمي ڪندو آهي ۽ گناهن کان بچندو آهي تہ ان جي اندر روشنائي ۽ سوجهرو ٿيندو آهي. دنيا ۾ ڪثرت سان ياد الاهي، ذڪر خداوندي ڪرڻ وارو بہ ايئن چمڪندو جرڪندو روشن هوندو آهي، جيئن

www.maktabah.org

اونداهن گهر ۾ چراغ روشن ٿئي.

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو آهي ته غافل ٻانهن ۾ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ وارو ايئن آهي، جيئن اونداهي تاريڪ گهر ۾ روشن چراغ، غافلن ۾ الله جو ذڪر ڪندڙ کي الله تعاليٰ سندن زندگيءَ ۾ ئي جنت ۾ ان جو مقام ڏيکاري ڇڏيندو آهي ۽ غافلن ۾ الله جو ذڪر ڪرڻ واري کي سموري ڳالهائڻ ۽ نه ڳالهائي سگهڻ وارن فردن جي تعداد جي برابر جو ثواب ڏنو ويجي ٿو ۽ غافلن ۾ رهي ڪري الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ واري تي الله تعاليٰ اهڙي نظرِ ڪرم فرمائي ٿو، جو ان کان بعد ان کي ڪڏهن عذاب نه ڏيندو. بازار ۾ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ واري لاءِ قيامت جي ڏينهن هرهڪ وار تي نور هوندو. (الترغيب والترهيب ج2- شعب الايمان ج اول- المسند ج 5 ح: 1759)

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو آهي ته غافلن ۾ الله ﷻ جو ذڪر ڪرڻ وارو ايئن آهي، جيئن جنگ جي ميدان کان ڀڄندڙن ۾ ثابت قدم رهڻ واري جي درجي ۾ آهي. يعني جهاد جي ميدان ۾ جڏهن گهمسان جي جنگ هلي رهي هجي، هرڪو ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري، ان دوران جيڪو مجاهد ثابت قدم رهي ٿو، ان جو تمام وڏو اجر ۽ ثواب آهي. ذڪر ڪرڻ واري کي جيڪو غافلن ۾ رهي، ذڪر ڪري ٿو، اهو درجو عطا ٿئي ٿو. (المعجم الاوسط طبراني ج اول، ح:271- الترغيب والترهيب ج2- حلية الاولياء ج 4 ح: 268)

حضرت وهب بن منبہ کان روايت آهي ته حضرت لقمان پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪئي ته اي منهنجا پٽ! ذڪر ڪرڻ وارن ۽ ذڪر کان منهن موڙي غفلت ڪرڻ وارن جو مثال روشني ۽ اونداهيءَ جهڙو آهي. سبحان الله! ذاڪرن جي ذڪر جي نعمت

www.maktabah.org

سان ظاهر باطن روشن ٿيندا آهن ۽ غفلت جي اگهور ننڊ ۾ ستل اونداهي جي ڪارن ڪُنن ۾ پيا هوندا آهن.

اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاره ادام الله برڪاتهم العاليه جي زير سايہ سڪندري اصلاحي پروگرام ۾ ذڪر الٰهي جي ترغيب جو سبق ملي ٿو.

## ذڪر جي ڪري زمين خوشي ملهائي ٿي

حضرت عبدالله بن عباس رضي اللّٰه عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ جنهن زمين جي حصي مٿان ويهي الله تعاليٰ جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو، اهو زمين جو خطو ٻين خطن تي فخر ڪري ٿو ۽ اللّٰه جي ذڪر جي سبب ستن زمينن جي انتها تائين خوشي ملهائي ٿو. (المعجم الڪبير طبراني ج11، ح: 11470)

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان بہ ان ساڳي مفهوم جي روايت ٿيل آهي. ان ۾ اها بہ ڳالهہ بيان ٿيل آهي تہ مومن ٻانهو ويران زمين تي نماز جي لاءِ ويهي، نماز جو ارادو ڪري ٿو، تہ ان تي زمين فخر ڪري ٿي. (مجمع الزوائد ج 10، الترغيب والترهيب ج اول ح: 599)

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول ڪريم ﷺ فرمايو تہ جنهن زمين جي مٿان ويهي الله جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو تہ اهو حصو ستن زمينن جي انتها تائين شرف، بزرگيءَ وارو ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجي چئني پاسن واري زمين جي ٽڪرن تي فخر ڪري ٿو. سبحان اللّٰه! (العظمة لابن حيان، ابومحمد عبدالله بن جعفر بن حيان الانصاري 369/274هـ- رياض السعودية دار العاصمة 1458)

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمايو آهي تہ هڪ جبل ٻئي جبل جو نالو وٺي، سڏي ٿو تہ اي فلاڻا جبل! ڇا تو وٽان ڪو ذڪر ڪندڙ ٻانهو گذريو آهي؟ پوءِ جڏهن اهو جبل چوي ٿو تہ ها!

www.maktabah.org

مون وٽان ذاڪر پانهو گذريو آهي تہ اهو سوال ڪندڙ جبل خوشي ملهائي ٿو. (طبراني المعجم الڪبير ج 9 ص: 103 ح: 8542- مجمع الزوائد ج 10 ص 79، حلية الاولياء ج 4 ص:242- شعب الايمان بيهقي ج اول تفسير ابن ڪثير ج3)

حضرت ابودرداء رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ هر هڪ وڻ ٽڻ ۽ پٿر وٽ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪريو تہ قيامت جي ڏينهن اهي توهان جي حق ۾ شاهدي ڏين. (طبراني ومسند الشاميين بيروت لبنان موسس الرسالة 1405هه- عجلوني ڪشف الخفاء)

حضرت امام العارفين، سند الواصلين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رهبر قدس سره جن هميشہ اسلام جي آفاقي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ جڏهن بہ سفر مبارڪ تي اُسرندا هئا تہ سموري جماعت سڳوري بلند آواز سان الله تعاليٰ جي ذڪر جي ضرب لڳائيندي هئي ۽ پاڻ، جتي ترسندا هئا، مغرب نماز کان بعد ۽ فجر جي اذان کان اڳ قادري سلسلي جي ذڪر جون تسبيحون بلند آواز سان پڙهائيندا هئا. پاڻ هميشہ اهو بہ فرمائيندا هئا تہ پياري جماعت جتان بہ گذرو تہ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪندا رهندا ڪريو تہ اها زمين ۽ وڻ ٽڻ، ٻيلا جهنگ سڀ قيامت جي ڏينهن توهان جي ذڪر جي گواهي ڏيندا.

نيڪ صالح عمل نماز، روزو، زڪوات، حج ۽ جهاد ۽ ٻيا سنا نيڪيءَ وارا عمل الله تعاليٰ جي رضا خاطر ڪيا ويندا آهن. انهن عملن جي بجا آوري، الله تعاليٰ جي احڪامن جي تعميل آهي. علامہ جلال الدين رومي رحمة الله عليه لکيو آهي:

این نماز و روزه و حج و جهاد
همه گواہی دادنست از اعتقاد

هي نماز، روزو، حج ۽ جهاد انهن سمورن جي بجا آوري تنهنجي ايمان جي گواهي آهي.

مقصد آهي تہ الله تعاليٰ جل جلاله جي حڪمن ۽ فرمانن جي بجا

www.maktabah.org

آوري مؤمنن جي يقين جي گواهي آهي تہ ٻانهي پنهنجي خالق ۽ مالڪﷻ کي پنهنجو پروردگار ۽ خلقڻهار مڃيو آهي ۽ ان جي حڪمن جي پوئواري ۽ تعميل ڪئي آهي. ٻانهي جا ظاهري نيڪ عمل، ان جي باطني اعتقادات ۽ ايمان تي شاهد آهن. مطلب تہ مؤمن جا قولي، فعلي نيڪ عمل ان جي مٿان گواه آهن تہ هن الله تعاليٰ کي مڃيو آهي.

اين زکواة هديه و ترکِ حسد

هم گواهي دادنست از سرِّ بُود

زڪواة ڏيڻ، قرباني ڪرڻ، بغض ڪينو، ساڙ ڇڏي ڏيڻ، اهي جملي عمل تنهنجي باطن تي شاهد آهن.

مقصد اهو آهي تہ اُهي نيڪ عمل ظاهري، باطني طور شاهد آهن الله تعاليٰ جي ذات سان محبت ۽ بندگيءَ جا تہ ذڪر الٰهي جي ڪثرت هر جاءِ ۽ هر ماڳ، مڪان، خشڪي ۽ پاڻيءَ وارن علائقن ۾ جتي بہ موقعو ملي تہ الله جي ذڪر جي تنوار جاري رهي. اهي جايون فيض ۽ ڪرامت واريون ٿينديون ۽ خوشي ملهائينديون ۽ اسان جي واسطي قيامت ۾ شاهدي بہ ڏينديون جيئن صالح عمل شاهدي ڏيندا.

## بي بها خزانو

هڪڙي حديث پاڪ ۾ اچي ٿو تہ هڪ ماڻهو حضرت آقا محمد رسول الله ﷺ جن جي حضور پرنور ۾ حاضر ٿيو. عرض ڪيائين تہ يا رسول الله! دنيا مون کان پٺيري ٿي ويئي آهي. تنگ دست، مفلس ۽ عاجز ٿي پيو آهيان. هاڻي مان ڪهڙي تجويز ڪريان، جو مالدار ٿي وڃان. پياري رسول ڪريم الرؤف الرحيم

www.maktabah.org

ﷺ جن جواب ۾ فرمايو تہ جنهن صلواة سان ملائڪن ۽ جنهن تسبيح سان خلق کي روزي ملي ٿي، اها ڇو نہ ٿو پڙهين؟ عرض ڪيائين تہ يا رسول اللهﷺ اها ڪهڙي تسبيح آهي؟ پاڻ سونهارنﷺ جن فرمايو: سُبْحَانَ اللهِ وَبِحَمْدِهٖ سُبْحَانَ اللهِ الْعَظِيْمِ وَبِحَمْدِهٖ اَسْتَغْفِرُاللهَ ائين سؤ ڀيرا روزانو فجر جي نماز کان اڳ ۾ ۽ پرهہ ڦٽڻ کان پوءِ چئو تہ دنيا پاڻهي توڏي منهن ڪري. پوءِ خوشي هجيس يا نہ هُجيس مطلب تہ دنيا تنهنجي نہ چاهڻ هوندي بہ توڏانهن ڊوڙندي.

الله تعاليٰ سڀ ڪنهن ڀيري هر ڪلمي مان هڪ ملائڪ پيدا فرمائيندو، جيڪو قيامت تائين تسبيح بيان ڪندو ۽ ان جو ثواب توکي پهچندو. (ڪيمياءِ سعادت امام غزالي)

حضور نبي ڪريمﷺ جن تسبيح، تحميد، تڪبير چوڻ کي باقيات صالحات يعني سهڻا سنا ۽ چڱا ڪم، باقي رهڻ وارا پڻ فرمايو آهي ۽ ڀلو صدقو بہ آهي. ڪلمي پاڪ جي ٻئي حصي "مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله" جنهن ۾ پياري آقا حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي آفاقي عالمگير رسالت جو اقرار آهي. انهيءَ حصي تي ايمان ۽ يقين کي دل ۾ ڄمائڻ ۽ پختو پڪو ڪرڻ واسطي، تاجدار مدينہﷺ تي گهڻي کان گهڻو درود ۽ سلام موڪلڻ ڪافي آهي. درود شريف ۽ سلام پڙهڻ محبت، پيار سان عقيدت ۽ احترام سان لازم آهي. (تفصيل اڳتي ايندو)

## ڪلمي لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ جي فضيلت

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي، فرمائي ٿو تہ مون (ابوهريره) عرض ڪيو تہ يا رسول الله! قيامت جي ڏينهن توهان

www.maktabah.org

جي شفاعت جي سعادت ڪهڙن ماڻهن کي نصيب ٿيندي؟ پياري آقا رسول الله ﷺ فرمايو ته اي ابوهريره! منهنجو خيال هو ته تو کان سواءِ ڪو به ان حديث متعلق مون کان سوال نه ڪندو. ڇو ته مون تنهنجو حديث شريف ٻڌڻ جو شوق ذوق ۽ حرص ڏٺو آهي. حضور اڪرم تاجدار عرب و عجم، تاجدار ڪائنات ﷺ فرمايو ته قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت جي سعادت انهن ماڻهن کي نصيب ٿيندي، جيڪي خلوص دل سان يا خلوص جان سان لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ پڙهندا هوندا. (صحيح بخاري شريف، الترغيب والترهيب ج2)

حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضرت رسول ڪريم ﷺ فرمايو: ”جنهن ٻانهي اخلاص ۽ قلبي سچائيءَ سان لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ پڙهيو، اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. عرض ڪيو ويو ته يا رسول الله ﷺ! اخلاص ڇا آهي؟ پاڻ سونهارن ﷺ فرمايو ته اهو ماڻهو انهن سمورن ڪمن کان رُڪجي وڃي، جن کي الله تعاليٰ حرام ڪيو آهي.“ (الترغيب والترهيب. علامه امام حافظ منذري لکيو آهي. ان روايت کي امام طبراني به بيان ڪيو آهي.)

حضرت اميرالمؤمنين عمر فاروق رضي الله عنه فرمايو آهي ته آئون رسول ڪريم ﷺ کي ارشاد فرمائيندي ٻڌو ته پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو آهي ته آئون ڪو پيو اهڙو ڪلمون نٿو ڄاڻان، جو ٻانهو ان کي حق ڄاڻي ڪري پنهنجي دل سان چوي. پوءِ ان ڪلمي تي ان کي موت اچي وڃي ته ان تي دوزخ جي باهه حرام نه ٿئي. اهو مبارڪ ڪلمو آهي: لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ. (الترغيب والترهيب)

## حضرت سيّدنا موسيٰ عليه السلام کي ربّ تعاليٰ جو فرمان

حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله

www.maktabah.org

ﷺ جن فرمايو تہ حضرت سيدنا موسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ جي دربار اقدس ۾ عرض گذاريو تہ يا الله! مون کي اهڙي شيءِ (ڪلمان) سيکاري ڇڏ، جن سان تنهنجو ذڪر ڪريان ۽ انهن جي وسيلي سان آئون تنهنجي دربار عاليہ ۾ دعا ڪندو ڪريان.

الله تعاليٰ فرمايو تہ اي موسيٰ عليه السلام! لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ جو ذڪر ڪندو ڪر. حضرت موسيٰ عليه السلام عرض ڪيو تہ اي باري تعاليٰ! اهو ذڪر تہ تنهنجا سڀ ٻانها ڪندا آهن. ارشاد ٿيو تہ لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ پڙهو.

حضرت موسيٰ عليه السلام ٻيهر التجا ڪئي يا الله! مون تي ڪا خاص مهرباني ٿئي. سندن ان عرض تي الله تعاليٰ فرمايو: اي موسيٰ عليه السلام! جيڪڏهن ست آسمان ۽ ست زمينون ۽ جو ڪجھ انهن ۾ آهي، ساهميءَ جي هڪ پلڙي ۾ رکيا وڃن ۽ لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ ساهميءَ جي ٻئي پلڙي ۾ رکيو وڃي تہ لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ وارو پلڙو وزني ۽ ڳرو ٿي ويندو. يعني ان جو ثواب، اجر ۽ مقام ايتري قدر آهي. سُبْحَانَ اللهِ سُبْحَانَ اللهِ سُبْحَانَ اللهِ . (الترغيب والترهيب ج2)

علامہ امام حافظ زڪي الدين عبدالعظيم المنذري لکيو آهي تہ ان روايت کي امام نسائي پنهنجي صحيح ۾، ابن حبان پنهنجي صحيح ۽ امام حاڪم پنهنجي ڪتاب مستدرڪ ۾ روايت ڪيو آهي. امام حاڪم فرمايو آهي تہ هن حديث جي سند صحيح آهي.

## الله تعاليٰ ﷻ جي ذڪر سان قلبن کي سڪون ملي ٿو

هن وقت اسان پنهنجي ماحول تي نظر ڪنداسون تہ انساني سماج ۾ بي سڪوني جي ڪيفيت ڏسڻ ۾ ايندي، ننڍو

www.maktabah.org

وڏو، امير غريب هر هڪ بي اطمينانيءَ ۾ مبتلا آهي ان جا اسباب جيڪي بہ هجن، پر وڏو اهم سبب الله تعاليٰ جي ياد ذڪر کان غفلت ۽ سُستي آهي. انسان جي قلب کي قرار ۽ سڪون تڏهن ملندو، جڏهن ان جي مطلوب مرغوب محبوب جو ذڪر ٿئي. الله تعاليٰ جو ذڪر اها لازوال نعمت آهي، جنهن جي ذريعي ايمان وارا سڪون ۽ اطمينان جي بي بها نعمت سان سعادتمند ٿي سگهن ٿا. قلبن جي تسڪين لاءِ ذڪر الٰهي جي سوغات حاصل ڪرڻ لاءِ زندگيءَ جي معمولات ۾ الله جي ذڪر ڏانهن مڪمل توجهہ يڪسوئي ۽ نسبت کي ياد ڪرڻ سان سڪون جي دولت ميسر اچي ٿي.

حضرت نبي ڪريم ﷺ جو فرمان عظمت شان، حضرت سيدنا ابوهريره ۽ حضرت سيدنا ابوسعيد خدري رضي الله عنهما جن روايت ڪن ٿا تہ اسان ٻئي حضرت سرور ڪائنات ﷺ جي بارگاهہ اقدس ۾ حاضر ٿياسون تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ڪابہ جماعت الله تعاليٰ جي ذڪر شريف لاءِ ويهندي آهي تہ ملائڪ سڀئورا نهن کي چؤڦير وڪوڙي ويندا آهن. رحمت انهن کي ڍڪي ڇڏيندي آهي ۽ سڪون اطمينان انهن تي نازل ٿيندو آهي ۽ الله تعاليٰ انهن جو (يعني ذاڪر ٻانهن جو) تذڪرو فرشتن ۾ ڪرڻ فرمائيندو آهي، جيڪي ان جي ويجهو هوندا آهن. (صحيح مسلم ڪتاب الذڪر والدعاءِ ح6795- ترمذي شريف ح3378- سنن ابن ماجه ج2 ح: 3791- مسند احمد بن حنبل ج 3 ح: 11893- مصنف ابن ابي شيبہ ج 6 ح: 29475- الترغيب والترهيب حديث: 2328)

معلوم ٿيو تہ الله تعاليٰ جي ياد ذڪر جي برڪت سان ملائڪن جي سنگت سان گڏ اطمينان جي بہ عطا ملندي آهي ۽ حقيقي دلي سڪون نصيب ٿيندو آهي.

www.maktabah.org

## دل جو ڪامل اطمينان

دماغ ۽ دل جي ڪامل اطمينان جون ست حالتون آهن: (1) الله تعاليٰ تي ڀروسو. (2) دنيا ڪان بي پرواهي (3) شيطاني وسوسن ڪان نجات (4) عبادات ۾ لطف ۽ لذت.(5) اولياء ڪرام سان محبت (6) پريشانين ڪان دوري. (7) رسول الله ﷺ جي دامن ڪرم جي ويجهو رهڻ.

اطمينان الله تعاليٰ جي طرفان هوندو آهي ۽ بي اطميناني شيطان جي طرفان هوندي آهي. اطمينان جا چار فائدا آهن: (1) پڪو يقين (2) مسلسل عمل ڪرڻ (3) سهپ جي قوت (4) جرئت ۽ همت.

اطمينان دنيا جي ڪنهن بہ شيءِ سان حاصل نٿو ٿي سگهي. نہ دولت سان، نہ عزت سان نہ سلطنت ۽ نہ آل اولاد سان. انهن مومنن کي اطمينان حاصل ٿيندو آهي، جيڪي سچا پڪا مؤمن بنجي ويا آهن، جن الله تعاليٰ جي ذڪر سان پنهنجي پاڻ کي سنواريو ۽ صالح عملن سان پاڻ کي سينگاريو اٿن. الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري رسول ڪريم ﷺ جي احڪامات موجب انهن جي رضا تي هلي، پنهنجي دنيا بہ دين بنائي ڇڏي اٿن. انهن جي لاءِ الله جي طرفان انعام طوبيٰ آهي. طوبيٰ جنت ۾ حضرت محمد ﷺ جي گهر مبارڪ ۾ هڪ وڻ آهي، جنهن جون شاخون جنت جي هر گهر ۾ پهتل آهن. جيڪڏهن ڪو تيز رفتار گهوڙو سؤ سالن تائين ڊوڙي تہ بہ ان جي ڇانو جي هڪ طرف کان ٻئي طرف نہ پهچي سگهندو. (تفسير نعيمي ج13 ص 369) اهي ئي صالح ٻانها آهن، جن جي قلبن کي ذڪر الٰهي ۽ ذڪر مصطفيٰ ﷺ سان اطمينان ۽ سڪون ملندو آهي. اهي خوش بخت بلند بالا ارفع اعليٰ پاڳن وارا

www.maktabah.org

اصحاب ڪرام عليهم الرضوان هئا، جن حضرت محمد رسول الله ﷺ جي ذات قدسي صفات جي ديدار پرانوار سان مشرف ٿي مؤمن بنجي پاڻ کي حضور سرور ڪون و مڪان ﷺ جي غلاميءَ ۾ شامل ڪيو.

## الله تعاليٰ بانهي کي ياد ڪري ٿو

(40) حضرت ثابت رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضرت ابوعثمان نهدي[1] رحمة الله عليه فرمايو ته مون کي خبر آهي ته منهنجو رب پاڪ ڪڏهن منهنجو ذڪر ڪندو آهي. ماڻهن حيرت مان چيو ته اهو ڪيئن؟ توهان ان وقت کي ڪيئن ڄاڻو ٿا. حضرت عثمان نهديءَ فرمايو ته الله جو فرمان آهي: "پوءِ توهان مون کي ياد ڪريو آئون توهان کي ياد ڪريان" پوءِ جڏهن اسان الله جو ذڪر ڪندا آهيون ته اسان کي يقين ڪرڻ گهرجي ته الله به اسان کي ياد فرمائي رهيو آهي. اللهم اجعلنا من الذاڪرين.

(شعب الايمان بيهقي ج: 2 ح:1138- المصنف ابن ابي شيبه ج: 7)

## اسان جو "الله" چوڻ رب پاڪ طرفان لبيڪ هوندو آهي

حضرت مولانا رومي رحمة الله عليه مثنوي شريف ۾ فرمايو آهي ته هڪ صوفي درويش، هڪ رات نهايت اخلاص سان الله جو ذڪر ڪري رهيو هو ۽ الله جي ذڪر سان ان جا چپ مٺا ٿي رهيا هئا.

---

(1) حضرت ابوعثمان نهدي عبدالرحمٰن بن ملَ رحمة الله عليه وڏن تابعين ڪرام رحمهم الله مان آهن. پاڻ رسول ڪريم جي زماني ۾ نئي مسلمان ٿي چڪا هئا، پر ڪين ديدار مصطفيٰ نصيب نه ٿيو. اصحابن رضوان الله عليهم اجمعين جا شاگرد آهن. حضرت قتاده سندن شاگردن مان آهي ۽ امام احمد بن حنبل سندن وڏو مداح آهي. پاڻ وڏا متقي پرهيزگار هئا. سندن آخري آرامگاهه بصره ۾ آهي. (اولياء رجال حديث علامه عبدالمصطفيٰ اعظمي)

www.maktabah.org

ان صوفيءَ کي شيطان چيو تہ اي صوفي خاموش ٿي رهہ تون بي فائده ڪثرت سان ذڪر ڪرين پيو. الله جي طرفان تہ توکي ڪو جواب نہ ٿو ملي. پوءِ هڪ طرفي محبت ۾ وڌڻ جو ڇا فائدو؟ شيطان مڪار پُرفريب جي ڳالهين سان صوفي درويش شڪستہ دل ۽ افسرده ٿي سمهي رهيو ۽ الله جي ذڪر کي ملتوي ڪري ڇڏيو. خواب ۾ ڏسي ٿو تہ حضرت خضر عليہ السلام تشريف وٺي آيا آهن ۽ دريافت ڪري رهيا آهن تہ الله جي ذڪر کان غفلت ڇو ڪيئي؟ صوفيءَ چيو تہ الله جي طرفان لبيڪ جو آواز نٿو اچي، جنهن سان دل ۾ خيال آيو تہ منهنجو ذڪر قبول نہ آهي. حضرت خضر عليہ السلام فرمايو توڏانهن الله پيغام موڪليو آهي تہ منهنجي ان ٻانهي کي چئو تہ

گفت آں الله تو لبيک ما است

واں نياز و سوز و دردت پيک ما است

اي منهنجا ٻانها! تنهنجو "الله" لفظ چوڻ ئي منهنجي طرفان لبيڪ چوڻ آهي. يعني جڏهن تنهنجو پهريون "الله" چوڻ قبول ٿئي ٿو تڏهن ٻئي دفعي توکي "الله" چوڻ جي توفيق ٿئي ٿي. پوءِ ٻيهر "الله" چوڻ، منهنجي طرف کان لبيڪ (حاضر آهيان منهنجا ٻانها) آهي. اي ٻانها! تنهنجو اهو نياز ۽ منهنجي محبت ۾ سوز درد سڀ منهنجا پيغام آهن. اي ٻانها! تنهنجون منهنجي محبت ۾ اهي رتون، تدبيرون، ذڪر ۽ شغل، محنتون سڀ منهنجي طرف کان جذب ۽ ڪشش جو عڪس آهن.

میری طلب بھی اس کے کرم کا صدقہ ہے

یہ قدم اُٹھتے نہیں، اُٹھائے جاتے ہیں۔

www.maktabah.org

اي ٻانها! تنهنجو خوف ۽ منهنجي ذات سان عشق منهنجو ئي انعام آهي. منهنجي مهرباني ۽ محبت جي ڪشش آهي. تنهنجي هر پيري يارب، يا الله جي پُڪار ۾ منهنجو لبيڪ بہ شامل آهي. يعني جڏهن تون يا الله چوين ٿو تہ منهنجو هي آواز بہ اُتي موجود آهي. جو حاضر آهيان اي منهنجا ٻانها! فَاِنِّیۡ قَرِیۡبٌ قرآن جو فرمان بہ ان ڳالهہ تي گواهہ آهي.

جان جاہل زیں دُعا جز دور نیست
زانکہ یارب گفتنش دستور نیست

جاهل جي جان ان ذڪر ۽ دُعا کان محروم آهي. ان کي يارب يا رب چوڻ جي توفيق ئي نہ آهي.

(مثنوي مولانا روم از معارف مثنوي)

## جنتيءَ جي دنيا ۾ جيڪا گهڙي، الله تعاليٰ جي ذڪر کان خالي گذريل هوندي، ان تي حسرت ڪندو

جنت الله تعاليٰ جي عظيم الشان انعامات جو مرڪز آهي. جنت جي طلب ۽ خواهش هر مؤمن کي هوندي آهي ۽ پياري آقا ﷺ فرمايو آهي تہ روزانہ ست ڀيرا الله تعاليٰ جي درٻار ۾ جنت الفردوس ملڻ جي دعا گهرندا ڪريو ۽ ست مرتبہ دوزخ کان بچڻ جي دعا ڪندا ڪريو. پاڻ سونهارن ﷺ جنت جي طلب جي گهڻي ترغيب ڏني آهي ۽ وڏي ڪاميابي جنت جو ملڻ آهي. الله تعاليٰ اسان سڀني کي پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جي صدقي جنت الفردوس عطا فرمائي، جڏهن ڪي خوش نصيب نيڪ صالح عملن نماز، زڪواة، قرآن ڪريم جي ڪثرت سان تلاوت ۽ ٻين عبادتن

www.maktabah.org

جي ڪري بهشت ۾ ويندا ۽ ڪي اهڙا به بلند پاڳن وارا هوندا، جيڪي الله جي تنوار ذڪر شريف جي گهٽي ڪرڻ ڪري جنت ۾ ويندا. پوءِ جڏهن اهي جنت ۾ ويندا ته انهن کي ان ڳالهه تي تمام گهٽي حسرت هوندي ته جيڪي گهڙيون انهن دنيا ۾ الله جي ذڪر کان غفلت ۾ گذاريون هيون، چوندا ته جيڪر اهو غفلت وارو وقت به ذڪر الٰهي ۾ گذري ها ته ڏاڍو بلند و بالا انعام وارو درجو ملي ها. آخرت ۾ غفلت واري وقت جو جنتي ذاڪرن کي شديد احساس ٿيندو. ان لاءِ ضروري آهي ته هميشه مؤمن پانهنا الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول رهن ته ڀلا ڀاڳ وارا ۽ وڏا خوش بخت رهندا. حضرت معاذ بن جبل ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو ته جنت ۾ وڃڻ کان پوءِ جنتي (ذاڪر) کي دنيا جي ڪنهن به شيءِ جي حسرت نه هوندي، سواءِ ان گهڙيءَ جي، جيڪا دنيا ۾ الله جي ذڪر ڪرڻ ڪانسواءِ گذري وئي.(مجمع الزوائد ج10- طبراني المعجم الڪبير ج2 ح182- شعب الايمان بيهقي ج اول ح: 512- الترغيب والترهيب- نوادرالاصول- حڪيم ترمذي)

## الله جي ذڪر کان غفلت

الله تعاليٰ جي ذڪر جي فضيلت، اهميت ۽ فائدن جي وضاحت کان پوءِ مختصر طور ذڪر کان غفلت جو انجام ۽ انهن ماڻهن جي سزا به ملاحظه فرمايو، جيڪي الله تعاليٰ جي ذڪر کان غافل آهن. جيڪي ڪريم رحيم رب پاڪ جي ذڪر کان منهن موڙين ٿا ۽ دنيا جي عيش و عشرت ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا. اِهي اُهي ماڻهو آهن، جيڪي اسلامي حڪمن جي پابندي ته پري رهي، پر انهن جي زبانن تي مُدَتن کان وٺي الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري رسول مقبول ﷺ جو نالو مبارڪ نه ٿو اچي. ڪاش اُهي الله

www.maktabah.org

تعاليٰ ۽ حضرت سيدنا آقا و مولا محمد رسول الله ﷺ جا فرمان مبارڪ پڙهي توبه تائب ٿين. پنهنجين دلين کي گناهن جي ڪاراڻ کان صاف شفاف بنائڻ لاءِ الله تعاليٰ ﷻ جي ذڪر ۾ مشغول ۽ مصروف ٿي وڃن ته تورن ڏينهن ۾ ذڪر الهي جي برڪت سان انهن جو قلب روشن ۽ مُنوّر ٿي ويندو ۽ اهي پاڻ کي شريعت مصطفيٰ ﷺ جي حڪمن جي پابنديءَ ڏانهن مائل لهندا. انهن کي شريعت جي حڪمن جي اتباع نصيب ٿي ويندي. اها ذڪر الهي جي تاثير آهي، ان جي لاءِ گناهن کان نادم ٿي توبه ڪري، ذڪر الهي ڏانهن جلدي موٽڻ گهرجي.

منافقن جو حال ۽ خصلتون بيان ڪندي الله تبارڪ وتعاليٰ ٻڌائي رهيو آهي ته انهن ۾ ٻين عيبن سان گڏ هيءُ به عيب آهي ته اهي الله تعاليٰ جو ذڪر نالي طور ٿورو ڪندا آهن. الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته "بيشڪ منافق ماڻهو (پنهنجي گمان ۾) الله تعاليٰ کي فريب ڏيڻ چاهين ٿا ۽ اهو ئي انهن کي غافل ڪري ماريندو ۽ جڏهن نماز لاءِ اٿندا آهن ته سُست ٿي بيهن ٿا، (رڳو) ماڻهن کي ڏيکاريندا آهن ۽ الله جو ذڪر نه ٿا ڪن، پر ٿورو."

(القرآن الڪريم سورة النساء آيت: 145 پارو5)

جيڪي گمراهه ماڻهو آهن، انهن جي سامهون انهن کي الله ﷻ جو ذڪر ٻڌايو ويندو آهي، پر پوءِ به انهن جون دليون الله ﷻ جي ذڪر ڏانهن مائل نه ٿيون ٿين. اهڙن بدنصيب ماڻهن لاءِ "ويل" هلاڪت، تباهي، ذلت ۽ خواري آهي دنيا ۾ به ۽ آخرت ۾ به.

ويل جهنم جو بلڪل هيٺاهون کڏو آهي. مطلب هيءُ ٿيندو ته اهي ماڻهو الله جي ذڪر کان غافل ٿي، دنيا جي عياشي ۾ خوب مست آهن. انهن کي الله تعاليٰ جي ياد ڪرڻ لاءِ فرصت ئي نه آهي. جيڪڏهن ڪو خيرخواهه عالم، ديني داعي انهن کي

www.maktabah.org

ذڪر الهي جي محفل ۾ شرڪت جي دعوت ڏئي ٿو يا توبه يا ذڪر جي نصيحت ڪري ٿو ته اُهي نهايت غرور، تڪبر واري انداز ۾ ان ڪي گهوري ڏسن ٿا ۽ ان نيڪ صالح ٻانهي جي ديني دعوت کي ٺڪرائي ڇڏين ٿا.

جڏهن ته حقيقت هيءَ آهي ته ذڪر ڪان غفلت جي سببان انهن جون دليون مري چڪيون آهن. انهن جا گهر مثل قبرستان جي بڻجي چڪا آهن ۽ اهي خود طرحين طرحين جي آفتن ۾ مبتلا رهن ٿا. بي اطمينان، بي چين پريشان آهن، پر هٺ ڌرميءَ ۾ رهي، ضدي بڻجي ويا آهن. ڪنهن نيڪ خيرخواهه ديني داعيءَ جي نصيحت تي غور ڪرڻ لاءِ آماده نه ٿا ٿين. قرآن شريف جي هنن آيتن تي غور ڪريو ۽ پناهه طلب ڪريو. الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته "پوءِ ويل (هلاڪت) آهي انهن دلين لاءِ، جيڪي الله جي ذڪر ڪان سخت ٿي ويون آهن. اهي ڪليل گمراهيءَ ۾ آهن."
(القرآن الڪريم: سورة الزمر، آيت: 22)

الله تعاليٰ جو فرمان آهي: "جيڪو رحمٰن جي ذڪر ڪان منهن موڙي ٿو، ان تي اسان هڪڙو شيطان مقرر ڪيون ٿا ۽ اهو ان جو ساٿي (سنگتي) رهي ٿو." (القرآن الڪريم سورة الزخرف آيت: 36)

الله تعاليٰ فرمائي ٿو: "انهن تي شيطان غالب اچي ويو، پوءِ انهن ڪان الله جو ذڪر وسارايائين. اهي شيطان جو ٽولو آهن. خبردار ٿيو! بيشڪ شيطان جو ٽولو ئي نقصان پائڻ وارو آهي."
(القرآن الڪريم سورة المجادلة آيت: 19)

الله تعاليٰ جو فرمان آهي: "۽ جيڪو به پنهنجي پالڻهار جي ياد ڪان منهن موڙيندو، اهو ان کي سخت عذاب ۾ داخل ڪندو." (القرآن الڪريم سورة الجن، آيت: 17)

هنن آيتن مبارڪن تي بار بار غور فڪر ڪرڻ گهرجي ۽ ذڪر الٰهي جي نوراني پرنور محفلن سان وابسته ٿي، پاڻ کي

www.maktabah.org

ذاڪر، شاڪر بڻائڻ لاءِ خوب ڪوشش ڪرڻ کپي. والله الهادي والمستعان.

انهن مبارڪ آيتن جي روشنيءَ ۾ پياري حبيب ڪريم ﷺ جي حديث شريف ملاحظ فرمايو: حضرت سيدنا ابوهريره رضي الله عنه روايت ڪن ٿا ته حضور سرور عالم ﷺ فرمايو آهي ته جيڪو شخص ڪنهن مجلس ۾ ويهي، الله تعاليٰ جو ذڪر نه ڪري، اها محفل ان جي لاءِ الله جي طرفان خساري جو سبب بڻبي ۽ جيڪو شخص بستري تي ليٽي، الله جو ذڪر نه ڪري ته به ان کي الله جي طرفان خسارو هوندو. (سنن ابوداؤد- سنن الڪبريٰ النسائي، شعب الايمان بيهقي- الترغيب والترهيب ج اول ح: 900)

ان مجلس جي فيصلن ۾ ڪڏهن به برڪت ۽ ڪاميابي نصيب نه ٿيندي، جنهن ۾ ڪنهن به قسم سان الله کي ياد نه ڪيو وڃي. چاهي موقعي جي مناسبت سان صرف سبحان الله، ماشاءَ الله ۽ انشاءَ الله ئي چيو وڃي. تڏهن به الله جي رحمت مان اميد آهي ته خساري ۽ نقصان سان محفوظ رکندو. اهڙيءَ طرح ان آرام ۾ سڪون نه هوندو، جنهن کان اڳ الله جو ذڪر نه ڪيو وڃي. تنهنڪري سمهڻ کان اڳ ۾ آيت الڪرسي، سورة الفلق، سورة الناس يا سورة الاخلاص قل هو الله احد ٽي ٽي ڀيرا پڙهڻ گهرجي. ان کان پوءِ تمام بهتر آهي ته آقا و مولانا مدني تاجدار حضور ڪريم ﷺ جي حضور ۾ درود ۽ سلام جو هديو پيش ڪجي. ان طرح سان بستري تي راحت ۽ سڪون واري ننڊ نصيب ٿيندي. عبادت ۽ بندگيءَ لاءِ جسماني تازگي ۽ مضبوطيءَ ۾ قوي واڌارو ٿيندو. هي اُهي راز ۽ نياز وارا معمول آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان زندگي سنورجي ٿي ۽ زندگي باغ بهار بڻجي ٿي. ذڪرِ الٰهي روحاني، باطني ۽ ظاهري شفا جو ذريعو آهي. جنهن مان

www.maktabah.org

ڳڌجي فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي.

معلوم ٿيو ته الله جي ياد کان منهن موڙڻ، سُستي، ڪاهلي جو رويو اختيار ڪرڻ، غفلت ۽ لاپرواهي، سخت خساري، نقصان ۽ بي برڪتيءَ جو سبب آهي. يا الله ﷻ! پنهنجي محبوب مڪرم ﷺ جي رحمت جي صدقي اسان کي ذاڪر ٻانهو بڻاءِ. غفلت کان بچاءِ. (آمين يا رب العالمين)

## الله جي ذڪر ۽ ان جي معاونن کان سواءِ دنيا اڇلڻ جهڙي آهي

حضرت ابوهريره رضي الله عنه بيان ڪري ٿو ته مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو ته خبردار! بيشڪ دنيا ۽ جيڪو ڪجهه دنيا ۾ آهي، سڀ ملعون (قابلِ ترڪ) آهي سواءِ الله تعاليٰ ﷻ جي ذڪر جي ۽ ان ذڪر جي، جيڪو ان ۾ مدد ڏئي ۽ عالم ۽ مُتعلم (شاگرد) جي. (صحيح ابن ماجه شريف ج2 ح: 4112- ترمذي ح:2322- ميزان الاعتدال علامہ ذهبي ج4، شعب الايمان بيهقي ج 2 ح: 1708)

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنهما روايت ڪن ٿا ته رسول الله ﷺ فرمايو: ”دنيا ۽ جو ڪجهه ان ۾ آهي، سڀ ملعون (ڇڏي ڏيڻ جي قابل) آهي. سواءِ عالم، ديني طالب علم، الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ ان جي مددگار جي. (المعجم الاوسط طبراني ج4 ح: 4072- مجمع الزوائد ج اول- المسند الشاميين- طبراني ج اول ح: 163)

دنيا جي شين کي رحمت کان دور سڏيو ويو آهي، جيڪي شيون الله تعاليٰ جي ياد کان غافل ڪن، اهي دنيا آهن. هنن حديثن ۾ دنيا جي انهن غفلت ۾ وجهڻ وارين شين جي ڪري انهن کي ملعون سڏيو ويو آهي. برائي، بڇڙائي، بي حيائي ۽ ان جهڙا خراب عمل الله کان دوريءَ جو سبب ٿيندا آهن، ان ڪري انهن کان بچڻ

www.maktabah.org

لازم آهي. انهن حديثن ۾ ذڪر الٰهي ڪرڻ وارا، ديني عالم ۽ طالب العلم الله تعاليٰ جي قُربَ ۽ ويجھڙائيءَ جا مستحق آهن. هڪ روايت ۾ آهي ته علم فقط الله تعاليٰ جي رضا معرفت جي لاءِ سکڻ به الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ خوف جي حڪم ۾ آهي. علم جي طلب ڪرڻ عبادت آهي ۽ علم ياد ڪرڻ تسبيح آهي. علم جو علمي بحث ڪرڻ جهاد آهي. علم جو پڙهڻ صدقو آهي ۽ علم جو ماڻهن تي خرچ ڪرڻ الله تعاليٰ وٽ قربِ نزديڪي جو باعث آهي. علم جائز ۽ ناجائز جي سمجهه آهي. علم جنت جي رستن جو شان آهي. علم وحشت ۾ دل جو وندرائيندڙ آهي. علم سفر جو ساٿي آهي. علم رنج ۽ راحت جو دليل آهي. علم دشمنن لاءِ هٿيار آهي. علم جي ڪري الله تعاليٰ عالمن کي بلند مرتبو عطا ڪندو آهي، جنهنڪري ڀلائي ڏانهن عالم سڏيندا آهن. انهن جي اقتدا ۽ پيروي ڪرڻ ۽ انهن جي مشوري ڏانهن موٽڻ به علم جو سبب آهي. ملائڪ انهن سان دوستي رکندا آهن ۽ پنهنجا پَرَ انهن جي قدمن هيٺان وڇائيندا آهن. دنيا جي هر سڪل آلي شيءِ انهن لاءِ بخشش جي طلبگار هوندي آهي. ايتري قدر جو سمنڊ جون مڇيون ۽ جهنگ جا جانور درندا پرندا ۽ جيت به عالمن لاءِ الله تعاليٰ کان دعاءِ مغفرت گهرندا آهن. علم دلين جي روشني، اکين جو نور آهي. علم جي ڪري گهڻ درجي وارو، اعليٰ مرتبي تي پهچي ٿو. دنيا ۽ آخرت جي بلند مرتبن تي فائز ٿئي ٿو. علم جو مطالعو روزن وانگر آهي. علم ياد ڪرڻ تهجد (نماز پڙهڻ) وانگر آهي. علم سان حلال ۽ حرام ۾ تميز پيدا ٿئي ٿي. علم عمل جو امام آهي ۽ عمل ان جو تابع ۽ غلام آهي. سعادتمند ماڻهوءَ کي علم جو الهام ڪيو ويندو آهي ۽ بدبخت ماڻهو ان عظيم دولت کان محروم رهندو آهي. (طريقة الذكر ص 83 کان 85)

www.maktabah.org

مؤمن ٻانها ٻه اسان سان گڏ معاشري ۾ رهن ٿا. دنيا جا ڪم ڪاريون، نوڪريون، واپار، تجارت، زميندراي، هارپو، محنت، مزدوري، حلال رزق جي تلاش لاءِ ڪَسب ڪمائي ڪرڻ، اهي سڀ عمل انسان جي زندگيءَ سان وابسته آهن. اهي عمل هر انسان کي ڪرڻا آهن ته جيئن قلبي فراغت ۽ يڪسوئي سان الله تعاليٰ جي بندگي، عبادت ۽ ذڪر اذڪار ڪري سگهي. اهڙن مؤمنن جي الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ تعريف فرمائي آهي. ”الله جا ڪجهه اهڙا (پيارا) ٻانها آهن جو تجارت، واپار، خريد و فروخت انهن کي الله تعاليٰ جي ذڪر کان غافل نه ٿي ڪري سگهي.“ (القرآن)

انهن ٻانهن جو ظاهر مخلوق سان گڏ آهي ۽ باطن الله تعاليٰ سان گڏ آهي ۽ انهن جي باطن کي الله جي ياد کان سواءِ ٻي ڪا به خبر نه آهي. (تفسير مظهري)

هنن حديثن جي روشنيءَ ۾ ذڪر جي فضيلت، بزرگي ۽ اهميت واضح آهي. تمام عبادات مان مقصود الله جو ذڪر آهي. الله جي ذڪر سان مؤمن جا درجا ٻين عملن جي بنسبت تمام گهڻا بلند ٿين ٿا. الله جي نالي تي مال، سون، چاندي، خيرات ڪرڻ ۽ جهاد في سبيل الله کان به ذڪر جو درجو مٿي آهي. جهاد ۾ ظاهري طور ڪافرن اسلام دشمنن سان جنگ ٿيندي آهي، پر نفس شيطان سان مقابلو ڏاڍو ڏکيو آهي. جيڪو نظر به نٿو اچي. ان ڪري ظاهري دشمن کان مخفي دشمن جو مقابلو سخت تر ۽ گهڻو مشڪل آهي. ان لاءِ الله جو ذڪر ”جهاد اڪبر“ آهي جو ان ۾ قلب جي تذڪير آهي. مؤمن جو قلب الله جو باغ آهي ۽ معرفت الاهيءَ جو تخت آهي. مؤمن جو قلب عرشِ الٰهي آهي. ذاڪر، ذڪرالله جي هٿيارن سان نفس ۽ شيطان جو مقابلو ڪندو آهي ۽ ان کي مغلوب بنائي شڪست ڏيئي، اعليٰ مقام حاصل ڪري ٿو. قلب

www.maktabah.org

جي حفاظت ڪري ٿو ۽ قلب مان نفس جو عمل دخل ختم ڪري ٿو. ذاڪر ٻانهو ذڪر ڪندو رهي ٿو تہ الله تعالىٰ جي قرب، معيت واري دولت سان سرفراز ٿئي ٿو. جنهن سان معيت الٰهي شامل حال هجي، الله پنهنجي رحمت، محبت ۽ توفيق سان، جنهن سان گڏ هجي تہ پوءِ اُهو وڏي نصيب وارو ٻانهو ليکبو. سبحان الله!

حديث ۾ آهي تہ ”اَنَاجَلِيْسُ مَنْ ذَكَرَنِيْ“ جيڪو منهنجو ذڪر ڪري ٿو، آئون ان سان هم نشين هوندو آهيان. قرآن و سنت مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ وارا اولياء ڪرام آهن. انهن جي سنگت ۾ رهڻ سان بيشمار فائدا ملن ٿا.

هر کہ خواہد ہم نشینی باخدا
او نشیند در حضور اولیاء

ياد رکڻ کپي تہ:

(1) الله جلّ جلاله جو ذڪر توهان اسان جي ڪامل هئڻ جي نشاني آهي.
(2) الله جلّ جلاله جو ذڪر ڪثرت سان ڪرڻ حضرات انبياء ڪرام ۽ اولياء الله جو دستور آهي.
(3) الله جلّ جلاله جو ذڪر توهان اسان جي عقلمند هئڻ جي علامت آهي.
(4) الله جلّ جلاله جي ذڪر سان دلين کي سڪون نصيب ٿئي ٿو ۽ دليون زنده ٿين ٿيون.
(5) الله جلّ جلاله جي ذڪر سان دلين جي ڪاراڻ متجي ٿي ۽ دل ايمان جي نور سان چمڪي ٿي.
(6) الله جلّ جلاله جي ذڪر سان دل انوار ۽ تجليات الٰهي جو مرڪز بنجي ٿي.
(7) الله جلّ جلاله جي ذڪر سان گهرن ۾ نور ۽ رونق پيدا ٿئي ٿي.

www.maktabah.org

(8) الله جلّ جلاله جي ذڪر سان مصيبتون ۽ آفتون ٽري پري ٿين ٿيون ۽ مرض کان شفا ملي ٿي.
(9) الله جلّ جلاله جي ذڪر سان روزي ۽ رزق ۾ برڪت پوي ٿي، تنگي ۽ تنگدستي دور ٿئي ٿي.
(10) الله جلّ جلاله جي ذڪر سان چهرا مُنوّر ۽ روشن ٿين ٿا.
(11) الله جلّ جلاله جي ذڪر سان صالح عملن جي توفيق نصيب ٿئي ٿي، برائين کان ڇوٽڪارو ملي ٿو.
(12) الله جلّ جلاله جو ذڪر الله جي قرب جو وسيلو آهي.
(13) الله جلّ جلاله جي ذڪر ڪرڻ وارن سان الله مغفرت ۽ عظيم ثواب جو وعدو فرمايو آهي.
(14) الله جلّ جلاله جو ذڪر مومن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جي ضمانت آهي.

يا الله! پنهنجي ذڪر سان اسان جي زبانن کي تر و تازه فرماءِ ۽ دلين کي پُرنور فرماءِ. (آمين)

www.maktabah.org

باب چوٿون

# صالحن جي صحبت ۽ محبت جون برڪتون ۽ پلايون

قرآن ۽ سنتِ مصطفيٰ ﷺ جي مطالعي مان صالحن جي صحبت جون برڪتون ۽ پلايون معلوم ٿين ٿيون. حضرت رسول ڪريم ﷺ جي تربيتي، نوراني فيضان سان صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين فيضياب ٿيا. صحابہ ڪرام کي صحابيءَ جو شاندار لقب بہ فقط صحبت جي ڪري مليو ۽ پوري دنيا ۾ فيضان صحبتِ مصطفيٰ ﷺ جا روشن منارا بنجي ڪري چمڪيا ۽ دنيا کي صحبت جي نور سان چمڪايائون. صحبت پُراثر آهي. الله تعاليٰ جي محبت ۽ عشق جو رستو ان صحبت سان ئي کلي ٿو. صحبت جي ذريعي سان انساني قلبن تي عشق و مستيءَ جون ڪيفيتون وارد ٿين ٿيون. ان لاءِ جنهن ماڻهوءَ اولياء الله، صالحن، بزرگن جون صحبتون ڇڏي ڏنيون، اهو الله تعاليٰ جي بندگيءَ جو راز نہ ٿو حاصل ڪري سگهي. اهو انهن روحاني قلبي حلاوتن لذتن کان محروم رهي ٿو. ياد رکڻ گهرجي تہ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم کي تمام ڪمالات فيوض و برڪات شرف ۽ اعزاز ايمان جي حالت ۾ حضرت مُحمَّد رسول الله ﷺ جي زيارت، فيضِ بشارت ۽ صحبت جي اثر آفرين دولت سان مليا. حضور اڪرم ﷺ جي رفاقت، معيت ۽ صحبت جو اهو فيض هيو، جو انهن جي شخصيتن کي جلال و جمال جون ڪيفيتون مليون.

www.maktabah.org

اڄ ڪلهه به پنهنجي ذات ۽ ماحول کي صالح بڻائڻ لاءِ صحبتن جو فيضان عام ڪرڻو پوندو. صحبتن جي افاديت ۽ اهميت کي تسليم ڪندي انهن جي زنده ڪرڻ جون شعوري ڪوششون ڪرڻ گهرجن. اڄ ڪلهه ماديت ۽ نفس پرستيءَ دل جي اکين تي پردا وجهي ڇڏيا آهن، ان ڪري نيڪن صالحن جي سنگت صحبت ذڪر و فڪر جي محفلن جي فيضان ۽ اثر جي صحيح سمجهه حاصل ڪرڻ کان ماڻهن جو ادراڪ قاصر آهي. اسان جي نيڪي پرهيزگاري، ڀلائي، فلاح، صلاح ۽ قلب جي بگاڙ ۽ فساد جو علاج اهو آهي ته جتي پنهنجي نسبت واري نيڪن جي محفل ۽ نيڪيءَ جي دعوت جو پروگرام هجي، اتي وڃي ويهڻ گهرجي. انهن جي صحبت ۾ لازمي رهڻ گهرجي. حضرت ابوموسيٰ اشعري رضي الله عنه کان مروي آهي ته رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو نيڪ صالح ۽ بري ساٿيءَ جو مثال مشڪ واري ۽ لوهار جي ڀٺيءَ وارو آهي، جو ته مشڪ وارو يا ته تحفو (ٿوري خوشبوءِ) توهان کي ڏيندو يا توهان ان وٽان خريد ڪندؤ، ورنه ته عمده وڻندڙ خوشبوءِ ته توهان کي ملي ويندي. اها ته ويهڻ سان ايندي رهندي ۽ رهي لوهار جي ڀٺيءَ واري ڳالهه ته ان جي ڀٺي يا ته توهان جا ڪپڙا ساڙيندي، اگر ائين نه ٿيو ته انهيءَ جي بدبوءِ ته توهان کي ضرور ايندي. (صحيح بخاري، ڪتاب البيوع باب في العطار و بيع مسڪ، صحيح مسلم، ترغيب و ترهيب)

علامه قرطبي رحمة الله عليه لکيو آهي ته جڏهن اصحاب ڪهف جو ڪُتو صالحن جي صحبت جي صدقي ان بلند مقام کي پهتو، جو الله ان جو ذڪر قرآن حڪيم ۾ ڪيو آهي ته جيڪي الله تعاليٰ جي وحدانيت کي مڃيندڙ مومن، صالحن جي صحبت ۽ اولياء

www.maktabah.org

ڪرام جي صحبت رکندا، انهن تي ڪيئن نه مهرباني ٿيندي، بلڪ هن واقعي ۾ انهن ڪمال جي درجي ڪان پوئتي پوندڙ مومنن کي تسلي ڏنل آهي، جيڪي ڪاملن سان محبت رکندا آهن.

(31) حضرت انس بن مالڪ ﷛ کان صحيح روايت ۾ آيو آهي ته هڪ ڀيري نبي ڪريم ﷺ جن ۽ اسين مسجد جي دروازي کان نڪري رهيا هئاسون ته هڪ شخص مسجد جي چائنٺ وٽ مليو ۽ نبي ڪريم ﷺ کان پڇيائين ته قيامت ڪڏهن ٿيندي؟ پاڻ سڳورن ﷺ ان کي فرمايو ته تون ان جي لاءِ ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟ ان شخص ٿوري دير کان پوءِ عرض ڪيو ته مون قيامت لاءِ گهڻي نماز، گهڻا روزا ۽ گهڻا صدقا تيار نه ڪيا آهن، پر آئون الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري رسول ﷺ جن سان محبت رکان ٿو. پاڻ ﷺ ان کي فرمايو ته أَنْتَ مَعَ مَنْ أَحْبَبْتَ يعني تون ان سان گڏ هوندين، جنهن سان محبت رکين ٿو.

(32) هڪ روايت موجب حضرت انس بن مالڪ ﷛ فرمايو ته اسلام کان پوءِ جهڙو ان فرمان سان خوش ٿياسون، تهڙو وري ٻئي ڪنهن به شيءِ سان خوش نه ٿيا هئاسون. حضرت انس ﷛ فرمايو ته آئون نبي ڪريم ﷺ جن، حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق رضي الله عنهما سان محبت رکان ٿو، اميد اٿم ته انهن سان گڏ هوندس، جيتوڻيڪ ان جهڙا عمل نه ڪيا اٿم.

(صحيح بخاري، ڪتاب المناقب باب حضرت عمر بن خطاب. صحيح مسلم ڪتاب البر والصلة باب المرءُ مع من احب)

ان کان پوءِ علامه قرطبي فرمايو آهي ته هي جيڪو حضرت انس ﷛ فرمايو، اهو سيني مسلمانن کي شامل آهي، انهيءَ ڪري اسين جيتوڻيڪ قصوروار آهيون، پر اميدون وڏيون

www.maktabah.org

تا رکون. هڪ ڪُتي کي ڪاملن سان محبت جي ڪري الله ﷻ اُنهن سان گڏ قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ اسان تي تہ وڏيڪ مهرباني ٿيندي جو اسان وٽ ايمان، اسلام جو ڪلمو ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جي محبت آهي. (تفسير القرطبي جلد: 10)

(33) حضور تاجدار ڪائنات رحمة للعالمين ﷺ جو فرمان عاليشان حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه بيان ڪيو آهي تہ هڪ ماڻهوءَ رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ ! ان ماڻهو جي باري ۾ ڪهڙو حڪم آهي، جيڪو ڪنهن قوم سان محبت رکي ٿو، پر (انهن جهڙا اعمال ڪري) انهن سان مليو نہ آهي؟ ان تي حضور انور ﷺ فرمايو تہ اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ يعني (قيامت جي) ڏينهن ماڻهو انهيءَ سان گڏ هوندو، جنهن سان اهو (دنيا ۾) محبت رکندو هوندو.

(صحيح بخاري ڪتاب الادب باب علامة الحب في الله- صحيح مسلم باب المرءُ مع من احب- جامع ترمذي ڪتاب الزهد باب ما جاء المرءُ من احب)

(34) حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه بيان ڪن ٿا تہ مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ الله تعاليٰ فرمايو تہ منهنجي محبت واجب ٿي وئي. منهنجي خاطر پاڻ ۾ محبت ڪرڻ وارن ۽ منهنجي ڪارڻ مجلسون قائم ڪرڻ وارن ۽ منهنجي خاطر هڪ ٻئي سان ملاقات، ملڻ جلڻ وارن ۽ منهنجي خاطر خرچ ڪرڻ وارن جي لاءِ (ان حديث کي سيدنا امام مالڪ رضي الله عنه صحيح سَنَدَ سان ۽ ابن حبان ۽ حاڪم روايت ڪيو ۽ امام حاڪم هيءُ بہ فرمايو تہ هي حديث صحيح آهي)

(موطا امام مالڪ ج: 2 ح: 171- المستدرڪ للحاڪم ج: 4 ح: 7314- روضة السالڪين: ڊاڪٽر محمد طاهر القادري)

www.maktabah.org

## الله تعاليٰ خاطر محبت ڪرڻ وارن لاءِ قيامت ۾ انعامَ، اُهي بي خوف هوندا

حضرت سيدنا اميرالمؤمنين عمر بن الخطاب رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور اڪرم ﷺ فرمايو: "بيشڪ الله تبارڪ و تعاليٰ جل جلاله جا ڪجھ اهڙا برگزيده ٻانها آهن، جيڪي نه نبي سڳورا آهن، نه وري شهيد. قيامت جي ڏينهن حضرات انبياء ڪرام ۽ شهيد، الله جي طرفان انهن کي مليل مقام مرتبي تي رشڪ ڪندا. صحابہ ڪرام عرض ڪيو ته يارسول الله ﷺ! توهان اسان کي انهن جي باري ۾ ٻڌايو ته اهي ڪير آهن؟ پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو ته اهي اهڙا ٻانها آهن، جيڪي الله تعاليٰ جي خاطر پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان محبت ڪن ٿا. نه مِٽي مائٽيءَ، نه رشتيداري ۽ نه مال، ڪاروبار، واپار ۽ تجارت جي ڪري (انهن جي محبت فقط ۽ فقط الله تعاليٰ ڪارڻ هوندي آهي) الله جو قسم! انهن جا چهرا نور سان ڀريل هوندا ۽ اهي نور تي هوندا. انهن کي ڪو به خوف ۽ ڊپ نه هوندو. جڏهن ته (قيامت ۾) ماڻهو خوفزده هوندا. انهن کي ڪو به غم ۽ ڏک نه هوندو. جڏهن ته ماڻهو ڏک ۽ غم اندوھ ۾ مبتلا هوندا. پوءِ پاڻ سونهارن ﷺ قرآن ڪريم جي هيءَ آيت تلاوت فرمائي: اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ (سورة يونس آيت: 62) خبردار! بيشڪ الله جي ولين تي ڪو به خوف نه آهي ۽ نه اهي ڏکويل غمگين ٿيندا." (سنن ابوداؤد، شعب الايمان بيهقي ج 6 ح: 8998- حاڪم، المستدرڪ ج4 ح: 318- المستدرڪ ۾ اها روايت حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي. تفسير زاد المسير في علم التفسير ج4- درالمنثور في تفسير بالماثور ج: 4)

حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه جن روايت بيان ڪئي آهي ته انهن حضور اڪرم ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو ته الله تعاليٰ فرمايو:

www.maktabah.org

”منهنجي عزت، جلال ۽ عظمت جي خاطر پاڻ ۾ محبت ڪرڻ وارن جي لاءِ نور جا منبر هوندا. انهن تي حضرات انبياء ڪرام عليهم السلام ۽ شهيد رشڪ ڪندا.

(ترمذي شريف، ابونعيم حلية الاولياء و طبقات الاصفياء
ج: 2 الترغيب والترهيب، موارد الظمآن علامہ هيثمي.
فيض القدير شرح الجامع الصغير)

الله تعاليٰ ذڪر ڪرڻ وارن مؤمنن کي وڏو انعام عطا فرمايو آهي. قيامت ڏينهن جتي نفسانفسي جو عالم هوندو، اتي نافرمان ماڻهو، پنهنجي پگهر ۾ ٻڏندڙ هوندا. ڪا ٻہ ڇانو نہ هوندي، سج ويجهو اچي ويندو. زمين ٽپي ٽامي جي ٿي ويندي، ان مشڪل مهل ذاڪر ٻانهن کي الله تعاليٰ نور جي منبرن تي جلوه افروز فرمائيندو. اهي شاد آباد هوندا. خوش بخت، خوش نصيب هوندا. نوراني منبرن تي رونق افروز هوندا. انهن جي انهيءَ انعام اڪرام جي ڪري وڏا وڏا نيڪ صالح ٻانها انهن جي بلند بختي، شان و شوڪت تي رشڪ ڪندا ۽ ماڻهو انهن کي ڏسي دنگ رهجي ويندا. شال الله تعاليٰ اسان کي ذاڪر ٻانهن ۾ شامل فرمائي. عارف بالله حضرت مولانا جلال الدين رومي ﷫ فرمايو آهي:

ہر کہ خواہد زیستن با آبرو
ذکر او کن ذکر او کن فکرِ او

(مثنوي روم)

جيڪو ٻانهو گهري تہ عزت ۽ آبرو سان زندگي گذاري، انهيءَ کي کپي تہ هو الله تعاليٰ ﷻ جو ذڪر ڪري ۽ انهيءَ جو فڪر ڪري.

www.maktabah.org

حضرت ابومالڪ اشعري ﷜ کان روايت آهي تہ حضور اڪرم ﷺ فرمايو: ”الله تبارڪ و تعاليٰ جا ڪجھ اهڙا ٻانها آهن، جيڪي انبياءِ ڪرام ۽ شهيد نہ آهن. انبياءِ ڪرام ۽ شهيد قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ طرفان انهن کي عطا ٿيل قرب ۽ الله تعاليٰ جي پاران ڪين ڏنل بلند مَسندن تي مٿن رشڪ ڪندا. اصحابن جي هڪ پاسي ۾ اعرابي (ڳوٺاڻو اصحابي) ويٺو هو، اهو اُٿي بيٺو ۽ پوءِ گوڏن ڀر جهڪي ٻئي هٿ گوڏن تي رکي عرض ڪيائين: حَدِّثْنَا يَا رَسُوْلَ اللهِ عَنْهُمْ مَنْ هُمْ؟ اي الله جا رسول ﷺ! انهن جي باري ۾ اسان کي ٻڌايو تہ اُهي ڪير ماڻهو آهن؟ فَرَأَيْتُ وَجْهَ النَّبِيِّ يَنْتَشِرُ مون ڏٺو تہ رسول ڪريم ﷺ جو نوراني چهرو مبارڪ خوشيءَ سان ٻهڪي رهيو هو. (حضور اڪرم ﷺ جو پرنور نوراني منهن مبارڪ خوشي، مسرت جي ڪري ٽڙي پيو، جيئن گلاب جو گل ٽڙندو آهي ۽ چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪندو آهي.)

پياري آقا و مولا حضرت سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ فرمايو تہ الله جا اهي ٻانها آهن، جيڪي جدا جدا علائقن ۽ مختلف قبيلن جي الڳ الڳ خاندانن ۽ گهراڻن مان آهن، جن جي پاڻ ۾ ڪا مائٽي مٽي بہ نہ آهي، تنهن جي باوجود بہ اهي هڪ ٻئي سان وڌ کان وڌ گهڻي ميل ملاقات ڪندا ۽ ملندا جلندا آهن. صرف ۽ صرف فقط الله تعاليٰ ﷻ جي لاءِ ملندا آهن. دنيا لاءِ نہ ملندا آهن. هڪ ٻئي کان وڌيڪ مال خرچ ڪندا آهن. اهي صرف الله تعاليٰ جي واسطي هڪ ٻئي سان محبت ڪندا آهن. يَجْعَلُ اللهُ وُجُوْهَهُمْ نُوْرًا الله تعاليٰ انهن جي چهرن کي روشن نوراني ڪندو. الله تعاليٰ جي بيمثل و بي مثال بارگاهہ جي سامهون انهن لاءِ موتين (هيرن جواهرن) جا منبر وڇايا ويندا. ان ڏينهن (محشر جي روز) جڏهن

www.maktabah.org

ماڻهو خوفزده هوندا، پر انهن کي ڪو بہ خوف نہ هوندو ۽ جڏهن تہ ماڻهو غمگين هوندا، پر انهن کي ڪو غم نہ هوندو.

مُسند امام احمد بن حنبل ج: 5 ۾ هڪ ٻي حديث روايت ڪئي وئي آهي ۽ مجمع الزوائد ج: 10 ۾ علامہ هيثمي رحمه الله فرمائين ٿا تہ امام طبراني بہ اُن حديث جهڙي طويل روايت بيان ڪئي آهي ۽ فرمايو آهي تہ هن حديث جا رجال ثقہ آهن. (مجمع الزوائد ج: 10- نوادرالاصول في احاديث الرسول ﷺ - حڪيم ترمذي- شعب الايمان بيهقي ج: 6 رقم الحديث 9001- الترغيب والترهيب- تفسير درمنثور ج: 4 تفسير معالم التنزيل ج: 2-) شوڪاني فتح القدير ج: 2 ص: 458 ۾ ان حديث کي صحيح قرار ڏنو آهي ۽ چيو آهي تہ امام حاڪم هيءَ حديث ابن عمر رضي الله عنهما کان مرفوعًا ورتي آهي.

حضرت عباده بن صامت رضي الله عنه چيو تہ مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ پنهنجي رب تعاليٰ جل جلاله جو حڪم مبارڪ ٻڌايو تہ منهنجي خاطر هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ وارن لاءِ منهنجي محبت واجب ٿي وئي ۽ هڪ ٻئي سان نصيحت حاصل ڪرڻ وارن لاءِ منهنجي محبت واجب ٿي وئي. منهنجي خاطر هڪ ٻئي سان ملڻ (زيارت ڪرڻ) وارن لاءِ منهجي محبت لازم ٿي وئي ۽ منهنجي لاءِ هڪ ٻئي تي خرچ ڪرڻ وارن لاءِ منهنجي محبت لازم ٿي وئي ۽ اهي (جن لاءِ الله جي محبت لازم ٿي وئي) نور جي منبرن تي هوندا. انبياءِ ڪرام ۽ صديقين انهن جي درجن تي رشڪ ڪندا. (مسند احمد بن حنبل ج:5، صحيح ابن حبان ج: 2 حديث: 577- مصنف ابن ابي شيبه ج: 7- حلية الاولياءِ ج: 5- مجمع الزوائد- الترغيب والترهيب)

## صالحن جي صحبت قيامت ۾ بہ فائدو ڏيندي

اولياء الله، ذاڪر ٻانها جيڪي هن دنيا ۾ پاڻ تہ ذڪر فڪر ۾ آهن، پر پنهنجي محبت ڪرڻ وارن طالبن کي بہ نيڪي،

www.maktabah.org

تقويٰ، ذڪر فڪر جي دولت سان سرفراز ڪندا آهن. قيامت ۾ اُهي صالح، نيڪوڪار، بزرگ، اولياء الله پنهنجن مريدن جي بارگاه الٰهيءَ ۾ سفارش ۽ شفاعت ڪندا.

(35) حضرت ابوسعيد خُدري ﷛ ڪان روايت ٿيل طويل حديث ۾ آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو الله جي ذات جو قسم آهي، جنهن جي دست قدرت ۾ منهنجي (ﷺ)جان آهي، جيڪي مومن نجات لهي، جنت الفردوس ۾ هليا ويندا، اهي (جنتي مؤمن) پنهنجي انهن مسلمان ڀائرن (مريدن، طالبن ۽ محبت ڪرڻ وارن) جيڪي جهنم ۾ پيا هوندا، تن کي جهنم مان ڇڏائڻ جي لاءِ (بطور ناز) الله تعاليٰ سان اهڙو تڪرار ڪندا، جهڙو تڪرار ماڻهو پنهنجي حق وٺڻ لاءِ به نتو ڪري. اهي (صالح متقي مومن) الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندا ته مولا تعاليٰ كَانُوا يَصُومُونَ مَعَنَا وَيُصَلُّونَ وَيَحُجُّونَ اهي ماڻهو (جيڪي دوزخ ۾ آهن) اسان سان گڏ روزا رکندا هئا ۽ نمازون پڙهندا هئا ۽ حج ڪندا هئا. انهن صالح مومنن کي چيو ويندو ته جن ماڻهن کي توهان سڃاڻو ٿا، انهن ماڻهن کي دوزخ مان ڪڍي ڇڏيو، پوءِ انهن جون صورتون جهنم جي باهه تي حرام ڪيون وينديون. پوءِ جنتي مسلمان گهڻي تعداد ۾ انهن ماڻهن کي دوزخ مان ڪڍي ايندا. جن مان بعض کي پِنين جي اڌ تائين ۽ ڪجهه کي گوڏن تائين باهه ساڙي ڇڏيو هوندو. پوءِ انهن نيڪوڪار صالح مومن ڀائرن کي حڪم ٿيندو ته جن جي دل ۾ دينار جي برابر به نيڪي (خير) آهي، انهن کي ڪڍي اچو. وري انهن کي ڪڍي ايندا. وري انهن صالح مومن ڀائرن کي حڪم ٿيندو ته اڌ دينار برابر نيڪي جنهن جي دل ۾ هجي، انهن کي به ڪڍو. وري حڪم باري تعاليٰ ٿيندو ته هڪ ذري جيتري نيڪي به جنهن جي دل ۾ ملي، انهن کي ڪڍي

www.maktabah.org

اچو. نيڪ بانها، ذري جي نيڪي وارن کي بہ جهنم جي باهہ مان ٻاهر ڪڍي ايندا.

(صحيح مسلم، ڪتاب الايمان باب معرفة طريق الرؤية مترجم ح: 453- صحيح بخاري – سنن النسائي – الترغيب والترهيب)

امام العارفين حضرت سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جن جو فرمان حضرت خليفو محمود رحمة الله عليه نقل ڪيو آهي تہ هيڪر پاڻ (حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه) هن فقير (خليفي محمود) جي دعوت تي ديهہ ڪڙيي گهنور ۾ تشريف فرما ٿيا. پوءِ زيارت ڪرائڻ لاءِ اندر اسان جي گهر قدم رنج فرمايائون. اتي شهر ۽ آس پاس جون عورتون، مريدياڻيون گهڻيون اچي گڏ ٿيون هيون. تڏهن مون انهيءَ مجلس ۾ عورتن کي چيو تہ حضرت پير سائين جن فرمائين ٿا تہ جيڪو منهنجي مريدن مان ڏسيل ذڪر يعني (لا الٰہ الا الله – الا الله- الله- هو) هميشہ ڪندو رهندو تہ ان جي ايمان جو ذمو قيامت جي ڏينهن اسان تي آهي. پوءِ پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان ٽي ڀيرا موٽائي فرمايائون تہ جيڪو ڏسيل ذڪر هميشہ ڪندو رهندو تہ قيامت ڏينهن سندس ايمان جو ذمو اسان تي آهي ۽ جيڪو ذڪر نہ ڪندو، اهو اسان جو مريد نہ آهي.

(ملفوظات شريف: 122/ 1)

## قيامت ۾ صالحن جي سنگت فائدو ڏيندي ۽ اولياء الله شفاعت ڪندا

(36) حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه بيان ڪن ٿا تہ بيشڪ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم فرمايو يقينًا منهنجو هڪ امتي، ماڻهن جي هڪ گروهہ جي شفاعت ڪندو. انهن مان ڪو ڪنهن قبيلي جي شفاعت ڪندو، انهن مان ڪو ڪنهن جماعت جي شفاعت ڪندو ۽ انهن مان ڪو ڪنهن شخص جي شفاعت ڪندو. ايستائين جو

www.maktabah.org

اهي سڀ جنت ۾ داخل ٿي ويندا. (ترمذي شريف ڪتاب صفة القيامة والرقائق باب ما جاء في الشفاعة- مسند احمد بن حنبل ج: 3 — تاريخ ابن ڪثير ج: 10)

(37) حضرت اميرالمؤمنين سيدنا عثمان بن عفان ﷛ کان بيان ٿيل آهي تہ حضور سرور ڪونين ﷺ فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن ٽن قسمن جا شفاعت ڪندڙ هوندا.

اَلْاَنْبِيَاءُ ثُمَّ الْعُلَمَاءُ ثُمَّ الشُّهَدَاءُ

حضرات انبياء ڪرام عليهم السلام پوءِ (رباني) عالم سڀ کان پوءِ شهيد. (ابن ماجه ڪتاب الزهد باب ذڪر الشفاعة)

## اولياء الله جي خدمت بہ قيامت ۾ ڪم ايندي

(38) حضرت انس بن مالڪ ﷛ کان روايت آهي تہ حضور اڪرم ﷺ فرمايو قيامت جي ڏينهن ماڻهو صفون بنائيندا (ابن نُمير چيو تہ جنت وارا) تہ دوزخين مان هڪ شخص، جنتي ماڻهن (مومنن) جي پرسان لنگهندو ۽ چوندو تہ اي فلاڻا! توکي ياد آهي جو هڪ ڏينهن تو پاڻي گهريو هو. مون توکي پاڻي پياريو هو. راوي فرمائين ٿا تہ پوءِ اهو جنتي اُن جهنميءَ جي لاءِ شفاعت ڪندو. هڪ ٻيو ماڻهو ٻئي شخص وٽان گذرندو تہ چوندو توکي ياد آهي جو هڪ ڏينهن مون وضوءَ لاءِ توکي پاڻي ڏنو هو. اهو نيڪ مومن شخص اُن (دوزخي) جي شفاعت ڪندو. هڪ ٻيو ماڻهو چوندو تہ اي فلاڻا (جنتي نيڪ مومن) هڪ ڏينهن تو مون کي ڪم لاءِ موڪليو هو. فَذَهَبْتُ لَكَ فَيَشْفَعُ لَهُ پوءِ مان تنهنجي خاطر هليو ويو هوس، پوءِ اهو (جنتي مومن) اُن جي شفاعت ڪندو. (سنن ابن ماجه، ڪتاب الادب باب فضل صدقة الماء- الطبراني في معجم الاوسط ج: 6- الترغيب والترهيب- مجمع الزوائد ج: 10- مسند ابويعلىٰ ج: 7- تفسير قرطبي الجامع لاحڪام القرآن ج: 3)

www.maktabah.org

هن حديث مبارڪ ۾ اولياء الله، صالحن، نيڪن ۽ رباني عالمن جي خدمت ڪرڻ، انهن سان نسبت تعلق رکڻ وارن کي وڏي بشارت ڏني وئي آهي. جيڪي مسلمان الله وارن جي خدمت ڪن ٿا، انهن جي لاءِ وڏي خوشخبري آهي. هميشہ مسلمانن کي گهرجي تہ خدمت کي پنهنجو شعار بنائن.

(39) حضرت انس ﷛ کان روايت آهي تہ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ اَكْثِرُوْا مِنَ الْمَعَارِفِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ حضور ڪريم ﷺ فرمايو تہ مومنن سان سهڻي طريقي سان ڄاڻ سڃاڻ رکو، ڇو تہ هر مومن قيامت جي ڏينهن الله جي دربار ۾ شفاعت ڪندو.

(الديلمي في مسند الفردوس ج: 1- دارالكتب العلمية بيروت)

## ڀلارن جو ذڪر بہ ڀلا ڪندا آهن

انهن روايتن جي روشنيءَ ۾ اها ڳالهہ چٽيءَ طرح واضح ٿي وئي تہ نيڪن، صالحن، اولياء ڪرام جون محفلون، صحبتون انهن سان نسبت تعلق رابطو، انهن جي مجلسن ۾ اچڻ وڃڻ، اولياء ڪرام سان في سبيل الله، دين اسلام، احياء سنت، ذڪر الٰهي لاءِ رابطو، دين ۽ دنيا جي سعادتن، ڪامرانين ۽ ڪاميابين لاءِ لازمي آهي. انهن جي نيڪين، چڱاين جي وسيلي سان الله تعالىٰ اسان تي بہ رحم فرمائيندو. قرآن ۽ سنت جي واضح احڪامن موجب ذاڪر ٻانهن جي سنگت اختيار ڪرڻ گهرجي.

شنیدم کہ در روز امید و بیم
بداں را بخشد بہ نیکاں کریم

www.maktabah.org

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره الاقدس جن پنهنجي ملفوظات ۾ فرمايو آهي ته اهڙن ڀلارن، نيڪن صالحن ذاڪر اولياء ڪرام جي سنگت ۽ صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي، ڇو ته انهن ڪاملن جي صحبت وڏي اثرانگيز آهي. پاڻ مولانا رومي رحمه الله جو فرمان نقل ڪيو اٿن:

يک زمانہ صحبت با اولیاء
بہتر از صد سالہ طاعت بے ریا

الله جي ولين جي صحبت ۾ هڪ گهڙي ويهڻ، سؤ سالن جي بي ريا عبادت کان بهتر آهي.

۽ ان جو سبب هيءُ آهي ته عابد، عبادت گذار جي عبادت ۾ رياء، فخر ۽ خودفريبي وغيره شامل ٿي وڃڻ جو انديشو آهي. الله تعاليٰ بهتر ڄاڻي ٿو ته ڊگهي عرصي تائين ڪيل عبادت قبول به فرمائي وئي يا نه. پر صالحن اولياء ڪرام جي برڪت ۽ فيض حاصل ٿيڻ ۾ شڪ شبهي جي گنجائش ئي نه آهي. جيئن اڳ ۾ حديث شريف جي حوالي سان گذريو ته ذاڪر ٻانهن جي محفل ۾ فلاڻو ماڻهو ذڪر لاءِ نه آيو هو، بلڪ ڪم خاطر ويو ۽ ٿوري دير نيڪن سان گڏ ويٺو. الله تعاليٰ حديث قدسي ۾ فرمايو ته:

هُمُ الْقَوْمُ لَا يَشْقٰى بِهِمْ جَلِيْسُهُمْ

(انهن الله پاڪ جي ٻانهن سان ويهندڙن کي بي نصيب نه ڇڏيو ويندو.)

(صحيح مسلم- ڪتاب الذڪر والدعاء والتوبة باب مجالس الذڪر- مسند احمد بن حنبل ج: 2 ح: 7420- الترغيب والترهيب ج: 2)

www.maktabah.org

الله تعاليٰ انهيءَ ذڪر نہ ڪندڙ ٻانهي کي بخشي ڇڏيو. انهن الله پاڪ جي ٻانهن سان گڏ ويهندڙن کي بي نصيب نہ ڇڏيو ويندو. (ملفوظات شريف)

ڪيمياۓ در نگاهِ کاملاں حق داشتہ
ديدنِ ايشاں جلوه اکسير احمر مي کند

صالحن جي صحبت ۾ فيض ملڻ جو ٻيو سبب هيءُ بہ آهي تہ اولياءالله جي ڪرم واري نگاهہ تي وڃي تہ وڏن بدڪارن جي هڪ لمحي ۾ قسمت بدلجيو وڃي ٿي. انهن کي پل پل ۾ اعليٰ مقامات حاصل ٿين ٿا. حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني قطب رباني ﷺ جي نظر فيض اثر سان چور، ڌاڙيل نيڪ بنجي ويا. علامہ ڊاڪٽر محمد اقبال ﷺ فرمايو آهي تہ:

کوئی اندازہ کر سکتا نہیں ان کے زورِ بازو کا
نگاہِ مردِ مومن سے بدل جاتی ہیں تقدیریں

www.maktabah.org

## باب پنجون

# محبوب سبحاني حضرت سيدنا غوث الاعظم عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه جي فرمانن جي روشنيءَ ۾ ذڪر شريف جي فضيلت ۽ فائدا

حضرت سيدنا پيرانِ پير عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه جن غُنية الطالبين ۾ قرآن پاڪ جي آيتن کي نقل فرمائي، انهن جي تشريح ڪندي حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما جو فرمان نقل ڪيو آهي تہ توهان الله کي عبادت جي ذريعي ياد (ذڪر) ڪيو الله توهان کي پنهنجي مدد ذريعي ياد ڪندو.

حضرت سعيد بن جُبير رضي الله عنه فرمايو آهي تہ توهان الله کي عبادت ذريعي ياد ڪيو، الله تعاليٰ توهان کي بخشش سان ياد ڪندو. حضرت فضيل بن عياض رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ توهان الله کي عبادت سان ياد ڪريو، الله توهان کي ثواب جي ذريعي ياد ڪندو. پيران پير سيدنا عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه جن پياري آقا مدني مصطفيٰ صلى الله عليه وسلم جو فرمان نقل ڪيو آهي تہ حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم فرمايو جنهن الله جي حڪم کي مڃيو، ڄڻ تہ ان الله تعاليٰ کي ياد ڪيو. توڙي جو ان جون نمازون، روزا ۽ تلاوتِ قرآن گهٽ هجن ۽ جنهن الله جي نافرماني ڪئي، ان الله کي وساريو توڙي جو ان جون نمازون، روزا ۽ تلاوتِ قرآن زياده هجن. حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه جو ارشاد آهي تہ جڏهن ٻانهو خوشيءَ جي حالت ۾ الله کي پڪاري يا ياد ڪري ٿو، پوءِ ڪڏهن ان تي

www.maktabah.org

مصيبت اچي ٿي تہ ملائڪ چون ٿا تہ يا اللهﷻ! تنهنجي فلاڻي ٻانهي تي مصيبت آئي آهي، انهيءَ ڪري اهي فرشتا ان جي سفارش ڪن ٿا. الله تعاليٰ انهن جي سفارش قبول ڪري ٿو.

حضرت پيران پير غوث الاعظم جيلاني ﷺ مختلف اقوال نقل ڪندي فرمائن ٿا تہ جيڪو الله کي ياد ڪري ٿو، الله تعاليٰ ان کي ياد ڪري ٿو. مقصد تہ جيڪو الله تعاليٰ کي محبت ۽ شوق سان ياد ڪري ٿو تہ الله تعاليٰ ان کي وَصَل ۽ قرب سان ياد فرمائي ٿو. جيڪو ثنا ۽ تعريف جي ذريعي ياد الٰهي ڪري ٿو، الله تعاليٰ ان کي عطا ۽ سهڻي جزاء سان ياد فرمائي ٿو. توبہ جي ذريعي ياد الٰهي ڪرڻ واري کي الله تعاليٰ معافي ۽ بخشش سان ياد ڪري ٿو. غفلت کان سواءِ الله کي ياد ڪرڻ واري کي الله تعاليٰ بلا تاخير ياد فرمائي ٿو. عقيدت سان ياد ڪرڻ واري کي الله تعاليٰ فائدن ذريعي ياد ڪندو آهي. اخلاص واري کي نجات عطا ڪري ياد فرمائي ٿو. دل ۾ ياد ڪرڻ واري کي الله تعاليٰ مصيبتون دور ڪري ياد ڪندو آهي. محتاج بڻجي ياد ڪندڙ کي الله تعاليٰ طاقت عطا ڪري ياد فرمائي ٿو. مغفرت جي طلب رکي ياد الٰهي ڪرڻ واري کي الله تعاليٰ رحمت سان ياد فرمائي ٿو. ايمان سان ياد ڪرڻ واري کي جنت جي ذريعي، سلام سان ياد الٰهي ڪرڻ واري کي لطف ۽ ڪرم جي ذريعي الله تعاليٰ ياد ڪندو آهي. (غُنية الطالبين)

حضرت قطب الاقطاب، محبوب سبحاني سيد عبدالقادر جيلاني جن حديث قدسي فتوح الغيب ۾ نقل فرمائي آهي تہ حضرت امير المؤمنين سيدنا عمر فاروق ﷺ روايت ڪئي تہ نبي

www.maktabah.org

پاڪ ﷺ فرمايو ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته: مَنْ شَغَلَهُ ذِكْرِي عَنْ مَسْأَلَتِي أَعْطَيْتُهُ أَفْضَلَ مَا أُعْطِي السَّائِلِينَ (امام بخاري- تاريخ ڪبير ج 2 ح: 1879- حڪيم ترمذي نوادرالاصول- فتح الباري ج: 11- الاتحافات السنية بالاحاديث القدسية علامه مناوي موسسة الرسالة لبنان- شعيب الايمان بيهقي ج: 1 ح: 572 تهذيب الڪمال ج: 2 ح: 767 بيروت لبنان

يعني جيڪو مؤمن پانهو منهنجي (الله جل شانه) ذڪر (ياد) ۾ مشغول رهڻ جي ڪري مون کان دُعا يا ڪنهن قسم جو سوال نه ڪري سگهيو ته آئون ان کي سوال ڪندڙن کان وڌيڪ عطا فرمائيندس. سبحان الله سبحان الله. (فتوح الغيوب)

حضرت سيد عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جن ان حديث قدسي جي شرح ۾ فرمايو آهي ته الله تعاليٰ جنهن مومن ٻانهي کي مقبول ۽ برگزيدو بنائڻ جو ارادو فرمائيندو آهي ته ان کي مختلف احوالن، آزمائشن، تڪليفن ۽ مصيبتن سان آزمائيندو آهي. دولت کان پوءِ محتاج، روزي رزق جا دروازا بند هئڻ جي صورت ۾ مخلوق جي اڳيان، ان کي سوالي بنجڻ تي مجبور ڪري ڇڏي ٿو ته پوءِ وري ان کي مخلوق کان سوالي بنجڻ کان بچائي ٿو وٺي ۽ قرض وٺڻ جو خيال ان جي دماغ ۾ وجهي ٿو ڇڏي، پوءِ وري محنت جي ڪمائي ڪرڻ جي پاسي ان جي رهنمائي ڪري، ان لاءِ آساني پيدا فرمائي ٿو ڇڏي ته جيئن هو حلال جي ڪمائي ڪري روزي کائڻ ۾ لڳي وڃي، پوءِ وري ان جي ڪمائي ۾ اوچتو تنگي پيدا ٿو ڪري ڇڏي ۽ مخلوق کان سوال ڪرڻ جو ان کي اشارو ٿو ڪري ۽ ان کي باطني امور جو حڪم ٿو ڏئي ۽ اهو حڪم کي بخوبي ڄاڻي ۽ سڃاڻي ٿو. ۽ ان جي حڪم تي عمل کي عبادت ۽ ان جي حڪم جي ابتڙ برخلاف ڪرڻ کي گناهه قرار ڏئي ٿو ته

www.maktabah.org

جيئن ان جي باعث اُن جي نفسانيت پري ٿي وڃي ۽ نفس شڪسته ٿي وڃي. (نفسي خواهشن کي ٽوڙي ختم ڪري ڇڏي) ۽ اها حالت رياضت جي آهي. ان وقت، ان جو سوال ڪرڻ مجبوري جي ڪري هوندو آهي. الله تعاليٰ سان بطور شرڪ جي نه هوندو آهي. پوءِ الله تعاليٰ ان کي مخلوق کان بچائي ٿو ۽ ان کان قرض وٺڻ جو قطعي حڪم ڪندو آهي. جنهن جو ڇڏڻ پهرين سوال وانگر درست نه آهي. پوءِ ان کي اِن کان هٽائي ڪري، مخلوق کان جدا ڪري ڇڏي ٿو ۽ ان جي روزي رزق جو سلسلو الله تعاليٰ پنهنجي ذات مبارڪ سان وابسته ڪري ڇڏي ٿو. ته جيئن هو ٻانهو پنهنجي ضرورت جي هر شيءِ جي طلب الله تعاليٰ کان ڪري ٿو ۽ مولا تعاليٰ ان کي عطا فرمائي ٿو. جيڪڏهن هو سوال ڪرڻ کان خاموش (ماٺ) رهي ته اُن جي عطا رُڪجي وڃي ٿي. پوءِ ٻانهو زبان سان سوال ڪرڻ بجاءِ دل سان سوال ڪري ٿو ته اهو پنهنجي دل سان الله تعاليٰ کان پنهنجي ضرورت گهرج جي هرڪا شيءِ گهري ٿو ته ان کي عطا ڪئي وڃي ٿي ته ان وقت ٻانهي جي اها حالت هوندي آهي جو جيڪڏهن هو مخلوق کان سوال ڪري يا پنهنجي ضرورت جي متعلق چپ چوري، لب ڪشائي ڪري ته ان کي ڪجهه به نٿو ملي. ان کانپوءِ ان کي سوال ظاهر ۽ باطن بلڪ خود ان کي پنهنجي ذات کان بي نياز ڪيو وڃي ٿو. جيئن ته ان کي سوال کان سواءِ ۽ انهن مصلحتن ۾ دخل ڏيڻ بغير، جڏهن ته ان جي وهم و گمان ۾ به ڪا شيءِ نه هجي. ان کي اُهي نعمتون عطا ڪيون وڃن. جن سان کائڻ پيئڻ ۽ ٻين بشري انساني عوارضن جون تمام ڪوتاهيون پوريون ٿي وڃن ٿيون. الله تعاليٰ ان جو نگهبان بنجي وڃي ٿو. جيئن الله تعاليٰ

www.maktabah.org

جو ارشاد آهي:

اِنَّ وَلِیّٖ اللّٰهُ الَّذِیۡ نَزَّلَ الۡكِتٰبَ وَهُوَ يَتَوَلَّى الصّٰلِحِيۡنَ (سورة الاعراف آيت: 196)

**بيشڪ منهنجو مددگار الله آهي، جنهن قرآن ڪريم نازل فرمايو ۽ اهو نيڪوڪارن جو مددگار آهي.**

**پوءِ اها حديث قدسي جيڪا حضرت نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي رب پاڪ کان روايت فرمائي آهي، يعني جيڪو مومن شخص منهنجي ذڪر ۾ مشغول ۽ محو رهڻ جي ڪري مون (الله) کان ڪنهن قسم جو سوال نه ڪري سگهيو. آئون ان کي سوال ڪندڙ کان گهڻو زياده عطا ڪندس. اهو فنا جو بلند ترين مقام آهي، جيڪو اولياء ڪرام ۽ ابدالن جو آخري مقام آهي. پوءِ ان مقام تي پهچي تي وڏي مهرباني ٿيندي آهي.**

(فتوح الغيب مترجم ص: 117- 119)

www.maktabah.org

## باب ڇهون

# ذڪر جي فضيلت، اهميت ۽ فائدا ملفوظات شريف جي روشنيءَ مطابق

قطب الاقطاب، فيض مآب، امام العارفين، محي السنة النبوية، حضرت سيّد محمّد راشد روضي ڌڻي رهبر قدس سره الاقدس جي ذات بابرڪات جن، لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي ذڪر بابت جيڪي فرمان عظمت نشان بيان فرمايا، اهي حضرت عارف بالله الودود خليفي فقير محمود نظاماڻي رحمة الله عليه جن ملفوظات شريف ۾ گڏ ڪيا آهن. انهن حڪمت آموز، ايمان افروز، نصيحتن جي خوشبوءِ سان قلب و جان معطر ۽ منوّر ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ هتي سندن ارشادات مبارڪ حاضرِ خدمت ڪجن ٿا:

## ذڪرِ الهي - روحاني طعام

امام العارفين حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره فرمايو ته ڪنهن وقت امّ المؤمنين بيبي عائشه رضي الله تعالىٰ عنها حضرت نبي ڪريم ﷺ جي خدمت مبارڪ ۾ عرض گذاريو ته يا رسول الله ﷺ ! اسان جا پيٽ اٽي ڳوهڻ کان وٺي ماني پچائڻ تائين بہ آرام نٿا ڪري سگهن، پوءِ جنهن وقت دجال لعين پيدا ٿيندو ۽ ان کان سواءِ ٻئي هنڌ طعام ملڻ مشڪل ٿي پوندو ته ان وقت مؤمنن جو حال بک کان ڪهڙو نہ ڏکيو ٿيندو! پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو ته ان وقت مؤمنن لاءِ الله تعالىٰ جل شانه جو ذڪر ڪاڏي بدران طعام وانگر خوراڪ هوندو.

www.maktabah.org

## ذڪر ڪندڙ بهشت ۾ ويندو

هيڪر پاڻ حديث شريف کان نقل فرمايائون ته جنهن شخص هڪڙو پيرو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جو ڪلمو دل جي يقين سان پڙهيو ته اهو شخص بهشت ۾ داخل ڪيو ويندو. پوءِ اصحابن سڀڙورن رضي الله تعالىٰ عنهم خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو ته يا حضرتا! توڙي اهو شخص چوري ڪري ته به بهشت ۾ ويندو؟ پاڻ فرمايائون ته توڙي چوري ڪري، وري پڇيائون ته توڙي زنا ڪري؟ پاڻ فرمايائون ته توڙي زنا ڪري.

## ذڪر جي محفل ۾ ويهڻ نجات جو ذريعو

هيڪر پاڻ حديث شريف کان بيان فرمايائون، ته جڏهن ڪي ذڪر ڪندڙ شخص هڪ هنڌ گڏجي ذڪر ۾ مشغول ٿين ٿا تڏهن الله تبارڪ و تعالىٰ ملائڪن ڪي زمين تي موڪلي ٿو ۽ ڪين فرمائي ٿو ته وڃي منهنجن ٻانهن ۾ ذڪر ڪندڙن ڪي ڏسو ۽ سندن احوال کان واقف ٿيو! پوءِ جڏهن اهي ملائڪ سڀڙورا انهن ذڪر ڪندڙن ڪي ذوق شوق سان ذڪر ڪندو اچي ڏسن ٿا، تڏهن سندن حلقي ڪي چوڌاري وڪوڙي ويهي وڃن ٿا ۽ شيطانن جي لشڪرن کان جي دلين ۾ وسوسو وجهندا آهن، سندن حفاظت ڪن ٿا، پوءِ جڏهن ذڪر کان واندا ٿين ٿا، تڏهن الله تبارڪ و تعالىٰ جي درگاهه ۾ اچي، سندن ذڪر جي شغل ۽ ذوق شوق جو احوال عرض رکن ٿا. الله تعالىٰ جل شانه فرمائي ٿو ته انهن ٻانهن جن اهڙي ذوق شوق سان ذڪر پئي ڪيو، تن مون ڪي ڏٺو به آهي يا بنا ديدار حاصل ٿيڻ جي اهڙو شوق ۽ لذت اٿن؟ ملائڪن عرض ڪن ٿا ته يا رب العالمين! انهن ٻانهن تنهنجي ذات پاڪ کي ڪونه

www.maktabah.org

ڏنو آهي، پر جي ڪين ديدار نصيب ٿي وڃي ته هوند عجب ذوق شوق سان تنهنجي ذات پاڪ ۾ محو ٿي وڃن. تڏهن الله سبحانه وتعاليٰ ڪمال رحم ڪرم سان فرمائي ٿو ته اي ملائڪو! اوهان جي شاهدي سان مون انهن سڀني ٻانهن کي جيڪي ذڪر جي حلقي ۾ داخل هئا، بخشي ڇڏيو. ملائڪ عرض ڪن ٿا ته يا رب العالمين! انهن مان هڪ شخص ذڪر ۾ شامل ڪونه هو، بلڪ ڪنهن ڪم ڪار سان هڪڙي ذڪر ڪندڙ شخص وٽ اچي حلقي ۾ ويٺو هو. تڏهن حڪم ٿئي ٿو ته انهيءَ ذڪر نه ڪندڙ کي به ذڪر ڪندڙن جي طفيلي بخشي ڇڏيم.

اي عزيز! انهيءَ ڪري ٻئي هنڌ سردار دوجهان ﷺ کان وارد ٿيل آهي ته: "هُمُ الْجُلَسَآءُ لَا يَشْقٰى جَلِيْسُهُمْ" يعني ته انهن الله پاڪ جي ٻانهن سان گڏ ويهندڙن کي ٻي نصيب نه ڇڏيو ويندو.
(صحيح بخاري، مسلم، درمنثور)

## دل سان ذڪر ڪندڙ دوزخ کان دور

هيڪر پاڻ نقل فرمايائون ته سمنڊ جي هڪڙي ٻيٽ ۾ هڪ وڻ آهي، جنهن جي پنن تي لفظ "لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ" لکيل آهي، الله تعاليٰ عزاسمه ملائڪن کي ان وڻ جي چوڪيداري مقرر فرمائي ڇڏيو آهي، ته جيڪو به پن انهيءَ وڻ مان ڇڻي، ته ان کي زمين تي ڪرڻ نه ڏين، بلڪ مٿان هوا تان ئي وٺي نيئي بهشت ۾ داخل ڪن، پوءِ پاڻ فرمايائون ته جڏهن وڻ جي پن کي به الله تبارڪ و تعاليٰ جنهن تي ڪلمو مبارڪ "لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ" لکيل آهي ته زمين تي اڇلائڻ نٿو سهي، تڏهن جنهن ماڻهوءَ جي دل تي اهو ڪلمو سڀ‌ورو لکيل هوندو، تنهن کي دوزخ جي باھ ۾ ڪيئن وجهرائيندو؟

www.maktubah.org

## افضل ذڪر ۽ دُعا

احمد فقير صغير ناهيو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ حديث شريف ڪان نقل فرمايائون ته سڀ ذڪرن ڪان زور ڀلو ذڪر لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ آهي ۽ سڀني دعائن ڪان زور ڀلي دعا فاتحه يعني الحمد شريف آهي.

## ذڪر ڪندڙن سان قبر ۾ مرشد جي مهرباني

طيب فقير راهو ڪرڙو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ جمعي نماز ڪان پوءِ ڪرسيءَ تي ويهي وعظ فرمايائون، جنهن ۾ ذڪر لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ جي ڀلائي ۽ صلوات شريف جي فضيلت بابت بيان هو، پوءِ جڏهن پاڻ وعظ ڪان فارغ ٿي ڪرسيءَ ڪان لٿا، تڏهن فرمايائون ته اي يارو! ٻُڌو ته الله تبارڪ و تعاليٰ اسان سان وعدو ڪيو آهي ۽ اسين اوهان سان وعدو ڪريون ٿا ته جيڪو شخص هميشه ذڪر جي تلاوت ڪندو رهندو ته سڪرات مهل توڙي قبر قيامت ۾ ان جي ايمان ۽ بخشش جا ضامن اسين آهيون. اتي حاجي فقير نالي هڪڙي پوڙهي شخص ڪي دل ۾ وهم آيو ته سائين جن جا مريد ته لکين آهن، پوءِ هر هڪ ڪي ويجهي يا پري پهچڻ سندن ڪيئن ٿي سگهندو؟ سندس واهمي اچڻ شرط فرمايائون ته اي ادا پوڙها! جو پت سان ٽيڪ ڏيون وينو آهين، تون مري ڏس ته آءٌ توکي پهچان ٿو يا نه؟

اي عزيز! هي ظاهري سج جڏهن ٽاڪ منجهند جو سر جي مٿان ايندو آهي، تڏهن ڏسندو آهين ته ڪيئن نه سندس شعاع ڪان زمين جون چار ئي ڪُنڊون روشن ٿي وينديون آهن، پوءِ پير ڪامل به حقيقت جو سج ڪري سمجهه، جنهن جي نور سان جهان

www.maktabah.org

جا سمورا ذرڙا روشن ٿي وڃن ٿا، پوءِ انهيءَ سچ جي نظر فيض اثر کان ڪي به ذرڙا ڪٿي ڳجها رهي سگهندا؟

## ذاڪرن جا حياتيءَ ۽ مماتيءَ ۾ چهرا روشن

غلام محمد فقير نظاماڻي رهندڙ ٽنڊي سومري نظاماڻي جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙ جو سفر ڪندي اسان جي ديهه ۾ نزول رحمت شمول فرمايائون ۽ عرض گذارڻ تي مون عاجز جي گهر زيارت ڪرائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا. اتي مون خدمت شريف ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! ولي محمد نظاماڻي هميشه ذڪر ڪندو رهي ٿو. ولي محمد به اتي حاضر هو، پاڻ ڏانهس نظر فيض اثر سان نهاري فرمايائون ته ذڪر ڪندڙن جو منهن پري کان پڌرو آهي، جيتري قدر ڪو شخص ذڪر ڪري ٿو، اوترو ئي الله سبحانه و تعاليٰ سندس منهن کي حياتيءَ ۾ توڙي مماتيءَ کان پوءِ روشن فرمائي ٿو ۽ سندس قبر کي ڪشادو ڪري ٿو.

## مرشد جي حضور ۾ ذڪر ڪندڙن جا پاڻ شاهد آهن

هيڪر ڪڇ جي سفر ۾ هڪڙا به شخص پيءُ پٽ قوم جا ڏڪڻ حضور ۾ حاضر ٿي تلقين اچي ورتائون. پاڻ ٻنهي ڄڻن کي چار هزار ذڪر معلوم جا ارشاد فرمايائون ۽ فقيرن کي حڪم ڏنائون ته انهن کي ذڪر جون تسبيحون سيکارن ۽ هر هر چورائين، فقيرن ٻنهي ڄڻن کي ذڪر پئي چُورايو، پر انهن ٻنهي مان هڪڙي شخص ڏاڍي جوش ۽محبت سان ذڪر جي تلاوت پي ڪئي، باقي ٻي شخص هوريان پئي پڙهيو. جڏهن ذڪر کان فارغ ٿيا، تڏهن فقيرن مان هڪڙي شخص ٻئي فقير کي آهستگيءَ سان چيو ته انهن ٻنهي ڄڻن مان هڪڙو شخص ذڪر واهه جو ڪندو،

www.maktabah.org

باقي ٻيو شخص ذڪر شل ڪري! پاڻ سندس چوڻ ٻڌي ورتائون ۽ فرمايائون تہ هينئر جو چار تسبيحون ذڪر جون ڪيائين، تنهن جا شاهد اسين بہ آهيون.

## روضي واري جو مريد قبر ۾ خوش ۽ فرحت ۾ آهي

هيڪر پاڻ بيان فرمايائون تہ کهياري جي فقيرن مان هڪڙو شخص اسان وٽ آيو هو، پوءِ جڏهن اسان کان موڪلائي ڳوٺ تي ويو، تڏهن واٽ تي ڪٿهين سانجهيءَ جي نماز ادا ڪري ذڪر مقرر جي تلاوت هڪ مقام مان لنگهندي ڪيائين. اجا بہ ٿي وڪون مقام کان اڳيرو وڌيو تہ پويان سڏ ٿيس تہ اي ذڪر پڙهندڙ مؤمن! پوئيرو اچجانءِ. اهڙيءَ طرح ٽي سڏ ٿيس. هي پوئتي وڃي ڏسي تہ هڪ شخص قبر کان ارڌ تائين ٻاهر نڪري آيو آهي ۽ ڪيس سڏ ڪيون پيو ٿو چوي تہ ادا مون کي ذڪر جي تلقين ڪيون وڃ، چو تہ جيڪو بہ توهان جي پير جي مريدن مان ذڪر ڪندڙ شخص هت مقام ۾ آيو آهي، اهو هن هند ڏاڍو خوش ۽ فرحت ۾ آهي، ان فقير ڪيس ورندي ڏني تہ مون کي ذڪر سيکارڻ جي اجازت ڪانہ مليل آهي، پاڻ فرمايائون تہ جڏهن اهو فقير اسان وٽ آيو، تڏهن مقام وارو سمورو احوال اچي ٻڌايائين. اسان ڪيس چيو تہ ان کي ذڪر سيکارڻ ڪپندو هو ۽ پوءِ ان کي چيوسون تہ تو پنهنجي ڏني، اسان ان کي لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ذڪر جو ڏسي قبر ڏي موڪل ڏني هئي.

## روضي واري جو طالبن کي تلقين جو نمونو

پاڻ فرمائيندا هئا تہ طالب کي پهريان لساني ذڪر ۾ ذوق پيدا ٿيندو آهي. پوءِ قلبي ذڪر سان، پوءِ فڪر سان، پوءِ

www.maktabah.org

قرآن مجيد جي تلاوت سان، پوءِ صلوات شريف سان، پوءِ تهليل سان. اهڙيءَ طرح سندس ذوق درجي بدرجي زيادتي ڪندو رهي ٿو. تانجو سندس شغلن ۾ پوئين پوئين شغل تهليل آهي. يعني لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چوڻ.

## وبائي بيمارين کان جماعت سان ذڪر ڪندڙ امن ۾ رهندو

جامع ملفوظات رحمه الله چوي ٿو ته هيڪر پاڻ لقمان ٽالپر جي ديهه ۾ تشريف فرمائي هئائون، اتي مون موڪل لاءِ خدمت شريف ۾ عرض گذاريو. جڏهن ته ان وقت لاڙ ملڪ ۾ وبا جو ڏاڍو زور شور هو، تنهن لاءِ به دعا جو عرض ڪيم. پاڻ فرمايائون ته ”مڙني يارن يعني مريدن سان گڏجي ذڪر جي وجهي ڪوشش ڪيو ته سيني تڪليفن کان امن ۾ رهندؤ“.

## جهري ذڪر، وڌيڪ اثرائتو آهي

خليفو ميان لقمان رحمه الله نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته نقشبندي بزرگن قدس الله تعاليٰ اسرارهم خفي ذڪر کي جهري ذڪر کان وڌيڪ چڱو سمجهيو آهي، پر اسان جهري يعني وڏي آواز واري ذڪر کي وڌيڪ سمجهون ٿا، چو ته آهستگي واري ذڪر سان رڳو قلب کي راحت پهچي ٿي ۽ جهري ذڪر سان قلب کان سواءِ ٻين عضون کي به ذوق شوق جو حصو پهچي ٿو. ڪنهن شاعر چيو آهي:

ذکر کن ذکر تا ترا جان ست
پاکی دل ز ذکر رحمان است

يعني: جيستائين جُسي ۾ ساهه اٿئي تيستائين ذڪر ئي ذڪر

www.maktabah.org

پيو ڪر، ڇو ته دل جي صفائي رڳو ڏٺي تعاليٰ جي ذڪر سان ئي ٿيڻي آهي.

## تهجد کان پوءِ ذڪر يا فڪر؟

هيڪر سندن درگاهه مبارڪ تي فقيرن هن ڳالهه تي پاڻ ۾ اچي بحث ڪيو ته تهجد جي نفلن کان پوءِ ذڪر جي تلاوت افضل آهي يا فڪر سان مشغول ٿيڻ. ڪي چون پيا ته ان وقت ذڪر جي تلاوت زياده چڱي آهي ۽ ٻيا پيا چون ته نه، انهيءَ مهل فڪر ۾ مشغول ٿيڻ زور ڀلو آهي. نيٺ انهيءَ ڳالهه جو فيصلو حضور مبارڪ ۾ پيش ٿيو. پاڻ فرمايائون ته مقصد اعليٰ ۽ مطلب اصلي ذڪر توڙي فڪر مان هي آهي ته روحاني ذوق حاصل ڪجي. پوءِ جنهن کي ذڪر سان ذوق وڌيڪ حاصل ٿئي ٿو ته ذڪر ڪرڻ ڪپيس ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي فڪر ۾ آرام ۽ ذوق وڌيڪ اچي ٿو ته ان کي فڪر جي مشغولي بهتر آهي.

## دل جان سان ذڪر ڪندڙ جو جسم سلامت رهندو

مير ٻُڍي ٽالپر جي ڀائيٽي نقل ڪري ٿي ته حضرت پير سائين قدس سره جن جڏهن لاڙ جي سفر تي نڪرندا هئا، تڏهن هن عاجزه کي به زيارت کان مشرّف فرمائيندا هئا. پوءِ جيڪي سندن پرپٺ کي به وهم اڳ دل ۾ ايندا هيم، تن سيني جا جواب اشارن سان نقلن جي واٽ سان ڏيڻ فرمائيندا هئا. هڪڙي ڏينهن عورتن جي عام دستور موجب ڳهه ڳٺا، لباس وغيره پائي پاڻ کي سينگاري، آئيني ۾ پاڻ ڏنم ۽ ڏسڻ وقت دل ۾ هي خيال اچي ويو ته هي ظاهري صورت هن سونهن ۽ سينگار هوندي به نيٺ هڪڙي ڏينهن مٽيءَ جي خوراڪ بڻجي ويندي. پوءِ جڏهن ڇهن مهينن

www.maktabah.org

ڪانپوءِ پاڻ لاڙ جي سفر تي چڙهيا، تڏهن زيارت ڪرائڻ مهل پاڻ هڪ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙو شخص طالب خدا جو هو، سو جيئن اڳين طالبن جو دستور هو تہ هيڪلا سفر تي نڪرندا هئا ۽ سڀ ڪنهن شهر ۾ طالب مولا جي صحبت جا ڳولائو ٿيندا هئا، تيئن هي بہ سفر ۾ نڪتو. اتي پاڻ فرمايائون تہ اسان جو دستور وري ان جي برخلاف آهي، جو جماعت سميت سفر ڪندا آهيون. پوءِ اهو طالب سفر ڪندي اچي هڪڙي شهر ۾ پهتو، اتي اهل دل جي ڳولا ڪيائين، پر ڪيس اهڙو ماڻهو ڪونہ ملي سگهيو، جنهن سان ويهي صحبت ڪري. تنهنڪري اتان نڪري هڪڙي ٻيلي ۾ وڃي پهتو. جڏهن ٻيلي کي ويجهو ويو، تڏهن لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي ذڪر جو آواز ڪن تي پيس. هي اندر ٻيلي ۾ گهڙي ويو تہ وري ذڪر جو آواز ٻاهران ٻُڌائين. ٻاهر اچي ڏسي تہ هڪ پراڻي ڳريل سِسي پيئي آهي ۽ انهيءَ مان ئي ذڪر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي تنوار پيئي اچي. تڏهن ويجهو سِسيءَ ڪان ان عجيب احوال بابت پڇا ڪيائين. تڏهن سِسيءَ ورندي ڏنس تہ منهنجو ٻيو سمورو جسم ڳري مٽي تي ويو، باقي زبان دنيا جي حياتيءَ ۾ گهڻو ذڪر ڪندي هئي، تنهن جي برڪت ڪري ڳرڻ کان بچيل ۽ محفوظ ٿيل آهي، جنهن سان اجا تائين ذڪر جي مشغولي هلندي اچي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جن ماڻهن جو سمورو جسم ذڪر سان مشغول آهي تہ انهن جو سمورو ئي بُت مٽيءَ ۾ بلڪل نہ ڳرڻو آهي.

## حضرت روضي ڌڻي وٽ الله تعاليٰ جي واٽ هڪ وک

جامع ملفوظات ﷺ لکي ٿو تہ هڪڙي ڏينهن خدمت ۾ عرض گذاريم تہ حضرتا! ٻيا مشائخ سڳورا پنهنجي مريدن کي لطيفن جون جدا جدا جايون تلقين فرمائن ٿا ۽ سندن رنگ اچو،

www.maktabah.org

سائو، ڪارو، بيان ڪن ٿا ۽ سائين جن به مريدن کي تلقين فرمائن ته بهتر، پاڻ حواب ۾ ڪجهه نه فرمايائون، جنهن ڪري البت دل تي بار ٿي پيو، پر ڏينهن ڪان پوءِ هن عاجز کي پاڪر پائي خوش ٿي فرمايائون ته ادا! اسان وٽ الله سبحانه و تعاليٰ جي واٽ رڳي هڪڙي وک آهي ۽ انهن پين مشائخن واريون به سيئي واٽون اسان وٽ آهن، پر اسان جي مرضي آهي، ته انهيءَ هڪ وک واري واٽ سان ماڻهو حقيقي مقصود کي پهچن.

## الله جي ذڪر سان رزق جي ڪشادگي

هيڪر پاڻ فرمايائون ته حضرت بيبي خاتون جنت رضي الله تعاليٰ عنها حضور ﷺ جي خدمت اقدس ۾ بيبي عائشه رضي الله عنها جي وساطت سان عرض گذاريو ته ڪم ڪار جي زيادتي وجود مبارڪ تي ٿڪ ۽ سُستي ڪري ٿي، ان لاءِ غنيمت ۾ آيل ٻانهين مان ڪا ٻانهي عطا ڪئي وجي. پاڻ ان وقت فارغ نه هئا. فراغت بعد حضرت خيرالنساءِ رضي الله تعاليٰ عنها جي حاويلي مبارڪ ۾ تشريف فرما ٿيا. حضرت بيبي صاحبه ۽ جناب مرتضيٰ علي شاهه ﷺ هڪ ڪٽ تي ويٺا هئا. ارادو ڪيائون ته اٿئون، پاڻ اٿڻ کان منع فرمايائون ۽ ساڻن گڏ اچي ويٺا ۽ بيبي صاحبه کي فرمايائون ته اي بابا! هي وظيفو سمهڻ جي وقت هميشه مقرر پڙهندا رهو، ته نه ٿڪ ٿيندو نه عبادت ۾ سستي ٿيندي ۽ رزق به ڪشادگيءَ سان الله سبحانه وتعاليٰ طرفان ملندو رهندو. اهو وظيفو هي آهي: 33 ڀيرا سُبْحَانَ اللهِ، 33 ڀيرا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ، 34 ڀيرا اَللّٰهُ اَكْبَرُ ۽ هڪ ڀيرو ڪلمو تمجيد جو يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ.

www.maktabah.org

### حضرت روضي ڌڻي جي ڪرامت

## قبر واري کي ذڪر جي تلقين

دلاور فقير قوم ڇڇو نقل ڪري ٿو ته پاڻ اسان جي ڳوٺ ابراهيم فقير جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا. پهريائين گهڙي ڪن مسجد شريف ۾ ويٺا، پوءِ دعوت واري جاءِ تي آيا. اتي منو فقير ويٺل ڳوٺ زڪريا مهيسر جو آيو ۽ هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيائين ته حضرتا! آئون ڳوٺ بنّي ڪان اوهان جي پويان روانو ٿيس ته واٽ تي هڪ مقام هو، جنهن ڪان ٻه ٽي وکون ڪنيم ته اندران مقام مان سڏ ٿيو ته اي خليفا منا! مون آواز تي نهاري ڏٺو ته هڪ شخص اُره تائين قبر مان ٻاهر نڪتو بيٺو هو. چيومانس ته مون کي ڇو ٿو سڏين؟ چيائين ته مون کي ذڪر ڏنيون وڃ. مون جواب ڏنومانس ته تون جيئرو آهين ۽ اهڙي مرتبي هوندي ذڪر کي ڇا ڪندين؟ چيائين ته توهان جي مرشد جي ذڪر ڪندڙ جماعت مان جيڪو هٿ اچي ٿو، تنهن جو مرتبو ايڏو وڏو آهي، جو مالڪ سائين عز اسمه کان سواءِ ان کي ڪو به نٿو معلوم ڪري سگهي، تنهن ڪري مون کي ذڪر جي تلقين ڪندو وڃ. مون چيو ته مون کي تلقين ڪرڻ جي اجازت ڪانه آهي. تڏهن چيائين ته ڀلا سندن حضور اقدس ۾ عرض گذارج ته مون کي ڪنهن به طرح پنهنجن مريدن ۾ داخل فرمائن. سو حضرتا! نياپو ڏيڻ منهنجو وس آهي، اڳتي سائين جن جو اختيار. پاڻ فرمايائون ته اي طالبو! جڏهن اسان جي قسمت انهيءَ رستي سان ٿئي ته اسان کي انجو اطلاع ڪجوءِ ته انهيءَ قبر واري کي ذڪر ڏينداسون. پوءِ جڏهن پاڻ خراسان جي سفر کان موٽيا، تڏهن مون سندن خدمت ۾ انهيءَ مقام وٽ اها ڳالهه ياد ڏياري. پاڻ انهيءَ قبر تي ويهي ذڪر ڏنائون.

www.maktabah.org

## ذڪر جي پلائي "مڪتوبات شريف" جي روشنيءَ ۾

حضرت امام العارفين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس الله سره جن پنهنجي مڪتوبات شريف ۾ بہ محبت الاهي، الله پاڪ جي ذڪر بابت معرفت جا خزانا ۽ نصيحت آموز نُڪتا لکيا آهن. اهي حاضرِ خدمت آهن.

مڪتوبات شريف ۾ پاڻ ڪريم قدس سره جن خط نمبر22 ۾ جيڪو قلب سليم جي ڪيفيت بابت، مخدوم ميان پير محمد ﷫ ڏانهن لکيو ويو، ۾ فرمايو آهي:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

سڀ تعريفون الله تعالىٰ جي لاءِ، جن جو هو مستحق آهي، ۽ صلاتون ۽ سلام سندس نبي ڪريم ﷺ تي هجن. اما بعد! توهان تي سلامتي هجي. هي خط ان فقير جو آهي، جيڪو پنهنجي غني رب ڪريم جو محتاج آهي. عالم، فاضل، وڏن عالمن جي اڳواڻ يعني ميان پير محمد ڏانهن. شال الله تعالىٰ ان کي پنهنجي حفاظت ۾ محفوظ رکي. الله تعالىٰ فرمائي ٿو: يَوۡمَ لَا يَنۡفَعُ مَالٌ وَّلَا بَنُوۡنَ ○ اِلَّا مَنۡ اَتَى اللّٰهَ بِقَلۡبٍ سَلِيۡمٍ○ (سورة الشعراء آيت 88، 89)
ترجمو: جنهن ڏينهن نہ مال ڪم ايندو، نہ پٽ، مگر اهو جيڪو الله تعالىٰ جي حضور ۾ حاضر ٿيو سلامت دل ڪڻي. قلب سليم، ظاهري ۽ باطني ذڪر سان ٿيندو آهي يا ايمان سان؟! اهو ايمان، زبان سان اقرار ڪرڻ ۽ دل سان ان جي تصديق ڪرڻ آهي. تفسير ديلمي ۾ لکيل آهي تہ: يعني سلامتيءَ وارو قلب اهو آهي، جيڪو الله تعالىٰ کان سواءِ ٻي هر شيءِ کان خالي هجي ۽ الله تبارڪ وتعالىٰ جي ارادي ۽ رضامندي سان ڀريل هجي. رسالہ قشيري ۾

www.maktabah.org

لڪيل آهي تہ "قلب سليم وارو اهو شخص آهي، جيڪو گمراهيءَ کان سلامت رهيو، تنهن کان پوءِ بئي طرف، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ کان بہ بچيو، ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ شيون (گمراهي ۽ اکين سان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ وغيره) آفتون آهن، جن کان وڏن بزرگن پاڻ بچايو آهي، پر ننڍا بزرگ بہ انهن ذريعي آزمايا ويا آهن." (لطائف و ارشادات قشيري جلد 5 ص 15، 16) قلب سليم جي معنيٰ لاءِ ڪن هي بہ چيو آهي تہ "قلب سليم اهو آهي، جيڪو نفس جي سلامتي جي ڪري بڇڙن ارادن کان بچيل رهي." (انتهيٰ) علامہ ڪاشيءَ جي تصنيف "اصطلاحات صوفيہ" ۾ آهي تہ قلب سليم، انهن ڪاملن جو قلب آهي، جيڪي "اهل تمڪين" جا آهن، اهو انهن کي مختلف درجات مطابق عطا ٿيل آهي ۽ قلب سقيم (يعني بيمار قلب) اهو ناقصن جو قلب آهي، جيڪي اهل اضطرار جا آهن. نقص کان بچي ڪماليتن تائين پهچڻ فناءِ ڪُلي تي موقوف آهي ۽ سقيم مان مراد جسماني ۽روحاني تعلقات سان وابستگي آهي ۽ سليم مان مراد انهن تعلقات کي قطع ڪرڻ آهي، جنهن جو ٻيو نالو خلو متخليہ بہ آهي. (يعني مَا سِوَي الله جي تعلق وارن خيالن کان قلب جي خالي هجڻ کي خلو متخليہ چئبو آهي.) ڇاڪاڻ ڪرجي تہ نبي ڪريم ﷺ جي فرمان مطابق، قلب گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي، جنهن جي صحيح هجڻ سان جسم صحيح رهندو آهي ۽ ان جي خراب هجڻ سان جسم خراب ٿيندو آهي ۽ دل وارن وٽ، قلب هڪ جوهر آهي، جو عالم امر کان، جامع حقيقت انسانيت جي آهي، جيڪو روح ۽ نفس جي وچ ۾ واسطو آهي ۽ انسانيت جو ان تي ئي دارومدار آهي. ۽ قدسي حديث ۾ آهي تہ "قلب اندر دل آهي ۽ دل اندر روح آهي." ۽ دل مان مراد اهو ئي جوهر وارو قلب

www.maktabah.org

آهي، ۽ حُڪماء (فلاسفر) ان کي نفس ناطق (مادي کان خالي جوهر) چوندا آهن. ان جو باطن روح آهي ۽ نفس حيواني (طبعي جسم) ان جو مرڪب آهي ۽ ان جو ظاهر قلب ۽ جسم جي وچ ۾ واقع آهي. هن حديث مان (انسان جي) ”حقيقت جامعہ“ مراد آهي ۽ صوفين جي اصطلاح ۾ قلب کي ڪبوتر ۽ عقل کي اول چوندا آهن ۽ طبعيت ڪُليہ کي شڪاري باز چون ٿا. ان کي عقل اول ڪڏهن جسماني پستي ۽ عالم سفلي کان، عالم علوي ۽ فضاءِ قدسي جي اوج ڏانهن، شڪاري باز وانگر مٿي ڪٽي ٿو وڃي ۽ طبيعت ڪُلي، ڪنهن وقت ان کي بلڪ گهٽو ڪري نفساني خواهشن ۾ ڦاسائي، عقاب وانگر عالم سفلي ڏانهن وٺي ٿي وڃي. پوءِ سمجهڻ گهرجي تہ انساني روح مَردن جي مثال آهي. ۽ نفس حيواني عورت جي مثال آهي ۽ انهن جي ازدواجي ميلاپ سان فرزند قلب ڄائو، پر ان قلب ۾ استعداد ڪدڙي وانگر ٻنهي پاسن، عالم علوي ۽ عالم سفلي سان آهي. پوءِ جيڪڏهن قلب جو لاڙو عالم علوي ڏانهن ٿي پيو تہ مَردن جي مرتبي کي ماڻيندو ۽ مَردن واري ميراث هٿ ڪندو ۽ جيڪڏهن ان جو لاڙو عالم سفلي ڏانهن ٿي پيو تہ زالن جي ٽولي ۾ داخل ٿيندو ۽ زالن واري ميراث وٺندو، جو اهو بهشت آهي، ڇو تہ موليٰ تعاليٰ جو طالب مرد آهي ۽ آخرت جو طالب عورت آهي. ۽ مردن جي ورثي بابت (حديث ۾ آيل) آهي تہ ”اهو اهڙو هوندو، جو جنهن کي نہ اکين ڏٺو هوندو، نہ ڪنن ٻُڌو هوندو، نہ وري ڪنهن جي دل ۾ ان جهڙو تصوّر ئي آيو هوندو. اهو حق سبحانه و تعاليٰ جي بي ڪيف جمال جو پرتو آهي، ان ڳالهہ ڏانهن هن آيت سڳوي ۾ اشارو آهي (يعني) اي انسانو! ڊڄو پنهنجي رب کان، جنهن اوهان کي هڪ نفس مان

www.maktabah.org

خلقيو آهي.) هتي نفس مان مراد نفس ناطق آهي، جيڪو ساري جهان جو قلب آهي ۽ اهو ئي آدم حقيقي آهي. اڳتي ارشاد آهي (۽ خلقيائين ان مان ان جي جوڙي زال کي) هتي زال مان مراد نفس حيواني آهي، جيڪو ان مان پيدا ٿيل آهي، ڪي چون ٿا تہ (اهو جوڙو يعني حضرت حوا) کاٻي پاسيريءَ مان پيدا ڪئي وئي آهي. يعني اهڙي طرف کان، جيڪا عالم موجودات سان مليل آهي، پوءِ اهو طرف حق تعاليٰ سان مليل طرف کان، ڪمزور طرف آهي. جيڪڏهن آدم عليه السلام ان سان نہ پرڻجي ها تہ جيڪر هن دنيا ڏانهن لهي نہ اچي ها. جيئن مشهور آهي تہ ابليس عليه اللعنة اڳ ۾ حضرت حوا کي ڀلايو، پوءِ ان کي آدم جي ڀلائڻ لاءِ وسيلو بنايائين. اڳتي ارشاد آهي (۽ پکيڙيائين انهن ٻنهي (آدم ۽ حوا) مان گهڻا ئي مَرد) هتي مردن مان مراد اهل دل شخص آهي، جيڪي پنهنجي پيءُ ڏانهن ٿا ڇڪين. اڳتي ارشاد آهي ۽ پکيڙيائين انهن مان گهڻيون زالون. زالن مان مراد نفس پرست ۽ طبيعت پرست انسان آهن، جيڪي پنهنجي ماءُ ڏانهن ڇڪ رکن ٿا. ڪتاب "سلڪ سلوڪ" ۾ آيل آهي تہ: الغرض قلب اها دل آهي، جيڪا ويهن خراب خصلتن کان خالي هجي ۽ ويهن نيڪ خصلتن سان ڀريل هجي. ويهہ خراب خصلتون هي آهن: (1) شرڪ (2) نفاق (3) عداوت (4) دنيا جي رغبت (5) حرص (6) شڪ (7) جهل (8) دنيا سان تعلق (9) طمع (10) ڊگهيون اميدون رکڻ (11) بي صبري (12) تڪبّر (13) حسد (14) بدگماني (15) بخيلي (16) هٺ ڪرڻ (17) پاڻ کي وڏو سمجهڻ (18) نااميدي (19) خدا جي عذاب کان بي خوف رهڻ (20) خدا تعاليٰ کي وساري ڇڏڻ.

ويهہ نيڪ خصلتون هي آهن: (1) توحيد (2) خلوص دل (3)

www.maktabah.org

خيرخواهي (4) پرهيزگاري (5) قناعت (6) يقين (7) علم (8) معاملات خدا تعاليٰ جي سپرد ڪرڻ (9) ماڻهن کان نااميد رهڻ (19) اميدون گهٽائڻ (11) صبر (12) موت ياد رکڻ (13) نفس کي ٻُڪ ڏيڻ (14) چڱو گمان رکڻ (15) سخاوت (16) توبه (17) نوڙت (18) خوف (19) اميد (20) الله تعاليٰ جو يادگيرو ۽ سندس محبت. (سلوڪ سلوڪ ص11، 12، سلوڪ 10)

پوءِ قلب جو بيمار يا تندرست هجڻ، انهن خصلتن جي گهٽجڻ ۽ وڌڻ تي منحصر آهي. جڏهن قلب سليم جي صفت معلوم ٿي ويئي ته پوءِ ڄاڻڻ گهرجي ته قلب مان خراب عادتن جو ختم ٿيڻ، الله تعاليٰ جي ذڪر ڪرڻ سان وابسته آهي. خاص ڪري لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ سان جيڪو افضل ذڪر آهي. تفسير ديلمي وارو فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ واري آيت جي تفسير ۾ لکي ٿو ته توهان مون کي ياد ڪريو ته مان توهان کي ياد ڪريان (يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته مون کي اهڙيءَ طرح ياد ڪريو، جو توهان جا قلب ۽ خيالات هميشه مون ڏانهن متوجهه هجن. پوءِ آئون به اوهان کي ياد ڪندس. يعني اوهان جي دلين کي ۽ سرن (رازن) کي منهنجي معرفت حاصل ٿي پوندي ۽ پڻ فَاذْكُرُوْنِيْ جي معنيٰ هي به آهي. اوهين منهنجو پنهنجي زبانن سان ايترو ته ذڪر ڪريو، جو اوهان جي قلبن ۽ اسرارن جي مشاهدي تائين رسائي ٿئي. اي طالب! ڄاڻ ته بيشڪ زبان سان ذڪر ڪرڻ، قلب ۽ روح جي مشاهدي ڏانهن جلدي وٺي ويندو آهي. اهو ذڪر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جو آهي. جيڪو تمام گهڻو آزمايل آهي ۽ الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته الله جو ذڪر تمام وڏو آهي. اهو ڪلمو لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ آهي ۽ الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته طيب ڪلمو پاڪ وڻ جي مثال آهي، اهو ڪلمو

www.maktabah.org

بہ لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ آهي. مون مرشد حقيقي دام برڪاته جي مڪاشفي جي برڪت سان ان ڪلمي کي هڪ عجيب وڻ جي صورت ۾ ڏٺو، جيڪو زمين کان وٺي آسمانن تائين بلند هيو. ان جي ٽارين جا مختلف رنگ هئا ۽ هر هڪ ٽاريءَ تي قسمين قسمين جا پڪي، ۽ قسمين قسمين جون حورون ۽ غلمان ويٺل ڏٺم. جن جو حسن جمال بيان نٿو ڪري سگهجي، تن سيني زبان سان (ڪلمي لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ) جو ورد پئي ڪيو. ۽ هر گهڙي ان وڻ مان اهڙي قسم جون ٽاريون ۽ اهڙي قسم جون حورون غلمان نڪرندا ٿي رهيا ۽آسمان ڏانهن چڙهندا ٿي ويا، پوءِ وري بئي هنڌان ٿي نڪتا، جيڪي آسمان ڏانهن وڌندا ٿي ويا، اهو مشاهدو، ان ابتدائي زماني جو آهي، جڏهن ذڪر لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جو ورد شروع ڪيو هيم. پوءِ اهڙي طرح اهو مشاهدو ڪيترا سال ٿيندو رهيو. پوءِ اي طالب! ڄاڻ تہ الله تعاليٰ جو اهو ذڪر نفس کي خراب وصفن کان پاڪ ڪرڻ ۾ روشن اثر رکي ٿو ۽ اهو تمام گهڻو آزمايل آهي ۽ بيشڪ اسان اهو بہ مشاهدو ڪيو تہ ان ذڪر لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سان جڏهن نفس مان خراب وصفون گهٽجڻ ۽ جدا ٿيڻ لڳيون ٿي تہ اهي ماڻهن ۾ ناپاڪ جانورن جي شڪلين ۾ ٿي نڪتيون، جهڙوڪ ڪتي، خنزير، خچر، گڏهہ، ڪُئي، نانگ، وڇون، چور، ڪيسا ڪترينڊڙ، مڪار، جواري يا ان جهڙن جي شڪل ۾ ٿي ڪري نڪتيون ٿي، جنهن ان ذڪر کي آزمايو هوندو، سو اسان کي ان ڳالهہ ۾ سچو ڄاڻندو. پوءِ غير حق جي خيالات کان جيترو قلب کي تصفيو حاصل ٿو ٿئي، اوترو ئي نفس کي برائين کان تزڪيو حاصل ٿيندو آهي تزڪيہ نفس مان، نفس جي پاڪائي مراد آهي. جڏهن تہ تصفيو ۽ تزڪيو بئي ڪمال محنت سان حاصل ٿين ٿا. پوءِ

www.maktabah.org

نفس ان وقت سهڻن اخلاقن جي عادت وٺندو. پوءِ انهن ٻنهي (تصفيي ۽ تزڪيي) کان پوئتي هٽڻ نہ ٿو ڄڃائي، ڇاڪاڻ تہ رنگ تي رنگ نہ چڙهندو آهي. پوءِ هن آيت سڳوري لَا يَمَسُّهُ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ○ (سورة الواقعه آيت 79) (ترجمو: نہ هٿ لائين هن قرآن مجيد کي مگر پاڪ) جو مقصد بہ هي آهي تہ يعني قرآن ڪريم جي اسرارن ۽ اخلاقن کي اهو ڇُهي، جنهن جي دل غير جي ڏسڻ کان پاڪ هجي، جيڪو قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ ڏانهن پاڻ کي محتاج ٿو ڄاڻي، خُلُقُهُ الْقُرْآنُ ۾ ان ڏانهن اشارو ٿيل آهي. پوءِ جيڪو شخص دل جي پاڪائي سان هڪ پيرو ذڪر ڪندو، ان کي سٺا اخلاق حاصل ٿيندا ۽ جيڪو بار بار پيو ذڪر ڪندو تہ ان کي قلب ۾ استحڪام پيدا ٿيندو ۽ جڏهن قلب ۾ استحڪام پيدا ٿي ويو تہ (سمجهہ) قلب سلامت رهندو، جو وري ان ۾ گنديون عادتون موٽي نہ اينديون جيئن چوڻي آهي مَا رَجَعَ مَنْ رَجَعَ اِلَّا عَنِ الطَّرِيْقِ (منزل مقصود تي پهچي ڪو بہ ڪونہ موٽيو آهي، بلڪ جيڪو موٽيو، سو اڌ واٽ مان موٽيو) ان مرتبي کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيو طريقو بہ آهي. جيڪو رابطي سان وابستہ آهي. ڪامل مڪمل مرشد سان، مريد جي دل جي ڳانڍاپي کي رابطو چئبو آهي، ڇاڪاڻ تہ عام رسمي حڪمت جو قاعدو آهي تہ مُفيض (فيض ڏيندڙ) ۽ مُستفيض (فيض وٺندڙ) ٻنهي ۾ مناسبت جو هجڻ ضروري شرط آهي. مثال جيئن تہ باهہ جي طبيعت خشڪ آهي تہ اها اثر بہ خشڪ شيءِ تي ڪندي ۽ آلي شيءِ کي نہ وٺندي.

صحبتِ پاکاں درست کن یا پے ایشاں مرو
غرق شد فرعون بدریا بود موسیٰ پیشرو

www.maktabah.org

يعني: الله وارن پاڪ ٻانهن سان نسبت صحيح رک، يا انهن جي پويان نہ وڃ (غلط نسبت جي ڪري) فرعون بہ درياھ ۾ ٻُڏي ويو، توڙي هو موسيٰ عليه السلام جي اڳيان تي ويو.

مريد ۽ مرشد جي وچ ۾ مناسبت، سچو اعتقاد ۽ سچي دوستي آهي. اعتقاد بہ اهڙو هجي، جو مرشد جي ڪنهن بہ ظاهري ڪم تي اعتراض نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اعتراض ڪندين تہ (هي تنهنجي ۽ منهنجي جدائي جو وقت آهي) هَذَا فِرَاقُ بَيْنِي وَبَيْنِكَ جو اعلان ٻُڌندين.

فسحت ميدان ارادت بيار

تا بزند مرد سخن گوئی گو

ارادي جو ميدان ڪشادو آڻ، تہ جيئن سخن گو (قابل) ماڻهو (ارادي واري ميدان ۾) اِتي اچلائي هٽي.

دوستي ايتري قدر هجڻ گهرجي، جيئن حديث ۾ آيو آهي: "توهان مان تيستائين ڪو بہ مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين آءٌ هن ڪي سندس جان، مال، اولاد، پيءُ ماءُ ۽ سمورن ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نہ هجان". (بخاري شريف جلد اول ص7)

دانشان را مي ستاند جان ز جان

نے ز راه دفتر و نے از زبان

انهن جي سمجهہ روحاني علم ڪي روح سان حاصل ڪري ٿي، نہ ڪتاب جي رستي سان ۽ نہ زبان سان.

شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه شرح صراط مستقيم ۾ آندو آهي تہ "(اي طالب!) ڪوشش ڪر، تہ جيئن تنهنجي دل ۾ ڪامل مرشدجي جاءِ ٿي پوي، يا تون مرشد جي اندر ۾ پنهنجي

www.makhfah.org

جاءِ ڪرين. جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ مرشد جي جاءِ ٿي پوندي ته ان جي نورانيت، تنهنجي اندر کي روشن ڪري ڇڏيندي. الله تعاليٰ جو نور يا ته اهو ڪامل مرشد پاڻ هوندو، يا ان ڪامل مرشد ساڻ هوندو، اهو تنهنجي دل جي ڪَٽيل آئيني کي اڇو اجرو ڪندو. جيڪڏهن توکي ان ڪامل مرشد جي اندر ۾ جاءِ ملي وڃي، ته پوءِ ان ڪامل جو اندر، نزول رحمت جي جڳهه آهي، اتي الله تعاليٰ جي مهربانين واريون نظرون نازل ٿينديون رهن ٿيون. جڏهن توکي ان جاءِ تي موجود ڏسنديون ته ضرور ان جي رحمتن واري نظر جو پرتو توتي به پوندو. پر ايترو، جيترو قدر تون ان سان نسبت، محبت، پنهنجائپ ۽ اتفاق رکندين". حضور ﷺ جن جي هن حديث پاڪ ۾ ان ڳالهه ڏانهن اشارو آهي، ته مرد ان سان گڏ هوندو، جنهن سان محبت ڪندو. بس تو ڪريان جو سياڻن لاءِ اهو ڪافي آهي. ("مڪتوبات شريف" مترجم)

www.maktabah.org

باب ستون

# ذڪر جي اهميت

# ”خزانة المعرفة“ جي روشنيءَ موجب

حضرت شمس العارفين، خليفة الله پير سائين سيد صبغت الله شاهه اول ”پهريون پير پاڳارو“ تجر ڌڻي قدس الله سره جن جا ذڪر شريف جي اهميت ۽فضيلت بابت فرمان مبارڪ، جيڪي سندن ملفوظات ”خزانة المعرفة“ جامع زبدة الواصلين حضرت پير سائين سيد علي گوهر شاهه اول بنگلي ڌڻي رحمة الله عليه جن تان ورتا ويا آهن، محبت ۽ عقيدت وارن لاءِ انمول تحفا آهن.

## ذڪر جا ڪلما دعا گو

دلبر فقير کان نقل آهي تہ، ”هڪ وقت حضرت خليفة الله رضي الله عنه ذڪر جي فضيلت بابت فرمايو تہ: جڏهن ذڪر ڪندڙ جي زبان مان ذڪر جو ڪلمو نڪري ٿو تہ هر هڪ ڪلمي ڪي اڏامندڙ پکيءَ جي صورت ۾ الله پاڪ جي دربار ۾ پهچايو ويندو آهي تہ ذڪر جو ڪلمو اُتي عرض ڪندو آهي تہ جيئن مون کي بارگاهه الاهيءَ ۾ حاضريءَ جو شرف بخشيو ويو آهي، پهريائين تہ ذڪر ڪندڙ شخص کي قرب حق جو شرف بخشيو وڃي، جنهن جي زبان مان نڪتو آهيان. اهڙيءَ طرح ذڪر جي ڪلمي جي برڪت سان ذڪر ڪندڙ اعلىٰ درجي تي پهچي ٿو. اُهي پکي، جيڪي ذڪر جي ڪلمي مان وجود ۾ آيا آهن، سي قيامت تائين ذڪر ڪندڙ جي واسطي بخشش جي دُعا گهرندا رهن ٿا.

www.maktabah.org

## ذڪر ڪندڙن جي قبر روشن

عمر فقير کان نقل آهي تہ هڪ ڀيري خليفة الله ﷺ ذڪر جي فضيلت بيان ڪندي فرمايو تہ ”ذڪر جي پابنديءَ وارو شخص جڏهن هن دنيا مان لاڏاڻو ڪندو، سندس ڪفن دفن کان پوءِ سندس قبر ۾ محض مفضل (مهربان) حقيقيءَ جي مهربانيءَ سان سندس منهن سامهون هڪ دري کولي ويندي، جتان روشنائيءَ جي لاٽ پهچندي رهندي ۽ قبر منوّر ٿي ويندي ۽ ذڪر (هڪ صورت ۾ اچي) ذڪر ڪندڙ کي چوندو تہ پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ تو ذڪر جي پابندي ڪئي، اڄ مان تنهنجي حق ادا ڪرڻ واسطي آيو آهيان تہ جيئن توکي جنت ۾ پهچايان. پوءِ اهو شخص ذڪر جي وسيلي سان جنت ۾ داخل ٿئي ٿو.

## قيامت ۾ ذڪر واري جو چهرو روشن هوندو

بلال فقير کان نقل آهي تہ هڪڙي وقت حضرت خليفة الله ﷺ ذڪر جي فضيلت حديث شريف مان بيان ڪندي فرمايو تہ ”جيڪو شخص سؤ ڀيرا لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ جو ڪلمو (طيب) چوندو، ان کي قيامت جي ڏينهن هِن حال ۾ اٿاريندا، جو سندس منهن چوڏهين جي چنڊ کان وڌيڪ روشن هوندو. حشر جي ميدان ۾ انهيءَ جهڙو ٻيو ڪير نہ هوندو، سواءِ ان شخص جي، جنهن ايترو انداز يا انهيءَ کان وڌيڪ ڪلمہ طيب جو ذڪر ڪيو هوندو.“

## ذڪر جي مجلس ۾ ويهندڙ بانصيب

ساماڻي فقير کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن خليفة الله ﷺ حديث شريف مان بيان فرمايو، تہ ”حضرت خاتم الانبياء

www.maktabah.org

والمرسلين صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جن جي زماني ۾ صحابي سڳورا حلقو ٻڌي الله پاڪ جي ذڪر ۾ مشغول هئا. اتفاق سان ٽي اوپرا ماڻهو اُتي آيا. انهن مان هڪ ذڪر ڪندڙ جماعت ۾ داخل ٿيو، ٻيو ادب سان پٺيان ويهي رهيو ۽ ٽيون محفل شريف جي فيض کان محروم رهي، واپس هليو ويو. پوءِ حضرت ﷺ فرمايو تہ جيڪو ذڪر ڪندڙ جماعت ۾ داخل ٿيو، انهيءَ کي الله پاڪ پنهنجي قرب سان شرف وارو بڻايو. جيڪو ادب سان جماعت جي پٺيان انتظار ۾ ويهي رهيو، اهو ادب ملڻ سان گڏ الله پاڪ جي عنايت کان محروم نہ رهيو. ٽيون جيڪو موٽي ويو، اُهو محروم ۽ بي نصيب ٿيو. انهيءَ حقيقت کي وڏيڪ کوليندي فرمايائون تہ اهڙو ادب نہ جڳائي، جو ڏورانهينءَ جو سبب ٿئي، جيئن کو بي وضو ۽ ترڙ وارو شخص اِهو سوچي تہ پاڻيءَ ۾ ڪيئن داخل ٿيان، متان پاڻي پليد ٿي پوي، اهڙو ادب محروميءَ جو سبب ٿيندو."

## عبادتن مان مراد ۽ مقصد ذڪرِ الاهي آهي

هڪڙي جمعي تي حضرت خليفة الله ﷺ ڪرسيءَ (منبر) تي ويٺي حديث نبوي عليه الصلوات والسلام جي روشنيءَ ۾ وعظ ڪندي فرمايو تہ: جيڪڏهن کو شخص دل جي اندر عشق سان ذڪرِ الاهيءَ جي پابندي رکي ٿو، پوءِ جيڪڏهن (فرض) نماز، روزہ ۽ قرآن ڪريم جي ٿوري گهڻي تلاوت ڪري ٿو تہ اهو ٻانهو مطيع (فرمانبردار) چئبو ۽ جيڪڏهن نماز، روزہ ۽ قرآن ڪريم جي تلاوت تہ ڪافي زيادہ ڪري ٿو، پر (سندس دل) ذڪرِ الاهيءَ ۾ غفلت ڪري ٿي تہ اهو ٻانهو بي فرمان آهي. اي عزيز! اها

www.maktabah.org

حديث بعينه هيءَ آهي تہ من اطاع الله فقد ذكر الله وان قلت صلواته و صيامه و تلاوة القرآن ومن عصى الله فلم يذكره وان كثرت صلواته و صيامه و تلاوت القرآن (طبراني)

انهيءَ حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ سمورين عبادتن مان مراد ۽ مقصد ذڪر الاهي آهي. جيئن تہ قرآن ڪريم ۾ آهي: وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ لِذِكْرِيْ (يعني منهنجي ذڪر جي واسطي نماز قائم رک) چوتہ نماز قوام ذڪر آهي ۽ ذڪر سمورين عبادتن جو خلاصو آهي، جنهن جي سعي ۽ تاڪيد جي واسطي حق سبحانه (بار بار) خبردار پيو فرمائي. اُذْكُرُوا اللهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا بلاشبہ نماز، روزو ۽ قرآن ڪريم جي تلاوت جز وقتي، ڪم يا ذڪر آهي، مگر ذڪر دائمي ڪم آهي، يعني الله پاڪ جي يادگيري يا توجه قلبي ياد تي موقوف آهي نہ زبان سان، جنهن کي ياد ڪرڻ چوندا آهن ۽ قلبي ذڪر (ياد) پنهنجي هستي وڃائڻ ۽ ويسارڻ تي موقوف آهي، انهيءَ کي ئي هميشہ جي باخبري ۽ يادداشت (ياد رکڻ) پڻ چوندا آهن. پوءِ جيڪا بہ عبادت ياد (حق) کان خالي آهي، برباد آهي. جيئن لَاصَلٰوةَ اِلَّا بِحُضُوْرِ الْقَلْبِ (يعني دل جي حاضر رهڻ جي بغير نماز جو اعتبار نہ آهي) جي روايت وارد آهي. انهيءَ ڪري نماز ۽ روزي جي نورائي گهٽائيءَ جو بغير توجه ۽ ذڪر جي ڪو اعتبار ڪونهي. هن ڪري بہ تہ نماز، روزو ۽ قرآن ڪريم جي تلاوت جسم جا ڪم آهن، جن جو تعلق عنصري طبيعت سان آهي ۽ اها قالبي عبادت قلب جي ذوق بغير حقيقت وارن وٽ بي وقعت آهي. جيئن مثنويءَ ۾ مولانا روم فرمايو:

www.maktabah.org

در دہان تسبیح و در دل گاو خر
ایں چنیں تسبیح کی دارد اثر
در دہان خر و بدل یاد خدا
ایں چنیں خری بباشد کی روا

يعني: زبان تي سبحان الله جو وظيفو ۽ دل ۾ گڏهن ۽ گابن جو خيال، اهڙي تسبيح ڪهڙو اثر ڪندي. وات ۾ شراب ۽ دل ۾ خدا جي يادگيري، اهڙو شراب ڪيئن جائز هجي.

انهيءَ ڪري طريقت جي بزرگن جي وات اها آهي ته نون مريدن کي شروع ۾ سواءِ فرض، واجب ۽ مؤڪده سنتن ڏسڻ جي ٻيون ظاهري عبادتون نه ڏسيندا آهن ۽ قلبي ذڪر ۾ مصروف رهڻ جي رغبت ڏياريندا آهن. جيئن قلب جي عشق ۽ مستيءَ جي ذوق سان دائمي ذڪر الاهي حاصل ٿئي ۽ انساني وجود جي سمورن عضون جي لاءِ ذڪر لازمي صفت بنجي وڃي. هڪ بزرگ فرمايو آهي:

ذکر کن ذکر تا ترا جان است
پاکی دل ذکر رحمان است

جيستائين جسم ۾ ساهه آهي، تيستائين ذڪر ڪندو رهه، الله تعاليٰ جو ذڪر ئي ته دل جي پاڪائي آهي.

## ذڪر ڪندڙ جو خاتمو ايمان سان

هڪ ڏينهن حضرت خليفة الله ﷺ وعظ ۾ هن حديث شريف جي تشريح ڪئي مَنْ كَانَ اٰخِرُ كَلَامِهٖ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ دَخَلَ الْجَنَّةَ يعني جنهن شخص کي زندگيءَ جي پوين دمن يا پساهن ۾ لَآ اِلٰهَ

www.maktabah.org

اِلَّا اللّٰهُ جو ڪلمو پڙهڻ نصيب ٿيو، اهو جنتي آهي. انهيءَ تي (تشريح ڪندي) فرمايائون تہ انهيءَ عظيم نعمت جو حاصل ٿيڻ انسان جي اختيار يا هوش ۾ نہ آهي، بلڪ اها الله پاڪ جي محض بخشش آهي، جيڪا انهيءَ کي نصيب ٿيندي، جنهن دل جي حضور سان انهيءَ ڪلمي پڙهڻ جي هميشگي ڪئي هوندي. سو جيڪي پنهنجو هردم آخري دم سمجهي الله پاڪ جي ياد کان غافل نہ رهندا آهن تہ اهي هن فاني دنيا مان باقي رهندڙ دنيا ڏانهن لاڏاڻو ڪرڻ وقت ايمان جي دولت هٿ ڪيو ويندا آهن.

جيڪڏهن انهيءَ عظيم دولت جو حصول پنهنجي وس يا عقل ۾ هجي ها تہ جيڪر دولتمندن، ڪافرن، سمجهدارن ۽ جاه و جلال رکندڙن کي ملي ها، جن عقل جي زور تي آسمانن ۽زمينن تي ڪنٽرول رکيو آهي ۽ سموري زندگي عيش و مستيءَ ۾ گذاري اٿن. يقينًا مرڻ وقت انهيءَ دولت کان پاڻ کي محروم نہ رکن ها، پر اها عظيم دولت سعي ۽ انسان جي هٿ وس نہ آهي.

## ذڪر طفيلي بخشش

بلال فقير کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت خليفة الله رضي الله عنه حديث شريف مان بيان ڪيو تہ، ”ملڪ الموت هڪڙي شخص جي روح قبض ڪرڻ لاءِ پهتو. انهيءَ شخص جي سمورن عضون کي ڳولي ڦولي رکيائين، پر ڪنهن بہ عضوي ۾ ڪنهن چڱي عمل جو نشان نظر نہ آيس. آخر سندس دل ۾ بہ چڱي عمل جي ڪا شيءِ نظر نہ آيس. پر جڏهن سندس ڪاڏي ڪولي ڏنائين تہ سندس زبان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي ذڪر ۾ مشغول نظر آئي. بس انهيءَ

www.maktabah.org

ڪلمي جي برڪت سان انهيءَ شخص جي بخشش ٿي ۽ جنت ۾ داخل ٿيو. جيئن حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه کان روايت آهي:

عن علي رضي الله عنه حضر ملك الموت رجلا يموت فشق اعضائه فلم يجد عملاً خيرًا ثم شق قلبه فلم يجد فيه خيرًا ففك لحيته فوجد طرف لسانه لاصقا بحنكة يقول لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ فغفر له بكلمة الاخلاص. (روايت جو مفهوم نقل ۾ مٿي گذري آيو.)

## ذڪر 27 لک بيمارين جو علاج

بلال فقير کان نقل آهي ته هڪ ڏينهن حضرت خليفة الله رضي الله عنه فرمايو ته هر انسان جي واسطي اندازًا ستاويهه لک بيماريون مقدر آهن. انهن مان نَوَ لک بيمارين جا نالا به آهن، دوائون به، پين نَوَ لکن جا نالا ته آهن، پر علاج ڪونهي. باقي نَوَ لک بيمارين جا نه نالا آهن، نه ئي ڪا دوا، پر انهن سمورين بيمارين جي ٽارڻ لاءِ بنيادي دوا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جو ڪلمو آهي.

## ذڪر ميزان ۾ ڳرو

خليفي خدابخش فقير کان نقل آهي ته حضرت خليفة الله رضي الله عنه جمعي جي ڏينهن حديث شريف جي روشنيءَ ۾ وعظ کان فارغ ٿيڻ بعد (گفتگوءَ دوران) فرمايو ته، "قيامت جي ڏينهن ميدان حشر ۾ هڪ گنهگار کي الله تعالىٰ جو حڪم ٿيندو ته جيڪو به تنهنجو چڱو عمل هجي، اهو ڪٽي اچ. انهيءَ گنهگار جو ڪو مقبول عمل هوندو ئي ڪونه، نه وري نيڪين جي ڪاتب سندس ڪا نيڪي لکي هوندي، ويچارو شرمسار ٿي الله پاڪ جي درگاهه ۾ عرض ڪندو ته يا خدا! مون ته ڪو خير جو ڪم ڪيو

www.maktabah.org

ئي ڪونهي. تنهن تي الله تعاليٰ حساب تي مقرر ڪيل ملائڪ کي حڪم فرمائيندو تہ ٻانهي جي عملن جي دفتر مان هڪ پُرزو ڪٽي اچ. ملائڪ سڀُورو ننهن برابر ڪاغذ جو هڪ ٽڪرو ڪٽي پيش ڪندو، جنهن تي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جو ڪلمو لکيل هوندو. الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪاغذ جو اهو ٽڪرو تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾ ۽ سندس سمورا گناهہ تارازيءَ جي ٻئي پُڙ ۾ وجهندا تہ محض ڏٽي تعاليٰ جي فضل سان گناهن وارو پُڙ هلڪو ۽ انهيءَ جي اڌ تي بہ نہ پهچندو. بس الله پاڪ انهيءَ ڪلمي شريف جي برڪت سان انهيءَ کي معاف فرمائيندو“.

## ذڪر جون چار تسبيحون ۽ اعتراض جو جواب

سيد نور علي شاهہ کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت خليفة الله ﷺ فرمايو تہ، ”اسان جي مرشدن سڀُورن کي وحدانيت جي اثبات سمجهائڻ جو خيال آيو تہ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي ذڪر جو حڪم فرمايائون. جڏهن ڪلمي ۾ ڇهہ الٰه (معبود) (هن تفصيل سان) ثابت ٿيا. جيئن ڪلمي جي منڍ ۾ الٰه جو انڪار ۽ بعد ۾ اثبات آهي. نفي ۾ هڪ آهي انڪار ڪندڙ، ٻيو آهي جنهن جو انڪار ڪيو وڃي ۽ اثبات ۾ بہ اثبات (فعل) ڪان سواءِ هڪ ثابت ڪندڙ، ٻيو ثابت ڪيل آهي. پوءِ ”اِلَّا اللّٰهُ“ جي ذڪر جو امر ڪيائون. فرمايائون انهيءَ ۾ بہ ٽي الٰه آهن. مٿئين تفصيل سان (اثبات، ثابت، ثابت ڪيل). پوءِ الله جي ذڪر جو حڪم ڪيائون. فرمايائون الله جيتوڻيڪ اسم ذاتي آهي، پر ان ۾ بہ هڪ چوڻ وارو ۽ ٻيو ذات حقيقي ثابت آهي. آخر ۾ ”هُو“ جي ذڪر جو امر

www.maktabah.org

فرمايائون. ”هُوَ“ جو لفظ جيئن تہ خالي آهي. ”هُوَ“ جي ذڪر ۾ نہ هي رهيو، نہ هو رهيو. ان ڪان پوءِ فرمايائون تہ ڪن ملن ڪان جيسرمير جا ڪافر چڱا آهن. جيئن تہ طريقہ عاليہ (قادريہ) جا مريد ساڪن جيسرمير ذڪر جهر (وڏي آواز) سان گهڻو مشغول رهندا هئا. اتان جي مُلن ڏاڍيان ذڪر ڪرڻ ڪان ڪين منع ڪئي. جڏهن فقيرن منع ڪي خيال ۾ نہ آندو، تڏهن مُلان جيسرمير جي هندو راجا وٽ فرياد ڪٿي ويا تہ هنن ڪي ڏاڍيان ذڪر ڪان منع ڪري. حاڪم، فقيرن ڪي پاڻ وٽ گُهرائي چيو تہ مُلن توهان تي فرياد ڪئي آهي، توهان ڇا ٿا چئو؟ فقيرن چيو اسان تہ پنهنجي خالق جو نالو وٺندا آهيون ۽ ذڪر جا چار ئي ڪلما ان حاڪم ڪي بغير گهٽ وڌائيءَ جي ٻڌايائون. حاڪم چيو توهان ڪي اجازت آهي. تنهن تي مُلن چيو تہ اسان پهرين ٽن ڪلمن ڪان منع نہ ٿا ڪريون. بلڪ ”هُوَ“ تي اعتراض آهي، ڇو تہ اهو لفظ خالي آهي، جتي اهو لفظ ونبو، اهو ملڪ ويران ٿيندو. اسان فقط تنهنجي خيرطلبيءَ لاءِ منع ٿا ڪريون. حاڪم چيو جيڪڏهن ذڪرِ الاهيءَ سان اسان جو ملڪ ويران ٿئي تہ ڀلي ٿئي. اهڙيءَ طرح خدا جي ذڪر ڪان منع نہ ڪيائين. انهن مُلن ڪان تہ جيسرمير جي ڪافرن ڪي ذڪرِ الاهيءَ جي ادب جو وڌيڪ خيال رهيو.“

## ذڪر، بهشت جي قيمت

هڪ ڀيري حضرت خليفة الله ﷺ فرمايو تہ، ”هر شيءِ جي قيمت آهي ۽ هر شيءِ قيمت سان ملي سگهندي آهي ۽ بهشت جي قيمت لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جو ڪلمو آهي، جيڪو بہ ڪلمو شريف پڙهندو، بهشت حاصل ڪندو“.

www.maktabah.org

## ذڪر ظاهري ۽ باطني ورد

دلاور فقير ڪيريو نقل ٿو ڪري ته، ”هڪ ڏينهن حضرت خليفة الله رحمة الله عليه ديهه ستياريءَ ۾ تشريف وٺي آيا. اتي ميرمحمد ٽالپر عرض ڪيو ته حضرتا! حضور جن جيڪي ورد پنهنجي واسطي خاص طرح مخفي رکيا هجن، از راهِ مهرباني بنده تي عنايت ڪن. فرمايائون اسان جي واسطي الله ڪافي آهي. اسان جو ظاهري خواه باطني ورد لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ آهي“.

## گنهگارن جو شافع ذڪر آهي

حضرت خليفة الله رحمة الله عليه جن هڪ حديث شريف مان بيان فرمايائون ته، ”پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جو ذڪر جهاد کان به افضل آهي. صحابه ڪرام عرض ڪيو ته اي سرور عالم! اسان مال ۽ جان سڀ ڪجهه جهاد ۾ الله جي راهه ۾ خرچ ٿا ڪريون. پاڻ فرمايائون ته الله تعاليٰ وٽ انهيءَ جو وڏو اجر آهي، پر قيامت جي ڏينهن گنهگار جو شافع لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جو ذڪر آهي. (الترغيب والترهيب ڪتاب الذڪر والدعاء، خزانة المعرفة ملفوظات)

معلوم ٿيو ته سيني عبادتن جو مغز ۽ جوهر الله پاڪ جو ذڪر آهي. حقيقي ذڪر هي آهي ته هڪ پل به الله جل شانه ۽ سندس حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جي محبت ۽ اطاعت کان خالي نه هجي. مسلمانيءَ جو اصل ڪلمو ”لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ“ آهي. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن هن ڪلمي پاڪ جي ذڪر جي فضيلت ۽ اهميت بابت فرمايو آهي ته ٻانهو جيڪا به نيڪي ڪندو، سا قيامت جي ڏينهن ساهميءَ ۾ رکي توري ويندي، پر ڪلمو پاڪ اهڙو ڳرو

www.maktabah.org

آهي، جو ٽُرڻ جو ئي ناهي. جيڪڏهن هن ڪي ساهميءَ ۾ رکندا تہ ستن آسمانن، ستن زمينن ۽ جيڪي انهن ۾ آهي، انهيءَ سڀ کان ڳرو ٿيندو. پاڻ سونهارن ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو شخص سچي دل سان ڪلمو پاڪ پڙهندو، سو بهشت ۾ ويندو. ڪلمي شريف جا ٻہ حصا آهن. هڪ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ يعني الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي. هن حصي تي ايمان يقين ڪي دل ۾ ڄمائڻ واسطي ڪلمي شريف جي هن حصي جو گهڻو ورد ۽ وظيفو ڪافي آهي. پياري آقا حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن کان الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ واري سنت مبارڪ ڪيترن ئي طريقن سان ثابت آهي. جهڙوڪ تهليل يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چوڻ، تسبيح يعني سُبْحَانَ اللّٰهِ چوڻ، تحميد يعني اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوڻ، تڪبير يعني اَللّٰهُ اَكْبَرُ ۽ استغفار يعني اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ. (خزانة المعرفت)

www.maktabah.org

باب انون

# مرشدن ڪريمن جي طريقہ قادري ۽ نقشبندي جو شجره طيّبہ

جنهن جي برڪت سان محبوب حقيقي جو وصال، صاحب حال طالبن کي نصيب ٿئي ٿو ۽ ٻنهي جهانن جي بهبوديءَ جا مقصود بہ ان جي طفيل حاصل ڪري سگهجن ٿا. عارف بالله حضرت خليفہ محمود ﷫ فرمائين ٿا تہ:

اي عزيز! جنهن بہ طالب کي مشڪلات جي عقدن حل ڪرڻ جي تمنا هجي، تہ ان کي کپي تہ ٻہ رڪعتون نفل الله سبحانه و تعاليٰ واسطي ادا ڪري پوءِ هنن اسمن شريفن ۽ انهن مشائخن سڳورن جي ارواح طيبہ جو وسيلو وٺي دعا گهري تہ انشاءَ الله تعاليٰ جلد پنهنجي مقصد جو موتي اجابت جي مهراڻ مان اُميد جي دامن ۾ موجود ڏسندو، والله تعاليٰ عليٰ ڪل شيءِ قدير وبالاجابة جدير.

## مرشدن سڳورن جي طريقہ سُنيّہ قادريہ قدس الله تعاليٰ اسرارهم جو شجرو طيبہ

جنهن ۾ جناب اطهر حضور انور حضرت سرور ڪائنات مفخر موجودات ختم المرسلين سيد الاولين والآخرين ﷺ افضل الصلوات والتسليمات کان وٺي مرشد مربي پير سائين شاهہ مردان شاهہ ثاني دامت برڪاته العاليه تائين سلسلہ شريف ذيل آهي.

www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله رب العالمين والصلوات والسلام على رسوله وعلىٰ آله واصحابه اجمعين. اما بعد فهذه سلسلة مشائخ الطريقة القادرية رضوان الله تعالىٰ عليهم اجمعين

- الٰهي بحرمت حضرت سيدالڪونين رسول الثقلين محبوب رب العالمين خاتم النبيين حضرت سيدنا محمد مصطفي ن المصطفيٰ صلي الله عليه وسلم تسليما
- الٰهي بحرمت يعسوب الموحدين شمس المشارق والمغارب اميرالمؤمنين سيدنا علي بن ابي طالب رضي الله عنه.
- الٰهي بحرمت شيخ المحققين قدوة العلماء الربانيين حضرت خواجه حسن بصري رضي الله عنه.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت حبيب عجمي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت داؤد طائي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت معروف ڪرخي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سري سقطي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت جنيد بغدادي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت ابوبڪر شبلي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت ابي الفضل عبدالواحد بن عبدالعزيز تميمي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت ابوالفرح طرطوسي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت ابي الحسن علي بن محمد يوسف القرشي قدس الله سره.

www.maktabah.org

- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت ابي سعيد المبارڪ المخزومي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ محبوب حقاني قطب صمداني حضرت خواجہ شيخ محي الدين پير دستگير سيد عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سيد عبدالوهاب قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سيد صوفي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت احمد قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سيد مسعود قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سيد علي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سيد شاهہ مير قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت شمس الدين محمد قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت محمد غوث قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سيد عبدالقادر قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت عبدالرزاق قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سيد حامد شاهہ قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سيد عبدالقادر قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت شمس الدين محمد قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سيد عبدالقادر قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت شمس الدين محمد قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت حامد شاهہ گنج بخش قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سيد شمس الدين محمد قدس الله سره.

www.maktabah.org

- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سيد صالح شاھ قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سيد عبدالقادر حسيني قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ سراج الواصلين فخرالعاشقين محب النبي عليه افضل الصلوات والتسليمات حضرت خواجه سيد محمد بقا شهيد حسيني قدس الله تعاليٰ سره الاقدس.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ شمع الاولياء محي السنة النبوية ماحي آثار البدعة بدرقه السالڪين موصل الطالبين اليٰ مطالبهم حضرت شيخ السيد محمد راشد روضي ڌڻي رضي الله سبحانه و تعاليٰ عنه.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ، خليفة الله حضرت السيد صبغت الله شاه اول تجر ڌڻي قدس الله سره
- الٰهي بحرمت، شيخ المشائخ، زبدة الواصلين حضرت پير السيد علي گوهر شاه اول "اصغر" بنگلي ڌڻي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت، شيخ المشائخ، فخر العاشقين، حضرت پير السيد حزب الله "مسڪين" تخت ڌڻي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ امام الاولياءِ حضرت السيد علي گوهر شاھ ثاني "محافي ڌڻي" قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ، عمدة العلماء حضرت السيد شاه مردان ثاني "ڪوٽ ڌڻي" قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ، الشهيد الاعظم حضرت السيد صبغت الله ثاني "پڳ ڌڻي" قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت السيد شاھ مردان شاھ ثاني "ڇٽ ڌڻي" دامت برڪاتهم العاليه.

www.maktabah.org

## اسماءِ شريف پيران طريقہ عاليہ نقشبنديہ

- الٰهي بحرمت سيدالڪونين و رسول الثقلين محبوب رب العالمين حضور آقا سيدنا محمد ن المصطفيٰ ﷺ.
- الٰهي بحرمت اميرالمؤمنين و امام الاصدقين سيدنا حضرت ابوبڪر الصديق رضي الله عنه.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت سلمان الفارسي رضي الله عنه.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت قاسم بن محمد بن ابوبڪر الصديق رضي الله عنه.
- الٰهي بحرمت امام المؤمنين شيخ المشائخ حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه.
- الٰهي بحرمت سلطان العارفين شيخ المشائخ حضرت خواجہ بايزيد بسطامي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت ابوالحسن خرقاني قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت ابوعلي فارمدي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت ابويوسف همداني قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت عبدالخالق عجدواني قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت عارف ريوڪري قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت محمود الخير فغنوي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت علي راميتني قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت محمد بابا سماسي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت امير ڪلال قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت بهاءُ الحق والدين المشتهر بالنقشبند قدس الله سره.

www.maktabah.org

- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت يعقوب چرخي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت عبيدالله احرار قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت مخدوم محمد زاهد قدس الله سره.
- الٰهي بحرمنت سيدنا حضرت درويش محمد قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت خواجگي امڪنگي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت محمد باقي بالله قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت شيخ احمد فاروقي سرهندي الملقب بمجدد الف ثاني قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت سيد آدم بنوري قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت شيخ سعدي لاهوري قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت حاجي ايوب قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت سيدنا حضرت مخدوم جمال الله قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ زبدة الواصلين ختم العاشقين حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي قدس الله تعاليٰ سره الاقدس.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ سيد السادات سراج الواصلين فخر العاشقين محب النبي عليه افضل الصلوات والتسليمات حضرت خواجه سيد محمد بقا شهيد حسيني قدس الله تعاليٰ سره الاقدس.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ شمع الاولياءِ محي السنة النبوية ماحي آثار البدعة بدرقة السالڪين و موصل الطالبين اليٰ مطالبهم حضرت الشيخ السيد محمد راشد روضي ڌڻي رضي الله سبحانه و تعاليٰ عنه.

www.maktabah.org

- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ، خليفة الله حضرت السيد صبغت الله شاه اول تجر ڌڻي قدس الله سره
- الٰهي بحرمت، شيخ المشائخ، زبدة الواصلين حضرت پير السيد علي گوهر شاه اول "اصغر" بنگلي ڌڻي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت، شيخ المشائخ، فخر العاشقين، حضرت پير السيد حزب الله "مسڪين" تخت ڌڻي قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ امام الاولياءِ حضرت السيد علي گوهر شاهه ثاني "محافي ڌڻي" قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ، عمدة العلماء حضرت السيد شاه مردان ثاني "ڪوٽ ڌڻي" قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ، الشهيد الاعظم حضرت السيد صبغت الله ثاني "پڳ ڌڻي" قدس الله سره.
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت السيد شاهه مردان شاهه ثاني "ڇٽ ڌڻي" دامت برڪاتهم العاليه.

www.maktabah.org

# حضرت امام العارفين سيّد مُحمّد راشد روضي ڌڻي قِدّس سِرّه جي ذڪر جو طريقو

حضرت خليفي محمود نظاماڻي رحمه الله جن "محبوبية المحموديه" ۾ حضرت امام العارفين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره جن جي ڏسيل ذڪر جي تلقين ۽ تربيت جو احوال هن ريت ڏنو آهي:

## قادري طريقي جي ذڪر جي ترتيب

هن ذڪر جي شروع ڪرڻ جو وقت سانجهيءَ جي نماز کان پوءِ آهي. ان جي ترتيب هن طرح آهي تہ وضو ڪري سانجهيءَ جي نماز پڙهي، ان بعد ٻئي گوڏا اونڌا ڪري، قبلي ڪي سامهون ٿي ويهجي ۽ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ چئي پوءِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙهي، يارهن ڀيرا پوري سورة قل هو الله احد پڙهي، ان جو ثواب حضرت غوث الثقلين ڪريم الطرفين شيخ المشائخ محي الدين عبدالقادر جيلاني قدس سره جن ڪي بخشي ۽ ان کان پوءِ پنهنجون اکيون بند ڪري دل جي توجه ۽ حضور سان مرشد جي صورت جو تصور ڪري، جهر يا بلند آواز سان "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" جو ڪلمو هڪ هزار ڀيرا تسبيح جي داڻن تي ڳڻي پڙهي ۽ سڀ کنهن سؤ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪلمو پورو ڪري "مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ " چئجي. هن ذڪر وقت صدق دل سان يقين ڪري ڄاڻجي تہ الله تبارڪ و تعاليٰ واحد ۽ اڪيلو آهي، ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو وجود ۽ هستي نہ آهي ۽ ذڪر ڪرڻ وقت دل ۾

www.maktabah.org

ٻين خيالن، خطرن ۽ وسوسن کي اچڻ نہ ڏجي، پر جيڪڏهن ڪنهن وقت ٻيا خيال، خطرا ۽ وسوسا دل ۾ پيدا ٿين تہ هيءُ اسم سڳورو "يَافَعَّالُ" ٽي ڀيرا زبان سان آهستي چئجي تہ دل تان خودبخود اجايا خيال ۽ وسوسا لهي ويندا، پر جيڪڏهن وري بہ ڪنهن وقت طالب جي دل ۾ خيال ۽ وسوسا پيدا ٿين تہ اهو ساڳيو اسم سڳورو مٿين ترتيب سان پڙهندو تہ ان جي برڪت سان، سڀ خيال ۽خطرا دل تان ميٽجي ويندا. ڇاڪاڻ جو هيءُ اسم "فَعَّالُ" الله تبارڪ و تعاليٰ جي اسماءِ حُسنيٰ مان هڪ اسم آهي، تنهن ڪري طريقت جي مشائخن ۽ بزرگن سڳورن رضوان الله تعاليٰ عليهم، طالبن جي دلين تان خطرن ۽ وسوسن جي غبار ۽ لٽ کي لاهڻ لاءِ انهيءَ اسم سڳوري جي پڙهڻ جو ارشاد ڪيو آهي. ذڪر جي اوائل وارن ڏينهن ۾ هن فقير (خليفہ محمود قدس سره) کي ذڪر جي دوران دل ۾ وسوسا ۽ خطرا پيدا ٿيندا هئا، پوءِ پاڻ (حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره) مون کي انهن وسوسن جي دفع ڪرڻ لاءِ انهيءَ اسم سڳوري جي پڙهڻ جو ارشاد فرمايائون. پوءِ سندن انهيءَ امر فيض نظر جي برڪت سان، هن اسم سڳوري جي پڙهڻ سبب، سيئي خيال ۽ خطرا دل تان لهي گم ٿي ويا ۽ وري نہ ٿيا.

انهيءَ تسبيح جي پوري ٿيڻ کان پوءِ "اِلَّااللّٰهُ" هزار ڀيرا پڙهجي ۽ ان کان پوءِ "اَللّٰهُ" هزار ڀيرا ۽ ان کان پوءِ "هُوْ" هزار ڀيرا پڙهجي. اهڙي طرح سان جڏهن ذڪر جا اهي چار هزار ڪلما پورا ڪجن تہ پوءِ مراقبي ۾ ويهي قلب ڏانهن متوجه ٿجي، جيڪو ڏائي ٻُبي کان بہ آڱريون هيٺ تي آهي. ان مراقبي ۾ گهڻي خيال ۽ توجه سان "اَللّٰهُ" جي اسم مبارڪ جي صورت کي قلب (دل) تي نقش ڪرڻ ۾ مشغول ٿجي تہ جيئن قلب ۾ حرڪت ۽ جنبش پيدا

www.maktabah.org

ٿئي. جڏهن قلب ۾ حرڪت جو جاري ٿيڻ معلوم ٿئي، ته پوءِ هن برڪت واري اسم، الله کي پوري خبرداري ۽ ڪوشش سان قلب (دل) تي بار بار پيو موٽائجي ۽ تڪرار ڪجي (يعني ائين محسوس ڪجي ته دل هر حرڪت سان اَلله، اَلله پئي چوي) ته جيئن اهو اسم مبارڪ اَللهُ قلب (دل) تي اهڙي طرح نقش ٿي وڃي، جو ڄڻ پٿر تي اُڪرجي نقش ٿي ويو آهي. انهيءَ مراقبي واري حالت ۾ خيالن ۽ وسوسن کي دل ۾ جاءِ نه ڏجي، بلڪ سڪون سان هن اسم مبارڪ الله جي تصور ۾ مشغول ٿي وڃي. مراقبي کان علاوه به اٿئي، ويٺي، اڪيلائي ۾ توڙي خلق سان گڏ هجڻ واري حالت ۾ به نهايت خبرداريءَ سان هن اسم مبارڪ الله جي تصور سان پنهنجي دل کي هر وقت مشغول رکي. الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجن ذڪر ڪندڙن ٻانهن جي وصف هن طرح بيان ڪرڻ فرمائي آهي: اِنَّ فِیْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِى الْاَلْبَابِ ○ الَّذِيْنَ يَذْكُرُوْنَ اللهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِهِمْ

يعني "بيشڪ آسمانن ۽ زمينن جي خلقڻ ۾ ۽ راتين ۽ ڏينهن جي هڪ ٻئي پٺيان اچڻ ۽ وڃڻ ۾ دانائن لاءِ نشانيون ۽ عبرتون آهن. اهي ئي الله تعاليٰ کي اُٿئي، ويٺي ۽ ليٽي ياد ڪن ٿا." انهيءَ ڪري اهڙن ذڪر ڪندڙ شخصن لاءِ هن کان وڌيڪ ٻي ڪا به خوش نصيبي ۽ دولت نه آهي، جو حق سبحانه و تعاليٰ انهن کي خوشخبري ڏيڻ لاءِ ڪين "فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ" جي نعمت سان خطاب ڪيو آهي. (يعني پوءِ اوهين مون کي ياد ڪريو ته آئون اوهان کي ياد ڪريان) انهيءَ ڪري طالب کي گهرجي ته پاڻ کي ذڪرن ۽ فڪرن ۾ گهڻو مشغول رکي، ته جيئن اهو ذڪر سموري

www.maktabah.org

جسم ۾ جاري ٿئي. ذڪر جي جاري ٿيڻ کان پوءِ طالب ۾ ٻه حالتون ظاهر ٿيڻ لڳنديون. يعني ڪڏهن ڪيس "قبض"[1] واري حالت ٿيندي ۽ ڪڏهن "بسط"[2] واري حالت. اهو سڀ ڪجهه، جيڪي ٿئي ٿو سو الله تعاليٰ جي اسم "قَابِضُ" ۽ "بَاسِطُ" جو اثر آهي، جيڪي ٻئي الله تعاليٰ جا صفاتي نالا آهن. پهرئين اسم جو اثر "اِنْقِبَاضُ" (بند ٿي پوڻ) ۽ ٻئي اسم جو اثر "اِنْبِسَاطُ" (کُلي پوڻ) آهي. ياد رکڻ گهرجي ته انهن ٻنهي اسمن جي اثر واريون حالتون، هر وقت طالب منجهه موجود آهن، مگر طريقت ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ، انهن اسمن جو تاثير ۽ اثر سندس غفلت ۽ بي خبريءَ سبب، ڪيس سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ ۾ نٿو اچي. جيئن ته انسان جي زندگيءَ جون ٻه حالتون آهن، مثلاً اهو ڪنهن وقت خوشيءَ ۾ هوندو آهي ته ڪنهن وقت ڏک ۾، پر اهڙا انسان، هنن اسمن جي تاثير ڪي پروڙي ۽ سمجهي نٿا سگهن، ڇاڪاڻ جو اهي ويچارا "حال" واري علم کان بي نصيب هئڻ سبب اڻڄاڻ آهن. پر جڏهن طالب طريقت ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ پنهنجي قلب (دل) تي خبرداري ۽ هوشياري سان نظر رکي توجه ڪندو ته پوءِ ان وقت، هنن ٻنهي اسمن جو تاثير معلوم ٿيندس. يعني ڪنهن وقت مٿس اسم "قابض" غلبو ڪندو ۽ ڪنهن وقت اسم "باسط" مٿس غالب رهندو. جڏهن طالب جي دل تي قبض واري حالت ظاهر ٿئي

---

(1) قبض جي معنيٰ ڪنهن شيءِ جو بند ٿيڻ. بعضي وقتن ۾ سالڪ تي ڪن مصلحتن سببان عبادت وارن ڪمن مان لذت ڇڏي وڃي ٿي، جنهن ڪري سالڪ جي طبيعت ملول ٿي وڃي ٿي.

(2) بسط معنيٰ ڪشادو ٿيڻ. جنهن وقت سالڪ تي الله تبارڪ و تعاليٰ جي عنايتن جا اثر ظاهر ٿيڻ لڳن ٿا، جنهن ڪري ان مان سالڪ جي قلب کي لذت ۽ فرحت ملي ٿي.

www.maktabah.org

نہ پوءِ ڪيس گهرجي تہ ان کي ٽارڻ ۽ دور ڪرڻ لاءِ وڏيڪ ڪوشش ۽ همت کان ڪم وٺي، ڇاڪاڻ تہ ذڪر جي بند ٿيڻ کان پوءِ قلب ۾ جيڪا پريشاني ۽ بي آرامي پيدا ٿئي ٿي، ان کي فقط پنهنجي همت ۽ ڪوشش سان ئي دفع ڪري سگهجي ٿو ۽ ائين ڪرڻ سان طالب جي صداقت ظاهر ٿئي ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ حضرت پير سائين روضي ڌڻي ﷺ جن هي بيت فرمائيندا هئا:

ڏوٿين ڇيس ڏور، ڪيچ پرانهون پنڌ ٿيو،
پاٽا پيئي پور، وڪ وڏائين وتري.

جڏهن ڪو پست همت ۽ گهٽ قوت وارو ماڻهو پاڻ منجهہ قبض جو اثر ڏسي ٿو تہ پنهنجي ڪوشش ۽ همت کي ڇڏي، مايوس ٿي بس ڪري ويهي ٿو رهي. اهڙن ماڻهن لاءِ ڪنهن بزرگ چيو آهي:

همت بلند باید، عشاق مست مے را
مرد خسیس همت در عاشقاں نگنجد

يعني: مست شراب پيئندڙ عاشقن کي بلند همت هئڻ کپي، بي همت شخصن جي عاشقن ۾ گنجائش نہ آهي.

حضرت پير سائين ﷺ جن مبتدي يعني شروعاتي طالب جي حال موافق "قبض ۽ "بسط" بابت هن طرح مثال ڏيندا هئا تہ اهي ٻئي حالتون مبتدي طالب جي لاءِ ننڍي ڪڪريءَ جي مثل آهن. "قبض" واري ڪڪري جهٽ پٽ ظاهر ٿي ۽ فوراً گم ۽ محو ٿيو وڃي ۽ "بسط" واري آهستہ آهستہ ظاهر ٿئي ٿي ۽ اها آهستہ آهستہ گم ٿيڻ لڳي ٿي. "بسط" جي ظهور ٿيڻ وقت طالب کي خوشي ۽ فرحت حاصل ٿئي ٿي ۽ وري ان جي غائب يا بند ٿيڻ ڪري غمگين ۽ مايوس ٿئي ٿو. اي منهنجا دوست! هن ذڪر جي

www.maktabah.org

ترتيب مٿي بيان ڪري آيا آهيون، هاڻي هن ذڪر جو مطلب ۽ معنيٰ بيان ڪجي ٿي:

## 1- لَآاِلٰهَ

ذڪر جو حق اهو آهي تہ ان جي معنيٰ ۽ مفهوم کي چڱي طرح ڌيان ۾ ويهارجي، جيئن تہ "لَآاِلٰهَ" جي چوڻ سان ما سوي الله جي، پنهنجي دل جي فرحي تان، ايتري قدر ميساري ۽ ڌوئي ڇڏجي، جو ورهين جا ورهيہ ۽ سال لنگهي وڃن، تڏهين بہ اهي ياد ڪرڻ سان بہ، دل ڏانهن وري نہ اچن. اهڙيءَ طرح سان جڏهين دل جي فرحي تان، اهي سڀ غير ميٽجي ۽ ميسارجي ويا، تہ پوءِ اهي هميشہ جي لاءِ ختم ٿي ويندا.(1) ان ڪان پوءِ غيب مطلق جي پالڪيءَ ۽ ڏوليءَ مان حجاب وارو پردو لاهي بي نقاب ٿي، هن قيد واري وجود ۾ "اِلَّااللهُ" وارو جمال ظاهر ٿي جلوو ڪندو، انهيءَ وقت سالڪ تي اهڙي تہ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويندي، جو جڻ ڪنهن اڃايل انسان کي بيابان ۽ رڻ پٽ ۾ مٺي پاڻيءَ جو تلاءُ نظر اچي ۽ پوءِ ان جي ڪا خوشيءَ جي حد ئي نہ رهي. انهيءَ سلسلي ۾ سيد شاهہ عبدالڪريم بلڙي قدس سره کهڙو نہ چڱو چيو آهي:

پير پرينديئي نريا، ايندي لٿي اڄ،
ويري منجهہ سڄ، ڪر لڌي رڻ اڪارئين.

هن بيت جو مطلب ۽ مقصد هي آهي تہ جيڪي طالب ۽ سالڪ هن دنيا جي بيابان ۽ رڻ پٽ منجهہ، طلب جي ميدان ۾ اُڃايل آهن ۽ جڏهن انهن جي نظر جو نيشان وحدت جي مقام تي

(1) لَا اِلٰهَ جو اشارو عالم ناسوت جي باطل معبودن ڏانهن آهي، ڇاڪاڻ تہ جنهن عالم ۾ انسان رهي ٿو، تنهن کي عالم ناسوت چئجي ٿو.

www.maktabah.org

پوي ٿو، تڏهن اهي ڪثرت جي آئينن مان، وحدت واري مقام جو نظارو ۽ مشاهدو ڏسي خوشيءَ ۾ نتا ماپن. حضرت پير سائين ﷺ جي طريقي وارن طالبن کي به، طريقت جي سير ۾ ذڪر جي شروع ڪرڻ سان ئي اهو مشاهدو حاصل ٿئي ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ مخدوم جامي قدس سره پنهنجي هن شعر ۾ ڪهڙو نه چڱو اشارو ڪيو آهي:

در و ديوار من آئينه شود، از کثرتِ شوق،
هر کجا مي نگرم، روءِ ترا مي بينم۔

يعني: منهنجا در و ديوار، ڪثرتِ شوق ڪان آئينه بنجي ويا آهن، جنهن طرف نهاريان ٿو ته تون ئي نظر ٿو اچين.

## 2- اِلَّااللهُ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ جي تسبيح پوري ٿيڻ کان پوءِ طالب جڏهن اِلَّااللهُ جي ذڪر ڪرڻ ۾ مشغول ٿئي ٿو ته ان وقت سيني شين ۽ وجود کي نفي ڪري، انهن کي نيست ۽ نابود ڄاڻي، وحدت جي اثبات جو بيان ۽ اقرار ڪري ٿو ۽ ان وقت سندس نظر ۾ ڪثرت بلڪل گم ۽ فاني ٿيو وڃي ۽ ڪيس واحد حقيقي جل شانه جي وجود کان سواءِ، ٻئي ڪنهن به شيءِ جو وجود ۽ شهود نظر نٿو اچي. يعني الله تبارڪ و تعاليٰ کان سواءِ نه ٻئي ڪنهن جي ذات آهي ۽ نه ٻئي ڪنهن جو وجود آهي.

کجا غير که غير که نقش غير
ما سوي الله، والله ما في الوجود

www.makabah.org

يعني: غير ڪير غير جو نقش ڪير، الله تعاليٰ جي ذات جو قسم ته وجود ۾ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي.[1]

## 3- اَللّٰهُ

اِلَّااللّٰهُ کان پوءِ "اَللّٰهُ" جو ذڪر ڪجي ٿو. هيءُ الله تبارڪ و تعاليٰ جو ذاتي اسم آهي، جو سڀني اسمن خواه صفتن ۽ شيونن ۾ جامع آهي. جڏهن طالب، انهيءَ اسم سڳوري[2] جي وِردَ ۾ مشغول ٿئي ٿو، تڏهن پاڻ انهيءَ اسم ۽ ٻين اسمن ۽ صفتن ۽ شيونن جي صفت وٺي ٿو، جڏهن انهن سڀني جو پنهنجي وجود اندر مشاهدو ٿو ڪري، تڏهن هن عالم ۽ هن جهان جي مظهرن ۽ مخفي انوارن جو مطلع ۽ آئينو ٿيو پوي. هن باب ۾ سيد محمد مغربي رحمة الله عليه ڪهڙي نه رمز سان اشارو ڏنو آهي:

گنجے کہ طلسم اوست عالم مائیم
ذات کہ صفات او ست ادم مائیم
اے آنکہ توئی طالب اسم اعظم
از ما بگورد کہ اسم اعظم مائیم۔

---

(1) جڏهن سالڪ عالم ناسوت جي سڀني باطل معبودن کي نفي ڪرڻ کان پوءِ هاٿي ان منزل کان مٿي اچي عالم ملڪوت ڏانهن رخ رکي، "اِلَّااللّٰهُ" جو قائل ۽ اقراري ٿو ٿئي، پوءِ ذڪر وقت دل ۾ هي ارادو رکي ته "لَامَوْجُوْدَاِلَّااللّٰهُ" يعني الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو به موجود نه آهي.

(2) اِلَّااللّٰهُ کان پوءِ سالڪ عالم جبروت ڏانهن رخ رکي ٿو الله ۾ فنا وٺي مڙني صفتن جي نسبت ان ذات پاڪ ڏانهن ڇاڻي ٿو ته الله تعاليٰ سڀني صفتن جو جامع آهي، جو اهي صفتون ساڻس قائم آهن.

www.maktabah.org

يعني: جهان جو سندس طلسم وارو خزانو آهي، سي اسين آهيون، آدم جيڪو سندس ذات جي صفت آهي، سي اسين آهيون. تون جيڪو اسم اعظم جو طالب آهين، اسان وٽان لنگهه (يعني اسان وٽ اچ) ڇاڪاڻ تہ اسين ئي اسم اعظم آهيون.[1]

## 4- هُوْ

الله جي اسم مبارڪ جي ذڪر کان پوءِ "هُوْ" جي ذڪر ڪرڻ ۾ مشغول ٿجي ٿو، تنهنڪري ان جي معنيٰ جي سمجهڻ ۾ فڪر ڪجي. هن ڪلمي جو اشارو ذات "هَوِيَتُ" ڏانهن آهي. يعني اشارو ڪري ٿو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي اها ذات آهي، جيڪا سڀني شيون ۽ اعتبارن کان خالي ۽ مجرّد آهي. پوءِ طالب انهيءَ ڪلمي جي ذڪر وقت سڀني شيونن ۽ اعتبارن کان خالي ۽ تنها ٿي، حق تعاليٰ جي ذات "هَوِيَتُ" منجهہ محو ٿي وڃي ٿو تہ اها ذات بي مثل آهي. هاڻي بہ ائين آهي جيئن اصل کان آهي.

اي دوست! هن ڪلمي جو مطلب ۽ ان جي معنيٰ جي سمجهڻ لاءِ ڪنهن مقبول ۽ حق تعاليٰ جي محبوب ٻانهي جي درڪار آهي، جيڪو هن ڪلمي جي راز جي معنيٰ ۽ مطلب ڪولي ۽ حل ڪري. اهو راز مرشد ڪامل ۽ مربي مڪمل جي رابطي کان

(1) سالڪ تان جڏهن صفتن وارا حجاب ۽ پردا لهن ٿا، تڏهن اهو جبروتي مڪان کان عروج ڪري وحدت ۾ عالم لاهوت ڏانهن اچي ٿو، ان وقت "هُوْ" "هُوْ" چوندڙ ٿئي ٿو، جو ڪيس الله تعاليٰ جي ذات کان سواءِ ٻئي ڪابہ شيءِ نظر نٿي اچي.

www.maktabah.org

سواءِ ڪوبہ حل ڪري نہ سگهندو.[1] هن سلسلي ۾ داناءِ راز حافظ شيرازي رحمة الله عليه کهڙو نہ چڱو چيو آهي:

آئينہ سکندر جام جم ست بنگر

تا بر تو عرض دار احوال ملک دارا

يعني: سڪندر جو آئينو، جمشيد جو پيالو آهي ڏس تہ توتي دارا جي ملڪ جو احوال ظاهر ٿئي.

جڏهن طالب پنهنجي وجود کي مرشد جي صورت ۾ تبديل ڪندو، تڏهن پاڻ کي مرشد پيو ڄاڻندو ۽ پاڻ کي عين مرشد ڄاڻي هن ريت پيو چوندو:

من تو شدم تو من شدی، من تن شدم تو جان شدی

تاکس نہ گوید بعد ازیں، من دیگرم تو دیگری

يعني: آئون "تون" ٿيس ۽ تون "آئون" ٿئين، آئون جسم ٿيس ۽ تون جان ٿئين، انهيءَ ڪان پوءِ ڪير ائين نہ چوي تہ تون ٻيو آهين ۽ آئون ٻيو آهيان.

جڏهن طالب جو پورو پورو رابطو مرشد جي صورت سان پيدا ٿيندو، تڏهن طريقت، حقيقت ۽ معرفت جون معنائون ۽ ڪماليتون، جيڪي مرشد کي مشاهدي ۾ آيل هونديون، اهي سڀ هڪ ئي وقت تي طالب کي حاصل ٿينديون.

(1) هن سلسلي ۾ "هُوْ" جي اسم بابت وڌيڪ تفصيل لاءِ جيڪڏهن ڪو طالب چاهي تہ شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه جي ڪتاب "اخبار الاخيار" تان شيخ حميد الدين ناگوري رحمة الله عليه جي احوال ۾ هن اسم "هُوْ" جي باري ۾ مفصل احوال ڏسي سگهي ٿو.

www.maktabah.org

اي طالب! مرشد جي صورت کي اندر ۾ تصور ۾ آڻڻ ۽ رابطي رکڻ جو مثال حضرت نوح عليه السلام واري ٻيڙيءَ جي مثال آهي، پوءِ جيڪو شخص اهڙي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي سوار ٿيندو، سو دنيا ۽ آخرت جي آفتن، وسوسن ۽ خطرن وارين بيمارين کان امن ۾ رهندو.

چہ غم دیوار امت را کہ باشد چوں تو پشتیبان
چہ باک از موج بحر آنرا، کہ باشد نوح کشتیبان

يعني: انهيءَ امت جي ديوار کي ڪهڙو غم، جڏهن تو جهڙو ان جو پشت پناهه آهي، سمنڊ جي لهرن جو انهن کي ڪهڙو خوف، جڏهن حضرت نوح عليه السلام سندن ٻيڙيءَ جو ناکئو آهي.

حضرت پير سائين رحمة الله عليه جن مرشد جي صورت جي رابطي رکڻ جو مثال هن طرح فرمائيندا هئا ته حاجين کي حجاز جي سفر تي وڃڻ لاءِ پنڌ جون تڪليفون تيستائين آهن، جيستائين اهي جهاز ۾ سوار ٿين، سوار ٿيڻ کان پوءِ ته جهاز کي پنڌ ڪرڻو آهي.

اي دوست! انهيءَ ڪري تون هيءَ ڳالهه سمجهه ته حضرت پير سائين رحمة الله عليه جن جي طريقي وارن کي جذب ۽ موهبت (يعني رياضت بنان) واريون نعمتون، محض سندن صورت مبارڪ جي رابطي سببان عطا ٿيل آهن. هن ڪري جو پاڻ "مراد" آهن ۽ نه "مريد" بلڪ آئون ته حيرت ۾ آهيان ته پاڻ ڪهڙي شيءِ هئا ۽ آئون ڇا بيان ڪريان.

نہ بشر خوانمت اے دوست، نہ حور نہ پری،
ایں ہمہ بر تو حجاب ست، تو چیزی دیگری۔

www.maktabah.org

يعني: اي دوست! آئون توکي نہ بشر چوان ۽ نہ حور نہ پري. اهي سڀ توتي پردا آهن، حقيقت ۾ تون ڪا شيءِ ئي ٻي آهين.

سندن مريد جيڪي ڪانئن طريقت ۾ فيضياب ٿيا آهن، سي پڻ صاحب مراد آهن ۽ نہ مُريد. جهڙي طرح الله تبارڪ وتعاليٰ، سرور ڪائنات، فخر موجودات، حضرت رسول الله ﷺ جن کي نندڍ مان اُٿاري، ڪين معراج جو شرف بخشيو، اهڙيءَ طرح سان هن طريقي مبارڪ مان هدايت ۽ فيض حاصل ڪندڙن ۽ باطني فائدا وٺندڙن کي پڻ الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي اڻ ڪٿ ۽ بي انداز بخششن ۽ احسانن سان، ڪسب ۽ رياضتن جي محنت بنان پنهنجي مقرب ٻانهن واري منزل تائين رسائي ڏنو، ڇاڪاڻ جو سندن ارادتمند مريدن ۾ جذب ۽ ڪشش ايتري آهي، جو انهن تي سلوڪ واريون واٽون ۽ر ستا از خود ظاهر ۽ پڌرا ٿيو پون.

ذَٰلِكَ فَضْلُ اللَّهِ يُؤْتِيهِ مَن يَشَاءُ ۚ وَاللَّهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيمِ

يعني: اها الله تعاليٰ جي ڀلائي ۽ مهرباني آهي، جنهن کي گهري، تنهن کي ڏئي ٿو. الله تعاليٰ وڏي ڀلائي ۽ مهربانيءَ جو صاحب آهي.

اي طالب! آئون جنهن ڳالھ جو ذڪر ڪرڻ وارو هئس، تنهن کي ڇڏي ڪٿان جو ڪٿي وڃي نڪتس. هاڻي وري اصل مقصد ۽ معنيٰ جو ذڪر ڪريان ٿو. اهو هي آهي تہ سلوڪ واري فن ۽ علم مان جيڪو خلاصو ۽ مقصود آهي، سو آهي قلب جي صفائي ۽ نفس جي پاڪائي، ڇاڪاڻ جو انسان جي ساري جسم جو دارومدار قلب تي آهي، جيڪو ڏائي ٻُبي جي هيٺان آهي، جنهن جي بناوٽ ۽ ساخت جي شڪل صنوبر جهڙي آهي ۽ صوفين جي اصطلاح ۾ ان کي "مضغو" چوندا آهن. انهيءَ بابت حديث

www.maktubah.org

شريف ۾ هن طرح آيل آهي:

اَلَا وَاِنَّ فِي الْجَسَدِ بَنِيْ اٰدَمَ لَمُضْغَةً اِذَا صَلَحَتْ صَلَحَ الْجَسَدُ كُلُّهٗ وَاِذَا فَسَدَتْ فَسَدَ الْجَسَدُ كُلُّهٗ. اَلَا وَهِيَ الْقَلْبُ. (صحيح بخاري)

يعني: ۽ بيشڪ آدم جي اولاد جي جسم ۾ هڪڙو مضغو (گوشت جو ٽڪرو) آهي، جيڪڏهن اهو صحيح سالم آهي ته پوءِ سارو جسم سالم آهي ۽ جيڪڏهن اهو فاسد آهي ته پوءِ سارو جسم فاسد آهي. خبردار هجو ته اهو قلب (دل) آهي.

جيئن ته سلوڪ جي سيني طريقن جو مدار ۽ بنياد قلب جي اصلاح (۽ فساد) تي موقف آهي، ته پوءِ ڄاڻڻ گهرجي ته طالب کي ڪُلي خواه جزوي ڪماليتن جو حاصل ٿيڻ هن شغل تي موقوف آهي. انهيءَ ڪري طالب کي گهرجي ته پنهنجي پوري همت ۽ ڪوشش هن شغول جي پچائڻ ۾ صرف ڪري، جيئن هن شغل جي مقام جون ڪماليتون ظاهر ٿين ۽ ڪماليتن جي خلعتن سان نوازيل ٿئي. اهي سڀ نعمتون ذڪرن جي شغلن سان متعلق ۽ موقوف آهن. طريقت وارن مشائخن پڻ هن ذڪر جي شغل کي پسند ڪيو آهي. اهي پڻ انهيءَ ذڪر جي شغلن ۾ مشغول رهندا هئا ۽ طالبن کي پڻ انهيءَ ذڪر جو شغل سمجهائيندا هئا. هن ذڪر جا ڪيترائي طريقا آهن. چئن هزارن واري شغل جي رياضت کان پوءِ، پنهنجي مرشد جي امر ۽ اجازت سان وري ٻئي شغل جي رياضت ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي.

## شغل ٻيو- يَا اَللّٰهُ يَا هُوَ

هيءُ شغل پڻ قادري طريقي وارن شغلن مان آهي. هن

www.maktabah.org

فقير (حضرت خليفو محمود ﷺ) کي هن شغل جي رياضت بابت پنهنجي مرشد سڳوري کان هن طرح ارشاد ۽ اجازت ٿيل آهي ته سڀ ڪنهن نماز کان پوءِ هڪ سؤ ڀيرا ”يَا اَللهُ يَا هُوْ“ جو شغل هن طريقي سان ڪجي، جيئن ”يَا اَللهُ“ جي اسم کي قلب کان ڇڪي، ”اَللهُ“ جي ”هُ“ واري اکر کي ساڄي ڪلهي تي آڻي پورو ڪري ۽ ”يَا هُوْ“ جي اسم کي انهيءَ ساڄئي (ساڄي) ڪلهي کان شروع ڪري ”سري“ ۽ ”روحي“ لطيفن کان لنگهائي، قلب تي زور سان ضرب لڳائي. هن شغل تي پڻ هميشگي ڪجي، جيئن اهو ذڪر ساري جسم ۾ جاري ٿئي. جڏهن هن ذڪر جي ساري جسم تي جاري ٿيڻ جو اثر ظاهر ٿيڻ لڳي ۽ قلب ۾ حرڪت اچي، تڏهن به هن شغل کي بلڪل نه ڇڏجي، جيستائين ڪ قلب ۾ تحرڪ غلبو نه وٺي. جڏهن ڪامل مرشد جي توجه سان هن ذڪر جي جاري ٿيڻ جو دروازو کُلي پوي ۽قلب ۾ ذڪر ري فڪر هر وقت جاري رهي.

هن شغل جي رياضت ۾ ڪماليت حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي مرشد جي اجازت سان ”پاس انفاس“ واري شغل ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو مرشد جي اجازت کان سواءِ، پنهنجي سر ازخود شغلن ۾ مشغول ٿيڻ سان ڪو به اثر ظاهر نه ٿيندو. انهيءَ ڪري سلوڪ جي طريقي ۾ باطني توڙي ظاهري مشغولين ۾ مرشد کان اجازت وٺڻ کي واجب بلڪ فرض ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

## فنا في الشيخ مُرشد جو تصور ۽ فڪر

مرشد سڳوري جي (صورت) صحبت جو فڪر ڪرڻ، پوءِ اهو قادري طريقي جو هجي يا نقشبندي، سالڪ کي گهرجي ته

www.maktabah.org

اول اول هن حضور ۾ مرشد جي صورت (صحبت) جو فڪر ۽ تصور اهڙو ڪري، جيئن پنهنجي وجود کي مرشد جي حقيقت ۽ صورت ۾ محو ۽ معدوم ڪري ۽ محويت ۽ فنائيت اهڙي هجي، جو سندس وجود جي جاءِ تي مرشد وارو وجود هجي ۽ سندس حقيقت جي جاءِ تي مرشد جي حقيقت رهي ۽ پاڻ کي وچ ۾ نہ ڄاڻي. ائين ڪرڻ سان پاڻ ۾ مرشد جي سيني ڪماليتن وارين حقيقتن کي ڪُلي يا جُزئي پاڻهي لهندو. پوءِ هن صورت ۽ حقيقت سان مٿي اچي پاڻ سڳورن ﷺ ۽ طريقت جي پنهنجن مرشدن سڳورن جي صورت ۽ حقيقت جو تصور ڪري ۽ گهڻي همت ۽ ڪامل تصور سان پنهنجي صورت ۽ حقيقت پاڻ سڳورن جي مبارڪ صورت سان ڳنڍيل ٿئي، جيئن سندن صورت مبارڪ ۽ حقيقت مٿس پڌري ٿئي ۽ اهڙي طرح مرشدن جي صورت ۽ حقيقت جو پاڻ ۾ تصور ڪري جيئن ظلي ۽ اصلي ڪماليتن سان انهن جي حقيقت کي لهي ۽ پڻ انهن جا مشرب ۽ مذهب ۽ انهن جا اسم ۽ تعلق ۽ امڪان ۽ وجوب ۽ صفتون ۽ شيونن جا ۽ مرتبن مٿان مرتبو جن جو انساني حقيقت جي لڪل اسرارن ۽ ڳجهن سان تعلق رکن ٿيون، سي سڀ پاڻ ۾ لهي ۽ پڻ پنهنجي استعداد موجب هر هڪ جذبي ۽ سلوڪ جي واٽ حاصل ڪري، ان کان پوءِ "احديت" ڏانهن متوجهہ ٿئي ۽ ان هنڌ مشاهدو ڪري ڏسندو تہ هي سيئي ڪڙيا ۽ ڪسيون آهن جي "احديت" واري درياءَ مان جاري پيون ٿين، جي وري اچيو ساڳئي ان درياءَ ۾ پون ۽ ان هنڌ عالم خلق ۽ عالم امر جي سيني فردن جي حقيقتن جو چڱيءَ طرح مشاهدو ڪندو تہ اهي عالم امر کان رنگارنگي لباس ڍڪي هن عالم خلق ۾ آيا آهن ۽ پاڻ تي هي ۽ هو جو نالو رکايو اٿن ۽

www.maktabah.org

درحقيقت انهن سيني جو وجود هڪڙو آهي، جو معنيٰ سان صورت ڏي آيو ۽ صورت کان معنيٰ ڏي.

کسوت دیگر پوشد جلوه دیگر کند،

مظهر دیگر نماید بهر اظهار کرو.

يعني: جڏهن وڳو ٻيو ڍڪي ته جلوو ٻيو ڪري. پڌري ڪرڻ لاءِ مظهر ٻيو ڏيکاري.

جڏهن مشاهدي ۾ ڏٺئي ۽ معلوم ڪيئي ۽ گوش يعني ڪن کي هنن اسرارن کي پوش ڪر يعني ظاهر نه ڪر.

صورت ليکي هت معنيٰ ليکي ماروئين،

عمر منهنجي چت اوطاقون ٿرن ۾.

اهڙي قسم جا عارف ظاهر ۾ خلق سان گڏ آهن ۽ باطن ۾ حق سبحانه و تعاليٰ سان ۽ نه انهن کي حق سبحانه وتعاليٰ سان هئڻ مانع آهي. جڏهن هن مقام تي سالڪ جو سير رسي ٿو، پوءِ اهو ڪائن ۽ بائن آهي. ڪائن يعني حق سان هوندڙ آهي ۽ بائن يعني خلق سان گڏ هوندڙ آهي. (غرض ته سالڪ کي انهن ٻنهي حالتن ۾ ڪنهن به قسم جو حجاب حق سبحانه و تعاليٰ سان هئڻ ۾ مانع نه آهي) هن شغل جي ذڪر جو تفصيل وڏو آهي ۽ هتي مجمل طرح آندو ويو آهي ۽ جيڪڏهن ان جو تفصيل سان، جدا جدا بيان ڪجي ته جيڪر رسالو وڏو ڪتاب ٿي پوي. انهيءَ سبب اختصار کي پسند ڪيم. جيئن ته ان جي خرار مان هڪ لپ ڪڻڻ سان جنس جي خبر پئجي وڃي ٿي. جيڪڏهن طالب سچي دل وارو آهي ته هن مختصر مضمون واري عبارت مان شغل وارو مقصد ۽ مراد سگهو حاصل ڪندو، پر هتي عالي همت ۽ بلند فطرت ۽ ذاتي عشق ۽ محبت جي زيورن سان سينگاريل طالب

www.maktabah.org

هجي ۽ جنهن پاڻ کي گهڻي ڪوشش ۽ همت سان آراسته ڪيو هجي، ڇاڪاڻ ته تيز ۽ تکو گهوڙو پنهنجي تکائي ۽ تيزيءَ جي همت سبب ٿورڙي ئي مدت ۾ پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ٿو. پوءِ جيڪڏهن سالڪ جو استعداد ڪماليت سان آهي ته پوءِ هي سيئي اسرار "فنا في الشيخ" منجهه حاصل ٿيندس ۽ پنهنجي مراد ۽ مقصد کي رسندو ۽ اهو رسڻ بلند همت ڪامل سان آهي.

همت بلند باید عشاق مست می را
مرد خسیس همت در عاشقاں نگنجد

يعني: شراب پياڪ عاشق مست کي وڏي همت گهرجي، گهٽ همت وارو ماڻهو عاشقن ۾ نه سمائجي.

۽ هي نعمت انهن بي همتن واسطي نه آهي ۽ انهن جو مثال ان وڻ جي پاڇولي جهڙو آهي، جو ان کي هڪڙي هنڌ تي جٽاءُ نه آهي، ڪنهن وقت اهو پاڇولو هن طرف آهي ته ڪنهن وقت ٻئي پاسي. يا ته حيوانن وانگر آهن جي اهي محض کائڻ پيئڻ ۾ مشغول آهن. اهڙن شخصن جي شان ۾ حق تعاليٰ فرمايو آهي ته "أُولَٰئِكَ كَالْأَنْعَامِ بَلْ هُمْ أَضَلُّ سَبِيلًا" يعني اهي چوپاين جهڙا آهن. بلڪ اهي انهن کان به رستي کان گهڻو ڀُليل آهن. ڇاڪاڻ ته اهي جانور آخرت جي وٺ پڪڙ جي عذاب کان آزاد ۽ ڇُٽل آهن ۽ اهي انسان اُٽلندو ابدي عذاب ۾ ڦاٿل ۽ ورتل هوندا ۽ سچي طالب جو ڪم آهي ته رات ۽ ڏينهن طلب ۾ بي قرار ۽ بي آرام هجي.

راه طلب منزل آرام نباشد
شد ہمسفر ریگ قافلہ ما

يعني: منزل جو طلبيندڙ گس ۽ واٽ تي آرام نٿو ڪري ۽

www.maktabah.org

ريگستان جي واري سفر ۾ اسان جي قافلي سان همسفر آهي.

اي منهنجا دوست! طلب واري وادي خونخوار ۽ خطرناڪ آهي ۽ دنيا ۽ عقبيٰ تان هٿ ڪڻڻون آهي. جنهن هي بيت چيو آهي، تنهن جو وات شال کير سان ڀريل هجي.

مال و جان را تو برو یکجا بباز
راه نزدیکست چرا کردے دراز

يعني: وڃ مال ۽ جان کي هڪڙي ئي هنڌ قربان ڪر. واٽ نزديڪ آهي، تون ڇاڪاڻ ڊگهي ٿو ڪرين.

اي دوست! عقل جو عشق سان ڪو ناهه ۽ ڪم نه آهي ۽ عقل کي پڻ مولا سائين جل شانه جي طلب ۾ ڪا حيثيت ۽ وقار نه آهي، جنهن جو مثال هن نقل مان پڌرو آهي. هڪڙي ڏينهن حضرت امام حسين رضي الله عنه قيس کان پڇيو ته اي قيس! خلافت اسان جو حق آهي يا يزيد جو، هو ويچارو ليليٰ جي عشق ۽ محبت ۾ اهڙو گرفتار ۽ مستغرق هو، جو انهيءَ سوال جو جواب سندس عقل ۽ فهم ۾ نه آيو. پوءِ دل اندر جيڪي هئس سو زبان تي حرف آڻي چيائين ته خلافت نه ڪو اوهان جو حق آهي نه يزيد جو، بلڪ خلافت ليليٰ جو حق آهي. حضرت امام حسين عليه السلام ان جو اهو جواب ٻُڌي چيو ته اي مجنون! هليو وڃ. انهيءَ خطاب ڪرڻ سان قيس تي نالو مجنون پيو.

مجنون عشق را دگر امروز حالت است
که اسلام دین لیلیٰ دیگر ضلالت است

www.maktabah.org

يعني: عشق جي مجنون جي اڄ بي حالت آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جو دين اسلام ليليٰ ۽ بي گمراهي آهي.

اي طالب! عشق ۽ محبت کان سواءِ هن واٽ ۾ اچڻ ڏکيو آهي، بلڪ محال آهي. جيئن ان مٿي هيءَ حديث دليل آهي: يعني جنهن کي ان لاءِ محبت نہ آهي، تنهن کي ايمان مان ڪو نصيب ۽ ڀاڱو نہ آهي. پوءِ تون انصاف ڪري ڏس تہ ايمان واسطي محبت جو هئڻ شرط آهي ۽ قاعدو آهي تہ جڏهن شرط نہ ليندو تہ مشروط بہ نہ هوندو ۽ پڻ وچ ۾ ٻيا علاقا ۽ واسطا جي ما سوي الله تعاليٰ کان مانع ۽ روڪيندڙ آهن، جي اهي ڪکن ۽ ڪنڊن مثل آهن، سي عشق جي باهہ کان سواءِ انهن جو سڙڻ مشڪل آهي. جيئن ان باب ۾ آيو آهي "اَلْعِشْقُ نَارٌ يَحْرِقُ مَاسِوَى اللهِ" يعني عشق باهہ آهي جو ما سوي الله تعاليٰ کان سواءِ ٻي سڀ کي ساڙي ڇڏي. عشق جو شهيد مخدوم عبدالرحيم مگريو عليه الرحمة چيو آهي:

اوڏيون جي عشق کيون عقل سودو آڇ ڪري،
عشق ڦر فرمائي، عشق اهڙي راه جا عقل کي اڌ ڪري.

يعني: جيڪي عشق کي اوڏا ۽ ويجها آهن، اتي عقل واپار ۽ حرص ڪيئن ڪندو، ڇاڪاڻ تہ عشق ڦرڻ ۽ لٽڻ جو پيو حڪم ڪري. عشق جي راهہ اهڙي آهي، جو عقل کي وڍي بہ اڌ ڪري.

اي منهنجا پيارا ياءُ! هن هنڌ تي عقل کي وڪڻي ڪپائي ڇڏ ۽ پاڻ کي عشق جو لباس پهراءِ ۽ هوش کي ڇڏي، بيهوش ٿي.

اي دوست! عشق سان راند ڪرڻ سو ڄڻ ڪر جان تان هٿ کڻڻون ۽ سرفرازي آهي ۽ دنيا ۽ عقبيٰ جي قيد کان ڇوٽڪارو

www.maktabah.org

۽ آزادي آهي ۽ نامرادي جي صورت ۾ مراد آهي. ان باب ۾ ڏس ته پٽ واري شاهه عبداللطيف قدس سره ڪهڙو نه چڱو چيو آهي:

نامرادي نور، اوندهه اميد
سانگ سسيءَ جو سور ڪاٽ ته ٽيين ڪاپڙي

يعني: نامرادي نور آهي ۽ اونداهي اميد. سسيءَ جو سانگ يعني طمع ڇڏ ته ڪاپڙي ٿيين.

ڪاپڙي هندن مان جوڳين ۽ سامين جو هڪ قسم آهي. هن جاءِ تي عشق جي ڳالهه هلي آهي پر اها پوري ٽيڻ واري نه آهي. "لَهَا مَعَانٍ كَمَوْجِ الْبَحْرِ" يعني عشق جون معنائون ۽ حقيقتون سمنڊ جي لهرن وانگر ڳڻڻ کان ٻاهر آهن. پوءِ سچي طالب طلب واري لاءِ ايتري قدر بس آهي، جو چوندا آهن "اَلْعَاقِلُ تَكْفِيْهِ الْإِشَارَةُ" يعني عاقل کي اشارو ڪافي آهي. اي منهنجا دوست! جيڪي مون چيو آهي ۽ چوان پيو، تنهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر ۽ هي سڀ تو منجهه آهي ۽ غفلت جي ڪپهه ڪنن مان ڪڍ ۽ دل وارين اکين مان غفلت واري ڳهر ۽ اوجهراٽي ڇڏي سجاڳ ٿي. بلڙيءَ واري شاهه عبدالڪريم قدس سره فرمايو آهي:

هي ڪن ڏيئي ڳاڌهان، ٻئا ڪن ڳنهيج،
تن کي آڇيج سپريان جي ڳالهڙي.

يعني: هي ڪن ڳڏهن کي ڏيئي ٻيا ڪن خريد ڪر. انهن کي محبوبن جون ڳالهيون ٻڌاءِ.

اي دوست! جڏهن تون اهڙو فڪر ڪندين ته پوءِ سيئي

www.maktabah.org

مرادون ۽ مقصد پاڻ ۾ لھندين. جنھن جاءِ تي آدمي آھي، تہ ان لاءِ ھڪڙو حرف بس آھي.

## صورتِ محمّدي ﷺ جو فڪر ۽ ان سان گڏ چئن يارن جو فڪر

ھن حضور جي فڪر جي واٽ ھي آھي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي صورت جو تصور لطيفي اخفيٰ ۾ ڪجي، جو سندن نور ان لطيفي منجھہ آھي ۽ حضرت ابوبڪر صديق ﷛ جي صورت جو تصور لطيفي خفي ۾ ڪجي، سندن نور ان لطيفي ۾ آھي ۽ حضرت عمر ﷛ جي صورت جو تصور لطيفي سري ۾ ڪجي. جو سندن نور ان لطيفي منجھہ آھي ۽ حضرت عثمان ﷛ جي صورت جو تصور لطيفي روحي ۾ ڪجي، جو سندن نور ان لطيفي ۾ آھي ۽ حضرت علي ﷛ جي صورت جو تصور لطيفي قلبي ۾ ڪجي، جو سندن نور ان لطيفي ۾ آھي. سالڪ کي گھرجي تہ شغل جي شروع ڪرڻ وقت پھريائين پنھنجن ٻنھي اکين کي بند ڪري، مٿين ترتيب وار سيني نالن سڳورن کي سندن لطيفن ۾ پوري ھمت ۽ دل جي توجھہ سان انھن جي صورتن جو تصور ڪري شغل ۾ مصروف ٿئي ۽ ان وقت دل کي اجاين ۽ بي مقصد خيالن کان پري ڪري، شغل سان محبت رکي ۽ ان سان ڳانڍاپو، ميلاپ ۽ انس اھڙو رکجي، جيئن فڪر جي وچ ۾ پاڻ ۽ سندس وجود نہ ھجي. جڏھن طالب جو ھئڻ فڪر ۾ فنا ۽ گم ٿي ويو تہ پوءِ سندس استعداد ۽ مناسبت موجب انھن لطيفن مان پاڻ سڳورن ﷺ جن جي صورت مبارڪ ۽ چئن يارن سڳورن رضوان الله تعاليٰ عليھم اجمعين جن جي صورت تجليءَ سان

www.maktabah.org

پڌري ڏسڻ ۾ ايندي.[1] پوءِ سالڪ جو جيتري قدر پاڻ سڳورن ۽ سندن چئن يارن سان قرب ۽ محبت جي مناسبت ۽ نسبت هوندي، اوتري قدر انهن جي صورتن جي سڃاڻپ ٿيندي ۽ اهو سڃاڻڻ پڻ سالڪ جي درجن ۽ مرتبن جي تفاوت موجب آهي. پوءِ جنهن جي جيتري همت ۽ ڪوشش هوندي، تنهن کي اوتري قدر صورتن مبارڪن سڃاڻڻ ۾ ڪاميابي نصيب ٿيندي. هن هنڌ تي سالڪ جيڪڏهن پوري همت ۽ ڪوشش ڪندو ته صورت مان از خود معنيٰ جي حقيقت ڇڪجي پڌري ٿيندي ۽ ان وقت لطيفن جي نورانيت لطيفن جي صاحبن سان گڏ پڌري ٿيڻ لڳندي ۽ هر هڪ کي سندن لطيفي واري مقام ۾ انهن جو مشاهدو ڪندو ۽ انهن جا احوال سالڪ جي قرب موجب پڌرا ٿيندا ۽ انهن سڳورن جي ويجهڙائي به انهن جي مرتبن موجب ظاهر ٿيندي، ڇاڪاڻ ته انهن جي مرتبن ۾ فرق آهي. سڀني نبين ۽ اولوا العزم رسولن کان مٿانهون مرتبو پاڻ سڳورن ﷺ جو آهي، جو پاڻ فرمايو اٿن ”كُنْتُ نَبِيًّا وَّ آدَمُ بَيْنَ الرُّوْحِ وَالْجَسَدِ“ يعني آئون نبي هوس ۽ آدم عليه السلام روح ۽ مٽيءَ جي وچ ۾ هو. اگرچه ظاهر ۾ آدم عليه السلام ساري جڳ جو اب يعني پيءُ آهي، پر حقيقت ۾ آنحضرت ﷺ جن ساري عالم جا اب يعني پيءُ آهن، ڇاڪاڻ ته سندس شان ۾ آيو آهي ته ”لَوْلَاكَ لَمَا أَظْهَرْتُ الرُّبُوْبِيَةَ“ يعني: جيڪڏهن توکي نه خلقيان ها ته پنهنجي ربوبيت پڌري نه ڪريان ها. پوءِ معنوي لحاظ سان پاڻ سڳورن کي ڪُلي فضيلت حاصل آهي ۽ ظاهري صورت ۾ حضرت آدم عليه السلام کي فضيلت جزئي مليل آهي

(1) اهو ڏسڻ ظلي آهي، نه حسي. جهڙو آئيني ۾ پنهنجي صورت ڏسڻ.

www.maktabah.org

۽ پاڻ سڳورن ﷺ ۽ چئن يارن جون ڪماليتون لڪڻ ۽ چوڻ کان ٻاهر آهن.

لَهَا مَعَانٍ كَمَوْجِ الْبَحْرِ فِيْ عَدَدٍ
وَ فَوْقَ جَوْهَرِهٖ فِي الْحُسْنِ وَالْقِيَمِ

هن حضور ڪي حاصل ڪرڻ جو دارومدار نفس[1] جي تصفيي ۽ قلب[2] جي تزڪيي ۽ روح[3] جي تجلي ۽ سري[4] جي تخليي تي ٻڌل آهي. يعني نفس جي پاڪائي ۽ قلب جي صفائي ۽ روح جي روشنائي ۽ سري يعني ماسواءِ کان خالي هجڻ انهن سيني ۾ پوري ڪماليت هجي ۽ پڻ ٻين حضور مان چڱو نصيب حاصل ٿيل هجي. جيڪي هن رسالي ۾ مذڪور ڪيل آهن ۽ اميد آهي تہ حضورن واري حالت مان تبديلي ٿي قرب خداوندي کي قريب ٿيندو ۽ عشق سان مشرف ٿي جذب وارو مقام عطا ٿيندو ۽ پڻ هستيءَ وارو لباس ان تان لاهي انهن سڳورن جي ڪماليتن وارو لباس ڍڪائيندس. سالڪ کي گهرجي تہ هن هنڌ تي اسرارن ۽ عرفان وارين معرفتن جي ڪماليتن کي زبان تي آڻي پڌرو نہ ڪري (ڇاڪاڻ تہ اهڙيون ڳالهيون عامن جي سمجهڻ کان مٿي

(1) معلوم هجي تہ نفس جي پاڪائي سندس خواهشن ۽ سڌن جي مخالفت ۽ نامرادي ڪرڻ سان آهي.

(2) قلب جي صفائي لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ جي جهر ذڪر سان آهي.

(3) روح جي روشنائي مراقبي ڪرڻ سان آهي، جنهن ۾ الله تعالىٰ جي صفتن جو فڪر ڪجي.

(4) سري يعني ما سوي الله کان خالي ٿي پاڻ کي الله تعالىٰ سان ۽ الله تعالىٰ کي پاڻ سان ڳنڍي ۽ وچ ۾ ٻي ڪا شيءِ نہ هجي ۽ ظاهر ۾ خلق سان گڏ هئڻ واري حالت ۾ پڻ باطن ۾ الله تعالىٰ سان هجي.

www.maktabah.org

آهن) ۽ هن حديث تي عمل ڪري "تُكَلِّمُوا النَّاسَ عَلىٰ قَدْرِ عُقُوْلِهِمْ" يعني: ماڻهن سان سندن عقل جي مقدار موجب گفتگو ڪريو ۽ پڻ چيو اٿن "اِظْهَارُ الْاَسْرَارِ كُفْرٌ" يعني: ڳجهن کي پڌرو ڪرڻ ڪفر آهي ۽ هنن اسرارن کي لڪائڻ ۽ مخفي رکڻ ۾ گهڻي ڪوشش ڪري چاڪاڻ ته "اَلصُّوْفِيْ مَاهُوَ كَائِنٌ وَّبَائِنٌ" يعني: صوفي باطن ۾ الله تعاليٰ سان آهي ۽ ظاهر ۾ خلق سان آهي. هن هنڌ تي شاهه عبداللطيف قدس سره فرمايو آهي:

صوفي سير سين ۾، جيئن رڳن ۾ ساهه
سا نه ڪري ڳالڙي، جا پروڙي پساهه
آهيس اي گناه، جيڪا ڪري پڌري.

يعني: صوفي جو سير سيني جاين تي اهڙو آهي، جهڙو ساهه رڳن ۾ تيئن صوفي به زبان سان ڳالهه ڪونه ڪن، فقط سندس پساهه انهن سڀڱورن جون ڪماليتون پروڙي. تنهن ڪري انهن وٽ راز جي اهڙي ڳالهه پڌري ڪرڻ گناهه آهي.

پوءِ اي سالڪ! تون ڄاڻ ته پهرين ۽ وچ واري واٽ تي توحيد جو مقام آهي. جو اهو فرض آهي هستيءَ واري لباس ڇڏڻ ڪان پوءِ انهن سڀڱورن جي ڪماليتن کي ٿو رسجي جي اهي سيئي نبوت جي قرب ۾ آهن. تنهنڪري هن هنڌ تي پاڻ سڀڱورن ﷺ جي متابعت تي هلڻ جي درڪار آهي ۽ اهي ڪماليتون سندن متابعت ۽ موچارين خصلتن ڪان سواءِ حاصل نه ٿينديون.

www.maktabah.org

محال ست سعدی کہ راہ صفا
توان رفت در جز پئ مصطفیٰ

يعني: اي سعدي! صاف واٽ تي هلڻ مصطفيٰ ﷺ جي روش بنان مشڪل آهي.

سندن متابعت تي هلڻ کان پوءِ هن هنڌ تي سالڪ جي تقويٰ ۽ زهد سڀبان ڪيس درجن ۽ مرتبن ۾ ترقي مٿي ترقي جي نوازش ٿئي ٿي ۽ ٻين عبادتن مان چڱو نصيب ۽ لذتون ڏسندو. اهي لڪڻ ۽ چوڻ کان مٿي آهن. جيئن پاڻ سڳورن ﷺ حضرت بلال ؓ کي چيو ته "اَرِحْنِيْ يَا بِلَالُ" يعني اي بلال! مون کي راحت ڏي. يعني اي بلال! بانگ ڏي ته نماز مان راحت وٺان. پوءِ جيئن وچ واري واٽ توحيد جي ڪماليتن ۽ مقامن جون لذتون وٺندڙ ۽ چاشني دار هو، سي سيئي هن هنڌ تي هنن سڳورن جي ڪماليتن جي پاسي ۾ درياءَ جي هڪڙي ڦڙي جي مثل آهن، ڇاڪاڻ ته حق سبحانه و تعاليٰ پنهنجي ڪلام سڳوري ۾ آدم جي اولاد جي شرف ۽ شان ۾ "يَا عَبْدِيْ وَيَا عِبَادِيْ" فرمايو آهي يعني اي منهنجا ٻانها ڪري سڏڻ فرمايو آهي ۽ هي عبديت وارو خاص مقام ٻين نبين ۽ اولوا العزم رسولن کان جدا ڪري محض پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ مخصوص ٿيل آهي ۽ سندن تابعداري ۽ متابعت سڀبان سندن امت کي به اهو شرف حاصل آهي ۽ ٻين نبين سڳورن جون ڪماليتون پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪماليتن جي اڳيان وڏي درياءَ مان هڪڙي ڦڙي برابر آهن. هن حضور ۾ ڪماليتن جو ذڪر، اجمال سان ٿيو آهي.

(محبوبية المحموديه حضرت خليفه محمود ؒ)

www.maktabah.org

# اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاره سيد شاه مردان شاه ثاني "ڇـٽ ڌڻي" دامت برڪاتهم العاليه جن جون حر جماعت کي ذڪر ڪرڻ بابت هدايتون

اعليٰ حضرت، مُحسنِ ملّت، مرشدنا و سيدنا و سندنا سيد شاه مردان شاه ثاني "ڇـٽ ڌڻي" پير سائين پاڳارا ادام الله فيوضاتهم و برڪاتهم العاليه. شال الله تعاليٰ پنهنجي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي صدقي سندس سايو مبارڪ اسان تي قائم ۽ دائم رکي ۽ اسان کي سندن فيض ۽ ارشاد مان فائدو حاصل ڪرڻ جي توفيق بخشي آمين، جن 4 فيبروري 1952ع تي سجاده نشين ٿيا. ان ڏينهن کان وٺي، اڄ تائين پنهنجي جد امجد شيخ الاسلام امام العارفين حضرت سيد محمد راشد روضي ڌڻي رهبر قدس سره جن جي حر جماعت کي شاندار طريقي سان اسلامي اصولن جي تعليم، سنتِ مصطفيٰ ﷺ جي اتباع سان گڏ خانقاه عاليه جي بزرگن جي طريقي جي تربيت مثالي نموني فرمائيندا اچن پيا.

اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاره دامت برڪاتهم العاليه جن پنهنجي سهڻي انداز سان جماعت کي قادري سلسلي جي هدايت فرمائيندا آهن. هميشه سندن اها ڪوشش رهندي آئي آهي ته جماعت ذڪر شريف تي پابندي اختيار ڪري، جماعت جي ظاهري، باطني فوز و فلاح، تعليم و تربيت، تنظيم، اتحاد، اتفاق، محبت، رواداري ۽ پرامن طريقي سان رهڻ قانون جو احترام، اسلامي مملڪت جي نظرياتي ۽ ظاهري سرحدن جي

www.maktabah.org

تحفظ لاءِ جماعت کي تيار رکڻ، سندن قابل فخر ڪارناما آهن. سندن ڪردار ملڪ و ملّت لاءِ عظيم، روحاني ۽ تاريخي سرمايو آهي. سندن روحاني ارشادات مان چند هتي پنهنجي عملي زندگيءَ کي سنوارڻ لاءِ حاضرِ خدمت ڪرڻ جو شرف حاصل ڪري رهيا آهيون.

**اعليٰ حضرت، مُحسنِ ملت، قبله پير سائين پاڳاره سيد شاهه مردان شاهه (ثاني) دامت برڪاتهم العاليه جن جو فقير علي مگڻهار جي دعوت تي روحاني تاريخي خطاب (1981ع)**

السّلام عليڪم!

توهان صاحبن جون مهربانيون، جو پنهنجن جماعتين ۽ ٻين سنگتين سان ملڻ هتي آيا. اڄ اسان کي توهان صاحبن جي موجودگيءَ ۾ توهان صاحبن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ ڏاڍي خوشي محسوس ٿي رهي آهي، ان ڪري جو اهو موقعو جيڪو توهان کي ۽ اسان کي پاڻ ۾ ملڻ جو ملي، اهو هميشه خوشيءَ جو هوندو آهي. توهان پنهنجي دوستن جي حال احوال کان واقف ٿي ڪري، انهن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو هوندو. انهن سان پنهنجو مشورو ۽ نصيحت ڪئي هوندؤ ۽ آئون به توهان سان ملي، توهان کي صلاح ۽ مشورو ڏيندس، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن پاڻ ۾ گڏجون ۽ هڪ ٻئي جي حال کان واقف ٿي هڪ ٻئي کي مشورو نه ڏيون ته پوءِ هن گڏجڻ جو ڪو مقصد ئي ڪونهي.

توهان ۽ اسان جو صرف مذهبي ۽ روحاني واسطو آهي. ڪو سرداري يا زميندراي يا سياسي ناهي. آئون توهان کي هميشه مشورو ڏيندو آهيان، حڪم نه ڏيندو آهيان. دوست ڪڏهن به

www.maktabah.org

ڪنهن کي مجبور نہ ڪندو آهي، پر هو صلاح ڏيندو آهي ۽ ان صلاح جي سچائي ۽ خلوص اهو آهي تہ ان صلاح تي عمل ڪري ۽ ان صلاح کي پنهنجي سوچ جو حصو بنائي. مون کي اميد آهي تہ هي مشورو جيڪو مان توهان صاحبن جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو، اهو منهنجو صرف شخصي ناهي، پر اهو پشت بہ پشت توهان ۽ اسان هڪ ٻئي کي مشورو ڏيندا ۽ وٺندا آهيون. مان توهان کي اهو ئي مشورو ڏيان ٿو، جيڪو منهنجن وڏن توهان جي وڏن کي ۽ مان توهان کي هر سال هر موقعي تي هر گڏجاڻيءَ ۾ ڏيندو آيو آهيان. توهان ۽ اسان کي بارگاهہ الٰهيءَ ۾ هميشہ صدق دل سان عبادت ۽ دعا گهرڻ کپي. پنهنجي نماز سان گڏ سلسلي قادريءَ جي ذڪر کي قائم ڪرڻ توهان لاءِ بلڪل ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ هي ذڪر سلسلي قادريءَ جو صرف ذات الٰهيءَ جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ رضامندو ذاتِ الٰهيءَ جو هر شخص لاءِ نعمت ۽ دُنيوي نعمت کان وڏي ۾ وڏي نعمت آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن الله پاڪ مهربان هوندو آهي، تڏهن سڀ مشڪل ڪم خودبخود حل ٿيندا ويندا آهن. حقيقت ۾ ڪا مشڪل درپيش ايندي ئي ناهي، جيڪا بہ مشڪل اچي ٿي، تہ اها خود انسان جي هڪ امتحان جو مڪان آهي، تہ هو ذاتِ الٰهيءَ ڏانهن متوجهہ ٿو ٿئي يا ڪنهن دُنيوي ماڻهوءَ جي مدد تي وڃي. توهان مشورو ضرور وٺو، پر ڪا بہ مشڪل پوي تہ ذات الٰهي ڏانهن هٿ کڻو. عرض ڪريو جيترو سچائيءَ سان اوهان عرض ڪندؤ، اوترو جلدي توهان جون مشڪلاتون حل ٿينديون، ان ڪري هميشہ مغرب نماز کان پوءِ ۽ صبح جي نماز کان اڳ قبلي ڏانهن منهن ڪري، 11 دفعا قُل هو الله شريف پڙهي، غوث الاعظم رحمة الله عليه جي

دربار ۾ نياز پيش ڪري يعني بخش ڪري لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ کان ذڪر شروع ڪري، تنهن کان پوءِ اِلَّا اللهُ ان کان پوءِ اَللهُ ۽ آخر ۾ هُوُ جي تسبيح کان پوءِ مراقبو ڪيو ۽ مراقبي ۾ پنهنجي قلب جي طرف متوجهہ ٿيو.

اسم ذات الله پاڪ جي نالي کي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. اهو توهان جي ڪوشش ۽ توهان جي توجهہ تي دارومدار آهي، تہ ڪير جلدي آواز پيدا ڪرڻ گهري ٿو، سو توهان جيئن جيئن خلوص دل سان، توجهہ سان مراقبو ڪندؤ، تيئن تيئن توهان روشن ضمير ٿيندا ويندؤ. باري تعاليٰ هر مسلمان کي موقعو ڏنو آهي تہ هو روشن ضمير ٿئي جيترو وڌي سگهي ٿو وڌي. پوءِ جيئن وڌندو ويندو صدق دل سان، تيئن تيئن باري تعاليٰ کيس پنهنجي طرف کان نوازيندو ۽ وڌائيندو رهندو. دنيا ۾ اهو وڏيو آهي ۽ ان جو نالو رهيو، جنهن ذات الٰهيءَ کي حاصل ڪرڻ جو ۽ پنهنجي اصل زندگيءَ جو مقصد سمجهيو. توهان پاڻ ذات الٰهي کي جيترو نزديڪ ويندا، اوترو توهان کي ڪاميابي حاصل ٿيندي. نہ رڳو هن دنيا ۾ بلڪ ايندڙ دنيا ۾ بہ توهان ۽ توهان جو اولاد بہ عزت آبرو سان قائم رهندو.

ان ڪري جو ذات الٰهي توهان تي مهربان آهي ۽ توهان حق جي رستي تي آهيو. باري تعاليٰ توهان کي ۽ توهان جي اولاد کي هميشہ قائم دائم ۽ آباد رکندو. آمين.

دعا کان بعد فرمايائون:

خدا توهان کي آباد رکندو ۽ خير سان پنهنجي گهر پهچائيندو. واپس پنهنجي ڳوٺن ۾ وڃي، اسان سيني جي طرفان ڳوٺ وارن ۽ دوستن کي سلام ۽ دعائون پيش ڪندا. مهرباني.

www.maktabah.org

## جامع ڪمالات اعليٰ حضرت پير سائين سيد شاهه مردان شاهه "ثاني" دامت برڪاتهم العاليه جو روحاني خطاب مبارڪ

هيءُ روحاني خطاب مبارڪ 1998-2-1 ۾ درگاهه شريف تي جمعي جي ڏينهن رمضان شريف واري عيد تي ٿيو.

السّلام عليڪم!

عيد مبارڪ هجي توهان صاحبن کي! جن روزا رکيا ۽ روزي جي فرائضن سيني کي پورو ڪيو، تن کي وڌيڪ مبارڪ. توهان صاحبن گذريل مهيني عبادت ڪئي، ذات الهي جي نزديڪ ٿيڻ جي پوري ڪوشش ڪئي، باري تعاليٰ توهان کي ۽ توهان جي نيڪ نيتن ۽ عبادتن کي ڏسڻ کان پوءِ جيڪا مهرباني ڪرڻي هئي، اها ڪئي ۽ وڌيڪ ڪندو رهندو. ڇاڪاڻ ته ذات الهي پنهنجي مخلوق، جيڪا ان جي طلب ۽ تلاش ۾ رهندي آهي، ان کي هر وقت نوازيندو رهندو آهي. ڀلي اهي ان پيماني تي بيان تي عرض معروض ڪندا هجن يا نه، پر هو پنهنجي فرائض کي توهان ۽ مون وانگي وساريندو ناهي، بلڪ پورا ڪندو آهي. توهان کي عبادت ۽ ذڪر جو صلو ضرور ملندو هوندو ۽ ملندو. بهرحال توهان کي سلسلي قادري جي ذڪر کي هميشه هر حال ۾ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي ۽ جيڪي ڪندا هوندا، ان کي ان جو صلو ملندو رهندو، جنهن جو ان کي خود پتو هوندو. سلسلي قادري جو ذڪر سانجهيءَ جي نماز کان پوءِ ۽ اسُر جي وقت ڪيو ويندو آهي. يارنهن ڀيرا قل هو الله شريف پڙهي اول آخر درود شريف پڙهي غوث الاعظم پيران پير دستگير کي نياز پيش ڪري، يعني بخش ڪري قبلي ڏانهن منهن ڪري "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" کان ذڪر شروع ڪبو آهي. ان کان پوءِ اِلَّا اللّٰهُ پوءِ اَللّٰهُ ۽ آخر

www.maktabah.org

۾ هُو جي تسبيح کي پورو ڪري، مراقبو ڪبو آهي. يعني پنهنجي قلب جي طرف متوجهہ ٿي، اسم ذات يعني "الله" جي نالي جي آواز کي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي آهي. دنيوي خيالات، ٻيا خيالات سڀ ختم ڪري، صرف مراقبي ۾ پنهنجي قلب جي طرف اسم ذات جي آواز کي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. باري تعاليٰ هر هڪ ڪوشش ڪرڻ واري کي نوازيندو آهي ۽ جن کي وڏيڪ نوازڻو هوندو اٿس، انهن کي وڏيڪ نوازيندو آهي. توهان جي جيڪا نيڪ نيتي، پاڙي سان اٿڻ ويهڻ ۽ گهر ۾ پنهنجي ٻارن سان ۽ مائٽن سان چال چلت ۽ توهان جي ساري ڪردار کي ڏسي، انهيءَ حساب سان نوازيندو آهي ۽ ان حساب سان توهان کي وڏائيندو آهي. توهان کي وڏائڻ مان ڪو ائين نہ ناهي تہ ڪنهن کي نقصان پهچي، تہ توهان پنهنجي چال کي سڌاريو ۽ باري تعاليٰ کان اميد رکو تہ هو توهان کي نوازي ۽ ترقي عطا فرمائي. توهان کي پنهنجي پاڙي سان ۽ ٻين سان نيڪ هلڻ کپي. هميشہ قانون ۽ اخلاق جو پابند رهڻ کپي. ان ذڪر کان پوءِ ڪو بہ دنيوي مقصد دعا ۾ پيش نہ ڪيو ويندو آهي. رڳو رضامندو ۽ راضپو ذاتِ الٰهي جو حاصل ڪرڻ لاءِ دعا ڪئي ويندي آهي ۽ باري تعاليٰ هر هڪ جي نيت کي ڏسندو آهي. پنهنجي حيثيت کي ڏسندو آهي ۽ پوءِ نوازيندو آهي. خدا توهان کي هميشہ ڪثرت واري پاسي ۾ رکي ۽ ترقي ڪندا رهو. توهان کي صالح اولاد عطا فرمائي. رزق ڪشادو ڪري ۽ هميشہ رزق حلال جي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ڪيو. باري تعاليٰ توهان کي پنهنجي پاڙي ۾ ۽ عوام ۾ بہ سرخرو ڪري. اميد ٿي ڪجي تہ توهان جاٿي بہ آهيو، سلسلي قادري سان، هن درگاهہ سان واسطو رکو ٿا. ٻين کان نيڪ هوندؤ. پنهنجي جماعت ۽ خانقاهہ جي عزت

www.maktabah.org

۽ احترام هر طرف توهان جي چال ۽ توهان جي اخلاق کي ڏسي، ڏينهون ڏينهن وڌندو رهي. درگاهه خانقاهه جي مسلمانن جي لاءِ ڪيل خدمت ڪنهن کان وسري ڪانهي نه ڪا وسري، پر توهان جو عملِ يا اعمال اهو هڪڙو عڪس هوندو ان جو، پنهنجي اعمالن کي سڌاريو، چال سڌاريو ته نيڪ نامي هر جڳهه توهان جي هجي. توهان جي قوت هي خانقاهه ۽ هي جماعت آهي. توهان جي ديني تربيت ۽ رهبري هن مدرسي (مدرسي جامعة الراشديه شريف ڏانهن سچي دست مبارڪ جو اشهد آڱر مبارڪ سان اشارو ڪندي فرمايائون) مان آهي. طبيعت جو خيال ڪريو. توهان سڙيل رهندؤ، بچيل رهندؤ. آرام سان واپس وڃو، جيڪا توهان کي عالمن نصيحت ڪئي ۽ جيڪو توهان کي مشورو ڏنو، اهو پنهنجي دوستن ۾ ڦهلائجو ۽ انهيءَ تي عمل به ڪجو. باري تعالىٰ توهان کي آباد ڪري، رزق ڪشادو ڪري. الله آمين (الله رحم فرمائيندو).

**اعلىٰ حضرت، مُحسن ملت، قبله پير سائين پاڳاره سيد شاهه مردان شاهه (ثاني) دامت برڪاتهم العاليه جن جو جماعت کي روحاني خطاب (1414هه)**

السّلام عليڪم!

اوهان صاحب اڄ هتي آيؤ، ڪالهه آيؤ، رات توهان هتي رهيا ۽ باقي جيڪي اڄ هت هئا، تن کي به ڏٺو ۽ مليؤ. توهان هڪ ٻئي کي حال احوال ڏنا ۽ ورتا، درگاهه شريف جي واسطيدارن کان حال احوال ورتي، توهان پاڻ کي واقف ڪيو، ته ڇا ٿو وهي واپري ۽ توهان ۾ جيڪي اختلاف يا ان قسم جون ڳالهيون ان مان به جيتريون به حل ڪيون ويون ۽ ڪري سگهجن ٿيون، انهن جي

www.maktabah.org

حل ڪرڻ جي هميشہ ڪوشش ڪندا ڪريو تہ جيترو پُرامن رهي سگهو، اوترو پُرامن رهو. ڪڏهن بہ قانون کي پنهنجن هٿن ۾ کڻڻ بجاءِ هميشہ قانون سان گڏ هلڻ جي ڪوشش ڪريو، جيئن توهان ۽ ٻيا هڪ ٻئي سان اخلاق ۽ قانون جي حدن اندر رهي پنهنجا ۽ پراوا مسئلا آسانيءَ سان حل ڪرايو ۽ ڪا اهڙي بدمزگي پيدا ٿيڻ نہ ڏيو، جنهن ۾ توهان کي يا ڪنهن ٻئي کي پڇتائڻو پوي.

هن جماعت کي هميشہ اها هدايت ڪئي ويندي آهي تہ نہ رڳو هو موجوده رواجي قانون جا پابند رهن، پر شريعت محمدي علىٰ صاحبها الصلوٰة والسلام ۽ احڪامِ الٰهي جيڪي قرآن شريف ۾ آهن، انهن جا پابند رهن. اوهان صاحب پنهنجي چال چلت کي، پنهنجي گفتگو ڳالهہ، پنهنجي رسم روايات کي قرآن شريف، شريعت محمدي ﷺ ۽ سنت جي حد اندر پاڻ کي هن دنيا ۾ سرخرو ڪيو ۽ ايندڙ دنيا لاءِ بہ ڪو چڱو رستو هموار ڪيو. نماز قائم ڪيو، نماز هڪڙو فرض الٰهي آهي. ليڪن سلسلي قادريہ ۾ نماز سان گڏ ذڪر بہ ڪيو ويندو آهي ۽ اهو ذڪر سانجهيءَ جي نماز کان پوءِ ۽ صبح جي بانگ کان اڳ ۾ ڪيو ويندو آهي. ذڪر ڪرڻ کان اڳ ۾ هميشہ يارهن دفعا قل هو الله شريف پڙهي، غوث الاعظم پيران پير دستگير رضي الله عنه کي فاتحہ ڏئي، قبلي ڏينهن منهن ڪري پنهنجي نسبت کي قائم ڪري، لَاَ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ کان شروع ڪريو، ان تسبيح جي پوري ڪرڻ کان پوءِ اِلَّااللّٰهُ پوءِ اَللّٰهُ آخر ۾ هُوَجي تسبيح کان پوءِ مراقبو ڪبو آهي. مراقبو ان کي چئبو آهي، جنهن ۾ ماڻهو دنياوي ۽ ٻيا خيالات

www.maktabah.org

ختم ڪري پنهنجي قلب يعني دل جي طرف متوجه ٿي غور سان الله جي نالي جي آواز کي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، جيئن جيئن توهان صدق دل سان ڪوشش ڪندا ويندؤ، تيئن تيئن آهستي آهستي اهو آواز پيدا ٿيڻ لڳندو ۽ تنهن کان پوءِ ٻيا لطائف به جاري ٿيندا، جن ماڻهن ياد الٰهي کي پنهنجي لاءِ ضروري سمجهيو آهي ۽ محنت ڪئي آهي ۽ صدق دل سان ذڪر ڪيو آهي، باري تعاليٰ انهن کي ضرورت کان زياده نوازيو آهي. نه رڳو انهن کي، پر انهن جي اولاد کي به ۽ توهان پاڻ ڏسو ٿا ته جيڪي الله جي ياد ۾ وقت صرف ڪري، الله جي ويجهو ويا آهن ۽ الله سائين انهن تي مهربان ٿيو آهي، اڄ به انهن جا نشان باقي آهن، قائم دائم رهندا، اوهان کي اهو مشورو ڏنو ٿو وڃي ته توهان به پنهنجي چال چلت کي پنهنجي سمجهه، پنهنجي عبادت ۽ ورتاءَ کي اهڙي نموني سان استعمال ڪريو، جو توهان تي به باري تعاليٰ مهربان ٿي نوازي ۽ معتبري عطا فرمائي، جيڪا معتبري نه صرف توهان جي حد تائين هجي، پر توهان جي اولاد ۽ انهن جي اولاد لاءِ به هجي. هر مسلمان کي ڪوشش ڪرڻ کپي ته ٻئي مسلمان پاڙيسريءَ کي نه ايذائي ۽ جيڪڏهن ڪا تڪليف ٿئي، ته ان جي لاءِ اخلاقي حد اندر چڱن مڙسن کان فيصلو ڪرائي، اوهان هميشه ٻين جي عزت ڪندؤ، ٻين سان همدردي ڪندؤ، ته ماڻهو به توهان سان همدرديءَ سان هلندا ۽ توهان جي به عزت ۽ ادب ڪندا، پر جي توهان پاڻ بداخلاقيءَ سان پيش ايندؤ، ته نتيجو ظاهر آهي. توهان جي به ڪو ماڻهو عزت نه ڪندو. اها عبادت جيڪا توهان الله پاڪ جي لاءِ ڪيو ٿا، ان جو واسطو صرف ذات الٰهيءَ سان آهي. الله سائين به ٻئي کي جيڪا توهان تڪليف ڏيو ٿا، اها

www.maktabah.org

معاف نہ ٿو ڪري. الله سائين معاف اهو ڪندو، جيڪو توهان الله سائينءَ جو ڏوھ ڪيو هوندو. لھٰذا توهان اهو ڪم ڪيو ٿي نہ، جنهن ۾ الله سائين جو ناراضپو ٿئي. ٻئي جو گناھ يا ٻئي ڪي ڪو بہ تڪليف ڏئي ٿو، اها الله سائين معاف نہ ٿو ڪري، جيستائين اهو معاف نہ ڪري. لھٰذا اوهان پنهنجي لاءِ اهڙا اسباب پيدا ڪريو ٿي نہ، ان ۾ بهتري آهي. لھٰذا توهان پنهنجو پاڻ کي شرع محمدي عليٰ صاحبها الصلوٰة والسلام ۽ احڪام الٰهي جي حد اندر رکو ۽ هميشہ قانون جا پابند رهو. پنج وقت نماز ۽ وقت تي ذڪر ڪيو ۽ ذڪر کان پوءِ دعا ۾ ڪو بہ شخصي مقصد پيش نہ ڪيو ويندو آهي.

ان واسطي تہ هي ذڪر صرف باري تعاليٰ جي رضامندي ۽ راضپي لاءِ هوندو آهي. الله تعاليٰ توهان جي صدق دل ڏسي، توهان جي عيبن، ڪوتاهين ۽ ڪمزورين کي نظرانداز ڪري نوازيندو ۽ مالامال ڪندو. آمين.

قادري طريقي جي ذڪر کان بعد مراقبو ڪرڻ کان پوءِ ذاڪر پانهي کي گهرجي تہ الله تعاليٰ طرفان ذڪر شريف جي توفيق ملڻ تي، الله تعاليٰ جي بارگاھ ۾ شڪر ۽ ذڪر تي استقامت ۽ ڪثرت سان ذڪر جي توفيق جي لاءِ دعائون گهري، بعد ۾ قل شريف پڙهي، پنهنجي سلسلي جي بزرگن، جماعت ۽ سمورن مسلمانن واسطي، ايصال ثواب جي دُعا گهرجي.

نوٽ: ذڪر شريف کان پوءِ ڪنهن بہ دنياوي مقصد لاءِ دُعا نہ گهرجي، پر صرف الله تعاليٰ جو راضپو مقصود هجي.

www.maktabah.org

## باب نائون

# ذڪر بالجهر جو فلسفو ۽ فائدا

امام العارفين سيدنا و مرشدنا سيد محمد راشد روضي ڌڻي رهبر قدس سره جن قادري طريقي جي ذڪر جي سلسلي کي عام ڪيو. قادري طريقي ۾ ذڪر شريف ڏاڍي آواز سان ڪيو ويندو آهي. حضرت پير سائين روضي ڌڻي رهبر قدس سره جن جڏهن روحاني، سفر مبارڪ تي اسرندا هئا ته جماعت سڳوري تهليل جو نعرو بلند ڪندي هئي ۽ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جو ذڪر بلند آواز سان ڪيو ويندو هو. پاڻ ذڪر الله، احياءِ سنت رسول ﷺ لاءِ وڏي جماعت تيار فرمائي. پاڻ ذڪر جي تمام گهڻي تاڪيد ڪندا هئا. جماعت جا فقير جڏهن ذڪر ڪندا هئا ته وڻن ٽڻن مان به ذڪر الهيءَ جو آواز ايندو هو. بلند آواز سان ذڪر ڪرڻ متعلق قرآن و سنت جي روشنيءَ ۾ مختصر معروضات عرض آهن.

الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي ته پوءِ جڏهن توهان حج جا ڪم پورا ڪيا ته

فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَذِكْرِكُمْ آبَاءَكُمْ اَوْ اَشَدَّ ذِكْرًا

يعني: ياد ڪريو الله کي جيئن توهان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ياد ڪندا هئا، بلڪ ان ڪان به زياده.

ان آيت جي تحت علامه سيد نعيم الدين مُراد آبادي رحمۃ اللہ علیہ ڪنزالايمان تي حاشيي ۾ لکن ٿا ته ان آيت مان ذڪر بالجهر والجماعت ثابت ٿئي ٿو. (تفسير خزائن العرفان)

www.maktabah.org

هن آيت مان معلوم ٿئي ٿو ته بلند آواز سان ذڪر ڪرڻ ڪپي، ڇو ته مڪي جا ڪافر حج کان فارغ ٿي، مجمع لڳائي، محفلن ۾ پنهنجي قومي خوبين، نسبي عظمتن ۽ ابن ڏاڏن جا قصا بيان ڪندا هئا. ان عمل کان انهن کي هن آيت ۾ روڪيو ويو آهي. ان جاءِ تي الله جو ذڪر ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. الله ﷻ جي وڏائي، ڪبريائي ۽ ان جي عظمتن کي ياد ڪري، ان جو ذڪر ڪيو، جيترو پنهنجن ابن ڏاڏن جو ذڪر ڪندا هيؤ. ان کان به گهڻو الله جو ذڪر ڪيو.

ظاهر آهي ته اهو ذڪر بالجهر بلند آواز سان هوندو. ان جي لاءِ ئي تلبيه بلند آواز سان پڙهڻ سنت ڇيو ويو آهي. خاص ڪري جماعتن جي ملڻ وقت. (جاء الحق: علامه مفتي احمد يار نعيمي)

تفسير روح البيان ۾ سراج العلماءِ علامه حضرت شيخ اسماعيل حقي البروسوي رحمة الله عليه فرمايو آهي ته بلند آواز سان ذڪر جائز، بلڪ مستحب آهي. ذڪر جي برڪت گهرن ۽ ٻڌندڙن تائين پهچي ٿي. قيامت ۾ هر سُڪل يا آلي شيءِ ذڪر ڪندڙن جي ايمان جي شاهدي ڏيندي.

(تفسير روح البيان: پاره: 4، آيت: رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلاً)

تفسير خازن ۽ روح البيان جا مفسر ڇهين پاري جي آيت: "وَآتَيْنَا دَاوُدَ زَبُورًا" تحت هڪ روايت نقل فرمائين ٿا ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سيدنا ابوموسيٰ اشعري کي فرمايو ته اڄ رات اسان توهان جي قرائت ٻڌي. توکي ته دائودي آواز (لحن) ڏنو ويو آهي. ابوموسيٰ چوي ٿو ته مون عرض ڪيو ته رب پاڪ جو قسم! جيڪڏهن خبر هجي ها ته منهنجو قرآن پڙهڻ، صاحب قرآن محمد رسول الله ﷺ جن ٻڌي رهيا آهن ته آئون اجان به ناهي سهڻي آواز ۽ طريقي سان پڙهان ها.

www.maktabah.org

هن حديث مان به ڳالهيون معلوم ٿيون. پهرئين ته صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين بلند آواز سان ذڪر ڪندا هئا جو آواز ٻاهر اچي رهيو هو. ٻي هيءَ ته الله جو ذڪر، تلاوت قرآن عبادتِ الهي آهي ۽ عين عبادت ۾ حضور ﷺ کي خوش ڪرڻ صحابه ڪرام جي تمنا هئي.

## پيارن جي پياري ڳالهه

حضرت ابوقتاده رضي الله عنه کان روايت آهي ته هڪ رات حضرت رسول ڪريم ﷺ جن پنهنجي جان نثار اصحابن رضوان الله عليهم جي حالات ڏسڻ لاءِ تشريف وٺي ويا ته انهن جا رات جا مشغلا ملاحظه فرمائين. پاڻ سڳورن ﷺ ملاحظه فرمايو ته سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهستي آواز سان نماز ۾ قرآن شريف پڙهي رهيا هئا، سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه خوب بلند آواز سان. صبح جو انهن صاحبن کان سبب معلوم فرمايو ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه عرض ڪيو ته يا حبيب الله! جنهن کي ٻُڌائڻ مقصود هو يعني رب پاڪ کي ٻڌائي رهيو هئس. حضرت عمر فاروق رضي الله عنه عرض ڪيو ته يا حبيب الله! سُتلن کي جاڳائي رهيو هوس ۽ شيطان کي ڀڄائي رهيو هوس.

ٻئي جواب سُبحان الله. پاڻ سونهارن ﷺ ڪنهن تي به ناراضگي نه فرمائي، بلڪ صديق اڪبر رضي الله عنه کي فرمايائون ته پنهنجو آواز ڪجهه بلند ڪيو ۽ فاروق اعظم رضي الله عنه کي فرمايائون ته ٿورو آواز جهڪو ڪريو.

(رواه ابوداؤد والترمذي نحوه، مشڪوٰة ڪتاب الصلوٰة، باب صلوٰة الليل)

الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته:

فَاِذَا قَضَيْتُمُ الصَّلٰوةَ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ قِيَامًا وَّ قُعُوْدًا وَّ عَلٰى جُنُوْبِكُمْ

(پاره: 5 سوره نساء آيت: 103)

www.maktabah.org

يعني: پوءِ جڏهن توهان نماز کان فارغ ٿيو پوءِ الله جو ذڪر ڪريو بيهندي، ويهندي ۽ پاسي ڀر ليٽندي.

هن آيت ڪريمہ جي تفسير ۾ سيد المفسرين حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمائن ٿا: رات ۽ ڏينهن ۾، درياءَ ۽ خشڪي ۾ سفر ۽ حضر ۾، فراغت ۽ تنگدستي ۾، بيماري ۽ صحت ۾، سِرّ (آهستي) ۽ جهر (بلند آواز) هر حال ۾ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪريو. (تفسير درمنثور: علامه جلال الدين سيوطي رحمة الله عليه، احياءُ العلوم امام غزالي- ذڪر بالجهر علامہ سعيدي)

قرآن ڪريم ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي:

وَإِذَا قُرِئَ الْقُرْآنُ فَاسْتَمِعُوا لَهُ وَأَنْصِتُوا (الاعراف- آيت: 104)

يعني: جڏهن قرآن پاڪ پڙهيو وڃي تہ ڪن لڳائي (توجهہ ۽ ڌيان سان) ٻُڌو ۽ خاموش رهو.

ان مان معلوم ٿيو تہ بلند آواز سان تلاوت جائز آهي. ذڪر بالجهر ئي ٻُڌي سگهجي ٿو. ٻئي مقام تي ارشاد باري تعاليٰ آهي تہ:

وَلَا تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ وَلَا تُخَافِتْ بِهَا وَابْتَغِ بَيْنَ ذَٰلِكَ سَبِيلًا

(سوره بني اسرائيل- آيت: 115)

يعني: ۽ توهان نمازن ۾ وڏي آواز سان قرائت نہ ڪريو ۽ نہ ئي آهستہ ڪريو، بلڪ درمياني راهہ (معتدل رستو) اختيار ڪريو.

تنهنڪري ذڪر شريف ۾ بہ متوسط درجي جو آواز بلند ڪرڻ کپي. امام الانبياءِ ﷺ جن جو فرمان هدايت نشان آهي تہ پلا ڪم اُهي آهن، جيڪي درميانہ متوسط هجن.

حضرت سيدنا ابوهريره رضي الله عنه جن پياري آقا ﷺ جي قرائت جي انداز بابت روايت نقل فرمائي آهي. پاڻ فرمائين ٿا تہ حضرت رسول ڪريم ﷺ جي قرائت ڪڏهن بلند آواز سان هوندي هئي

www.maktabah.org

۽ ڪڏهن هلڪي پست آواز ۾.

(تفسير مظهري ج: ص:580- سنن ابوداؤد ج: 1 ص: 194)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان مروي آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جي قرائت ايتري بلند آواز سان هوندي هئي، جو جڏهن گهر ۾ تلاوت فرمائيندا هئا ته حجري شريف ۾ ويٺل ماڻهو ٻڌي وٺندا هئا.

(سنن ابوداؤد ج: 1 ص: 194- تفسير مظهري ج: 5)

حضرت بيبي ام المؤمنين سيدتنا عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو آهي ته رسول الله ﷺ جن ڪڏهن آهسته ۽ ڪڏهن جَهري (بُلند آواز سان) تلاوت فرمائيندا هئا.

(تفسير مظهري ج:5)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو ته الله تعالىٰ فرمائي ٿو ته آئون (الله) ٻانهي سان ان جي گمان مطابق هوندو آهيان. جڏهن اهو ٻانهو منهنجو ذڪر ڪندو آهي ته آئون ان سان گڏ هوندو آهيان. (پنهنجي رحمت، محبت ۽ خير جي توفيق سان) جڏهن هو منهنجو ذڪر پنهنجي دل ۾ ڪندو آهي ته آئون ان جو ذڪر پنهنجي پاڻ سان ڪندو آهيان. جڏهن اهو منهنجو ذڪر ڪنهن محفل ۾ ڪندو آهي ته آئون ان جو ذڪر ان کان بهتر مجلس ۾ ڪندو آهيان.

(صحيح بخاري ج:2 قديمي ڪتب خانہ ڪراچي)

هن حديث پاڪ کي حضرت عارف بالله قاضي ثناءُالله پاني پتي پنهنجي تفسير مظهري ۾ نقل ڪري فرمايو آهي ته هيءَ حديث پاڪ ذڪر بالجهر ۽ خفي ذڪر ٻنهي تي دلالت ڪري ٿي. ذڪر آهستي يا ڏاڍيان ڪرڻ جو اصل مقصد يادِ الٰهي آهي. جنهن ڪي، جنهن طريقي سان ذوق شوق حاصل ٿئي، اُن لاءِ اهو عمل بهتر آهي.

www.maktabah.org

ذوالحج شريف ۾ ايام تشريق ۾ تڪبيرون بلندآواز سان پڙهيون وڃن ٿيون. تفسير مظهري جو صاحب لکي ٿو ته افضل ذڪر خفي آهي. پر ذڪر بالجهر ڪنهن مصلحت تحت هجي ته خفي ذڪر کان ڀلو آهي. جيئن اذان، تلبيه وغيره. چشتي ۽ قادري سلسلي جا بزرگ به ذڪر بالجهر حڪمت تحت ڪندا آهن. اها حڪمت هيءَ آهي ته ان سان شيطان دور ٿي ڀڄي وڃي ٿو. مولا تعاليٰ جي طلب ڪرڻ وارا غفلت ۽ نسيان (ويسر) جي ننڊ مان سجاڳ ٿي وڃن. دل ۾ حرارت (عشق الٰهي جي گرمي) پيدا ٿئي. بندگي، رياضت سان عشق و محبت جي آگ پڙڪي اُٿي.

(تفسير مظهري)

ياد رهي ته قادري سلسلي مبارڪ ۾ ذڪر شريف درمياني بلندآواز سان ڪبو آهي. باقي ٻين جن به سلسلن ۾ آهستي خفي ذڪر ٿيندو آهي. اهي به طريقا درست ڀلا آهن. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي ته:

فَإِذَا قَضَيْتُمُ الصَّلَاةَ فَاذْكُرُوا اللَّهَ (سوره نساءِ آيت: 103)

يعني: پوءِ جڏهن توهان نماز کان فارغ ٿيو، پوءِ الله جو ذڪر ڪيو. (ترجمه بيان الرحمٰن)

هن آيت جي تفسير ۾ علامه سيد ابوالحسنات محمد احمد قادري جن تفسير الحسنات ۾ لکيو آهي ته هن آيت مان صوفياءِ ڪرام جي اذڪار بالجهري، ذڪر بالجماعت ۽ ذڪر بالقلب ثابت ٿئي ٿو. هن آيت مان بنا قيد ۽ تخصيص جي تمام احوال، اوقات، ڪيفيات ۾ الله جو ذڪر ڪرڻ ثابت ٿيو. (تفسير الحسنات)

## ذڪر بالجهر بابت وضاحت

الله تعاليٰ جو ذڪر متوسط (وچولي) بلندآواز سان ڪرڻ مستحب آهي ان شرط سان ته ان ذڪر سان ڪنهن جي عبادت،

www.maktabah.org

ڪنهن بيمار جي آرام ۽ تلاوت وغيره ۾ خلل واقع نہ ٿئي ۽ اهو ذڪر رياء ڪاري (ڏيکاءَ) کان خالي هجي. امام مسلم جي روايت ۾ جهر مفرط يعني حد کان گهڻو وڏيڪ بُلند آواز سان ذڪر ڪرڻ، گلو ڦاڙي، رڙيون ڪرڻ جي منع فرمايل آهي. علامہ حافظ ابن حجر عسقلاني رحمه الله فرمايو آهي تہ رڙيون ڪري وڏي واڪي ذڪر جي منع آهي. علامہ بدرالدين عيني رحمه الله بہ جهر ۾ مبالغي نہ ڪرڻ جو لکيو آهي. جيئن حضور اڪرم ﷺ جي زماني مبارڪ ۾ فرض نماز کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ بلند آواز سان ذڪر ڪرڻ معمول هئو.

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما بيان ڪن ٿا تہ هڪ ماڻهو (صحابي) بلند آواز سان ذڪر ڪندو هو. هڪ ماڻهوءَ چيو تہ جيڪڏهن هي ماڻهو پنهنجو آواز آهستي ڪري (تہ بهتر ٿيندو). حضور ﷺ فرمايو تہ اهو مست آهي. راوي چوي ٿو تہ اهو ماڻهو انتقال ڪري ويو. پوءِ هڪ ماڻهو ان جي قبر ۾ روشني ڏسي، ان جي ويجهو آيو. حضرت رسول ڪريم ﷺ اتي (پهريان کان) موجود هئا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

هلموا الیٰ صاحبکم فاذا هُو الرجل الذی کان یرفع صوته بالذکر

پنهنجي هن ساٿيءَ جي طرف اچو، جيڪو بلند آواز سان ذڪر ڪندو هيو. (شعب الايمان بيهقي ج اول، ح:585، دارالڪتب العلميه 1415ھ مستدرڪ ج: اول ح: 1361، بيروت لبنان دارالڪتب العلميه 1411ھ)

## سيدنا آقا و مولا حضرت محمد رسول الله ﷺ جي ذڪر بالجهر ڪرڻ واري تي مهرباني

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما روايت ڪن ٿا تہ ماڻهن قبرستان ۾ روشني ڏني، اتي ويا. ڏٺائون تہ حضرت

www.maktabah.org

رسول ڪريم ﷺ هڪ قبر وٽ بيهي فرمائي رهيا هئا تہ مون کي پنهنجو ساٿي ڏيو. (تہ ان کي قبر ۾ لاهيان). اهو اهڙو (پلو) ماڻهو هو، جيڪو "ڪان يرفع صوته بالذڪر" يعني بلند آواز سان الله تعالىٰ جو ذڪر ڪندو هئو. (سنن ابوداؤد شريف، باب في الدفن بالليل ج2 ص536 مترجم، فريد بوڪ اسٽال لاهور)

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اصحابي حضرت عبدالله ذوالبجادين رضي الله عنه جي وفات تي پاڻ ڪريم ﷺ قبر شريف ۾ لٿا ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه جن سندن جسد مبارڪ حضور ڪريم ﷺ کي قبر ۾ دفن ڪرڻ لاءِ ڏنو. پاڻ سونهارن ﷺ پنهنجي رحمت واري هٿن مبارڪن سان بلند آواز ۾ ذڪر ڪرڻ واري اصحابي سڳوري کي دفن فرمايو. سبحان الله سبحان الله

دفن ڪرڻ کان بعد ۾ سرور ڪائنات ﷺ ان لاءِ قبلي رخ تي خصوصي دعا فرمائي.

يا الله يا ڪريم رب! اڄ شام تائين آئون هن اصحابيءَ سڳوري سان راضي رهيو آهيان. يا الله ڪريم! تون بہ پنهنجي لطف و ڪرم سان هن سان راضي ٿي وڃ. (مجمع الزوائد علامہ هيثمي ج9 باب ما جاء في عبدالله بن ذوالبجادين رضي الله عنه)

حضرت عبدالله ذوالبجادين رضي الله عنه وڏو خوش قسمت اصحابي هيو. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جن اهو ايمان افروز منظر ڏٺو تہ چيو اي ڪاش! آئون هن قبر ۾ دفن ٿيان. واقعي حضرت عبدالله ذوالبجادين رضي الله عنه وڏا مقدر وارا هئا. بلند آواز ۾ ذڪر، قرآن جي تلاوت ۽ دعا ڪندو هيو.

نوٽ: هي اصحابي غزوه تبوڪ ۾ شريڪ ٿيو هو. پاڻ سونهارن

www.maktabah.org

ﷺ جي دربار اقدس ۾ عرض ڪيو هئائين ته يا رسول الله ﷺ دعا فرمايو ته مون کي شهادت نصيب ٿئي. آقا ڪريم ﷺ دعا فرمائي ته يا الله! آئون ڪافرن لاءِ هن جو رت حرام ڪريان ٿو. حضرت عبدالله اها ڳالهه ٻڌي تڙپي پيا ۽ عرض ڪرڻ لڳا ته يا رسول الله ﷺ! آئون شهادت جي شرف کان محروم ٿي ويس. پياري حبيب ڪريم ﷺ فرمايو ته عبدالله! جڏهن تون الله جي راهه ۾ جهاد ڪري رهيو هوندين، ان دوران تون بخار ۾ مبتلا ٿي ويندين ۽ توکي موت اچي ويندو، تڏهن به تون شهيد هوندين. حضرت عبدالله اها ڳالهه پاڻ ڪريم ﷺ جي زبان حق ترجمان مان ٻڌي، مطمئن ٿي ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اهو جان وڃڻ واري بخار ۾ مبتلا ٿي ويو.

**دليل:** حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما بيان ڪن ٿا ته اِنَّ رَفْعَ الصَّوْتِ بِالذِّكْرِ حِيْنَ يَنْصَرِفُ النَّاسُ مِنَ الْمَكْتُوْبَةِ كَانَ عَلٰى عَهْدِ رَسُوْلِ اللهِ رسول الله ﷺ جي زماني ۾ فرض نماز کان پوءِ بلند آواز سان ذڪر ڪرڻ معروف طريقو هيو. حضرت ابن عباس چون ٿا ته جڏهن آئون ان ذڪر جو آواز ٻڌندو هئس ته ڄاڻي وٺندو هئس ته ماڻهو نماز کان فارغ ٿي چڪا آهن. (صحيح بخاري ج اول ح 798 مترجم شبير برادرز لاهور، صحيح مسلم شريف ج اول ڪتاب المساجد باب الذڪر بعد الصلوٰة، سنن ابوداؤد)

حضرت علامه بدرالدين محمود عيني حنفي رحمه الله شارح بخاري فرمائي ٿو ته ان حديث مان بعض اسلاف ۽ متقدمين جماعت کان بعد ذڪر بالجهر جي استحباب جو قول فرمايو آهي ته اهو عمل مستحب آهي. (عمدة القاري شرح بخاري علامه عيني حنفي متوفي 855ھ ج6 ص126، اشعة اللمعات مترجم ج2 ص 297)

هيءَ حديث شريف ذڪر بالجهر تي واضح نص آهي، جو

www.maktabah.org

حضرت رسول ڪريم ﷺ ذڪر بالجهر ڪندا هئا. هن حديث جي شرح ڪندي علامہ سيد محمود احمد رضوي شارح بخاري فرمائي ٿو تہ هن حديث مان فرض نمازن کان بعد بلند آواز سان ذڪر ڪرڻ جائز آهي. ۽ جواز جي هر صورت ۾ ثابت رهندو. (فيوض الباري شرح صحيح بخاري ج2 چوٿون سيپارو، ص21)

حديث جي شارحن فرمايو آهي تہ هن حديث ۾ تڪبير مان مراد مطلق ذڪر آهي. جيئن صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان مروي آهي تہ فرض نماز کان سلام ورائڻ سان متصل بعد بلند آواز سان ذڪر ڪرڻ، حضور اڪرم ﷺ جي مبارڪ زماني ۾ مروج ۽ مُتعين ۽ متعارف هيو.

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمائين ٿا تہ آئون نماز جي اختتام کي ذڪر بالجهر سان سڃاڻندو هيم. (اشعة اللمعات شرح مشڪواة ج2 ص294، فريد بوڪ اسٽال لاهور، ڪتاب الاذڪار ص 89، علامہ امام محي الدين ابوزڪريا يحيٰى بن شرف النووي رحمه الله، زجاجة المصابيح حنفي مشڪواة شريف ج2 مترجم)

هن حديث جي شرح ۾ شيخ عبدالحق محدث دهلوي فرمائين ٿا تہ **اين حديث صريح است در جهر بذكر كه آنحضرت (ﷺ) بآواز بلند می خواند.** (اشعة اللمعات مترجم ج2، ص297)

## ذڪر بالجهر تي دليل

حضرت ابوهريرہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضرت سيدنا محمد رسول الله ﷺ فرمايو تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ منهنجو ٻانهو منهنجي متعلق جهڙي سوچ ۽ خيال رکندو آهي، آئون بہ ان سان اهڙو ئي معاملو ڪندو آهيان. جڏهن هو مون کي ياد ڪندو آهي (ذڪر ڪندو آهي) آئون پنهنجي ٻانهي سان گڏ هوندو آهيان.

www.maktabah.org

پوءِ جيڪڏهن هو پنهنجي دل ۾ منهنجو ذڪر (خفي) ڪري ته آئون به پنهنجي ذات سان ان جو ذڪر ڪندو آهيان ۽ جيڪڏهن هو جماعت ۾ منهنجو ذڪر (جلي) ڪري ته آئون به ان جي جماعت کان ڀلي زور جماعت ۾ ان جو ذڪر ڪندو آهيان. (مشكواة المصابيح باب ذكر الله عز و جلّ، الفصل الاول، صحيح بخاري، صحيح مسلم، ابن ماجه، ترمذي)

هن حديث جي شرح ۾ حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه فرمايو ته هيءَ حديث ذڪر بالجهر جي جواز تي دليل آهي. (اشعة اللمعات ج2)

حضرت عبدالرحمٰن بن ابزيٰ رضي الله عنه پنهنجي والد کان روايت ڪري ٿو ته حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن وتر نماز ۾ سلام ڦيرائڻ کان بعد ٽي ڀيرا سبحان الملك القدوس فرمائيندا هئا ۽ يرفع صوته بالثالثة ٽئين ڀيري آواز بلند فرمائيندا هئا. (مشكواة المصابيح، سنن نسائي، ج: اول ح:1735 مترجم فريد بوڪ اسٽال)

هن حديث جي ماتحت حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي فرمائي ٿو ته: ودريں حديث دليل است بر مشروعيت جهر بذكر

معنيٰ: هن حديث ۾ ذڪر بالجهر جي جواز تي دليل آهي ۽ اهو بلاشبه ثابت آهي. (اشعة اللمعات ج اول)

حضرت علامه مُلا علي قاري شارح مشڪواة رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته هن حديث بابت علامه مظهر فرمائي ٿو ته هيءَ حديث وڏي آواز سان ذڪر ڪرڻ جي جواز بلڪ استحباب تي دلالت ڪري ٿي. (مرقات شرح مشڪواة ج3 ص173 علامه علي قاري متوفي 1014هه)

جڏهن ته رياڪاري مقصود نه هجي، بلڪ دين اسلام جو اظهار ٿئي، ناواقفن کي تعليم، غافلن کي سجاڳي نصيب ٿئي. ذڪر جي برڪت سان وڻ ٽڻ پٿر، انسان، حيوان سيني کي نفعو

www.maktabah.org

پهچي ۽ ٻين ماڻهن کي ٻڌائي ۽ خير حاصل ٿئي ۽ هر سڪل ۽ آلي شيءِ ان ذڪر جي گواهه ٿئي.

حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما جن هر نماز ۾ سلام ورائڻ کان پوءِ فرمائيندا هئا: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ (آخر تائين)

۽ انهن چيو تہ كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُهَلِّلُ بِهِنَّ فِيْ دُبُرِ كُلِّ صَلٰوةٍ.

حضرت رسول الله ﷺ انهن ڪلمن کي هر نماز کان بعد بلندآواز سان فرمائيندا هئا. (صحيح مسلم ج اول، ح:1342 ص435 مترجم فريد بوڪ اسٽال، سنن ابوداؤد)

هن حديث مان ذڪر بالجهر تي واضح دليل آهي. اها ساڳئي حديث شريف ٻي سَنَدَ سان بہ منقول آهي.

كَانَ يُهَلِّلُ دُبُرِ كُلِّ صَلٰوةٍ

يعني حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما جن هر نماز کان پوءِ مٿي ذڪر ڪيل ڪلمات بلندآواز سان پڙهندا هئا. (صحيح مسلم مترجم ج اول، ح:1343 فريد بوڪ اسٽال لاهور)

مسلم شريف جي هڪ طويل حديث جي ضمن ۾ آهي تہ حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه چوي ٿو تہ حضرت سرور ڪائنات ﷺ جن جو هڪ ڀيري صحابن جي هڪ جماعت وٽان گذر ٿيو. پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايائون تہ توهان هتي ڇا لاءِ ويٺا آهيو؟ صحابن عرض ڪيو تہ جَلَسْنَا نَذْكُرُ اللّٰهَ وَنَحْمَدُهٗ . اسان هتي الله جل جلاله جو ذڪر ڪرڻ لاءِ ويٺا آهيون. الله اسان کي اسلام جي هدايت عطا فرمائي، جيڪو احسان ڪيو آهي، ان لاءِ الله جو شڪر ادا

www.maktabah.org

ڪرڻ لاءِ ويٺا آهيون. پاڻ سونهارن ﷺ فرمايو ته الله جو قسم! توهان صرف ان لاءِ اتي ويٺا آهيو. عرض ڪيائون ته الله جو قسم! اسان ان لاءِ ويٺا آهيون. پوءِ حضور ڪريم ﷺ فرمايو ته آئون توهان سان بدگماني ڪري قسم نه ورتو، بلڪ مون وٽ هاڻي حضرت جبرائيل عليه السلام آيو هو ۽ ان مون کي خبر ڏني ته الله تبارڪ و تعاليٰ ﷻ توهان جي سببان فرشتن تي فخر فرمائي رهيو آهي. (فرشتن تي توهان جي فضيلت ظاهر فرمائي رهيو آهي.) (مشڪواة شريف، صحيح مسلم مترجم ج3 ح:6797 فريد بوڪ اسٽال لاهور، ترمذي، نسائي)

هن حديث مبارڪ ۾ "نذڪر الله" الله جو ذڪر ڪرڻ ۽ جماعت سان گڏ ذڪر ڪرڻ جو بيان آهي. جماعت سان گڏ ذڪر مان ذڪر بالجهر مراد هوندو آهي.

حضرت علامه خيرالدين رملي رحمة الله عليه (متوفي 1081هه) فرمايو آهي ته جماعت سان جيڪو ذڪر هوندو آهي، اهو جَهري ذڪر ئي هوندو آهي. جماعت سان ذڪر واري حديث کي علامه صاحب مختلف حوالن سان پيش ڪيو آهي. (فتاويٰ خيريه ص181)

حضرت علامه ابوزڪريا يحيىٰ بن شرف النووي رحمة الله عليه (متوفي 676هه) شارح مسلم فرمائي ٿو ته صحيح ڳالهه اها آهي ته جيڪو قلب جي حضور سان گڏ زباني ذڪر ڪري ٿو، اهو ذڪر بالقلب کان افضل آهي. (نووي شرح مسلم ص344 باب فضل مجالس ذڪر مطبوعه اصح المطابع دهلي)

**نوٽ:** هن حديث مان ذڪر بالجهر تي استدلال حضرت علامه جلال الدين سيوطي رحمة الله عليه متوفي 911هه الحاوي للفتاوىٰ ج اول ص390 علامه عبدالحي لڪنوي رحمة الله عليه سباحة الفڪر في الجهر بالذڪر ۾ به فرمايو آهي.

www.maktabah.org

حضرت علامہ احمد قسطلاني رحمه الله فرمائي ٿو تہ حديث قدسي ۾ آهي تہ جيڪو جماعت ۾ ذڪر الٰهي ڪري ٿو تہ الله تعالىٰ بہ ان جو ذڪر بهترين جماعت ۾ ڪري ٿو. هن حديث ۾ "وان ذكرنى فى ملاء جماعت جهرًا" جيڪو ماڻهو جماعت ۾ جهرًا منهنجو ذڪر ڪري. (ارشاد الساري شرح بخاري ج10، علامہ قسطلاني متوفي 911 ھ) مطلب تہ جماعت ۾ ذڪر بلند آواز سان ڪري.

علامہ جلال الدين سيوطي رحمه الله فرمائي ٿو تہ جماعت مان جيڪو ذڪر هوندو آهي، اهو جهري کان سواءِ نہ هوندو. (الحاوي للفتاوىٰ ص389)

علامہ جلال الدين سيوطي رحمه الله جهري ذڪر جي باري ۾ هڪ رسالو بنام "نتيجة الفكر في الجهر في الذكر" تحرير فرمايو آهي، جنهن ۾ 25 حديثن جي روشنيءَ ۾ جهري ذڪر جو جواز ۽ استحسان تي استدلال ڪيو آهي.

## حضرت امام العارفين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس الله سره الاقدس جو ذڪر بالجهر بابت فرمان

حضرت امام العارفين سيدنا و مرشدنا سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره جن قادري طريقي جي ذڪر بالجهر سان لکين دليون منور فرمايون. پاڻ هميشہ بلند آواز سان ذڪر جي تلقين فرمائيندا هئا. پاڻ فرمايو اٿن تہ اسان وڏي آواز سان ذڪر ڪرڻ کي وڌيڪ تا سمجهون. ڇو تہ آهستي (خفي) ذڪر سان رڳو قلب کي راحت پهچي ٿي ۽ جهري ذڪر سان قلب کان سواءِ ٻين عضون کي بہ ذوق ۽ شوق جو حصو پهچي ٿو. (ملفوظات ج اول ص 30)

امام العارفين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رهبر قدس

www.maktabah.org

سره نندي ڪنڊ (برصغير) ۾ قادري طريقي جي تمام وڏي خدمت ڪئي آهي. سندن مقبوليت ۽ شهرت تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ ۽ اڄ تائين هر ڪنهن جي اڳيان عملي طرح موجود آهي. هزارين باڪمال خليفا، دين اسلام جي خدمت ۽ قادري طريقي جي ذڪر و فڪر سان لکين دليون آباد ڪيون ۽ ذڪر واري جماعت تيار ڪئي ۽ ڪئين خانقاهون سندن فيضان سان آباد آهن، جتان الله جي ذڪر جون تنوارون اڄ به شان و شوڪت سان جاري آهن. انشاءَ الله قيامت تائين جاري رهنديون. آمين.

## حضرت سيد صبغت الله شاهه تجر ڌڻي ﷬ جو ذڪر بالجهر بابت فرمان

حيدر فقير قوم مشوري رهندڙ ڳوٺ مسو لغاري شهدادپور پرڳڻي جي عملدار ڪان نقل آهي ته هڪ ڀيري حضرت خليفة الله ﷬ شاهو ۽ سهراب فقير لغاري (سڪرنڊ لڳ ديهه محمود لغاري) وٽ دعوت جي سلسلي ۾ منزل انداز ٿيا. اتي هڪ شخص ڏاڍيان ذڪر تي اعتراض جي ارادي سان هي بيت چيو:

چرخو ائين چور، جيئن پون پٽڪو نه سُڻي،
تهان پوءِ وجي تور، ته تنهنجو سونَ برابر سٽُ
تئي.

يعني چرخو ائين چور، جيئن زمين ان جو آواز نه ٻڌي، انهيءَ ڪان پوءِ وجي سٽ تور ته سون برابر ٿيندو.

تنهن تي پاڻ سڳورن ﷬ جوابًا فرمايو:

چرخو ائين چور، جيئن سُتن کي سُڌ ٿئي،

تند وجهيس تڪڙي، ڏاڍي ٻڌي ڏور،
تهان پوءِ وجي تور، ته ماڻڪن سان مٺ ٿئي.

يعني چرخو ائين چور، جيئن سُتن (غافلن) کي به سُڌ پوي. ڏور مضبوط ٻڌي، تار تڪڙي وجهي پوءِ سڄ تور ته پوءِ هيرن جواهرن سان قيمت برابر ٿيندي.

حضرت شاهه ولي الله محدث دهلوي ﷫ جن قادري شغلن جي بيان ۾ لکن ٿا ته قادري سلسلي جا مشائخ ڪرام سڀ ڪان پهريان ذڪر بالجهر جي تلقين ڪندا آهن. (القول الجميل)

حضرت شاهه عبدالعزيز محدث دهلوي ﷫ فرمائين ٿا ته حق اهو آهي ته ذڪر بالجهر جو انڪار ڪرڻ جهالت آهي. (ڇو ته ان جو ثبوت قرآن ۽ حديث ۾ موجودآهي). ڇو ته قرآن جي تلاوت ۾ صريح جهر آهي. ان تلاوت لاءِ الله تعاليٰ اجازت عطا فرمائي آهي. ۽ حديث شريف ۾ آهي ته اسان رسول الله ﷺ جي نماز ختم ٿيڻ کي ذڪر سان سڃاڻند اهئاسون ته هاڻي نماز پوري ٿي وئي آهي ۽ جيڪو ذڪر ڪرامًا ڪاتبين ملائڪ ٻُڌندا آهن، اهوذڪر ان ذڪر کان ستر ڀيرا وڌيڪ فضيلت جو درجو رکي ٿو، جنهن کي اهي ملائڪ نه ٿا ٻُڌن ۽ چشتي، اويسي ۽ قادري طريقي جي بناء ذڪر بالجهر تي آهي ۽ اهي سڀ اسان جا پير آهن. (فتاويٰ عزيزي ج اول)

فتاويٰ عالمگيريءَ ۾ آهي ته جماعت عظيم جي گڏجي ڪري لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ ۽ سُبْحَانَ اللهِ جو بلندآواز ۾ ذڪر ڪرڻ ۾ ڪو به حرج نه آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 4، ص 94 ذڪر بالجهر علامه غلام رسول سعيدي فريد بوڪ اسٽال لاهور)

حضرت مغيره بن شعبه کان روايت آهي ته بيشڪ نبي

www.maktabah.org

ڪريم ﷺ هر فرض نماز کان بعد لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ جو ذڪر پڙهندا هئا. (مشڪواة المصابيح – باب الذڪر بعد الصلوٰة) اهڙي روايت حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما کان به منقول آهي.

ڪَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِذَا سلم من صلواته يقول بصوته الاعلىٰ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

يعني: حضرت محمد رسول الله ﷺ جڏهن نماز جو سلام ڦيرائيندا هئا ته بلند آواز سان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جو ذڪر فرمائيندا هئا. (مشڪوٰة المصابيح باب الذڪر بعد الصلوٰة)

امام اهلِ سنت، مجدد دين و ملت امام احمد رضا فاضل بريلوي رحمة الله عليه فتاويٰ رضويه ۾ فرمايو آهي ته مسجد ۾ بلند آواز سان ذڪر ڪرڻ کان نه روڪيو وڃي. (فتاويٰ رضويه ج:23 ص: 171)

فقيه ابوجعفر رحمة الله عليه فرمايو آهي ته عوام کي بلند آواز سان ذڪر ڪرڻ کان نه روڪيو وڃي.

## ذڪر بالجهر (معتدل بلند آواز سان) جي فضيلت جا 30 سبب

(1) ذڪر بالجهر رسول الله ﷺ کي مرغوب آهي. جيئن حديث پاڪ مان معلوم ٿيو ته حضور ﷺ جن فرمايو ته اِرْفَعْ مِنْ صَوْتِكَ شَيْئًا.

(2) بلند آواز سان ذڪر ڪرڻ حضرات صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جو معمول هيو. جيئن صحيح مسلم جي روايت ۾ آهي.

(3) ذڪر بلند آواز سان ڪرڻ جي ڪري اڻ ڄاڻن کي ذڪر جي تعليم جي سکيا ملي ٿي.

www.maktabah.org

(4) ذڪر نہ ڪرڻ وارن کي ذڪر جو شوق ۽ رغبت پيدا ٿئي ٿي.
(5) گنهگارن ۽ فسق فجور ۾ مبتلا ماڻهن جي قلبن تي ذڪر سان ضرب لڳي ٿي.
(6) ڪافرن تي هيبت ڇانئجي وڃي ٿي.
(7) اسلام جو شان شوڪت ۽ دين جو شعار ظاهر ٿئي ٿو.
(8) ذڪر بالجهر سان زبان، دل ۽ دماغ ٽئي عبادت ۾ مشغول ٿين ٿا.
(9) ذڪر بالجهر ۾ مشقت ٿيندي آهي. حديث پاڪ ۾ آهي تہ پلي عبادت اُها آهي، جنهن ۾ مشقت زياده هجي.
(10) ذڪر بالجهر جو نفعو متعدي (ٻين تائين پهچندڙ) آهي، ڇو تہ ٻُڌڻ وارن کي بہ ثواب ملي ٿو.
(11) ذڪر بالجهر، ذاڪر ٻانهي کي ڪاهلي، سُستي ۽ ننڊ کان محفوظ رکي ٿو. بلند آواز سان ذڪر اکين کي سجاڳ، دل کي مشاق ۽ ذهن کي هوشيار رکي ٿو.
(12) بلند آواز ذڪر جون برڪتون، جيستائين ذاڪر جو آواز پهچندو، تيستائين پهچن ٿيون. جهڙوڪ انسان، جانور، وڻ ٽڻ، پٿر سڀ بلند آواز ذڪر جي برڪتن سان مستفيد ٿين ٿا.
(13) بلند آواز ذڪر سان، ذاڪر کي گهڻا ذڪر ڪرڻ جا شاهد ملن ٿا. جيستائين جنهن جنهن جاءِ تي ان جو آواز ويندو، سڀ قيامت جي ڏينهن ان جي ڪري ذڪر جي شاهدي ڏيندا.
(14) بلند آواز ذاڪرن کي ملائڪ سڳورا ڳولين ٿا. (صحيح مسلم)
(15) ملائڪ ذڪر بالجهر ڪرڻ وارن کي زمين کان آسمان تائين گهيري وٺن ٿا.
(16) ذڪر بالجهر وارن جي مغفرت جي بشارت الله تعاليٰ ڏني آهي.

www.maktabah.org

(17) ذڪر بالجهر ڪي ڪٺي وڃڻ لاءِ ملائڪ مقرر ٿيل آهن.
(18) ذڪر بالجهر ڪرڻ وارن جي سببان الله تعاليٰ بدڪارن ڪي بہ بخشي ڇڏي ٿو.
(19) حديث شريف ۾ آهي تہ جنهن ذڪر ڪي ملائڪ ٻڌن ٿا، اهو ان ذڪر ڪان ستر درجا وڌيڪ فضيلت رکي ٿو، جنهن ذڪر کي ملائڪ نٿا ٻڌن. (فتاويٰ عزيزيہ)
(20) ذڪر بالجهر سان ذاڪر ٻين جي اصلاح لاءِ ڪوشان رهي ٿو. اهو طريقو حضراتِ انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي پيروي آهي.
(21) ذڪر بالجهر سان خراب وسوسا ۽ نفساني ڪيفيتون دفع ٿي ٿيون.
(22) ڪامل عبادتن جو اظهار ٿئي ٿو. جيئن ارشاد آهي: الله جي نعمتن جو بيان خوب ڪريو. (القرآن)
(23) ذڪر بالجهر سببان مسلمان هڪ محفل ۾ گڏ ٿين ٿا.
(24) هڪ ٻئي سان ملاقات، تعارف ۽ دوستيءَ جو سبب آهي.
(25) ذڪر بالجهر سان الله تعاليٰ فرشتن جي سامهون ذاڪرن تي فخر فرمائي ٿو.
(26) ذڪر بالجهر ٻانهي جي حق ۾ ملائڪن تي حُجت آهي.
(27) ذڪر بالجهر ڪرڻ واري کي بارگاهہ الٰهي ۾ حضوريءَ جو شرف ملي ٿو.
(28) ذڪر بالجهر سان ماڻهو عبادتن ۾ باهم تعاون ڪن ٿا.
(29) ذڪر بالجهر لاءِ گڏ ٿيڻ، ٻين عبادتن جي طرف پهچائڻ وارو آهي. مثلاً ملاقات وقت سلام ڪرڻ، حسن معاشرت وغيره.
(30) ذڪر بالجهر قادري، اويسي ۽ چشتي سلسلن جو معمول آهي.

www.maktabah.org

متي ذڪر ڪيل بلند آواز سان ذڪر ڪرڻ جي فضيلت بابت 30 سبب بيان ڪيا ويا آهن. اهي ان وقت آهن، جڏهن ذڪر بالجهر ۾ ڏيکاءُ، رياءُ، مسلمانن کي تڪليف پهچائڻ ۽ عبادت ۾ خلل جو خوف نہ هجي. جيڪڏهن انهن بيان ڪيل امورِ جو خوف هجي تہ پوءِ آهستي ذڪر ڪرڻ افضل آهي.

حقيقت ۾ مسنون طريقي سان الله جي ذڪر سان نہ مسلمانن کي تڪليف ٿيندي آهي ۽ نہ ئي انهن عبادتن ۾ خلل پوندو آهي. باقي آهستي ذڪر ڪرڻ جي افضل هئڻ جو هڪ سبب آهي رياءُ جو خوف. باقي رياءِ جو خوف نہ آهي تہ پوءِ ذڪر بالجهر افضل، زور ڀلو آهي.

(ذڪر بالجهر- علامہ غلام رسول سعيدي ص: 25- 26- 27)

www.maktabah.org

## باب ڏهون

# حضور سرور ڪائنات، فخرِ موجودات ﷺ جي بارگاھ ۾ هديہ درود ۽ سلام

ڪلمي شريف جي ٻئي حصي مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي رسالت جو اقرار آهي. انهيءَ تي ايمان ۽ پڪي يقين کي دل ۾ ڄمائڻ ۽ پختي ڪرڻ لاءِ، آقاءِ نامدار مدني تاجدار ﷺ تي گهڻي کان گهڻو دورد ۽ سلام پڙهڻ گهرجي. محبت وارن لاءِ درود شريف روحاني ترقيءَ جو وڏو ذريعو آهي. درود شريف ۽ سلام مؤمنن جي روح جي راحت آهي. درود ۽ سلام اهڙي نعمت آهي، جنهن جو اندازو نہ آهي. قرآن حڪيم ۾ الله تعاليٰ ﷻ جو فرمان عاليشان آهي تہ:

اِنَّ اللهَ وَمَلَآئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا (سورة الاحزاب- آيت: 56)

يعني: بيشڪ الله تعاليٰ ۽ الله جا فرشتا رسول عربي ﷺ تي صلواتون ۽ سلام موڪلي رهيا آهن. اي مؤمنؤ! توهان بہ پاڻ ڪريمن تي صلواتون ۽ سلام موڪليندا رهو.
(بيان الرحمٰن في ترجمة القرآن)

درود و سلام، منفرد ۽ بي مثال، شاندار ۽ مقبول عمل آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ ۽ رسول الله ﷺ جي قرب جو بهترين ذريعو آهي. عملن جي قبوليت جو مقبول ۽ فوري اثر ۽ نتيجن جو عمل آهي. انهيءَ درود ۽ سلام جي مبارڪ عمل کي امت حرز جان بنائي، بارگاھ نبوت ۾ رسائي ۽ قرب حاصل ڪري، درود ۽

www.maktabah.org

سلام پڙهڻ لاءِ وقت جو ڪو بہ قيد نہ آهي. درود شريف ۽ سلام پڙهڻ حڪم الٰهيءَ سان گڏ سُنتِ الٰهي بہ آهي. قرآن حڪيم ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ:

فَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَحْوِيْلًا

(سوره فاطر- آيت: 43)

يعني: توهان هرگز الله تعاليٰ جي طريقي (سُنت) ۾ ڪا تبديلي نہ لهندا ۽ هرگز توهان الله جي طريقي ۾ ڪو ڦيرو نہ لهندا.

مقصد تہ سنت الٰهي اهڙي شيءِ آهي، جيڪا هر دؤر ۾ يڪسان هڪجهڙي، هڪ هيئت ۾ قائم ۽ دائم رهندي آهي. زمانن جي تغيّر ۽ بدلجڻ سان ان ۾ ڪو فرق تبديلي نہ ايندي آهي. سنتِ الٰهي هڪ اٽل حقيقت آهي. دائمي قانون تہ درود ۽ سلام صرف حڪم الٰهي ئي نہ آهي، بلڪ ان جي سنت بہ آهي، ان لاءِ مؤمنن کي حڪم آهي تہ اُهي بہ ان سنت تي عمل ڪن. شوق ۽ ذوق سان نبي ڪريم ﷺ تي دورد ۽ سلام دل جي گهراين سان پڙهڻ ۾ مصروف رهن.

غور فرمايو تہ درود پاڪ ۽ سلام اهڙو متبرڪ ۽ پلارو عمل آهي، جو الله رب العزت ذوالجلال والاڪرام جا ملائڪ سڳورا جيڪي نوراني مخلوق آهن، سي انهيءَ بابرڪت عمل ۾ مصروف آهن. تنهنڪري ايمان وارا غلام بہ ان پياري رحمت واري عمل جي پابندي ڪن.

مَوْلَایَ صَلِّ وَ سَلِّمْ دَائِمًا اَبَدًا
عَلٰی حَبِیْبِكَ خَیْرِ الْخَلْقِ كُلِّهِمِ

www.maktabah.org

هن آيت ڪريمہ ۾ الله تعاليٰ حضرت نبي ڪريم ﷺ تي صلواة جي نسبت پنهنجي ذات ڪريم ۽ ملائڪن جي طرف فرمائي آهي ۽ مسلمانن مؤمنن کي حضور اڪرم ﷺ تي صلواة و سلام عرض ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي. صلواة شريف جي معنيٰ ۾ علماءِ ڪرام جا مختلف اقوال آهن. حضرت ابو العاليہ جيڪي تابعين ڪرام مان آهن، اهي الله تعاليٰ جي صلواة موڪلڻ جي معنيٰ ڪن ٿا تہ الله تعاليٰ جو ملائڪن جي سامهون، پنهنجي نبي ڪريم ﷺ جي ثنا تعريف، تعظيم ۽ بزرگي بيان ڪرڻ الله ﷻ جي صلوٰة آهي. آهي. جڏهن صلواة جي نسبت فرشتن جي طرف هجي تہ مفهوم هيءُ آهي تہ الله جي نوراني مخلوق فرشتا الله جي محبوب عليه الصلواة والسلام جي درجات جي مزيد بلندي ۽ مقامات جي وڌيڪ رفعت لاءِ دعا ڪن ٿا.

جڏهن صلواة جي نسبت مؤمنن ڏي هجي تہ مطلب ٿيندو تہ امتي مؤمن غلام پنهنجي پياري آقا محبوب ﷺ جي لاءِ گهڻي ادب احترام سان پياري پياري جملن ۽ لفظن سان الله رب العزت جل شانه کان دعا ڪرڻ آهي. (صحيح البخاري تفسير سورة الاحزاب باب: 10)

الله تعاليٰ پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ملائڪن جي محفل ۾ ثنا، تعريف ڪري ٿو. ملائڪ سڳورا ڏاڍي خوشيءَ سان پنهنجي رب پاڪ جي رضا ۽ خوشنوديءَ جي لاءِ محبوب رب حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي حق ۾ مزيد بلندي رفعت جون دعائون ڪن ٿا تہ پوءِ مؤمنن کي بہ محبوب ﷺ جي بلندي درجات مراتب لاءِ دعا جي خيرات هر وقت گهرڻ گهرجي. ان ۾ سلامتي، بلندي، ترقي امن عافيت، عزت عظمت، شان و شوڪت آهي. آمين ثم آمين (مدارج النبوة، حضرت علامہ شيخ عبدالحق محدث دهلوي ج اول)

علامہ شمس الدين محمد بن ابوبڪر ابن القيم الجوزيہ

www.maktabah.org

المتوفي سنہ 751 هجري جن لکن ٿا صلوٰة جي معنيٰ آهي حمد ۽ ثنا ڪرڻ. امام بخاري رحمه الله ابوالعاليہ کان جيئن نقل فرمايو آهي، سو ان آيت ۾ صلوٰة جي معنيٰ هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ ۽ ان جا فرشتا پاڻ سڳورن ﷺ جي ثنا ڪن ٿا. مؤمنن کي صلوٰة ۽ سلام پڙهڻ جو جيڪو حڪم ڏنو آهي، ان جي معنيٰ هيءَ آهي تہ اسان الله تعاليٰ کي سوال ڪنداسون تہ الله تعاليٰ پاڻ ڪريم ﷺ جي ثنا ڪري، سندن شرف ۽ فضيلت کي ظاهر ڪري ۽ مقرب بنائي.

اسان جي ان سوال ۽ دعا کي صلواة ٻن وجهن سان فرمايو آهي. (1) هيءَ دعا پاڻ ڪريم ﷺ جي ثنا، شرف و فضيلت جي ذڪر ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي محبت کي مُتَضمِنُ آهي. صلواة جي معنيٰ آهي جنهن تي صلواة پڙهي وڃي ان جي ثنا ڪرڻ. (2) ان دعا ۾ اسان الله تعاليٰ کان سوال ٿا ڪريون تہ الله تعاليٰ پياري حبيب ﷺ تي صلواة موڪلي ، يعني سندن جي ثنا ڪري ۽ ذڪر شريف کي بلند ڪري ۽ کين مُقرب بنائڻ جو ارادو فرمائي. ۽ جڏهن اسان صلواة پڙهون ٿا ۽ الله تعاليٰ کان سوال طلب ڪريون ٿا تہ اهو پاڻ ڪريم ﷺ جي ثنا ڪري ۽ تڪريم ۽ تعظيم بيان ڪري. (جلاءُ الافهام)

جمعة المبارڪ جي ڏينهن ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي حڪمت متعلق علامہ ابن قيم لکيو آهي تہ رسول اڪرم ﷺ تمام مخلوق جا سردار آهن ۽ جمعة المبارڪ جو ڏينهن، تمام ڏينهن جو سردار آهي. ان ڏينهن ۽ رات ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ کي جيڪا فضيلت آهي، سا عام ڏينهن ۾ ناهي. ان سان گڏوگڏ هڪ حڪمت هيءَ بہ آهي تہ هن امت کي دنيا ۽ آخرت ۾ جيڪا ڀلائي حاصل ٿئي ٿي، اها سندن ﷺ جي واسطي سان حاصل ٿئي ٿي ۽ ان کي جنت ۾ پنهنجي محلاتن جي طرف جمعي

www.maktabah.org

جي ڏينهن اُتاريو ويندو. جڏهن جنت ۾ ويندا تہ هي ڏينهن وڏيڪ فضيلت جو باعث هوندو ۽ هي ڏينهن دنيا ۾ عيد جو آهي. ان ڏينهن ۾ الله تعاليٰ ان جي حاجتن کي پورو ڪندو آهي ۽ دُعائون گهرندڙن جو سوال رد نہ ڪندو آهي. اهي سيئي ڳالهيون آقا و موليٰ محمدﷺ جي ذريعي معلوم ٿيون ۽ پاڻ ڪريمنﷺ جي وسيلي سان حاصل ٿيون. پوءِ الله جل شانه جو شڪر، حمد و ثنا بيان ڪرڻ ۽ حضرت نبي ڪريمﷺ جو ڪجهہ حق ادا ڪرڻ هي آهي تہ ان ڏينهن رات، پاڻ سونهارنﷺ تي گهٽي ڪان گهٽو درود شريف پڙهيو وڃي. (مواهب اللدنيہ ج:2 ص: 719 مترجم)

## چاليهہ حديثون

(1) حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريمﷺ جن ارشاد فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن سيني ماڻهن مان سڀ ڪان وڌيڪ ويجهو مون کي اهو شخص هوندو، جنهن مون تي سڀ ڪان وڌيڪ درود شريف پڙهيو هوندو. (ترمذي- الجامع الصحيح: ج: 2 باب ما جاء في فضل الصلواة علي النبيﷺ - صحيح ابن حبان ج: 2- بيهقي- شعب الايمان- جلد 2: حديث 1563)

(2) حضرت ابوطلحه رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريمﷺ ارشاد فرمايو تہ حضرت جبرائيل عليه السلام مون کي ٻڌايو آهي تہ جيڪو ماڻهو مون تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ٿو، الله تعاليٰ ان شخص تي ڏهہ رحمتون نازل ڪري ٿو ۽ ان جا ڏهہ گناهہ معاف فرمائي ٿو ۽ ان جا ڏهہ درجا بلند فرمائي ٿو. (المعجم الڪبير- طبراني ج: 5 حديث: 4752- مجمع الزوائد: جلد:10 منذري- الترغيب والترهيب جلد ص- حديث: 2567)

(3) حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما ڪان روايت آهي

www.maktabah.org

تہ جيڪو شخص حضرت حبيب ڪريم ﷺ تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ٿو تہ الله تعاليٰ ۽ ان جا ملائڪ سڳورا، ان شخص تي ستر (70) ڀيرا درود (بصورت رحمت) موڪلين ٿا. (مسند احمد بن حنبل- جلد: 2 حديث 6605- الترغيب والترهيب ج:2)

(4) حضرت ابودرداء رضي الله عنه ڪان مروي آهي تہ حضور اڪرم ﷺ فرمايو تہ جمعي جي ڏينهن مون تي گهڻو درود شريف موڪليندا ڪريو، ڇو تہ ان ڏينهن ملائڪ حاضر ٿيندا آهن ۽ جيڪو مون تي درود موڪليندو آهي، ان جي درود شريف مان پڙهي فارغ ٿيڻ ڪان پهريائين ئي ان جو درود مون کي پيش ڪيو ويندو آهي. راوي چوي ٿو تہ مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! توهان جي وصال ڪان بعد بہ (اهو پيش ڪيو ويندو) حضور اڪرم ﷺ فرمايو هائو. وصال (نقل مڪاني) فرمائڻ ڪان بعد بہ (اهو درود پيش ٿيڻ وارو سلسلو جاري رهندو.) بيشڪ الله تبارڪ و تعاليٰ زمين تي حرام ڪري ڇڏيو آهي جو اها نبين سڳورن عليهم السلام جي پاڪ جسمن کي کائي. پوءِ الله جو نبي قبر شريف ۾ بہ زنده هوندو آهي ۽ قبر ۾ بہ ان کي رزق ڏنو ويندو آهي. (سنن ابن ماجہ ج اول، ڪتاب الجنائز باب ذڪر وفاته، منذري الترغيب والترهيب ج:2)

(5) حضرت سيدتنا عائشه صديقہ رضي الله عنها ڪان مرفوعًا روايت آهي تہ حضور ڪريم ﷺ فرمايو جنهن کي هيءُ ڳالهہ پسند هجي تہ هو الله تبارڪ و تعاليٰ سان ان حال ۾ ملاقات ڪري جو الله تعاليٰ مٿس راضي هجي، اهو مون تي ڪثرت سان درود شريف موڪلي. (ميزان الاعتدال في نقد الرجال علامہ ذهبي ج:5، لسان الميزان علامہ عسقلاني ج 4 ح 752)

www.maktabah.org

(6) حضرت اُبي بن ڪعب ﷜ کان روايت آهي تہ رات جا ٻہ حصا جڏهن گذرندا هئا تہ حضور ڪريم ﷺ گهر کان ٻاهر تشريف فرما ٿي، فرمائيندا هئا تہ اي ماڻهو! الله جل جلاله جو ذڪر ڪيو، الله جل جلاله جو ذڪر ڪيو، ڌوڏي ڇڏيندڙ (قيامت) اچي وئي، ان بعد پويان ايندڙ موت پنهنجي سختيءَ سان اچي ويو، موت پنهنجي سختيءَ سان اچي ويو. منهنجي والد عرض ڪيو: يا رسول الله ﷺ! آئون ڪثرت سان اوهان تي درود پڙهندو آهيان. پوءِ آئون توهان تي ڪيترو درود موڪليان؟ حضور ﷺ فرمايو جيترو چاهين پڙهي سگهين ٿو. منهنجو والد فرمائي ٿو تہ مون عرض ڪيو يا رسول الله ﷺ! چا آئون پنهنجي دُعا جو چوٿون حصو، اوهان تي درود پڙهڻ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيان. حضور ڪريم ﷺ فرمايو جيڪڏهن تون چاهين (تہ ائين ڪري سگهين ٿو) پر جيڪڏهن ان ۾ اضافو ڪندين تہ اهو تنهنجي لاءِ بهتر آهي. مون عرض ڪيو جيڪڏهن آئون پنهنجي دُعا جو اڌ حصو توهان تي درود پڙهڻ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيان تہ؟ پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو جيڪڏهن تون چاهين، پر ان ۾ اضافو ڪندين تہ تو لاءِ بهتر آهي. پوءِ مون عرض ڪيو تہ جيڪڏهن آئون پنهنجي دُعا جي ٽئن حصن مان ٻن حصا درود پڙهڻ لاءِ مخصوص ڪريان تہ؟ حضور ڪريم ﷺ فرمايو جيڪڏهن تون چاهين، پر ان ۾ اضافو ڪرين تہ تو لاءِ بهتر آهي. پوءِ مون عرض ڪيو يا رسول الله ﷺ! جيڪڏهن آئون سڄي دعا توهان ﷺ تي درود شريف پڙهڻ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيان تہ؟ حضور نبي ڪريم ﷺ فرمايو پوءِ تہ هي درود تنهنجي سيني دردن جي دوا ٿي پوندو ۽ تنهنجا سمورا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (جامع الترمذي، ڪتاب صفة القيامة والرقائق والورع. بيهقي، شعب الايمان جلد2 مستدرڪ للحاڪم ج:2)

(7) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو جيڪو هڪ ڀيرو درود شريف پڙهندو، الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون نازل فرمائي ٿو، جيڪو 10 دفعا پڙهي ٿو تہ الله تعاليٰ سؤ ڀيرا ان تي رحمتون موڪلي ٿو ۽ جيڪو سؤ دفعا پڙهي ٿو تہ الله تعاليٰ ان تي هزار بار رحمتون موڪلي ٿو ۽ جيڪو هزار دفعا پڙهي ٿو، الله تعاليٰ ان جو جسم دوزخ جي باهہ تي حرام ڪري ڇڏي ٿو. (دوزخ کان بچائي ٿو) ۽ نزع جي وقت ان کي الله تعاليٰ ڪلمہ طيبہ تي ثابت رکندو ۽ دنيا جي زندگي ۽ آخرت ۾ عالم برزخ ۾ قبر جي سوال جواب تي ثابت قدم رکندو ۽ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو ۽ درود شريف جو نور ان جي لاءِ مددگار ۽ معاون ٿيندو سوال جواب ۾، درود شريف جو نور ايندو پل صراط تي جيڪا 500 سالن جي پنڌ جي آهي، الله تعاليٰ ان کي هر درود شريف جي بدلي ۾ جنت ۾ محل عطا فرمائيندو آهي. هاڻي امتيءَ جي مرضي آهي گهڻ پڙهي يا وڌيڪ. (رواه المسلم، تحفة الصلوٰة الي النبي المختار ص74)

(8) حضرت حسن رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ جمعي جي ڏينهن توهان، اسان تي درود شريف گهڻو پڙهندا ڪريو. ان ڪري جو اوهان جو درود شريف اسان وٽ پيش ڪيو وڃي ٿو. (ابن ابي شيبہ، المصنف جلد2، حديث 8755)

(9) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو جڏهن ڪو شخص مون تي سلام موڪلي ٿو (تہ الله تعاليٰ مون کي منهنجو روح موٽائي ڏيندو آهي، پوءِ) آئون ان جو جواب ڏيان ٿو. (سنن ابي داؤد جلدص حديث 2041 ڪتاب المناسڪ)

(10) حضرت ابوهريره رضي الله عنه روايت ڪري ٿو تہ حضور حبيب رحمة للعالمين صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ جيڪو ماڻهو، منهنجي نالي سان

www.maktabah.org

درود لکي ٿو، جيستائين ان ڪتاب ۾ منهنجو نالو موجود رهندو، ملائڪ ان شخص لاءِ گناهن جي معافي ۽ رحمت جي دُعا گهرندا رهندا. (مجمع الزوائد، هيثمي- ج: اول. الترغيب والترهيب – منذري – ج: 1 حديث: 157- طبراني – المعجم الاوسط جلد: 2 حديث 1835)

(11) حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو ته جنهن جي سامهون منهنجو ذڪر ٿئي، ان کي گهرجي، ته مون تي درود شريف پڙهي. (مسند- ابويعلىٰ حديث: 4002 طبراني – المعجم الاوسط ج/5 ح 4948- نسائي- السنن الڪبريٰ جلد:6 حديث 9889)

(12) حضرت حسين بن علي رضي الله عنهما کان روايت آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته (جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي، ۽ ان اسان تي درود شريف پڙهڻ وساري ڇڏيو، ان کان جنت جي واٽ وسري وئي. (طبراني- المعجم الڪبير جلد:3 حديث 2887- مجمع الزوائد، هيثمي ج: 10- الترغيب والترهيب جلد2)

(13) حضرت ابي ڪاهل رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو: اي ابوڪاهل! جيڪو ماڻهو هر رات ۽ ڏينهن ۾ مون تي محبت ۽ شوق سان ٽي ٽي ڀيرا درود شريف موڪلي ٿو ته اها ڳالهه الله تعالىٰ تي واجب آهي ته ان شخص جي ان رات ۽ ڏينهن جا گناهه معاف فرمائي ڇڏي. (مجمع الزوائد علامه هيثمي ج: 4 ص:219، الترغيب والترهيب ج:2)

(14) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور نبي اڪرم ﷺ فرمايو جنهن گڏجاڻي ۾ الله تعالىٰ جوذڪر ۽ مون تي درود شريف نه پڙهيو وڃي، اها مجلس قيامت جي ڏينهن حسرتن جي جاءِ هوندي يعني اهي حسرت ۽ افسوس ۾ هوندا. (ابن حبان- الصحيح- جلد: 2- حديث 590- حاڪم- مستدرڪ للحاڪم ج: 1- حديث: 1810)

(15) حضرت سيدنا حسين بن علي رضي الله عنهما کان

www.maktabah.org

روايت آهي تہ حضور نبي اڪرم ﷺ فرمايو وڏو بخيل آهي اهو شخص، جنهن جي آڏو منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي. (جامع ترمذي جلد: 5- حديث 3546- نسائي – السنن الڪبريٰ ج: 6- حديث 9885- طبراني المعجم الڪبير ج: 3- ح: 2885)

(16) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور نبي اڪرم ﷺ فرمايو جنهن منهنجي قبر (روضہ اطهر) وٽ درود شريف پڙهيو، اهو اسان ٻڌي ورتو ۽ جنهن اسان تي (ٻئي هنڌان) درود شريف موڪليو، اهو اسان کي پهچايو ويندو. (بيهقي- شعب الايمان ج: 2- حديث: 1583- ڪنزالعمال ج: 1- حديث: 2165- عسقلاني- فتح الباري- جلد 6- ص:488)

(17) حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه روايت ڪري ٿو تہ حضور نبي ڪريم ﷺ کي عرض ڪيو ويو تہ يا رسول الله! جيڪي درود شريف پڙهندڙ، توهان کان غائب آهن يا پوئين زماني ۾ ايندا، انهن جي حال متعلق خبر ڏيو. پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو تہ محبت وارن جو درود مان پاڻ ٻڌندو آهيان ۽ انهن کي سڃاڻندو بہ آهيان ۽ اهل محبت کان علاوه ٻين جو درود شريف پيش ڪيو ويندو آهي. (تحفة الصلوٰة الي النبي المختار ص:78)

(18) اميرالمؤمنين سيدنا حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پنهنجي دُعا ۾ جيستائين سهڻي حبيب ڪريم ﷺ تي درود شريف پڙهي شامل نہ ڪيو ويندو، تيستائين دُعا زمين ۽ آسمان وچ ۾ ٽنگيل رهندي. (جامع الترمذي ج: 2 حديث 486 – الترغيب والترهيب – منذري ج: 2- عسقلاني – فتح الباري ج: 11- ص: 164)

(19) حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور نبي اڪرم ﷺ فرمايو جيڪو شخص اسان تي هڪ هزار ڀيرا درود شريف پڙهندو، اهو ايستائين نہ مرندو، جيستائين جنت ۾ پنهنجي جاءِ نہ ڏسي. (الترغيب والترهيب – جلد 2 حديث: 2579، البدر التّمام)

www.maktabah.org

(20) حضرت ابودرداء رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور نبي اڪرم ﷺ فرمايو ته جيڪو شخص اسان تي صبح ۽ شام روزانو ڏهه ڏهه ڀيرا درود شريف پڙهندو، ته اسان قيامت جي ڏهاڙي سندس شفاعت ڪنداسون. (مجمع الزوائد – هيثمي- ج: 10 ص: 120 – الترغيب والترهيب ج: 1 حديث: 987 مناوي- فيض القدير ج: 6- 169)

(21) حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو ته جيڪو مون تي هڪ دفعو درود پڙهي ٿو، الله تعاليٰ ان تي ڏهه ڀيرا رحمت موڪلي ٿو. جيڪو مون تي ڏهه ڀيرا درود پڙهي ٿو، الله تعاليٰ ان تي سؤ ڀيرا رحمت موڪلي ٿو ۽ جيڪو مون تي سؤ ڀيرا درود پڙهي ٿو ته الله تعاليٰ ان جي اکين جي درميان (پيشاني) تي نفاق (منافقي) ۽ جهنم جي باهه کان ڇوٽڪارو لکي ڇڏيندو آهي ۽ قيامت ڏينهن ان جو حشر شهيدن سان گڏ ٿيندو. (طبراني – المعجم الاوسط ج: 7 حديث: 7235 – مجمع الزوائد – هيثمي ج: 10– حافظ منذري- الترغيب والترهيب جلد: 2- حديث: 2560)

(22) حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله عنه کان روايت آهي ته جيڪو حضور نبي ڪريم ﷺ تي هڪ ڀيرو درود شريف موڪلي ٿو، الله تعاليٰ ۽ ان جا فرشتا، ان تي ستر (70) ڀيرا درود شريف موڪلين ٿا. هاڻي ان جي مرضي آهي ته درود شريف ٿورو پڙهي يا گهڻو پڙهي. (بيهقي- شعب الايمان جلد: 3- حديث: 3035)

(23) حضرت محمد بن علي رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ فرمايو: هي جفا آهي جو ڪنهن شخص وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود نه پڙهي. (مصنف–عبدالرزاق ج2–حديث 3121)

(24) حضرت عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ ارشاد فرمايو ته بيشڪ الله تعاليٰ جا فرشتا، زمين ۾ گهمي ڦري،

www.maktabah.org

منهنجي امت جو سلام مون تائين پهچائيندا رهن ٿا. (سنن النسائي مترجم ج:1 ص:393 ح:1285، مسند احمد بن حنبل جلد اول ح:4210، دارمي شريف ڪتاب الرقاق، باب فضل الصلوٰة علي النبي ﷺ، مستدرڪ للحاڪم)

(25) حضور اڪرم ﷺ فرمايو آهي ته توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ، توهان جي رب جي رضا جو ڪارڻ آهي.
(سعادة الدارين- ص: 68)

(26) حضور اڪرم ﷺ فرمايو آهي ته توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي دُعائن جو محافظ آهي.
(سعادة الدارين – ص: 18)

(27) حضرت سيدنا علي بن ابي طالب رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ فرمايو جيڪو مون تي درود شريف پڙهي ٿو، ان لاءِ قيراط برابر ثواب لکيو وڃي ٿو ۽ قيراط اُحد جبل جيڏو آهي. (مصنف –عبدالرزاق ج: 1 حديث: 153)

(28) حضرت عبدالله بن جرار رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته حج جا فرض ادا ڪريو. اهو ويهه ڀيرا جهاد کان ڀلو آهي. پر اسان تي درود شريف پڙهڻ انهن سڀني ڪمن جي برابر آهي. (ڪنزالعمال – هندي – جلد: 1 حديث: 2231- مسند الفردوس – ديلمي جلد: 2 حديث 2662)

(29) حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ فرمايو جنهن وٽ صدقي لاءِ ڪجهه ڪونهي، اهو درود پڙهي، اهو ان جو صدقو آهي. (مستدرڪ للحاڪم ج: 4 حديث: 7175 – ابن حبان – صحيح ج: 3 حديث: 953 – بخاري – الادب المفرد ج: 1- ح: 645)

(30) اميرالمؤمنين حضرت سيدنا ابوبڪرصديق رضي الله عنه کان موقوف روايت آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ تي درود شريف

www.maktabah.org

پڙهڻ، پاڻيءَ سان باهه وسائڻ کان به وڌ گناهن کي مٽائيندڙ، حضور ﷺ تي سلام موڪلڻ، غلامن کي آزاد ڪرڻ کان زياده بهتر آهي. (ڪنزالعمال- هندي – ج: 2 حديث: 1304- خطيب بغدادي- تاريخ بغدادي ج:7)

(31) حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو ته اوهان مان قيامت جي هولناڪين ۽ ان جي مختلف مرحلن ۾ سڀ کان زياده نجات پائيندڙ اهو شخص هوندو، جيڪو دنيا ۾ توهان مان سڀني کان وڌيڪ، مون تي درود شريف پڙهندو هوندو. (ديلمي- مسند الفردوس ج: 5 حديث: 8175)

(32) اميرالمؤمنين سيدنا حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو ته ٽي شخص عرش جي ڇانو ۾ هوندا. (1) مصيبت زده ماڻهن جي مدد ڪندڙ (2) سنت کي جيئاريندڙ (3) ڪثرت سان درود پڙهندڙ.

(القول البديع- علامه سخاوي- ص: 123)

(33) حضرت سمره سوائي (جابر سائين جي والد) رضي الله عنهما کان روايت آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو گهڻو ذڪر الله ۽ مون تي درود پڙهڻ فقر (تنگي) کي ختم ڪري ٿو.
(القول البديع – سخاوي ص: 129)

(34) حضرت محمد بن قاسم کان مرفوع روايت آهي ته هر شيءِ لاءِ طهارت ۽ غسل ضروري آهي ۽ حضور نبي ڪريم ﷺ تي درود پڙهڻ مؤمنن جي دلين کي زنگ کان پاڪ ڪرڻ آهي.
(القول البديع- علامه سخاوي ص:135)

(35) هڪ شخص دربار نبوي ﷺ ۾ حاضر ٿي، فقر، فاقي ۽ رزق جي تنگيءَ بابت شڪايت ڪئي. حضور نبي ڪريم ﷺ فرمايو، تون جڏهن پنهنجي گهر ۾ داخل ٿئين ته "السَّلام

www.maktabah.org

عليڪم" چؤ، ڪٿي گهر ۾ ڪو هجي يا نہ. پوءِ مون تي سلام موڪل اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ پوءِ هڪ ڀيرو قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ پڙهہ. ان شخص ائين ڪيو تہ الله تعاليٰ ان جي رزق ۾ ايتري ڪشادگي ڪئي، جو ان جي پاڙي وارن ۽ رشتيدارن کي بہ ان مان حصو مليو. (القول البديع- علامہ سخاوي ص: 129- سعادة الدارين ص: 63)

(36) حضرت عبدالرحمٰن بن عيسيٰ ﷺ کان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريم ﷺ فرمايو، جيڪو روزانہ مون تي پنجاهہ ڀيرا درود شريف پڙهندو، قيامت جي ڏينهن مان ان سان هٿ ملائيندس. (سعادة الدارين – علامہ نبهاني ص: 471)

(37) حضور نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو، جڏهن توهان اذان ٻڌو تہ توهان بہ ائين چئو جيئن مؤذن چوي ٿو. پوءِ مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهو. الله تعاليٰ ان درود جي عيوض ڏهہ رحمتون نازل فرمائيندو. پوءِ مون لاءِ الله تعاليٰ کان وسيلي جي دُعا گهرو، جو تہ وسيلو جنت ۾ هڪ مڪان آهي، جيڪو صرف هڪ ٻانهي لاءِ آهي ۽ مون کي اميد آهي تہ اهو مان ئي ٻانهو آهيان. ان ڪري جيڪو مون لاءِ وسيلي جي دُعا گهرندو، اهو منهنجي شفاعت لهندو. (سعادة الدارين- ص: 56)

(38) حضور نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو جمعي جي ڏينهن ۽ رات مون تي ڪثرت سان درود پڙهو، جو تہ باقي ڏينهن ۾ درود مون وٽ فرشتا پهچائين ٿا، پر جمعي جي ڏينهن ۽ رات آئون پنهنجي ڪنن سان پاڻ ٻڌندو آهيان.

(نزهة المجالس- علامہ صفوري ج: 2 ص:115)

(39) حضور نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو جيڪو ماڻهو پريشانين ۾ مبتلا هجي، اهو مون تي ڪثرت سان درود پڙهي،

www.maktabah.org

چو ت. درود شريف پريشانين، ڏکن ۽ مصيبتن کي ختم ڪندو آهي. رزق وڌائي ۽ حاجتون پوريون ڪري ٿو. (نزهة الناظرين ص: 31- دلائل الخيرات ڪانپوري ص: 14)

(40) حضرت ابوامامہ ﷛ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو تہ الله تعالىٰ مون سان واعدو ڪيو آهي تہ جڏهن منهنجو وصال ٿيندو تہ مون کي هر هڪ درود پڙهندڙ جو درود ٻڌائيندو. حالانڪہ مان مدينہ منوره ۾ هوندس ۽ منهنجي امت مشرق ۽ مغرب ۾ هوندي ۽ فرمايائون اي ابوامامہ! الله تعالىٰ ساري دنيا کي منهنجي روضہ اقدس اندر ڪندو ۽ آئون سموري مخلوق کي ڏسندس ۽ انهن جا آواز ٻڌندس ۽ جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهندو، الله تعالىٰ ان درود پاڪ جي بدلي ڏهہ رحمتون نازل فرمائيندو ۽ جيڪو مون تي ڏهہ ڀيرا پڙهندو، الله تعالىٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو. (درة الناصحين ص: 225)

## درود شريف خود پاڻ ڪريم ﷺ ٻڌن ٿا

درگاهہ نبوي جا جليل القدر ۽ نهايت مقرب اصحابي حضرت ابو درداء ﷛ فرمائين ٿا تہ اسان جي آقا ۽ مولىٰ حضور حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف گهڻو پڙهندا ڪريو. هي ڏينهن مشهود آهي. يعني ان ڏينهن فرشتا حاضر ٿين ٿا ۽ جيڪو بہ شخص مون تي درود شريف پڙهي ٿو، ان جو آواز مون تائين پهچي ٿو، توڙي اهو ڀانهو ڪٿي بہ هجي. اسان عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! ڇا توهان جي وصال شريف کان پوءِ بہ درود شريف پڙهڻ وارن جو آواز توهان تائين پهچندو؟ فرمايائون (ﷺ) تہ هائو وصال شريف کان بعد بہ

www.maktabah.org

آواز ٻُڌندس، ڇو تہ الله تعاليٰ زمين تي حضرات انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي مبارڪ جسمن کي حرام ڪري ڇڏيو آهي يعني انهن جا جسم پاڪ، هميشہ صحيح ۽ سالم رهندا. (جلاءُ الافهام)

## درود شريف پڙهڻ امام العارفين حضرت سيّد محمد راشد روضي ڌڻي رهبر قدس سره جو معمول هو

حضرت غوث زمان قطب دوران، مرشد مڪمل، هادي رهبر پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره جن فرمائن ٿا تہ ننڍپڻ ۾ اسان کي اسان جي والد معظم حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهہ (پٽ ڌڻي شهيد) قدس سره طلب علم لاءِ پهريائين مخدوم طيب بقاپور واري وٽ ڇڏيو ۽ پوءِ مولانا حاجي فقيرالله علوي وٽ شڪارپور ۾ ويهاريو، اتي اسان ڪجهہ وقت تعليم حاصل ڪئي، پر جڏهن اسان جا والد معظم بئي ڀيري اسان کي ملڻ آيا، ڏٺائون تہ اسان کي مڪلف طعام ماني ڀوڙ پلاءُ تعظيم ۽ تڪريم سان ملي رهيا آهن. اهو ڏسي فرمايائون تہ بابا! جنهن مدرسي ۾ ماني ڀوڙ ۽ طعام عام جام هوندو آهي، اتي علم حاصل ڪرڻ محال آهي. اسان کي اتان وٺي اچي ڪوٽڙي ڪبير ۾ مخدوم يارمحمد رحمة الله عليه وٽ ويهاريائون. مختلف مدرسن ۾ وڃڻ سبب اسان جي طبيعت تي البت گراني ٿي پئي. پوءِ هڪ رات هڪ پير تي بيهي پنج هزار ڀيرا دورد شريف پڙهي حضور سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم جن ڪان استمداد ۽ استغاثه ڪيوسون، جنهن سان اسان کي اهڙي تہ قلب جي صفائي ۽ سهنجائي حاصل ٿي، جو اسان تي هر ڪا شيءِ روشن ٿي پئي. اڻ پڙهيل علم بہ پڙهيل ٿي پيو. (ملفوظات شريف)

www.maktubah.org

## حضور تاجدار ڪائناتﷺ تي درود شريف پڙهڻ به بهترين ذڪر آهي

ياد رکڻ گهرجي ته درود شريف پڙهڻ به الله تعاليٰ جو بهترين ذڪر آهي. الله تعاليٰ چاهي ٿو ته ان جي نالي مبارڪ سان گڏ ٻنهي جهانن جي وسيلي سرڪارﷺ جي نالي شريف جو به ذڪر شامل هجي. قرآن حڪيم ۾ الله تعاليٰ جو فرمان حڪمت نشان آهي ته

وَرَفَعْنَالَكَ ذِكْرَكَ (سوره الم نشرح)

يعني: اي محبوب! اسان توهان جي خاطر توهان جو ذڪر بلند ڪيو آهي.

امام بخاري رحمة الله عليه حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان ۽ ان حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کان روايت آندي آهي ته پاڻ ﷺ جن جبرائيل عليه السلام کان هن آيت جي متعلق پڇيائون. ان عرض ڪيو ته الله فرمايو آهي ته توهان جي ذڪر جي بلندي هي آهي ته

اِذَا ذُكِرْتُ ذُكِرْتَ مَعِيَ (صحيح بخاري)

يعني: جڏهن منهنجو ذڪر ڪيو ويندو ته اوهان جو به ذڪر مون سان گڏ ڪيو ويندو.

مفسر قرآن علامه قاضي ثناءُ الله پاني پتي رحمة الله عليه جن هن حديث کي لکي، پوءِ فرمايو ته هن آيت ۽ حديث مان ثابت آهي ته ملاءِ اعليٰ وارا ملائڪ جڏهن الله جل جلاله جو ذڪر ڪن ٿا ته حضورﷺ جن جو به ذڪر ڪن ٿا ۽ سندن نالو عرش تي لکيل آهي. (تفسير مظهري ج: 10)

www.maktabah.org

حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ لوح محفوظ جي شروعات ۾ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وحده و دينه الاسلام و محمد عبده و رسوله (الحديث) لکيل آهي. (تفسير بغوي- تفسير احسن البيان ج9)

تہ اسان کي حضور اڪرم ﷺ مٿان محبت، ادب، احترام سان درود ۽ سلام پڙهڻ گهرجي. اهو بہ الله تعاليٰ جي ياد ذڪر جو بهترين نمونو آهي. حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمائين ٿيون تہ درود شريف پڙهڻ مجلسن جي زينت آهي ۽ پنهنجي محفلن کي درود سان سينگاريو. درود شريف پڙهڻ جنت جو رستو آهي. حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ مسجدن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام تي درود کي پڙهڻ لازم ڪري ڇڏيو. اول ۽ آخر ۾ درود شريف پڙهي گهريل دُعا مقبول ٿيندي آهي.

حضرت امام ترمذي رحمة الله عليه نقل فرمائين ٿا تہ هڪ ڏينهن حضور عليہ الصلواة والسلام تشريف فرما هئا تہ هڪ شخص آيو. اهو نماز پڙهي پوءِ دُعا گهرڻ لڳو تہ يا الله! مون کي بخشي ڇڏ ۽ مون تي رحم فرماءِ. حضور ﷺ جن فرمايو تہ اي نمازي! تو گهڻي تڪڙ ڪئي. جڏهن نماز پڙهي چُڪو تہ ويهو الله تبارڪ و تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا ڪريو پوءِ مون (ﷺ) تي درود پڙهو. ثُمَّ ادْعُهُ پوءِ الله کان دُعا گهرو. پوءِ وري ٻيو نمازي آيو. ان نماز پڙهي پوءِ بعد ۾ الله جي حمد ۽ ثنا ڪئي. پوءِ حضور عليہ الصلواة والسلام تي درود شريف پڙهيو. پاڻ ﷺ ان نمازيءَ کي فرمايو تہ اَيُّهَا الْمُصَلِّىْ اُدْعُ تُجَبْ (اي نمازي! هاڻي دُعا گُهر، تنهنجي دُعا قبول ڪئي ويندي).

## درود شريف جي صدقي دعائون قبول ٿين ٿيون

حضرت عبدالله بن مسعود ﷛ بيان ڪن ٿا ته آئون ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن نماز پڙهي رهيا هئاسين. حضرت سيدنا ابوبڪر صديق ۽ سيدنا عمر فاروق رضي الله عنهما به پاڻ ﷺ سان گڏ هئا. جڏهن آئون وينس ته مون پهريان الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا ڪئي. پوءِ حضرت حبيب ڪريم ﷺ تي درود شريف پڙهيو. پوءِ مون پنهنجي لاءِ سوال ڪيو ته رسول الله ﷺ فرمايو ته تون سوال ڪر، توکي عطا ڪيو ويندو. (سنن ترمذي — المسند الجامع رقم الحديث: 9038)

حضرت سيدنا عليّ المرتضيٰ ﷛ بيان ڪن ٿا ته حضور پرنور ﷺ فرمايو ته هر دُعا ۽ آسمان جي درميان حجاب (پردو) هوندو آهي. جيستائين جو حضرت نبي ڪريم ﷺ تي درود شريف پڙهيو وڃي. پوءِ جڏهن سيدنا محمد رسول الله ﷺ تي درود شريف پڙهيو ويندو آهي ته اهو حجاب ڦاٽي پوندو آهي ۽ دُعا قبول ٿي ويندي آهي ۽ جڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ تي درود نه پڙهبو آهي ته دُعا قبول نٿي ٿئي. (مجمع الزوائد ج: 10)

حضرت سيدنا امير المؤمنين عمر بن الخطاب ﷛ فرمايو آهي ته دعا آسمان ۽ زمين جي درميان موقوف (رُڪيل) هوندي آهي. ان مان ڪا به شيءِ مٿي نه چڙهندي، ايستائين جو توهان پنهنجي پياري آقا حضور پُرنور ﷺ تي درود پڙهو. مقصد ته درود شريف پڙهڻ سان دُعا مقبول ٿيندي آهي. (سنن ترمذي رقم الحديث 486)

دعا جي اول ۽ آخر ۾ پياري آقا ﷺ تي درود شريف پڙهڻ گهرجي. مولا تعاليٰ وڏو مهربان، ٻاجهارو، ڪريم رحيم آهي. اهو پنهنجي حضرت حبيب ﷺ جي درود شريف جي صدقي دُعا قبول فرمائيندو. آمين بجاه طٰهٰ و يٰس ﷺ.

www.maktabah.org

# درود شريف جون فضيلتون

(1) درود شريف جو ڪثرت سان پڙهڻ دنيا آخرت جي تمام پريشانين کي ختم ڪري ٿو.

(2) درود شريف گناهن کي مِٽائي ٿو ۽ بخشش جو ذريعو آهي.

(3) درود شريف جي برڪت سان قيامت جي هولناڪين کان نجات ۽ حضور ﷺ جي طرفان ايمان جي شاهدي نصيب ٿيندي.

(4) عرش الاهيءَ جو سايو نصيب ٿيندو.

(5) درود شريف جي برڪت سان ميزان ۾ نيڪ عملن جو پلڙو ڳرو ٿيندو، حوض ڪوثر تي حاضري نصيب ٿيندي.

(6) درود شريف جي برڪت سان جنت ۾ بلند مقام حاصل ٿيندو.

(7) درود شريف جي برڪت سان مال دولت ۾ اضافو ٿيندو.

(8) درود شريف جي بدلي ۾ سؤ کان وڌيڪ حاجتون پوريون ٿينديون.

(9) درود شريف پڙهڻ وارو قيامت ۾ رسول ڪريم ﷺ جي ويجهو هوندو.

(10) درود شريف قبر حشر ۾ پل صراط تي نور بڻجي پيش ٿيندو.

(11) درود شريف پڙهڻ واري سان مومن محبت ڪندا ۽ منافق پري ڀڄندا.

www.maktabah.org

(12) درود شريف جي برڪت سان خواب ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جي زيارت نصيب ٿيندي.

(13) درود شريف پڙهڻ واري جون پريشانيون، فڪر، الجهنون پري ٿي وينديون. زندگي پُرسڪون ۽ اطمينان بخش ٿي ويندي.

(14) درود شريف لاعالج مرض لاءِ ترياق جو اثر رکي ٿو.

(15) درود شريف تمام عملن ۾ سڀ کان زياده قابلِ قبول عمل آهي ۽ دُعائن جي قبوليت لاءِ مفيد آهي. تمام نفلي عبادات، جمله اوراد وظائف کان افضل ترين وظيفو آهي.

## صلوات تفريجي المعروف ناري

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ صَلٰوةً كَامِلَةً وَّسَلِّمْ سَلَامًا تَامًّا عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدِ نِ الَّذِىْ تَنْحَلُّ بِهِ الْعُقَدُ وَتَنْفَرِجُ بِهِ الْكُرَبُ وَتُقْضٰى بِهِ الْحَوَائِجُ وَتُنَالُ بِهِ الرَّغَائِبُ وَحُسْنُ الْخَوَاتِمِ وَيُسْتَسْقَى الْغَمَامُ بِوَجْهِهِ الْكَرِيْمِ وَعَلٰى آلِهٖ وَصَحْبِهٖ فِىْ كُلِّ لَمْحَةٍ وَّنَفْسٍ بِعَدَدِ كُلِّ مَعْلُوْمٍ لَّكَ. يَا اَللّٰهُ يَا اَللّٰهُ.

هن درود شريف پڙهڻ سان غم درود، روزي رزق ڪشادو، بلند مرتبا ملن ٿا ۽ جيڪا به چڱي دُعا گهري ويندي، قبول ٿيندي. (مدارج النبوة يا اَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا ج: 2)

www.maktabah.org

# مـآخـذ و مراجع


(1) قرآن مجيد، ڪلام باري تعالىٰ.
(2) صحيح بخاري مترجم شبير برادرز لاهور.
(3) صحيح بخاري، دارالقلم دمشق شام 1981ع.
(4) صحيح مسلم مترجم فريد بڪ اسٽال لاهور.
(5) صحيح مسلم دار احياء التراث العربي بيروت لبنان.
(6) جامع ترمذي فريد بڪ اسٽال لاهور.
(7) جامع ترمذي دار الغرب الاسلامي 1998ع بيروت لبنان.
(8) سنن ابو داؤد فريد بڪ اسٽال لاهور.
(9) سنن ابوداؤد، دارالفڪر بيروت لبنان 1994ع.
(10) سنن ابن ماجه، فريد بڪ اسٽال لاهور.
(11) سنن ابن ماجه دارالڪتب العلميه بيروت لبنان 1998ع.
(12) سنن نسائي فريد بڪ اسٽال لاهور.
(13) سنن نسائي، دارالڪتب العلميه بيروت لبنان 1995ع.
(14) مشڪوٰة المصابيح، فريد بڪ اسٽال لاهور.
(15) سنن دارمي، دارالڪتاب العربي بيروت لبنان 1407هه.
(16) مستدرڪ للحاڪم دارالڪتب العلميه بيروت لبنان 1990ع.
(17) مسند ابويعلىٰ دارالمامون للتراث دمشق شام 1984ع.
(18) مسند احمد بن حنبل، المڪتب الاسلامي بيروت لبنان 1398هه.
(19) صحيح امام ابن حبان، مؤسسة الرسالة 1414هه.
(20) الترغيب والترهيب، دارالڪتب العلميه لبنان 1417هه.
(21) الترغيب والترهيب، ضياءُ القرآن لاهور.
(22) البشير والنذير ترجمه الترغيب والترهيب زمزم پبلشرز ڪراچي.
(23) شعب الايمان بيهقي دارالڪتب العلميه لبنان 1990ع.
(24) مُصنف ابن جعد ابوالحسن علي بن جعد بن عبيد هاشمي مؤسسه نادر لبنان 1990ع


www.maktabah.org

(25) مجمع الزوائد هيثمي دارالفكر بيروت لبنان 1420هـ/ 2000ع
(26) سُنن الكبريٰ، بيهقي مكتبة دارالباز مكة المكرمة سعودي عرب 1994ع.
(27) فتح الباري دارالمعرفة بيروت لبنان 1379هـ.
(28) الفردوس بماثور الخطاب الديلمي دارالكتب العلميه لبنان 1986ع .
(29) مصنف ابن ابي شيبه مكتبة الرشد رياض سعودي عرب 1405هـ.
(30) كنزالعمال مطبوعه مؤسسة الرسالة بيروت لبنان 1979ع.
(31) شفا شريف قاضي عياض فريد بڪ اسٽال لاهور.
(32) الشفاء المكتبة العصريه لبنان 2002ع.
(33) طبراني كبير مكتبة العلوم والحكم، موصل عراق 1983ع.
(34) مسند بزار بيروت لبنان 1409هـ.
(35) البيان والتعريف دارالكتب العربي لبنان1451هـ.
(36) جامع العلوم والحكم دارالمعرفة لبنان 1408هـ
(37) مؤطا امام مالڪ فريد بڪ اسٽال لاهور.
(38) مؤطا امام مالڪ، دارالفكر بيروت لبنان.
(39) تاريخ ڪبير امام بخاري، دارالكتب العلميه بيروت لبنان
(40) حلية الاولياء دارالكتب العربي بيروت لبنان 1980ع
(41) نوادر الاصول، حڪيم ترمذي، دارالجيل لبنان 1992ع.
(42) ميزان الاعتدال ذهبي، دارالكتب العلميه لبنان 1995ع.
(43) لسان الميزان عسقلاني مؤسسة العلمي بيروت لبنان 1986ع.
(44) تاريخ بغداد دارالكتب العلميه لبنان.
(45) القول البديع علامه سخاوي المكتبة العلمية مدينة المنوره سعودي عرب 1977ع.
(46) تفسير ابن عباس، ضياءَ القران لاهور.
(47) تفسير القرطبي، دارالكتاب العربي بيروت 2000ع.
(48) تفسير معالم التنزيل، دارالكتب العلميه بيروت 1414هـ.
(49) تفسير درمنثور سيوطي، ضياءَ القرآن لاهور.
(50) تفسير ابن ڪثير، ضياءَ القرآن لاهور.

www.maktabah.org

(51) تفسير زادالمسير، مڪتبه اسلامي بيروت.
(52) تفسير ڪبير، داراحياءُ التراث العربي بيروت 1415هه.
(53) تفسير بحرمحيط، دارالفڪر بيروت.
(54) تفسير الحسنات، ضياءُ القرآن لاهور.
(55) تفسير روح البيان، مڪتبه اويسيه بهاول پور.
(56) تفسير نعيمي، مڪتبه نعيميه گجرات.
(57) تفسير ضياءُ القرآن، ضياءُ القرآن پبلي ڪيشنز لاهور.
(58) تفسير تبيان القرآن فريد بوڪ اسٽال لاهور.
(59) تفسير احسن البيان اداره خدمة القرآن و السنة شاهپور جهانيان
(60) تفسير مظهري، ضياءُ القرآن لاهور.
(61) مرقاة شرح مشڪواة
(62) اشعة اللمعات شرح مشڪواة، فريد بڪ اسٽال لاهور.
(63) مرآة شرح مشڪواة، نعيمي ڪتب خانه گجرات.
(64) حنفي مشڪواة، فريد بڪ اسٽال لاهور.
(65) عمدة القاري شرح بخاري، دارالفڪر بيروت 1979ع.
(66) شرح صحيح مسلم، فريد بڪ اسٽال لاهور.
(67) احياءُ العلوم الدين امام غزالي، شبير برادرز لاهور.
(68) ڪيمياءِ سعادت، امام غزالي، ضياءُ القران لاهور.
(69) فتوح الغيب، سيدنا غوث الاعظم عبدالقادر جيلاني، فريد بڪ اسٽال لاهور.
(70) غنية الطالبين، سيدنا غوث الاعظم عبدالقادر جيلاني، فريد بڪ اسٽال لاهور.
(71) مدارج النبوة شيخ عبدالحق محدث دهلوي، ضياءُ القران لاهور.
(72) جلاءُ الافهام، ابن قيم، دارالڪتب العلميه بيروت.
(73) سعادة دارين نبهاني، ضياءُ القران لاهور.
(74) تحفة الصلواة الي النبي المختار، ضياءُ القرآن لاهور.
(75) يٰاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا، ضياءُ القرآن لاهور.
(76) سيرت جانِ عالم ﷺ، ضياءُ القرآن لاهور.

www.maktabah.org

(77) روضة السالڪين، منهاج القرآن پبلي ڪيشنز لاهور.
(78) الڪنز الثمين، منهاج القرآن پبلي ڪيشنز لاهور.
(79) البدر التَّمام، منهاج القرآن پبلي ڪيشنز لاهور.
(80) ملفوظات شريف حضرت روضي ڌڻي رهبر قدس سره، سڪندريہ پبلي ڪيشنز، پير جو ڳوٺ.
(81) مڪتوبات شريف، مدرسہ صبغة الهديٰ شاهپورچاڪر.
(82) خزانة المعرفة، سڪندريہ پبلي ڪيشنز، جامعہ راشديہ پير جو ڳوٺ.
(83) محبوبية المحمودية، محموديہ اڪيڊمي، ڪڙيو گهنور شريف.
(84) صراط الطالبين، پير سائين پَٽ ڌڻي، سڪندريہ پبليڪيشنز.
(85) تحفة المُرشدين، پير سائين ڪوٽ ڌڻي، سڪندريہ پبليڪيشنز
(86) طريقة الذڪر، ڪرم پبلي ڪيشنز لاهور.
(87) ذڪر بالجهر، فريد بڪ اسٽال لاهور.
(88) جاءَ الحق، نعيمي ڪتب خانہ گجرات.
(89) فتاويٰ رضويہ، رضا فائونڊيشن لاهور.
(90) ڪتاب الاذڪار، نووي ضياءُ القرآن لاهور.
(91) صحبت سپيرين جي، مدرسہ صبغة الهديٰ، شاهپورچاڪر.
(92) تعليماتِ نبويه، مڪتبہ صبح نور فيصل آباد.
(93) نزهة القاري شرح بخاري، فريد بوڪ اسٽال لاهور.
(94) فيوض الباري، حزب الاحناف لاهور.
(95) شاهہ جو رسالو.
(96) سيرت رحمة للعالمين، قاضي سليمان منصورپوري.
(97) رحمت برڪت جو پيغام، پير سيد شاهہ مردان شاهہ (ثاني) ڪميٽي، پير جو ڳوٺ
(98) نزهة المجالس، شبير برادرس لاهور.
(99) فيضان الصلوٰة، الفيض دارالاشاعت، لطيف آباد نمبر5، حيدرآباد.
(100) جامعہ راشديه جا پنجاهہ سال، سڪندريہ پبليڪيشنز، پير جو ڳوٺ.

www.maktabah.org

# ڪتاب ملڻ جا هنڌ

*دفتر جمعيت علماءِ سڪندريہ پاڪستان جامعہ راشديہ درگاھ شريف پير سائين پاڳاره، پير جو ڳوٺ مدرسہ صبغة الهديٰ شاهپورچاڪر مدرسہ صبغت الفيض سومر فقير هگورو، شهدادپور مدرسہ قادريہ سڪندريہ نوشهروفيروز *ڊاڪٽر محمد امين سومرو، حافظ عبدالرحمٰن سڪندري جامعہ مسجد ڳوٺ چوڏاهو وڏا، ڪوٽڏيجي. *محمد رمضان مهر، مدرسہ صبغة الاسلام سوندر، ننگر پارڪر *مولوي امير علي سهتو سڪندري، ڳوٺ فقير محد امين سهتو تجل نارو *مدرسه صبغة الاسلام سانگهڙ *فقير ارباب علي خاصخيلي، جامع مسجد سانگهڙ *علامہ رجب علي سڪندري، مدينہ جامع مسجد شاهپور درپور *مدرسہ صبغة النور ڪپرو *رهبر روضي ڏٽي مسجد- علي پيلس چوڪ، قاسم آباد *عبداللطيف راڄڙ- مدرسہ صبغة القرآن سڪندريہ 78 موري، عمرڪوٽ روڊ *مولانا مشتاق احمد نقشبندي، مدرسہ محي الاسلام صديقيہ، ميرواھ گورچاڻي *فقير محمد علي علياڻي، مدرسہ صبغة العرفان ڳوٺ سائينداد علياڻي جهڏو *فقير علي گوهر ڪوسو، مدرسہ صبغة القرآن سڪندريہ ڳوٺ حيدر فقير ڪوسو، پٽريو فارم ڪنري *مولابخش مهر سڪندري- ڏهرڪي *حافظ قاسم راڄڙ- شهيد چوڪ ڪپرو *مدرسہ صبغة الانوار عمرڪوٽ *شاھ محمد شاھ سڪندري- جامع مسجد اسلام ڪوٽ *عبدالوهاب سڪندري- مدرسہ سڪندريہ پڪا چانگ *ضياءُ القرآن انفال سينٽر، اردو بازار ڪراچي *اداره علوم اسلامي شانتي نگر ڪراچي-12 *مولوي عبدالله ڪوري سڪندري ڳوٺ سليمان پهوڙ ٽنڊو غلام علي *مولوي محمد مٺل ڪوسو جامع مسجد پنگريو *محمد وريام پنهور ٽنڊو الهيار *مڪتبہ سخي سلطان، چوٽڪي گهٽي حيدرآباد *مولانا عبدالحليم ڪلر سڪندري، مدرسہ صبغة القرآن سڪندريہ هيڊ فريد رحيم يارخان *فقير شير خان چانگ گهنڊڻ جهول *مولانا نظير احمد جمالي سڪرنڊ *مڪتبہ الغوثيہ شهدادپور *الفيض دارالاشاعت و لائبرري، لطيف آباد نمبر5، حيدرآباد

www.maktabah.org

اعليٰ حضرت، مُحسنِ ملّت پير سائين پاڳاره دامت برڪاتهم العاليه جي زيرِ شفقت

# سڪندري اصلاحي پروگرام

الحمد لله رب العالمين والصلواة والسلام عليٰ رسوله الڪريم اما بعد!

اعليٰ حضرت، مُحسنِ ملّت پير سائين پاڳاره سيد شاهه مردان شاهه ثاني ادام الله فيوضاتهم جي نوراني احڪامن مطابق قرآن ڪريم، سُنت مصطفيٰ ﷺ ۽ امام العارفين حضرت سيّد مُحمّد راشد روضي ڌڻي قدس سره جي ملفوظات، مڪتوبات جي روشني ۾ جمعيت علماءِ سڪندريه پاڪستان، مرڪز جامعة الراشديه پير جو ڳوٺ شريف طرفان عظيم الشان ڪثيرالمقاصد اصلاحي تربيتي، تبليغي، تدريس القرآن، عقائدِ اهل سنت جي تعليم، مدرسن ۽ مسجدن جي آبادي، قادري طريقي موجب ٻه وقت ذڪر، پنج وقت نماز جي پابندي، نسبتِ مبارڪ جو استحڪام، بدعقيده ۽ برن جي صحبت کان پري رهڻ، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ اسلامي ڪتابن ۽ ڪيسٽن جون لائبريريون قائم ڪرڻ لاءِ جامع و منظم پروگرام شروع ڪيا ويا آهن.

## اصلاحي پروگرام جو تفصيل

- اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاره دامت برڪاتهم العاليه جن جي احڪامن، مشورن تي صحيح نموني عمل ڪري، دين دنيا جون ڪاميابي حاصل ڪريو.
- اولاد کي تعليم ڏيڻ لاءِ بندوبست ڪريو، پنهنجي مسجدن کي آباد ڪريو، مسجدن لاءِ پيش امام جي ضرورت آهي ته سڪندري عالمن سان رابطو ڪريو.
- پنهنجي مسجدن ۾ ماهوار سڪندري اصلاحي پروگرام پابنديءَ سان ڪرايو ۽ درس قرآن، حديث مبارڪ ۽ ملفوظات حضرت روضي ڌڻي قدس سره جا روزانه درس شروع ڪرايو.
- مسجدن ۽ مدرسن جي تعمير، ترقي ۽ قيام لاءِ مرڪز يا نميدار سڪندري عالمن سان رابطو ڪريو، مدل يا ميٽرڪ پاس شاگرد پنهنجي سڪندري ادارن ۾ داخل ڪرايو.
- عيد ميلاد النبي ﷺ، يارهين شريف، خير خيراتون ڪرڻ وقت واعظ تقرير جو پروگرام لازمي ڪرايو، ان لاءِ سڪندري يا درود و سلام پڙهڻ واري سني عالم کي گهرايو.
- بد عقيدن، برن جي صحبت سنگت کان بچو، انهن سان ڪنهن به قسم جو تعاون نه ڪريو.
- درگاهه شريف جي بزرگن جا ڪتاب ۽ ٻيا اسلامي ڪتاب پاڻ پڙهو ۽ دوستن کي پڙهايو.
- قرآن شريف سمجهڻ لاءِ ڪنزالايمان قرآن جو سنڌي ترجمو پڙهڻ نه وساريو.
- ملڪي ۽ جماعتي سلسلي جي سچين خبرن کان آگاهي لاءِ روزاني مهراڻ حيدرآباد پڙهو ۽ احبابن تائين پهچائڻ لاءِ ضرور خريد ڪريو.

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

